هري دلگير جي شعر ۾ درشن

(PHILOSOPHICAL THOUGHTS IN HARI DILGIR'S POETRY)



هري دلگير

Hari Dilgir

B : 15-6-1916 D : 11-4-2004

ڊاڪٽر آشا منگھارام رنگواڻي

هري دلگير جي شعر ۾ درشن

(تحقيقي مقالو، جنهن تي مهرشي ديانند سرسوتي يونيورسٽي
اجمير ٢٠١١ ۾ ڊاڪٽر آف فلاسافيءَ جي ڊگري عطا ڪئي)

قربن مان،
دادا نند جوهريءَ لاءِ،
آشا رنگواڻي
٢٦.١.٠١٣

مقاله نگار

ڊاڪٽر آشا منگهارام رنگواڻي
ائسوسيئيٽ پروفيسر - سنڌي وڀاڳ،
آر. ڪي. تلريجا ڪاليج، اُلهاسنگر - ٣.

رهبر

ڊاڪٽر هاسو دادلاڻي
سنڌي - وڀاڳ پرمک
گورنمينٽ ڪاليج، اجمير



سداحيات شري منگھارام پھلاجراءِ رنگواڻي

B : 08.04.1922 D : 05.09.2011

ليکڪا جو پتا جنھن ھر قدم تي اُتساھت ڪندي منھنجي رھنمائي ۽ همت افَزائي ڪئي آھي. سندن دعا منھنجي جيون ۾ ھر ڪاريہ کي ساڪار روپ ڏيڻ لاءِ وردان ثابت ٿي ۽ اَج ھن مقام تي پھچايو.

- آشا منگھارام رنگواڻي

”هري دلگير جي شعر ۾ درشن“ اهم کوجناتمڪ اپياس

پروفيسر هيرو شيوڪاڻي

پنج سؤ سالن، يعني پنجن صدين تي مشتمل تحريري سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ ويهين صديءَ جي خاص اهميت آهي. توڙي موجوده سنڌي ٻوليءَ جي نشونما، پنهنجي انڊو يورپي ڀاشا پريوار جي آريہ شاخ مان لڳ ڀڳ ڏهين صديءَ ۾ ئي چٽي تي بيٺي هئي، مگر اُن ۾ اوائلي شعر و شاعريءَ جو روپ واتينوڻ انام ڪوين، سُگهڙن، ذات ڏٽين جي لوڪ ڪاويہ جو روپ آهي. اسين تاريخي شعور جي مدنظر تحريري سنڌي شاعريءَ جو آغاز قاضي قادن سان مڃون ٿا، جيڪو عيسوي پندرهين صدي کان آهي.

مون اِنهن پنجن صدين ۾ پوئين ويهينءَ صديءَ جي اهميت جي نشاندهي، اِن ڪري ڪانہ ڪئي آهي تہ اُن کان اڳ جي چئن صدين جي تحريري شاعريءَ جي اهميت کان نا آشنا آهيان (در اصل اُن ۾ شاهہ، سچل، سامي يا دلپت، روحل فقير جي سونهريءَ دؤر جي اهميت يڪتا آهي) پر اِنڪري جو منهنجي هن ڀومڪا يا مهاڳ جو موضوع اُن سان واسطو رکي ٿو ڇو تہ ويهين صديءَ جي شروعات ۾ ئي ڪشنچند بيوس بدليل تاريخي رحجانن ۽ پنهنجي نجي شعور سان سنڌي شعر ۾ جيڪا نئين سجاڳي آندي، اُن وچ ۾ آيل روايتي ٻُهران مان ڪڍي سنڌي شاعريءَ کي سنڌ جي عوام جي جذبن، احساسن، اُميدن ۽ پيڙائن سان جوڙيو. اُن کان پوءِ جيڪي اهم ۽ وڏا شاعر جڙيا تن ۾ هن کوجناتمڪ اپياس جو مرڪز هري دلگير بجا طور شامل ڪيو وڃي ٿو. مهاڳ جي مريادا جو لحاظ ڪندي، مان هوند اِن جي نئين سجاڳي واري دؤر ۾ بيوس کان پوءِ اِنهيءَ صديءَ جي ميجر شاعرن جي درجيوار ترتيب ڏيان تہ شيخ اياز (ورهاڱي بعد بہ سنڌ هند جو عظيم شاعر) سڳن آهوجا، نارايڻ شيام، هوندراج دکايل (ها سنڌ جو ٻيو اهم شاعر اُستاد بخاري) هري درياڻي دلگير بلاشڪ اچن ٿا.

هري دلگير، توڙي شعري اصلاح شاعر نواز علي ’نياز‘ کان

هري دلگير جي شعر ۾ درشن

(تحقيقي مقالو)

ليکڪا : ڊاڪٽر آشا منگهارام رنگواڻي
موبائيل: 9921068074

ڪاپي رائيٽ : ڊاڪٽر آشا منگهارام رنگواڻي

ڊزائين ۽ پرنٽنگ : سڌا آفسيٽ پرنٽرس،
فرنيچر بزار، اُلهاسنگر-421 003.

ڇاپو : پهريون

سال : جولاءِ ٢٠١٢

قيمت : 300/-

پبلشر : ڊاڪٽر آشا منگهارام رنگواڻي
بئرڪ نمبر 73، روم نمبر 9، اُلهاسنگر-421 001.

Title : **PHILOSOPHICAL THOUGHTS IN HARI DILGIR'S POETRY**
(RESEARCH ESSAY)

By : Dr. Asha Mangharam Rangwani
Mob.: 9921068074

Copyright : Dr. Asha Mangharam Rangwani

Edition : 1st Year - July 2012

Price : Rs. 300/-

Design & Printing : Sudha Offest Printers, Furniture Bazar, Ulhasnagar-421 003.

Publisher : Asha Rangwani
Bk. No. 73, Room No. 9,
Ulhasnagar - 421 001.

Published with the finance Assistance of NCPSL, Ministry of HRD, Govt. of India, New Delhi.

جي لياقت ۽ ادب لاءِ هُن جي جڳياسا بدؤلت، مون هن کي پنهنجي ڪاليج ۾ پنهنجي سنڌي وڀاڳ ۾ ليڪچرار طور چونڊيو ۽ جيترو وقت رٽائرڊ ٿيڻ تائين مان ڪاليج ۾ هوس اُن کان پوءِ به اڄ تائين هُن سنڌي وشيه جي اوچ ايياس ۾ نه رڳو پاڙهڻ بلڪ وڌ ۽ وڌيڪ پڙهندو، پرجندو رهڻ ۾ پنهنجي اورچائي ۽ ساهتيه سان جانبداري نباهي آهي. ڀارت ۾ سنڌي ادب جي اسان وارين ٻن پيڙهين بعد، آشا رنگواڻي جي ٽين پيڙهيءَ ۾ خاص طور اوچ تعليم ۾ پوءِ مونکي وڌيڪ اصليت، خلوص ۽ سنڌي ساهتيه لاءِ دلچسپيءَ ۾ هوءَ گهڻن کان بهتر لڳندي آهي.

”هري دلگير جي شعر ۾ درشن“ جي عنوان تحت ڊاڪٽر آشا رنگواڻيءَ جو هيءُ ڪوجناتمڪ گرنٿ سلسليوار ڪل اَٺن بابن ۾ ورهايل آهي. ڪوجناتمڪ ’ٽريٽائيز‘ کي سونهين، بنهه اُنهي طرز ۽ ٽيڪنڪ ۾ هُن پهرين باب ۾ مختصر طور شروع کان سنڌي شاعريءَ جو پراچين اِتهاس ڏنو آهي. محض تفصيل ڪونه آهن. بلڪ اُن ۾ هن سنڌي شعر و شاعريءَ جي تاريخ جي مکيه دؤرن ، پڙاون، اهم شاعرن ۽ اُنهن جي شاعراڻي فن تي نج مشاهدا ۽ رايا به ڏنا آهن.

مثال طور شعر ۽ شاعري بابت هُن جو هيءُ مشاهدو ”شاعر کي ڪائنات جي ڪڻ ڪڻ ۾ سونهن نظر اچي ٿي. هُن لاءِ اُها صرف گلن جي پنکڙين ۾ سمايل نه آهي، اُها ڪئڪٽس جي ڪنڊن ۾ به موجود آهي. اُنهن جي بي ترتيبي ۾ به سندس اکيون هڪ اديت ترتيب پسن ٿيون ۽ اسان کي به اُن جو چٽو احساس ڪرائين ٿيون. اِئين شاعر پاڻ کي پنهنجي ذاتي انيو ۾ شامل ڪري پاڻ جهڙو شعوري، حساس دل ٻڻائڻ ۾ ۽ ذهني طور سمائجڻ ۾ مدد ڪري ٿو.“

آشا رنگواڻي انهي حوالي ۾ سنڌي شاعريءَ جي آعليٰ هستين کي مشابهتي طور عالمگير شاعريءَ جي ير ۾ رکي شاهه عبدال لطيف / مهاڪوي ڪاليداس، انگلنڊ جي شيڪسپيئر، پرشيا جي فردوسي، صوفين جي سردار جلالدين رومي، يا ملٽن، هومر، ويدوياس ۽ موزز جي شاعريءَ جو وسيع پيمانو اپنايو آهي.

اِن پهرئين باب ۾ هُن سنڌي شاعريءَ جي پهرئين تحريري شاعر قاضي قادن کان وٺي، الڳه الڳه دؤرن ۾ سنڌي شاعريءَ جي تقسيم

دستوري طور ور ﺗﻲ. مگر شاعراڻي موضوعات، فن، شاعري، صنفن جي گوناگونيت ۽ جيون درشن جي عڪاسيءَ ۾ هوُ بيوس اِسڪول جو مڃيل ۽ مانائتو شاعر آهي. اِهو منهنجو پختو رايو آهي.

توڙي مجموعي خواه اِنفرادي طور ان نئين سجاڳي واري دؤر جو تنقيدي جائزو، هن ڪوجناتمڪ ۽ سلسليوار اپياس کان اڳ ۾ به اسانجي سوچ ۽ فڪر جي چڱي ذخيري طور موجود آهي. (هن ائڪيڊيمڪ ڪوج ۾ به ضرورت آهر اُن جا چٽا حوالا درج ڪيل آهن) پر هي ڪوجناتمڪ اپياس - جنهن کي سنڌي ساهتيہ جي تنقيدي شاخ ۾ مان ائڪيڊيمڪ يا درس گاهي دفعي ۾ شامل ڪري ان جي مخصوص نوعيت جي نشاندهي ڪرڻ تو چاهيان.

خاص طور اِن سندرڀ ۾ ورهاڱي بعد ڀارت ۾ سنڌي زبان جي تسليميءَ بعد ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ ادب تي ريسرچ ميٿڊلاجيءَ جي ڪسوٽيءَ تي ٻين ڀارتيہ ڀاشائن‌جيان جيڪي ڪوجناتمڪ مقالا (ٿيسز) اول اول سامهون آيا (۽ پوءِ هاڻ تہ ٻوليءَ جي‌هتي ڀارت ۾ پنهنجي مقدار موجب اُنهن جي نسبتي واڌ البت سنتوش تہ ڏئي ٿي) تن ۾ منهنجي راءِ موجب پروفيسر آشا رنگواڻيءَ جو هيءُ ڪوجناتمڪ اپياس نسبتي طور اهميت وارو آهي. ڊاڪٽر آف فلاسافيءَ (پي‌ايچ.ڊي.) جهڙي اوچ ڊگريءَ لاءِ هتي ڀارت ۾ ڀانيان ٿو سڀ کان اول سنڌي ساهتيہ تي پهرين اهڙي اهم ٿيسز پروفيسر ارجن شاد جي ”سنڌي غزل جي ارتقا“ تي ممبئي يونيورسٽيءَ مان هئي. اُن بعد ڊاڪٽر موتي پرڪاش جي ”سنڌي شاعريءَ ۾ استريءَ جو چٽ“ بہ‌تحقيق ۽ تنقيد ۾ نوٽ وٺڻ جوڳو اضافو هئي. توڙي اُن بعد راجستان ۽ دهليءَ جي يونيورسٽين مان پڻ اهڙا ڪوجناتمڪ اپياس آيا. ليڪن آشا رنگواڻيءَ جي هيءَ ڪوجناتمڪ رچنا ريسرچ ميٿڊلاجي تي ئي نہ بلڪ چونڊيل وشيہ لاءِ گهربل اپياس-سپڪ ۽ مايدار ٻولي، اظهار ۽ محققان راين ۽ نتيجن ۾، مونکي ان ڪڙيءَ ۾ تمام گهڻي اهم لڳي آهي.

پروفيسر آشا رنگواڻيءَ بي.اي.، ايم.اي، ايم‌فل (ذري گهٽ ساڳئي وشيہ تي) ۽ هاڻ پي‌ايچ.ڊي. لاءِ هي ادبي جاکوڙ دل-و-جان سان ڪئي آهي. چوڻ جو گهڻو ضرور نہ آهي تہ آشا منهنجي شاگرد ۽ پوءِ هن

زندگيءَ طرف آشاوادي نظريو، جماليات يا ڪنهن حد تائين سماج ۾ استريءَ طرف شاعر جو نظريو، درشن يا ايئن به صحيح چئجي ته جيون درشن ۾ شامل ڪري سگهجن ٿا. هڪ ٻي ڳالهه به هتي واضح ڪريان ته شاعريءَ جي موليانڪن ۾ درشن جو آشاوادي نظريو هجي يا تلخ نظريو، جيون جي حقيقت پسندي يا يٿارٿوادي اظهار اِهي پنهنجو پاڻ ۾ شاعريءَ جي بلنديءَ جي ڪسوٽي نه آهن. ڪسوٽي، البت اِها آهي ته ڪوبه جيون درشن، شاعر، پنهنجي اظهاري قوت، تخليقي فن ۽ ٻوليءَ تي ڪهنجي دست رس يا مهارت سان ڪيترو موثر بڻايو آهي. مثال طور خود اسانجو ئي نه، دنيا جو عظيم ترين شاعر شاهه عبدال لطيف توڙي، ڪنهن به وصف موجب آشاوادي شاعر ڪونهي، پر هُن جي عظمت، هن جي يڪتا شاعري فن، اِظهار ۽ ٻوليءَ جي مهارت جي ڀومڪي سمتن مان نروار ٿي آهي.

مان ائين نٿو چوان ته هري دلگير جي شاعريءَ جو عمومن آشاوادي يا سڪدرسي نظريو ڪافي حد تائين آدرشوادي درشن، اهميت نٿو رکي؛ شاعر پنهنجي نقط نظر سان سچيار رهندي، اُن جي اِظهار کي ڪافي سڦل نموني اظهاريو آهي. آشا رنگواڻي اُن کي سموريت ۾ پوري وستار ۽ گهرائيءَ سان پيش ڪيو آهي. هوئنئن به محقق کي پنهنجي شاعر يا ساهتيڪار جي نظريه - حيات کي ايمانداري سان وياکيا اندر آڻڻو آهي. ڊاڪٽر آشا رنگواڻي انهن بابن ۾، گهربل مثالن ۽ ٻين شارحن جي موزون حوالن سان ايمانداري، ديانتداري ۽ هڪ ساهتيڪ ڪوجنيڪ جيان پُر اَثرنموني ڏيکاريو آهي. ۽ مان وسهان ٿو، ساهتيڪ اڀياس ۾ تحقيق جو اِهو اصول ليکڪا خوبيءَ سان نباهيو آهي.

مونکي سچ پچ خوشيءَ ۽ سنتوش ٿيو آهي ته ڊاڪٽر آشا رنگواڻيءَ جو هي تحقيقي ادبي ڪارج، محض پي ايڇ.ڊي. جو درس گاهي ڪارج نه آهي، جئن اڄ ڪلهه اسان وٽ هاڻي اِن مليل سهوليت جو گهڻو فائدو وٺي ڪاليجن ۽ يونيورسٽيءَ پاڙهيندڙن ڊگريون وٺڻ شروع ڪيون آهن. مان هوند اِهو به چوان ته توڙي هيءَ هڪ ائڪيڊيمڪ ريسرچ گرنٿ آهي پوءِ به اُن ۾ سمايل اڀياس جي وسعت ۽ گهرائي، وشيه سان وابستگي ۽ سپردگي، ٻولي تي پڪڙ ۽ مهارت هن تحقيقي رچنا کي تخليق

چٽيءَ طرح ڏيکاري سنڌ جي تاريخي اثرن جي مدنظر اُن جي بدلجندڙ مزاج جو آتم وشواس ۽ اپياسي اڌيڪار سان تجزيو پيش ڪيو آهي ۽ آخر ۾ پنهنجي مؤل وشيہ ''هري دلگير جي شعر'' تائين اُن جو وڪاس ڏيکاريو آهي.

ٻئين باب ۾ دلگير صاحب جي جيون ۽ شخصيت جي پوري ڄاڻ درج ڪئي اَٿس. اُن لاءِ هُن نہ صرف هري دلگير جي ٻن آتم ڪٿائن ''چولو منهنجو چڪ ۾'' ۽ ''گند منهنجي گوڏ ۾'' مان گهربل مثال ۽ حوالا ڏنا آهن، بلڪ سنڌي سمالوچنا ۾ هيل تائين دلگير تي آيل اپياس، راين ۽ تنقيدن جو مناسب سهارو ورتو آهي. هُن تي آيل خاص ادبي رسالن کان سواءِ آشا رنگواڻي آديپور گانڌيڌام وچي دلگير صاحب سان بہ تي پيرا روبرو گڏجي هن جي جيون ، شاعراڻي سياڻ ، جيون ۾ هُن جي ساک ۽ ديدٻي جو بہ لاڳاپيداريءَ سان ذڪر ڪيو آهي

جيتوڻيڪ منهنجي راءِ ۾ شاعري هڪ تخلقي ذات ۽ مشغولي آهي، جيڪا پاڻ مرادو ذات ڏٺي شاعر جي حوادث مان نڪري نروار ٿيندي آهي، انڪري ان جو فلاسافي يا درشن سان ڪو سڌو ساڌيہ - ساڌن وارو رشتو ڪونهي. ها، شاعريءَ ۾ - ساهتيہ ۾ بہ شاعر يا تخليقڪار جو انيو، شعور، جذبو هن جي جيون درشن جي روپ ۾ گل جي خوشبوءِ جيان سمايل هوندو آهي ۽ عيان ٿيندو آهي. منهنجو انيو ڪجهہ اهڙو آهي تہ جڏهن بہ ڪنهن شاعر يا اديب پنهنجي ڪنهن مخصوص فلاسافيءَ لاءِ ساهتيہ کي ماڌيم بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ اُتي ذات ضربي آهي ۽ شاعري دقيق بڻجي پيئي آهي. اسان وٽ ترقي پسند شاعري (مارڪسوادي فلاسافي بدؤلت) اُن جو مثال آهي.

اِنهي سندرڀ ۾ هن تحقيقي اپياس ۾ ليکڪا ٽئين باب کان وٺي آخرين اٺين باب تائين هريءَ دلگير جي، شاعريءَ ۾ اول درشن يا فلاسفيءَ جي مشرقي خواه مغربي فلاسافيءَ جي، مکيہ بنيادن جي آڌار تي وياکيا ڏني آهي. جيڪا ڪافي سلجهيل ۽ چٽي آهي ۽ پوءِ شاعر جي رچنا سنسار مان، تمام وستار سان شعرن جا مثال ڏيئي نمبروار دلگير صاحب جو آشاوادي درشن، جماليت، قدرت جو چٽ، هُن جي شاعريءَ ۾ عورت، ٻار جا الڳ الڳ موضوع وياکيا هيٺ آندا آهن. ڪافي حد تائين

”هري دلگيرجي شعر ۾ درشن“

پروفيسر مينا روپچنداڻي

ڊاڪٽر آشا رنگواڻي ذهني طور بلندحوصلو رکندڙ شخصيت، تيز فهم ۽ فيمينائين گريس(Faminine Grace) جي مالڪياڻي آهي.سندس سوچ ٻين بابت پازيٽو (Positive) آهي. ڪيس آس پاس جي سيني رشتن سان، ريتين رسمن سان بہ نباهڻ ايندو آهي.

آشا ساهتڪ ڪوج ڪاريہ سان سوچي سمجهي محنت ڪري نباهيو آهي ۽ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. سرحد جي هن پار ۽ هُن پار جا ودوان انوکي عينڪ پائي هيءَ مقالو پڙهندا تہ رس ماڻيندا ۽ رايا ڏيندا.

ڊاڪٽر آشا رنگواڻيءَ ١٩٩٥ ۾ ايم.فل لاءِ هري دلگير ”شخص ۽ شاعر“ ٿيسز لکي . هيءَ ٿيسز لکندي آشا جي دل کي هري دلگير جي شخص ۽ شاعر ايترو تہ متاثرڪيو جو سوچيائين جي اڳتي هلي پي ايڇ.ڊي. ڪيم تہ هري دلگير جي شعر تي وشال درشٽيءَ سان شعر ۾ هنڌ هنڌ پويل فلسفي کي ضرور واضع ڪندس. قدرت آشا سان ور ڪيو ۽ پي ايڇ.ڊي. بہ ڪيائين. ”هري دلگير جي شعر ۾ درشن“ جا آٺ باب دلگير بابت جوڙيائين. ”سنڌي شعر و شاعريءَ جو شروعاتي دؤر“ جنهن ۾ اوير ۽ اولهہ جي ودوانن جي شاعريءَ بابت وياکيا لکيل آهي ۽ سنڌي شاعريءَ جي اوائلي دؤر، وچين دؤر، نئين دؤر يعني اٺين صديءَ کان وٺي ويهين صديءَ تائين گاتائن، ڏند ڪٿائن ۽ ماموئي فقيرن جي اڳڪٿين کان وٺي ڪشنچند بيوس تائين سنڌي شعر بابت سموري ڄاڻ تفصيلن سان پلٽي اٿائين.

ٻيون باب ”هري دلگير جي جيون ۽ شخصيت“ جنهن ۾ دلگير جي جيون، جنم، تعليم، شاعراڻي شونق، خوشحال گرهست جيون، سندس اُستادن نواز علي ’نياز‘ ۽ بيوس، شاعر جي گرهست جيون، مهمانوازيءَ جي گڻ، ديش ڀڳتيءَ، سنڌجي سارونٽيءَ ۽ آديپور ۾ اچڻ بابت روشنائيءَ سان اوک ڊوک ڪري سندس سنسڪارن بابت لکيو اٿائين. شاعر جي شاعراڻين پرتيڪن، علامتن، تشبيهن، تمثلين علحدن علحدن موضوعن ۽ مضمونن جو بہ ذڪر آهي. دلگير صاحب جي ڪويتائن مان ٿهڪندڙ مثال بہ پنهنجي راين جي پنيرائيءَ ۾ لکيا آهن. جيون ۽ فلاسافيءَ جي

(Creativity)جي سرحد تي پهچائڻ ۾ ڪامياب ويا آهن. اپياس ۽ اظهار جون اِهي خوبيون، هونئن مونکي اهڙين بين تيسز ۾ نظر نہ آيون. تڏهن مون انيو ڪيو تہ سنڌيءَ جي ايسوسيئيٽ پروفيسر آشا رنگواڻيءَ جي مقالي ۾ هُن جي ڪتنبي ورثي، هُن جي پتا صاحب شري منگهارام جي سالن جي محنت سنڌي ادب جي اپياس، گهر ۾ سنڌس بي بها ڪتابن جي وڏي لئبرري ۽ سنڌ کان وٺي سنڌي ساهتيہ جي هُن جي گهري دلچسپيءَ منجهان سڀجي هُن جي لائق ڌيءَ جي جهول ۾ پيئون آهن. اِهو هُن جي پتا بابت، مان ڪافي يقين ۽ عقيدت سان اِن ڪري ٿو چوان (هونءَ مان اهڙن راين ڏيڻ يا ٻُڌڻ جو قائل ڪونہ هوندو آهيان) جو مون خود بہ ٽي دفعا هن جي گهر وڃي سداحيات منگهارام سان اهڙيون ڪچهريون ڪري تپرس سان گڏ تسڪين بہ ماڻي آهي. جنهن لاءِ آشا رنگواڻيءَ کي مبارڪون ڏيڻ کان سواءِ نٿو رهي سگهان.

اُميد تہ هيءُ کوجناتمڪ گرنٿ سنڌ هند جي ساهتيہ اپياسين لاءِ، اسانجي سنڌي ساهتيہ جو هڪ يادگار سرمايو بڻجندو.

ليکڪا طرفان

هر ٻوليءَ کي پنهنجو ساهتيہ آهي. ڪا بہ قوم پنهنجي زندگيءَ جي ڏؤر جو درشن پنهنجي جملي ساهتيہ مان پائي ٿي. سچ پچ ساهتيہ ديش ۽ قوم جي آتما ۽ اِنساني سماج جو آئينو آهي، تنهن ڪري ادب ۽ زندگي هڪ ٻئي لاءِ لازم ملزوم آهن. ساهتيہ جا ٻہ پهلو آهن: نظم ۽ نثر. ٻئي پهلو زندگيءَ جا چٽر چٽين ٿا. ڪنهن بہ ادب جي جذبي جي اوچائي سندس نظم جي اُچل مان پڌري ٿيندي آهي ۽ سندس خيال جي گهرائي نثر مان ليئاڪا پائيندي آهي. نظم جذبي جي وهڪ آهي؛ نثر خيال جي لهر آهي. پر اُن جو اِهو مطلب ڪڏهن نہ گهرجي تہ نظم خيال کان خالي آهي ۽ نثر جذبي کان رهت. ائين تہ ادب جي هر شاخ جذبي ۽ خيال جو لياڪائيندڙ انداز ۾ سنگم آهي، نہ تہ ادب سڏائڻ جي قابل نہ رهي.

جاتي ۽ سماج پنهنجن ساهتڪارن ۽ ودوانن جو قدر سپ مان نڪتل سچي موتيءَ وانگر ڪنديون آهن. سندن رچنائن، ويچارن ۽ فلسفن کي ساهہ سان سانڍي ايندڙ پيڙهين جي حوالي ڪنديون آهن. ڇاڪاڻ جو ودوانن ۽ ساهتڪارن تي هر جاتيءَ کي ناز ٿي نہ پر فخر، مانسڪ اوچائي ۽ اورچائي جو احساس ٿيندو آهي. جنهن جو اثر جاتيءَ جي ڪيترين پيڙهين کي جاڳرت ڪندو رهندو آهي. رچنائون، تصنيفون، شاهڪار گرنٿ ، ساهتڪارن کي يگن تائين زنده ڪري ڇڏيندا آهن. ويدوياس، والميڪ، ڪاليداس، تلسيداس، سورداس ڪنهن کان وسريا آهن ڇا؟ سنت ميرا، ڪبير ۽ گرونانڪ جي ٻاڻي بہ ماڻهن جي دل تي اڄ بہ اُڪريل آهي. هنن سيني جي اهميت ماڻهو اڄ بہ محسوس ڪن ٿا.ڇو؟ ڇاڪاڻ تہ آئندہ جو پيڙهيون هنن کان سکنديون ۽ رس پيئي ماڻينديون رهنديون.

سنڌي شاعرن جي ٽمورتي شاهہ، سچل ۽ ساميءَ کان سواءِ قاضي قادن، شاهہ عبدل ڪريم بلڙيءَ وارو، شاهہ عنايت، بيدل، بيڪس دلپت وغيره شاعرن جو عام ۽ خاص سنڌين جي دلين ۾ خاص استان مقرر ٿي ويو آهي. خاڪي ۽ گل جي پنهنجي انفراديت آهي تہ بيوس، عزيز، ضيا، دکايل، دلگير، شيام وغيره شاعرن جي ڪلام ۾ وري الڳہ جدت

سموري چاڻ ڏيڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي.
دلگير جي آشاوادي نظرئي تي روشني وجهندي لکيو آهي تہ، دلگير تي وشو جي عظيم شاعرن ۽ فيلسفون جو اثر آهي. هُو سڪہ درسي، همدرد، ٻال دوست آهي. اهڙي نظرئي ڪري دلگير عام پاٺڪن جو دلپسند شاعر آهي. هن جي شعر ۾ نواڻ ۽ سُگند آهي تہ رس ۽ رواني بہ آهي. جذبو، خيال ۽ ٻولي هن جي شعر کي شعور ڏين ٿا. هن جي گيتن ۾ سنگيت ۽ سلاست آهي تہ هر دؤر جي تصوير بہ آهي. هر موضوع موجود آهي جيئن تہ گيان، سياست، سماج ۽ قدرت وغيره.
جماليات بابت ڪوجنيڪ جو رايو آهي تہ جماليات محسوس ڪرڻ جي چيز آهي. سونهن سان گڏ ڪروٺا، دردسوز، ويدنا، مجبوري ۽ خوُف بہ جماليات جو جذبو اُڀاري ٿو. حُسن پرستي ۽ آنند جو ڀاو، رهسيواد ۽ رومانيواد جا تتو دلگير جي شاعريءَ ۾ موجود آهن ۽ ليڪا اُنهن جا مثال ڏنا آهن.
دلگير قدرت جو قائل آهي، پرڪرتي هن جو پريہ متر آهي. هوُ سنڌيءَ جو ورڊس ورٿ آهي. هن وٽ شيليءَ جو آشاوادي ۽ سڪدرسي نظريو ۽ برائوننگہ جي فيسلسوفي آهي. دلگير قدرت جا اهڙا نظارا چٽيا آهن جيڪي پاٺڪ کي متاثر ٿا ڪن. قدرت جي سيني تتون بابت دلگير جي شاعريءَ مان مثال ڏنل آهن.
عوُرت جو چٽ ترقيپسند دؤر جي گهڻن شاعرن، همدردانہ عبارت ۾ چٽيو آهي. دلگير عورت جي سيني روپن کي عزت بخشي آهي ۽ آخر ۾ اُن کي شيرڻي ڪوني عورت جي همٿ افزائي ڪئي آهي. ان ڳالهہ ۾ دلگير پنهنجي اُستاد بيوس کان بہ اڳ ڪدي ويو آهي.
ليڪا دلگير جي ٻال ساهتيہ مان مثال ڏيئي چيو آهي تہ ٻارن بابت لکندي دلگير بہ ٻار بڻجي ويندو آهي.
آشا دلگير جي نثر بابت بہ خوب لکيو آهي. تہ سندس ٻولي سليس، سرل، ٺيٺ، نج سنڌي محاورن واري آهي. ٿيسز جي آخر ۾ آشا ببليوگرافيءَ ۾ اُنهن سيني ڪتابن کي درج ڪيو آهي جيڪي هن جي نظر چڙهيا آهن ۽ سندس چاڻ ۾ اضافو ڪيو آهي. جن رچناڪارن جي سياءَ ۾ ساهتيہ لاءِ جاکوڙ جو جنون آهي اُنهن جي فهرست ۾ ڊاڪٽر آشا رنگواڻيءَ جو نالو جوڙي سگهجي ٿو.
مان چوان ٿي تہ سڀ گڏجي آشا جي محنت کي داد ڏيون.

جيڪا هر ذات، ڌرم، رنگ، طبقي ۽ عقيدي جي شخص کي پنهنجي هم گير ڀاڪر ۾ ڀري وٺي ٿي. سنڌو درياهه جي اُها اعليٰ درجي واري قوميت آهي: ”اِنسانيت پرست.“

مان هن مقالي کي پوريءَ ريت مڪمل نه ڪري سگهان ها، جيڪڏهن منهنجي مٺان منهنجي پتا (منگهارامُ) جي آسيس نه هجي ها، جنهن هر قدم تي اُتساهت ڪندي منهنجي رهنمائي ۽ همت افزائي ڪئي ۽ جنهن جي دعا منهنجي جيون ۾ هرڪاريه کي ساڪار روپ ڏيڻ لاءِ وردان ثابت ٿي آهي.

مان پنهنجي اڀياس جي دؤران آديپور گانڌيدامَ جي ٻه دفعا ياترا ڪئي. جتي شاعر دلگير ورهاڱي کان پوءِ زندگيءَ جا لڳ ڀڳ ۴۵ سال گذاريا. اُتي جي ودوان ساٿين سان ملاقات ڪئي ۽ اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ ۾ دلگير جي ادبي وارث شري صاحب ٻجاڻيءَ سان پڻ مليس جو دلگير جي گهڻو نزديڪ هو اُن دلگير جي زندگيءَ تي ڪافي روشني وڌي جيڪا ڄاڻ اُنهن ودوانن مان حاصل ٿي اُن هن مقالي لکڻ ۾ ڪافي مدد ڪئي. مان تهدل شڪرگذار آهيان داداصاحب ٻجاڻيءَ جي، جنهن ناساز هوندي به مونکي ڪافي وقت ڏنو.

تحقيق جو درياهه اڻ-ميو آهي، منهنجي هيءَ ننڍڙي ڪوشش آهي. هي تحقيقي ڪم گهڻن ودوانن، ساهتيڪارن، اڀياس ڪندڙن ۽ نقادن جي مدد بنا مڪمل روپ اختيار نه ڪري سگهي ها، جيڪڏهن مان اُنهن جا مفيد رايا پنهنجي اڀياس ۾ شامل نه ڪريان ها. هيءُ سمورو مواد جيڪو مونکي ڇپيل، اڻ ڇپيل، هٿ سان لکيل گرنٿن ۽ ٻين ڪيترن تحقيقي گرنٿن مان حاصل ٿيو، مون اُنهن جو ضرورت انوسار اُپيوگ ڪيو. مان سيني رچناڪارن ۽ ودوانن جي تهدل شڪرگذار آهيان، جن جي رهنمائي ڪري هي تحقيقي مقالو مڪمل روپ اختيار ڪري سگهيو آهي.

هر هڪ اڀياس ۽ ڪوشش جي حد مقرري ٿيندي آهي. گيان جي اٿاهه ساگر ۾ ٽٻي هڻڻ سان بي بها موتي حاصل ٿيندا آهن. مان هن ڪوشش ذريعي جيڪو ڪجهه ڳولهي سگهي آهيان اُهو توهان سيني جي سامهون آهي.

آهي. بيوس جي ڪوتا سان سنڌي ڪوتا ۾ نئون يڳ شروع ٿئي ٿو. بيوس کي ويهين صديءَ جو سڀ کان ممتاز سنڌي هستي ليکيو وڃي ٿو ۽ هاڻوڪي سنڌي شاعريءَ جو ابو ڪري مڃيو وڃي ٿو. بيوس عام ۽ خاص جو محبوب ڪوي هو. سنڌي شاعري جيڪا اُردوءَ ۽ پارسيءَ جي گولي بڻجي پئي هئي، اُن کي هن سندر راجڪماري بڻايو. اڳي سنڌي شاعري، محبوب جي لال لبن، ڳاڙهن ڳلن، آبدار اکين، پتلي ڪمر، شراب ۽ ساقيءَ، گل ۽ بلبل يا شمع ۽ پروانہ تائين محدود هوندي هئي.

شايد ئي ڪو سنڌي شعر هوندو هو، جنهن ۾ پارسي زير اضافت جي ڀرمار نہ هوندي هئي. پر بيوس اُن عيوض، نوان ۽ مٺا مرڪب (ٻٽا) لفظ ايجاد ڪيا. جهڙوڪ روپ - مندر، سونهن - سَر، لات-بلبل، بند ڪنول، طبلو ڪوڏر وغيره. اهڙيءَ طرح هن ايندڙ ٽهيءَ جي شاعرن لاءِ راهہ کي آسان بڻائي ڇڏيو.

اِن طرح سنڌي ترقي- پسند شاعريءَ جي وجود ۾ اچڻ سان بيوس کان پوءِ، ڪانئس اُتساهت ٿي، هڪ نئين ۽ اهم دؤر جي شروعات ٿي. ڊي.جي.سنڌ ڪاليج جي سنڌي سرڪل ۾ ورهاڱي کان ٿورو اڳ نارايڻ شيام، شيخ اياز، شيخ راز ۽ هري دلگير سنڌي شاعريءَ جي ميدان ۾ نوان تجربا ڪيا.

جديد دؤر جي شاعرن ۾ سنڌ توڙي هند ۾ ٻين شاعرن سان گڏ هري دلگير بہ هڪ اهم جڳهہ والاري ٿو ۽ اُنهن شاعرن مان آهي جيڪي جديد دؤر جي شاعريءَ جي وهڪ کان الڳ ٿلڳ، پنهنجي ذاتي اسلوب جي ڪري نرالا، انوکا ٿا لڳن. شاعري هن جي زندگي جو زيب ۽ زيور آهي. هن سخن جي هر صنف کي سينگاريو آهي. هوُ هڪ سک درسي ڪوي آهي ۽ اِهو ورثو کيس ”بيوس“ ۽ گرديو ٽئگور وٽان مليو آهي.

”دلگير جي شاعريءَ ۾ گهڻا ئي رنگ آهن. وطن جي ساروڻيءَ جو رنگ آهي تہ عاشقاڻو رنگ بہ آهي. هن جي شعر ۾ موج واري موسيقي آهي، جنهن جي گونج تن من کي هِلائي ٿي. دل ۽ دماغ کي تفريح بخشي ٿي. هن جي شاعريءَ ۾ ملڪي سياست جو بہ رنگ آهي تہ سماج جي ستم-زده حالتن جو بہ ذڪر آيل آهي. هن قوميت تي زور ڏنو آهي. مگر اُها قوميت تنگ نظر واري ناهي. اُها وشال هردي واري قوميت آهي،

فهرست

باب پهريون-

سنڌي شعر و شاعريءَ جو شروعاتي دؤر 1-51

1. شعر و شاعري 2
2. ڪاويہ 4
3. ڪوي 5
4. ڪوي، ڪوتو ۽ ڪاويہ 6
5. پارتيہ آچارين موجب ڪوتا جي وصف 7
6. وديشي ودوانن موجب شعر جي وصف 8
7. قديم سنڌي شعر جو جائزو 9
8. ماموئي فقيرن جا ست بيت 13
9. سنڌي شعر جو وچون دؤر
(پڳتي ڪاويہ جو دؤر - 1500-1853) 14
10. صوفي ڪاويہ ڌارا 16
11. گيان مارگي ڪاويہ ڌارا 31
12. اِسلامي ڪاويہ ڌارا 39
13. نئين دؤر ۾ سنڌي شاعري جو وڪاس
1853-1914- تائين 41
14. نئين دؤر جي شروعات 1947 - 1914 تائين 44

باب ٻيون-

هري دلگير جو جيون ۽ شخصيت 52-153

1. جنم ۽ تعليم 53
2. شاعريءَ جو شونق 58
3. شايع ٿيل رچنائون 66
4. شخصيت 67

مان پنهنجي رهنما ڊاڪٽر هاسو دادلاڻيءَ ''سنڌي وڀاڳ پرمک گورنمينٽ ڪاليج، اجمير جي نهايت ٿورائتي آهيان جنهن هن سموري تحقيق کي موجود روپ ڏيڻ لاءِ منهنجي هن جدوجهد ۾ هر قدم تي قابل قدر صلاحون ڏئي رهنمائي ڪئي. مان ودوان ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جي پڻ تهدل شڪرگذار آهيان جنهن مونکي ٿيسز لکندي ڪيترين ئي صلاحون ڏيئي منهنجي هر طرح سان مدد ڪئي.

آخر ۾ مان شڪرگذار آهيان سُڌا آفسيٽ پرنٽرس جي جن مونکي هي تحقيقي مقالو سندرءِ سهڻي نموني ٽائيپ ڪري ڏيڻ ۾ مدد ڪئي.

ڊاڪٽر آشا منگهارام رنگواڻي
ائسوسيئيٽ پروفيسر، سنڌي وڀاڳ،
آر.ڪي. تلريجا ڪاليج، اُلهاسنگر - ٣
Mob.:9921068074

باب ڇهون

هري دلگير جي شعر ۾ عورت............ 244-264

باب ستون

هري دلگير جي ڪوتا ۾ ٻار 265-297

1. ٻال ساهتيه جي وياکيا.. 266
2. ٻال ساهتيه جي اهميت 268
3. زباني ٻال ساهت 270
4. پشچمي ملڪ ۾ ٻال ساهت 272
5. ٻال منو وگيان 274
6. دلگير جي ٻال ڪوتائن مان مثال 276

باب آٺون-

اختصار 298-314

ببليوگرافي 315-322

5. درشن جي معنيٰ ۽ اِستعمال 88
6. ساهتيہ ۽ درشن 89
7. دلگير ۽ سندس فلسفہ حيات 98
8. ڏرمي مجيتائون ۽ وشواس 127
9. دلگير جا لکيل آزادي آندولن جا گيت 144
10. سنڌ، سنڌي ۽ سنڌو (جنم ڀومي ۽ سان پيار) 148

باب ٽيون-

هري دلگير جي شاعريءَ ۾ آشاوادي نظريو 154-179

باب چوٿون-

هري دلگير جي شعر ۾ جماليات 180-199

باب پنجون -

هري دلگير قدرت جو قائل 200-243

1. ڀارتيہ عالمن موجب قدرت 203
2. مغربي عالمن موجب قدرت 205
3. سنڌي عالمن موجب قدرت 207
4. دلگير اصل کان قدرت جو شاعر 211
5. دلگير جا قدرت سان وابستہ شعر 213
(i) آڪاشي عناصر 214
(ii) مندن کان متاثر رچنائون 219
(iii) ونسپتي (يعنيٰ نباتاتي عناصرن بنسبت دلگير)
جون ڪويتائون 224
(iv) باغ باغيچا 229
(v) دلگير جي ڪوتا ۾ پسون پکي 232
(vi) نديون ۽ سمنڊ 236
(vii) گڏيل عناصر 238

باب پهريون

سنڌي شعر و شاعريءَ جو شروعاتي دؤر

”ڏاڪڻ ڪاڻ ڏسڻ ۾ آئي،
ماڙيءَ تي ڪنهن مومل ماڙي؟“[1]

شاعر ڪي ڪائنات جي ڪڻ ڪڻ ۾ سونهن نظر اچي ٿي. هن لاءِ اُها گلن جي پنکڙين ۾ ئي سمايل ناهي، ڪئڪٽس جي ڪنڊن ۾ به موجود آهي. اُنهن جي بيترتيبيءَ ۾ به سندن اکيون هڪ اديت ترتيب پسن ٿيون ۽ اسان کي به اُن جو چٽو احساس ڪرائين ٿيون. ائين شاعر پاڻ کي پنهنجي ذاتي انيو ۾ شامل ڪري پاڻ جهڙو ئي شعوري، حساس دل بڻائڻ ۽ ذهني طور سامائجڻ ۾ مدد ڪري ٿو. شاعريءَ سميت هر هڪ ڪلا جو اِهوئي هڪ واحد ڪارج آهي.

شاعر پنهنجي شاعراڻي ولوڙ ذريعي امرت ڪلش پيدا ڪري، اسان جي ذهني اونده دور ڪري ٿو. اُن مان نڪتل زهر پنهنجي ڪنٺ ۾ سانڍي رکي ٿو.

شاعر شيليءَ چيو آهي:

“Sweetest songs are those that tell of saddest thought.”

شاعر ئي آهي جيڪو پنهنجي زندگيءَ کي اُهي تمام وصفون عطا ڪري ٿو. پنهنجي جيئڻ جا ملھ، ماڻ ماپا طئہ ڪري ٿو،سونهن ۽ بدزيبائي باهر ڪٿي ڪانهي. شاعر جي اکين ۾ ئي سمايل آهي. هن ئي پنهنجي ڪلپنا شڪتيءَ ذريعي هن سرشٽيءَ اندر ڪاڪ محل جو اُهو مانڊاڻ منڊيو آهي. هن ئي پنهنجي تصور سان خود خدا (مومل) کي پنهنجي اِميج ۾ خلقيو آهي ۽ کيس لاثاني سونهن عطا ڪئي آهي.

”جهڙا گُل گلاب جا تهڙا مَٽن ويسَ،
چوٽا تيل چنبيليا، ھاھا، هو، هميشھ،
پسيو سونهن سيڏُ چڙي نينهن اچن نيش،
لالن جي لبيس، آتڻ اکر نہ اُجهي.“[2]

---

۱. رچنا ياترا : ۲ - لکمي کلاڻي، ص. ۹

۲. شاهہ جو رسالو - ڪلياڻ آڏواڻي، ص. ۲۴۹

سنڌي شعر و شاعريءَ جو شروعاتي دؤر

شعر و شاعري

''شيام حيات بہ نعمت آهہ،
ويتر اُن سان شعر جي ڏات !''

لاشڪ شاعري اِنساني وجود جي اُها اُتاهين چوٽي آهي جتي شاعر پاڻ سان ساڪياتڪار ڪري پنهنجي اندر مان اُپجيل ''سچ'' ۽ ''سونهن'' جو مشاهدو ماڻيندي، ستين آسمان جو سئر ڪري ٿو. شاعري مومل جي اُها ماڙي آهي جتي پهچڻ بعد راڻي مينڌڙي لاءِ، ڪاڪ (زندگي) جا سڀ طلسم (illusions) شڪ شبهہ، پرم پلاوا، اختلاف (conflicts) ۽ پانهي ناتر جون خلقيل انڪلون سنڪلون، وير وروڌ، (contradictions) پنٽي رهجي وڃن ٿا. سچيتيءَ جي اُن اونچي منزل تي رسي، شاعر رڳو مومل جو حسن جمال ماڻيندي حق سان هڪ ٿي وڃي ٿو.

شاعريءَ جي اُن عروج تي شاهہ، شيڪسپيئر، ڪاليداس، ٽئگور، گيٽي، شيام ۽ دلگير جهڙا ڪي جزوي شاعر رسي سگهيا آهن. سچيتيءَ جي جدا جدا سطحن تائين پهتل ڪي اجا پٽ تي ريڙهيون پائي رهيا آهن، تہ ڪي ٽڪرين تي چڙهڻ جا سانباها ڪري رهيا آهن، تہ ڪي ننڍي چوٽيءَ تي پهتل پين اونچين چوٽين کي فتح ڪرڻ لاءِ سرگردان آهن. هر شاعر جي هڪ چوٽيءَ کان ٻيءَ چوٽيءَ تائين پهچڻ جي اِها مسلسل ياترا جاري آهي.

شاعري رڳو جنم جات ڏات ڪانهي. اُن ڏات کي حاصلات ۾ بدلڻ لاءِ شاعر کي ذهني مشق پچائڻي ٿي پوي. سالن جا سال ڏينهن رات رياض ڪرڻو ٿو پوي ''ڏات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي.'' ڪنهن شاعر چيو آهي:

---

۱. رچنا ياترا : ۲ - لکمي کلاڻي، ص. ۹

گديہ منجھہ بہ ماڌرُيہ ، يعنيٰ ميٺاج (sweetness) وجھي سگھي ٿو، ڪوي پنهنجي اندر وارن اُمنگن سان ، گديہ منجھہ بہ اوُج، اُها اُڏام (elevating power) اُهو اُتانهيوُن پسائيندڙ اُهاءُ سمائي سگھي ٿو. جنهن جي پرڀاو سان، گديہ پڙهندڙ ٻڌندڙ جي آتما پڻ اننت آڪاس وارن اڻ ڏٺل استانن ڏي اُڏامي سگھي ٿي. ڪوي پنهنجي رچنا جي پرساد سان، سلاست سان، گديہ پڙهندڙ ٻڌندڙ جون ريتون گديہ پڙهندي ٻڌندي ئي، اُتي جو اُتي شبد ارٿ جي ڪنئائي نہ هئڻ سبب، پنهنجي دل سان ڳنڍي سگھي ٿو. ڀاشا النڪار(figures of speech)، پديہ ڪاويہ جي نجي سامگري ڪين آهن، اُهي گديہ ڪاويہ کي پڻ النڪارت ڪري، سينگاري، وڏيڪ آنند ايڪ ٻڻائي سگھن ٿا. برابر پديہ -ڪاويہ جو سنگيت سان گهرو سنبنڌ آهي، جنهن ڪارڻ، پريرڻا يعنيٰ اِلهام (inspiration)جي اثر هيٺ، پديہ رچنا جھڙي اُپجي، اَچنت (voluntary)، وڏيڪ خود-روي (spontaneous) وڏيڪ من -ماني ٿئي يا لڳي ٿي. پر ٻئي طرف، رساتمڪ گَديہ رچيندي، رچيندڙ چند وديا جي ٻنڌن کان ڇٽل رهي ٿو.[1]

ڪوي:- ڀارتيہ گرنٿن ۾، پراچين سمي کان، آد جڳاد کان وٺي، ڪويءَ کي سرو اُتم پدوي ڏنل آهي ۽ ڪويءَ جي مهما سيني مهاپرشن کان سرس ڳاتل آهي. يجر ويد ۾ ڄاڻايل آهي تہ :

”ڪور منيشي پريوُ سوَيمڀوُ.“

اِنهن شبدن سان ڪويءَ کي رڳو پريوءَ سمان نہ پر پريو ڀاڻ ڪري ڄاڻايل آهي:

شريمد ڀاڳوت گيتا ۾ چيل آهي تہ:

”تيني برهم هردايہ آد ڪوَيي.“

يعنيٰ تہ برهما ڀاڻ آدي ڪوي آهي. سنسڪرت امرڪوش ۾ ”ڪوي“

---

1. پنج-گنج-ڀارتي ساهتيہ سڌانت-جهمٽمل خوبچند ڀاوناڻي، ص.١٣-١٤

شاعر پنهنجي شاعريءَ اندر پرڪرتيءَ وٽان پرايل تال ميل (harmony)، ترتيب (order) ۽ توازن (balance) جا عناصر پويا آهن. اُهي وصفون رڳو شاعريءَ ۾ ئي سمايل ناهن. ڪوتا، ڪهاڻي ۾ بہ آهي، ناول ، ناٽڪ ۾ بہ آهي. سنگتراشي، چترڪاريءَ ۾ بہ آهي تہ سنيما، فوٽوگرافيءَ ۾ بہ آهي. ڪوتا سنگيت ۾ بہ سمايل آهي.

ڪنهن بہ قوم جي بلندي، دلي ۽ دماغي قوت ۽ وسيع نظر جو اندازو سندس علم و ادب، خاص ڪري شعر مان لڳائي سگهجي ٿو. اِها تسليم شده حقيقت آهي تہ هر زبان جي شروعات شاعريءَ سان ٿي آهي. ڀارت جي ساهتيہ جو بنياد پڻ شعر تي ٻڌل آهي جنهن جو زنده مثال آهن ويد، جي سرشٽيءَ جي آد ۾ رچيل آهن. شاعريءَ جو سنگيت ۽ سُرَ سان لاڳاپو بہ آدي آهي. پراچين رشي ويد منتر سُر سان اُچاري من جي موج ماڻيندا هئا ۽ گد گد ٿيندا هئا. ويدن جي منترن ۾ جدا جدا قسم جا ڇند ۽ رس ڪتب آندا ويا آهن، اِنڪري هرهڪ منتر پڙهڻ جو ڍنگ بہ الڳ آهي ۽ هر هڪ جو لطف بہ نرالو آهي. جي اسين پنهنجا ڪن سرلا ڪري ٻڌون، تہ هن سرشٽيءَ ۾ وڃندڙ ڪوتا جو انهد ناد (music of spheres) ٻڌي سگهون ٿا.[1]

ڪاويہ- (Poetry) - پراچين سنسڪرت ودوانن پٽاندڙ ڀارتي ساهتيہ ۾، آد کان ڪاويہ ئي مول ساهتيڪ رچنا ٺهرايل آهي. گديہ يعنيٰ نثر (prose)، پديہ يعنيٰ نظم(verse) ۽ مشر يعنيٰ ٻنهين جي گڏيل سڏيل رچنا، اِهي ٽيئي ڪاويہ جا انگ - انش شمارڻ لائق آهن. پد بنان رچنا آهي گديہ؛ پر جي گديہ اصل آهي ئي پد رهت، تہ اُن جو مطلب اِهو بلڪل نٿو ٿي سگهي تہ گديہ ڪاويہ جي موُل گڻن جو اڌڪاري بہ اصل نٿو ٿي سگهي. جي ڪاويہ، ڪويءَ جي قلب اندر اُٿپن ٿيندڙ اُمنگن جو واهڻ وسيلو آهي تہ گديہ منجهہ بہ سمورا ڀاوَ، سندن ڀن - ڀن سروُپ، اَنوُ ڀاو ۽ رس ۾ سمائجي سگهن ٿا. گديہ بہ رساتمڪ ڪاويہ جا اُهي گڻ پرائي سگهي ٿو. جيڪي پديہ منجهہ پڌرا ٿي سگهن ٿا. ڪوي پنهنجيءَ من موج سان،

---

1. چرن چٽڪن چت ۾ - پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي، ص. ٢٠

جذبات تي تہ ڪنهن خيالات تي، ڪنهن دماغي پهلوءَ تي تہ ڪنهن عبارت تي ۽ ڪنهن وري اُپديش تي. در حقيقت اِهي سڀ ڳالهيون شعر ۾ اچي وڃن ٿيون.[1]

شعر نہ صرف شاعر جي اُمنگن، احساسن، ارمانن، آزمودن، تجربن ۽ مشاهدن جو سهڻو اظهار آهي مگر جنهن زماني ۾ شعر لکيو ويو آهي، اُن زماني جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي حالتن جو نقش پڻ اُن ۾ هئڻ گهرجي. شعر زندگيءَ جي تصوير آهي. شعر شاعر جي دپيل ڀاوناڻن جو چترڻ آهي. شعر ۾ ڪلپنا سان گڏ حقيقت نگاري کي وڏي اهميت آهي. شعر ۾ ستيم، شوم سندرم اِهي ٽيئي گڻ هئڻ گهرجن. شاعر، فيلسوف ۽ سائنسدان ٽيئي ستيہ جي کوج ۾ آهن. مگر ٽنهي جي کوج جو طريقو ۽ نتيجو علحده علحده آهن. شعر پڙهڻ سان پڙهندڙ يا ٻڌندڙ کي ڪو فيض رسي. شعر جي اُنهيءَ خوبيءَ کي ”شوم“ سڏجي ٿو. شاعر جيڪي خيال پنهنجي شعر ۾ ظاهر ڪرڻ چاهي اُهي سهڻي انداز سان پيش ڪري. يعني اُن ۾ النڪار استعمال ڪيل هجن. ٻولي سهڻي ۽ ميناج واري هجي. اُن کي ساهتيہ ۾ ”سندرم“ جو گڻ چئجي ٿو.

ڀارتيہ آچارين موجب ڪوتا جي وصف:

آچاريہ وشو ناٿ موجب: ”رس سان ڀرپور جملو ئي ڪاويہ آهي.“ ساهتيہ ۾ ڏهہ رس ٿين ٿا. جيئن تہ : وير رس، ڪروڻ رس، شرنگار رس، رودر رس، ويڀتس رس، ڀيانڪ رس، هاسيہ رس، اديت رس، شانت رس، واتسليہ رس، ڪوتا پڙهڻ سان اُنهن رسن مان ڪنهن بہ هڪ رس جي اندر ۾ اُتپتي ٿيڻ گهرجي.

پنڊت جڳنناٿ جي ويچار موجب: ”سهڻي معنيٰ ٻڌائڻ واري جملي کي ڪاويہ چئجي ٿو.“[2]

---

٢. پنج-گنج- ڀارتي ساهتيہ سڌانت-جهمٽمل خوبچند ڀاوناڻي، ص. ١٥-١٦

١. ٢. سنڌي شعر جي تواريخ - ڊاڪٽر ديال آشا، ص.١٤-١٥

شبد جي وياکيا (definition) هن ريت آهي تہ: ”ڪوَيت سروَ جانات سروَ ورٽيتيت ڪوَ“، يعني تہ سڀ ڪجھہ ڄاڻندڙ (ڄاڻي ڄاڻڻهار) ۽ سڀ ڪجھہ ورنن ڪندڙ، تنهن کي ئي ڪوتجي ٿو ڪوي.

اگني پراڻ واري ويد وياس جا امولڪ وچن هيءُ آهن تہ:

”اپاري ڪاويہ سنساري ڪوريوَ پرجاپتي:
يٿا سميءَ روچتي وشوَم تٿئوَ پرورتتي.“

يعنيٰ تہ ڪاويہ جو سنسار اپار آهي. برهما جيان، ڪوي پنهنجيءَ دنيا جو پرجاپتي آهي ۽ پنهنجي ڪاويہ سنسار اندر جيڪي بہ ڪيس وڻي ٿو اُهو ئي ڪري ٿو.[1]

ڪوي، ڪوتو ۽ ڪاويہ: ڪويءَ کي ارپن ڪيل ايشوري شڪتي، ڪويءَ جي ذات، ڪوتجي ٿو ”ڪوتو“ (Kavita) ڪوتو جو قل ڪوتجي ٿو ”ڪاويہ“، ڏونيہ-لوڪ-لوچن ۾، آنند وردن لکيو آهي تہ ”ڪونييم ڪاويم“، يعنيٰ تہ ڪاويہ رچنا جي سدائين ساراہ ڪرڻ جڳائي.[2]

رگہ ويد، ناٽيہ شاستر کان گھڻو وڌيڪ پراچين گرنٿ، تنهنجي پرڪاشڪ پنهنجيءَ ڪاويہ ذات لاءِ، ڪوَتوَ لاءِ چيو آهي تہ ”مان پنهنجي ڪوتوَ کي، آڪاسي بادلن مان وَسيل پاوَس جي ڌارا ٿو سمجھان.“ ودياڌر پنهنجي ايڪاوَليءَ ۾ لکيو آهي تہ ”ڪوَ تيت ڪو: تسيہ ڪرم ڪاويم،“ يعنيٰ تہ ڪوي اُهو ئي آهي جيڪو رَچي، سندس ڪرم آهي ئي رَچڻ جو تہ ڪاويہ ئي رچنا آهي.

سندرتا کي سمجھڻ لاءِ جھڙيءَ طرح سندر شيءَ جو هجڻ بنہ ضروري آهي. ساڳيءَ طرح شعر کي سمجھڻ لاءِ شعر جو رس وٺڻ ئي ڪافي آهي. مزو ماڻيندڙ پوري پوري تعريف نہ ڪري، ٿوري کي گھڻي واکاڻ ئي ڪري سگھي ٿو. ساڳئي نموني مغربي ۽ مشرقي ودوانن بہ شعر جي واکاڻ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اُنهن پنهنجي پنهنجي خيال موجب شعر ۾ جدا جدا ڳالهين تي زور ڏنو آهي. ڪنهن

١.٢.پنچ-گنج- پارتي ساهتيہ سڌانت-جهمتمل خوبچند پاوناڻي، ص. ١٥-١٦

ڪنهن شعر جي اِها هڪ سٽ ئي شعر تي ڪافي روشني وجهي ٿي. والميڪ جو مثال پرسڌ آهي. هڪ پکي کي پنهنجي ساٿيءَ جي مرتيوءَ تي تڙڦندو ڏسي والميڪ جي مک مان پهريون پهريون شعر جو ڇند ڦٽي نڪتو هو. سنڌيءَ جي مشهور شاعر گورڌن ڀارتيءَ به ٺيڪ ئي لکيو آهي...

”تون ٿو ڪوٺين شاعر مونکي
پر مونکي بس، ڄاڻ اِها
چوٽ لڳي، دل آه ڀري
جي لڙڪ لڙيا سي گيت بڻيا.“

شعر ۾ جذبات ۽ خيالات کي وڏي اهميت ڏني ويندي آهي. شاعر کي باريڪبيني ۽ انيو عوام ڪان وڏيڪ عطا ٿيل ٿين ٿا، جنهن ڪري هو تمام خسيس ۾ خسيس چيز جو به تمام سندر نموني اظهار ڪري ٿو. شاعر پنهنجي خيال جي کنيڙين سان آڪاش ۾ به اُڏامي ڄاڻي ۽ پاتال به پهچي ڄاڻي اِنهيءَ ڪري ڪنهن ودوان چيو آهي:-

”جتي نه پهچي روي اُتي پهچي ڪوي.“[1]

قديم سنڌي شعر جو جائزو:

سونهاري سنڌڙي، سنڌو سڀيتا جي اِتهاسڪ اهميت واري ڀومي آهي. سنڌو نديءَ جي ڪناري تي ئي رگ ويد جي رچنا ٿي. سنڌ جو ذڪر ويدن، شريمد ڀاڳوت ۽ پراڻن گرنٿن ۾ ملي ٿو. سنڌو نديءَ جي ڪري ئي هن ملڪ جو نالو سنڌ پيو.

رگ ويد ۾ سنڌو نديءَ جو ڪهڙو نه بي -نظير بيان آهي:

स्वश्वा सिन्धु: सुरथा हिरण्ययी सुकृता वाजिनीवति।

ऊर्णावती युवति: सीलमावत्युताधि वस्ते सुभगा मधुवृधम्।[2]

---

1. ٻلديو گاجرا ۽ سندس چونڊ رچنائون- سمپادڪ ۽ پرڪاشڪ موتيرام رامواڻي، ص. ٧٥
2. سنڌي شعر جي تواريخ - ڊاڪٽر ديال آشا، ص.١٩

آچاريہ ممٽ موجب: ”اوڳڻ کان سواءِ گڻن سان ڀرپور رچنا کي ڪاويہ سڏجي ٿو.“[1]

آچاريہ ڀٽيءَ ڪاويہ ۾: النڪارن جي اهميت تي زور ڏنو آهي، جنهن جملي ۾ شبد النڪار ۽ ارٿ النڪار جو استعمال ٿئي ٿو سو شعر آهي. مطلب تہ ڪوتا جي باري ۾ ڀارتيہ ودوانن مان ڪن رس کي، تہ ڪن لفظن جي بيهڪ کي، ڪن ڌونيءَ کي تہ ڪن ارٿ کي ۽ ڪن النڪارن کي اهميت ڏني آهي.[2]

وديشي ودوانن موجب شعر جي وصف:

مئٿيو آرنلڊ موجب: ”ڪوتا زندگيءَ جي تنقيد آهي.“

جانسن جي ويچار موجب: ”شاعري هڪ اهڙو فن آهي، جنهن جي وسيلي خوشيءَ کي سچائيءَ سان ملايو وڃي ٿو. شعر وزن يا ڇند ۾ ٻڌل رچنا آهي. اُن ۾ تخيل (ڪلپنا) جي پڻ اهميت آهي.“

شاعر شيليءَ موجب: ”ذهن ۽ تخيل جي ترجمانيءَ کي شعر سڏجي ٿو.“

مئڪالي موجب: ”شاعري اُهو فن آهي، جنهن ۾ لفظن جي ذريعي اُهو ڪجھہ پيش ڪجي ٿو؛ جيڪو هڪ چترڪار رنگن ۽ برشن ذريعي پيش ڪري ٿو.“

ورڊس ورٿ موجب: ”ايڪانت جي سمي گڏ ڪيل شڪتيشالي احساس جي اظهار کي ڪوتا يا شعر سڏجي ٿو.“[2]

شاعر جي دل ڏاڍي ڪومل ٿيندي آهي. آسپاس جو ٿورو بہ دک هن جي هرديہ ۾ هلچل پئدا ڪري ڇڏيندو آهي ۽ سندس هرديہ بند ٽٽي پوندا آهن.

”جل ڪر چيخ اُٺا وھہ ڪوي ٿا.“

١.٢. سنڌي شعر جي تواريخ - ڊاڪٽر ديال آشا، ص.١٤-١٥

٣. ٻلديو گاجرا ۽ سندس چونڊ رچنائون-سمپادڪ ۽ پرڪاشڪ موتيرام راماڻي، ص. ٢٠

هنر ۽ ڪاريگري هئي، نرتيه ۽ سنگيت هو، وڏي پئماني تي پيدائش جا ذريعا هئا. شهري ڪاروبار ڍنگ سان هلائڻ جو انتظام هو. پوءِ به هن سيتا جو گهڻو ڪجهه اڃا تائين رهجي ويو آهي.

وقت به وقت سنڌو نديءَ جي بدلجندڙ وهڪري ۽ ڌارين حڪومتن جي ور ور ڪاهن سبب سنڌ جو آڳاٽو ادب عدم موجود آهي.[1]

”عمر مارئي“ ۽ ”سسئي پنهون“ جا داستان سومرن جي دؤر سان وابسته آهن. سنه ١٢١٢ع ۾ سنڌ جو حاڪم ڀونگر سومرو هو. ڪيس پهرين استري مان ٻاگهي ڌيءَ ۽ دودو پٽ هيس ۽ ٻيءَ زال مان چينسر هيس. ڀونگر جي مرڻ کان پوءِ راڄگديءَ جو مسئلو پيدا ٿيو. ٻاگهيءَ فيصلو ڏنو چينسر راڄگدي جو حقدار آهي. انڪري سومرا سردارن کيس راڄگديءَ تي ويهڻ لاءِ چيو.

”ويهه پڇاڻان پيءُ جي آءُ چينسر آءُ،
ٻاگهه سڻائو تنهنجو توکي ڀلي چڙيو ماءُ.“[2]

اِهي شعر زباني روايتن تي ٻڌل آهن. تنهن ڪري ائين به ٿي سگهي ٿو ته اِهي شعر سومرن جي صاحبيءَ کان پوءِ ڪنهن شاعر چيا هجن!

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد ”سنڌي“، ”سنڌي ادب جو تاريخي جائزو“ ۾ سمن جي دؤر جا پير پٺي وارا هيٺيان بيت ڏنا آهن:

”ديبل پاسي ڏکيلجي آيو آب اپار،
مڪليءَ ماگهه مٿاهين ٿياسون ڌارون ڌار.“[3]

عبدالجبار جوڻيجو، ” سنڌي ادب جي مختصر تاريخ ۾“ سومرن جي دؤر جي هڪ ٻئي شاعر پير صدرالدين ١٢٩٠ - ١٤٠٩ع جو ذڪر ڪندي سندس هڪ ”گنان“ مثال طور پيش ڪيو آهي. اِن گنان ۾

---

١. سنڌي شعر جي تواريخ - ڊاڪٽر ديال آشا، ص. ١٩

٣.٢ سنڌي شعر جي تواريخ - ڊاڪٽر ديال آشا، ص.٢٢ ۽ ٢٣

يعنيِ سنڌجي زمين زر خير آهي. سندر رتن ۽ گهوڙن جي جتي کمي کين آهي. سنڌ ڇڻ نئين کنوار جيان هيرن جا ٻهٽا پهريا آهن. سنڌ سرسبز و شاداب ۽ ڀاڳيه شالي آهي. سنڌو نديءَ جو جل ماکيءَ کان به مٺو آهي.

اسين سنڌي هڪ عظيم ۽ قديم سنڌو گهاٽي سڀيتا جا وارث آهيون، جنهن تي هر سنڌيءَ کي فخر ڪرڻ جڳائي. آر ڪيالا جيڪل سروي آف انڊيا جي اڳوڻي ڊئريڪٽر جنرل سرجان مارشل موجب، ”موهن جي دڙي جي سڀيتا“مصر ۽ ميسوپوٽاميا جي تهذيبن کي ڪيترين ڳالهين ۾ شهه ڏيئي بيٺي آهي.

"A marvellous culture, surprising in many respects the splendour of Egypt and Mesopotemia."[1]

موهن جي دڙي جي کوٽائي، دنيا اڳيان شاندار سنڌو سڀيتا کي پڌرو ڪيو. اُن جي قدامت خواه اعليٰ درجي جي معيار پروڙي وڏن وڏن عالمن ۽ اِتهاسڪارن جا ڏند چپن سان لڳي ويا آهن. اِها ڳولها ڀارت جي اِتهاس کي ڪيترا هزار سال، آڳاٽي ڪال ۾ پنتي ڌڪي ويئي.
موهن جي دڙي واري ”سنڌو سڀيتا“ عيسيٰ کان ٢٧٥٠ - ٣٢٥٠ واري عرصي ۾ پنهنجي پوري عروج تي هئي. هڪ سماج تڏهن ئي ”سڀيتا“ جي وڪاس طرف وک وڌائي ٿي، جڏهن اُن جا فرد روٽي روزيءَ جي تلاش مان فارغ ٿي، اُن کان مٿي ٻيو ڪجهه سوچڻ ٿا لڳن. پنهنجي دماغ سان نوان نوان هنر ۽ ٽيڪنيڪيون ايجاد ٿا ڪن. پنهنجي اندر جي اُمنگه ۽ اُڌمي کي ساهت، ڪلا ۽ سنگيت جو آڪار ٿا ڏين. نفس کان منهن موڙي، روحانيت جا پانڌيئڙا بڻجي پنهنجو ڌيان پهچ کان پري واري اتي آتمڪ (ٽرئنسينڊينٽل) تي مرڪز ٿا ڪن.[2]

سنڌو واديءَ جي سماج سڀيتا ۾ تبديل ٿي چڪي هئي جيئن ته هنن وٽ رٿائتي اڏاوت وارا شهر هئا، وٽج واپار هو، ڀاشا ۽ لپي هئي،

١-٢. رچنا ياترا - ٣ لکمي کلاڻي، ص. ٩ ۽ ١٢

سيد ابابڪر به سمن جي دؤر جو شاعر آهي سندس هينيون هڪ بيت ملي ٿو جو اڏ دوهو اڏ سورٺو آهي.

”لکي جن وٽن مان، جان نهاريو مون،
وياسي ڪهڙي پون، پتو نه پيو سڄڻين.“[1]

ماموئي فقيرن جا ست بيت به سمن جي دؤر سان تعلق رکن ٿا. ست ماموئي فقير سڏ ڪندا ڄام نظام الدين سمي بادشاهه وٽ آيا. سمو بادشاهه سندن عجيب و غريب ڳالهيون ٻڌي ڏڇي ويو ته متان اُهي فقير سندس حڪومت نه هٿ ڪن. بادشاه ستن ئي فقيرن کي ختم ڪرائي ڇڏيو. اُنهن ستن ئي فقيرن مرڻ کان اڳ هڪ هڪ بيت چيو، جيڪي قديم سنڌي شاعريءَ ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. اُنهن بيتن ۾ هنن درويشن کي اڳڪٿيون ڪيون.

مطلب ته اواعلي دؤر جي سنڌي ساهتيه ۾ عشق محبت جا قصا، سورهيائيءَ جا قصا، ڏرمي ڏند ڪٿائون، سنڌو نديءَ جي وهڪري بابت ڏند ڪٿائون ، اڳڪٿين ۽ دعائن جا بيت وغيره ملن ٿا. هن دؤر ۾ جيڪڏهن جنگهه جي ميدان ۾ مري مٽندڙ جهونجهار آهن ته عشق جي ميدان ۾ سوريءَ کي سيج پسڻ وارا سورما ۽ سورميون به گهٽائي آهن. عشق جا داستان به صرف نفس ۽ حوس جا قصا نه آهن پر منجهن وهه ڏسي وهسڻ وارن، ڪڙي ۽ قاتل جي هيراڪ عاشقن ۽ معشوقن جا چٽ به چٽيل آهن، جن لاءِ مرڻ هڪ مشاهدو آهي. شرنگار ۽ وير رس جون رچنائون گهٽي ئي انداز ۾ هئڻ ڪري هن دؤر کي عشق ۽ سورهيائيءَ جي قصن جو دؤر سڏڻ مناسب آهي.

سنه ١٥٢٠ع ۾ سمن جي حڪومت ختم ٿيڻ کان پوءِ سنڌ ۾ ارغونن جي حڪومت قائم ٿي. شاه بيگ ارغون، جنهن سنڌ ۾ اُن جو بنياد وڌو، سو ٻن سالن کان پوءِ راه رباني وٺي ويو.جنهن بعد شاه حسين

---

١. سنڌي شعر جي تواريخ - ڊاڪٽر ديال آشا، ص-٢٧

شاعر جو درويشي خيال سمايل آهي. روحاني راه جي راهگيرن کي اسر جو اُٿي ڏٿيءَ جي بندگيءَ ڪرڻ جي تاڪيد ڪيل آهي.

”شاهه مچيئڙو تن جي، صبحڙي جاڳن.
اُٿي الله نه ٻهرين بندا تون ستين ساري رات
نڪا جهوري جيو جي نڪو سمر سات، شاه مچيئڙو ...“[١]

سمن، ١٣٥١ع ۾ سومرن کي شڪست ڏيئي سنڌ تي پنهنجي حڪومت برپا ڪئي. جن سنڌ تي ١٧٠ سال راڄ ڪيو. سمن جي دؤر ۾ ٻه ڪيترائي سنڌي شاعر سنڌ ۾ پئدا ٿيا هوندا، مگر اُنهن مان ڪن ٿورن شاعرن جا ٻاه، بيت زباني ياداشت جي روپ ۾ ملن ٿا. جيئن پريو شيخ (اسحاق اهنگر) جو پهريون هندو هو پوءِ مسلمان ٿيو. جنهنجو هيٺيون شعر ملي ٿو.

”ٿيان مان جهرڪ، ويهان پرين جي ڇڄ،
مان ڪن ٻرڪ، ٻولي ٻاجهاري مون سين.“[٢]

هن سورتي ۾هڪ پريميءَ جي تمنا جو اظهار آهي. شاعر جهرڪ بڻجي پنهنجي پريتم جي ڇڄري تي ويهڻ لاءِ خواهن آهي.

شاعر مخدوم نوح جي هيٺ ڏنل بيت مان سندس روحاني امتياز جي پروڙ پوي ٿي.

”اُپٽيان ته انڌيون، پوريون پرين پسن،
آهي اکڙين کي عجب پر پسڻ جي.“[٣]

مُنڻ مان خرار جي خبر پوندي آهي شاعر ڪهڙو نه سهڻو خيال پيش ڪيو آهي. ٻاهرين اکين ڪولڻ سان دلبر جو ديدار ڪونه ٿيندو انتر مکي ٿيڻ سائي محبوب جو مشاهدو ماڻبو.

١. سنڌي ٻوليءَ ادب جي مختصر تاريخ - ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ص.٥١
٢-٣- سنڌي ٻوليءَ ادب جي مختصر تاريخ - ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، ص.٥١

هڪ چوٽي آهي: گرمي، خاڪ، فقير ۽ مقبرا، اِهي چار شيون جن مان سنڌ سڃاتي وڃي ٿي. سنڌ ۾ صوفي درويشن جي آمد تہ عربن جي حڪومت کان وٺي شروع ٿي ويئي هئي.

سنڌي ساهتيہ جو وچون دؤر اٽڪل ساڍي ٽي سؤ سال ٿيندو، اُنهيءَ عرصي ۾ سنڌ تي هيٺين حڪومتن راڄ ڪيو.

ارغونن	١٥٢٠	- ١٥٥٤ع	تائين راڄ ڪيو.
ترخانن	١٥٥٤	- ١٥٩٢٠ع	-----،،-----
مغلن	١٥٩٢	- ١٧٠٠ع	-----،،-----
ڪلهوڙن	١٧٠٠	- ١٧٨٣ع	-----،،-----
ٽالپرن يا ميرن	١٧٨٣	- ١٨٤٣ع	-----،،-----

١٨٤٣ع ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪيو.[1]

سنڌي شاعر ۽ سنڌن شاعري:

وچين دؤر ۾ ڪاويہ جي اوسر جاچڻ سان معلوم ٿيندو تہ پهريان ٢٠٠ کن سال سنڌي ساهتيہ جو وڪاس تمام ڍرو ٿيو آهي. پر ڪلهوڙن ۽ ميرن جي حڪومت واري عرصي ۾ سنڌي شاعري اؤج تي وڃي رسي شاهہ، سچل ۽ ساميءَ جهڙا مهان شاعر اِنهيءَ دؤر ۾ پئدا ٿيا آهن. جن تي اڄ بہ هر سنڌي کي ناز آهي. اِنهيءَ عرصي ۾ ١٧٠٠ع کان ١٨٤٣ع تائين سنڌيءَ شاعريءَ جو وڪاس ڏسي اُن زماني کي سنڌي شاعريءَ جو سونهري دؤر بہ سڏجي تہ واجب آهي.

وچين دؤر ۾ سنڌي ساهتيہ ۾ ڀڳتيءَ جي ڌارا مکيہ هئڻ جي ڪري هن دؤر کي ڀڳتي ڪاويہ جو دؤر سڏجي ٿو. ڀڳتي ڪاويہ جي ڌارا مکيہ طرح ٽن شاخائن ۾ پرواهت ٿي آهي. ڀڳتي ڪاويہ ڌارا کي جن ٽن شاخائن ۾ ورهايو ويو آهي سي آهن:

١. سنڌي ساهتيہ جو اِتهاس - ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ص.٦٧ ۽ ٩٦

ارغون حاڪم بڻيو. سنڌ ۾ ارغونن ۽ ترخانن جو راڄ ستر سالن کان وڌيڪ ڪونہ هليو.[1]

سنہ ۱۵۹۲ع کان پوءِ جڏهن مغلن اچي حڪومت هٿ ڪئي. (اڪبر راجا سنڌ کي مغل سطلنت سان ملائي ڇڏيو. تنهن کان پوءِ ڪلهوڙن جي دؤر تائين ۱۸ع صديءَ تائين سنڌ اهڙن حاڪمن جي زيردست هئي جن جي زبان فارسي هئي.

سنڌي ڀاشا ۽ ساهتيہ تي فارسي ليڪن خاص طور رهسيوادين جو گهڻو اثر هو. ارغونن جي اياماڪاريءَ ۾ سنڌ ۾ عدالتن جي زبان فارسي هئي. ان ڳالهہ سان سڀ يڪراءِ آهن تہ لکيل صورت ۾ سنڌي ساهتيہ سورهين صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي کان شروع ٿيو. اُن کان اڳ لوڪ ساهتيہ ۽ لوڪ گيت ئي موجود آهن. اِن ڳالهہ تي بہ سهمتي آهي تہ سنڌي جو اِهو تحريري ادب بہ سؤ سال پوءِ، شاهہ عبداللطيف جي شاعريءَ ۾ پختي بلنديءَ تي رسيو.[2]

سنڌي شعر جو وچون دور: (ڀڳتي ڪاويہ جو دور ۱۸۵۳ - ۱۵۰۰)

سمن جي وقت ۾ پيدا ٿيل قاضي قاضن سان ئي سنڌي تحريري (لکيل) شعر جي شروعات ٿئي ٿي. اُن تصوف جي تار کي پڪڙيندي شاه عبدل ڪريم بلڙيءَ واري نہ فقط روحاني راز سليا پر صوفيانہ خيالن کي بہ نج سنڌي قصن جي اوٽ ۽ اِشاري طور ظاهر ڪيو. جنهن جو استعمال اڳتي هلي شاه لطيف وسيع پئماني تي ڪيو اُن ئي زماني ۾ شاه عنايت، زمان شاه ۽ گروهڙي جهڙا بزرگ شاعر پئدا ٿيا. جن بہ شاه وانگر بيت چيا ۽ هن وانگر تصوف جي تار کي پڪڙيو.[2]

جيئن تہ وچين دؤر ۾ سنڌ ۾ ڪيترائي صوفي سنت ۽ درويش ٿي گذريا آهن جن ڀڳتي ڪاويہ جي ڪيتر ۾ پاڻ خوب ملهايو آهي. سنڌ پنهنجي پاڪ مٽيءَ مان ايترا تہ درويش پئدا ڪيا جن جا آستان ۽ درگاهون ڇپي ڇپي تي هن ملڪ ۾ مؤجود آهن. اِنهيءَ ۾ پارسيءَ ۾

۱.۲.۳. سنڌي ساهتيہ جو اِتهاس - ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ص.۶۷ ۽ ۹۶

آهي تہ هن ڪوچ ۾ جي پيچرا ڳهڙيا ويا آهن اُنهن سيني جو بيان ناممڪن آهي ڇاڪاڻ تہ هر ڪنهن هن راه تي پنهنجي انيو ۽ سوجهيءَ جي آڌار تي قدم ڪنيا آهن. اِها رنگين ۽ ريشمي ڏاڳن جي ڳنڍ ائين منجهيل آهي جيئن اِنسان جو منُ ![1]

سنڌي ساهتيہ جي پيڙه ئي اُهو رهسيہ واد (mysticism) آهي، جنهن کي صوفي مت يا تصوف ٿو چئجي. اِهو صوفي مت پراچين ڀارتي چنتن، توڙي ويدانت، يوگ ڀڳتي، خواه جاميءَ جي يوسف- زليخا، عطار جي ''منطق - ال- طائر'' ۽ روميءَ جي مشهور مثنوي جهڙن ٻين ڪتابن ۾ ڇاڻايل اِسلامي نوع جي تصوف جو گڏيل مسيل روپ آهي. فارسي زبان جي ڄاڻو سنڌين جو هميشہ اِهو چوڻ آهي تہ هو ڪنهن بہ مت يا عقيدي جا ڪٽر حمايتي نہ آهن. پوءِ ڀل تہ سنڌن جنم ڪهڙي بہ ڌرم ۾ ٿيو هجي. هنن جو عقيدو آهي. ''صوفي لا ڪوفي'' يعنيٰ صوفين جو ڪوبہ مذهبي فرقو ڪونهي. پر اِهو اوس چئي سگهجي ٿو تہ جيڪڏهن اِنهن شاعرن تي وچولي يگ جي ڀارتيہ ڀڳتي هلچل جو اثر نہ پوي ها تہ سنڌي ڪوتا جو رخ ئي ڪجهہ ٻيو هجي ها.

ڪن ماڻهن جو رايو آهي تہ ''صوفي'' لفظ مول ''صوف'' مان نڪتو آهي، جنهن جو مطلب آهي، ٿلهو کهرو اوني ڪپڙو، جيڪو خراسان، عراق ۽ ايران جا صوفي اوڍيندا هئا. ڪي ٻيا سي وري اِن لفظ جو بنياد ''صفا'' ۾ ٿا ڏسن . جنهن جو ارٿ آهي صاف يا پوتر جيون گذاريندڙ شخص. ڪي شخص صوفي لفظ جو ماخذ ''سوفيا'' ٿا ٻڌائين، جنهن جي معنيٰ آهي سياڻپ ۽ عقلمندي. اِن ريت صوفي لفظ جي بنياد تي الڳ الڳ رايا آهن.[2]

صوفين جو مکيہ عقيدو اُهو ئي آهي جيڪو ويدانتين جو آهي. يعنيٰ برهم هڪ آهي، سموري ڪائنات ۾ هڪ ئي ستا آهي، اِن ڪان سواءِ ٻيو ڪو بہ وجود نظر اچي ٿو، اُهو اصل ڪونهي. اُها مايا آهي جنهن

---

١. سنڌي ادب جي تواريخ - ايل.ايڇ.اجواڻي، ص.٧٨ ۽ ٨٢

٢. سنڌي ادب جي تواريخ - ايل.ايڇ.اجواڻي، ص.٧٨ ۽ ٨٢

(۱) صوفي ڪاويه ڌارا

(۲) گيان مارگي ڪاويه ڌارا

(۳) اِسلامي ڪاويه ڌارا

(۱) صوفي ڪاويه ڌارا: شاهه عبداللطيف جي جڳهه مشهور نقاد ايڇ-ٽي-سورلي پنهنجي ڪتاب ”شاه عبداللطيف آف ڀٽ“ ۾ چيو آهي: ”صوفي مت جي گوناگون پهلن جو مڪمل طور بيان ڪرڻ مشڪل آهي. ايراني غاليچي جي چٽن جيان هن ۾ گهٽيون ئي الڳه رنگن جون تندون آهن يا وري چٽيجي سمنڊ جي اُن پاڻيءَ جيان، جنهن تي ٽڌي هير ڪري لهرون پئدا ٿينديون هجن ۽ سڄ جي روشنيءَ ۾ آسمان ۾ رنگبرنگي لڪاءُ هجي، اُهي الڳه الڳه رنگ لهرن تي ائين پاڇولا وجهن جو لهر ۾ ڪيترا رنگه اوتيل لڳن صوفي مت جو پڻ اِهوئي حال آهي. الڳه الڳه رنگن جو ڪوئي ڪاٿو ئي نه آهي. ڪي بنيادي خيال ۽ جذبا الڳه الڳه نقط - نظر ۽ انيو مان اظهار پائين ٿا. ڪڏهن ڪهڙي نقطي تي ته ڪڏهن ڪهڙي نقطي تي زور آهي. ائين”شخص“ جو ڪجهه الوڪ ماڻڻ جي سادي ۽ فطرتي گهُرج ڪڏهن سونهن جي راه تي، ڪڏهن تياڳه جي پيچري تي، ڪڏهن اُڌام، ڪڏهن مقصد جي بي سودگي جي دامن سان وابسته- اِهي سڀ ڪندون صوفي مت جو تاڃي پيٽو بڻي رهيا آهن.“

”لهرن لڪه لباس ، پسڻ پاڻي هيڪڙو“[۱]

آدي ڪال کان پنهنجي وجود ڪي معنيٰ بخشڻ لاءِ اِنسان قدرت ۽ سماج سان الڳه الڳه رشتن جي اُٽت ۾ اُها معنيٰ پائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. هن سڄي جدو جهد جي سلسلي ۾ هن قدرت ۽ اِنسان جي پنهنجي خالق جو خيال ۽ اُن رشتي جي ڦولهه سڄي فيلسوفيءَ جو بنياد پئي رهي آهي. اِها ڪوج ايتري پراڻي آهي جيترو اِنسان جو وجود ! ظاهر

۱. جا چتايم چت ۾ - موهن گيهاڻي، ص. ۳۹

ساز ٻڌڻ، مستيءَ ۾ اچي جھومڻ) کي هڪ وسيلو ڪري سمجھيو آهي. گيت ٻه اهڙا هئڻ گهرجن جن ۾ ”آتما ۽ پرماتما“ جي سنبند کي دلڪش ۽ اثرائتي نموني پيش ڪيو ويو هجي. جن جي ٻڌڻ سان دل ۾ حقيقي عشق جو شعلو ڀڙڪي اُٿي. اهڙا ڪيترائي مثال ٻڌجن ٿا جن ۾ ڄاڻايل آهي ته ڪڏهن ڪڏهن صوفي درويش سماع وقت ايتري قدر ته وجد (روحاني آنند) جي ڪري پنهنجو پاڻ کي ڀلجي وڃڻ جي حالت ۾ اچي ويندا هئا جو سندن روح جسم مان پرواز ڪري ويندو هو.

صوفين مذهب جي آڙ ۾ مُلن ۽ مؤلوين کي دولاب ۽ دوکو ڪندو ڏسي سندن خلاف بغاوت جو نعرو بلند ڪيو آهي.

”اندر وهاري ڪانو، ٻاهر ٻولي هنج جيئن،
اهڙو تلو ٿانو، ڀڄي چو نه ڀورا ڪرين.“[1]

صوفي درويشن عام جنتا کي دنيوي علم ۾ منجهڻ کان آگاهه ڪندي اندر جي پاڪيزگي ۽ حقيقي علم حاصل ڪرڻ جي صلاح ڏني آهي.

”اکر پڙهه الف جو، ورق سڀ وسار،
اندر ڪٽي اُجاڙ، پنا پڙهندي ڪيترا.“[2]

صوفي ڪاويه جون خاصيتون:

صوفي شعر جي جان آهي ”عشق“، صوفي شاعر ”آتما“ ۽ ”پرماتما“ جو ميلاپ ”عشق“ ذريعي ئي ممڪن سمجهن ٿا. اِن ريت هو ”پر ماتما“ کي ”معشوق“ جي روپ ۾ ۽ ”آتما“ کي ”عاشق“ جي روپ ۾ ڄاڻائي عشق مجازي ذريعي عشق حقيقيءَ جو چٽ چٽين ٿا.

سنڌ جي صوفي شاعرن آتما ۽ پرماتما جو سنبند سمجهائيندي اڪثر مڪاني لوڪ ڪٿائن جو سهارو ورتو آهي. سسئي پنهون، ليلا چينسر، سهڻي ميهار، نوري ڄام تماچي، وغيره قصا سنڌي صوفياني شعر ۾ عام جام ملن ٿا. سنڌي صوفي شاعرن مشهور لوڪ ڪٿائن مان

١-٢- سنڌي ساهتيه جو اِتهاس - ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي، ص.٦٥ ۽ ٦٦

ڪي صوفي طلسم ڪونهن تا. آتما ۽ پرماتما ۾ ڪوئي ڀيد ڪونهي. جڏهن ڪٽر پنٿي مسلمان منصور حلاج کي ”اناالحق“ چوڻ تي ڦاسي ڏيئي رهيا هئا تہ منصور ڪوبہ فڪر ڪونہ ڪري رهيو هو. هو ازلي سچ ٻڌائي رهيو هو. اسان مان هر هڪ گهٽيءَ حد تائين پاڻ پرماتما آهي. اُن پورن آتما جي اوسٿا تائين پهچڻ لاءِ اِهو ضروري آهي تہ اسين پاڻ پروڙيون، خود شناسي حاصل ڪيون.

عظيم سنڌي شاعر چيو آهي:

”خالق چئوم اُن کي، ۾ ڪي چئون مخلوق،
سڀ سيوئي حق، منجهان ئي معلوم ٿئي.“[1]

خود خدا بڻجڻ لاءِ ايترو ڪافي نہ آهي تہ بندو پاڻ کي خدا جو خلقيل ڀانئي. پاڻ کي الڳہ سمجهڻ جي وهم مان نجات پائڻ واسطي بندي کي سنجم ۽ ٻين مرحلن مان گذرڻو پوندو، ڪيس شريعت (نيم) طريقت (مارگہ) ۽ حقيقت (سچائي) مان لنگهڻو پوندو، تڏهن وڃي معرفت تائين رسندو. ”معرفت“ سڀ کان بلند خود شناسيءَ جي آخرين منزل آهي.[2]

”پيهي جا پاڻ ۾ ڪيم روح رهاڻ،
نڪو ڏونگر ڏيهہ ۾ نڪا ڪيچن ڪاڻ،
پنهون ٿياس پاڻ سسئيءَ تان سور هئا.“[3]

”وحدت تان ڪثرت ٿي، ڪثرت وحدت ڪُلُ،
هو ڀلا چو حُل، باالله سندو سچ ٿي.“[4]

صوفين ساڌنا جي مارگہ ۾ سوز ۽ درد پيدا ڪرڻ لاءِ سماءُ (گيت ۽

---

١. سنڌي نظم جي تواريخ - ليلارام رچنداڻي، ص. ٦٣
٢. شاه لطيف ۽ صوفي مت - جڳديش لڇاڻي، ص. ٨٢
٣. اساسي سنڌي شاعري - ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي، ص. ٧٥
٤. سنڌي نظم جي تواريخ - ليلارام رچنداڻي، ص. ٦٣

اعليٰ شاعر شاهه، سچل ۽ سامي پيدا ٿيا جن تي سنڌ کي ناز آهي. اِهو سنڌي شعر جو روحاني دؤر هو.

قاضي قاضن وڏو علمدان هو. اُنهن دنيوي علمن مان ڪيس رب جي راهه ڪين ملي. پنهنجو شخصي روحاني آزمودو پيش ڪندي هو سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو ته:

''اکر پڙهيا وسار، الف اڳهون ئي ياد ڪر،
سو تون ڏيئو ٻار، جو نه اُجهه ڪڏهين.''[1]

شاهه عبدل ڪريم بلڙيءَ وارو:(١٦٢٢ - ١٥٣٧)

شاهه عبدل ڪريم جو جنم ١٥٣٧ع ۾، شاهه لطيف کان اٽڪل ڏيڍ سؤ سال اڳه ٿيو هو. شاهه ڪريم کي سنڌي شاعريءَ جو ڏاڏو ڪري ليکيو وڃي ٿو، ڇو ته پڻائي گهوٽ جي شاعري پنهنجي تڙ ڏاڏي جي شاعريءَ کان گهڻي متاثر ٿيل آهي. ٻئي تمام وڏا شاعر آهن. ''لطيف چوڏس چندرما'' آهي ته ڪريم ''وهائو تارو'' ڪريم ۽ لطيف لفظن جو ارٿ به ساڳيو ته سندن سنديش به ساڳيو آهي. ''عبد'' جو ارٿ آهي ٻانهو يا غلام، پر هو ڪنهنجا به نوڪر نه آهن. هو شاعريءَ جا شهنشاهه آهن ۽ خود ''ڪريم ''معنيٰ ڪرم ڪندڙ ۽ ''لطيف'' معنيٰ ''لطف'' ڪندڙ. سندن ڪلام ۾ گيتا ۽ اُپنشدن جا پڙاڏا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.

اڄ اسان وٽ ڪريم جا فقط ٩٣ بيت آهن. جيڪي عاشقاڻيون ڪهاڻيون ڪريم پنهنجي ڪلام ۾ ڪنيون، لطيف به اُهيئي اپنايون پنهي جي ڪلام ۾ دنيا جي ڀيٽ ''درياهه'' سان ۽ حرصن حواسن جي مشابهت ''مڇن ڪڇن'' سان ڪئي آهي. ڪي سٽون جي شاهه ڪريم لکيون آهن سي هوبهو لطيف لکيون آهن. مثال طور ڪريم لکيو آهي:

''ڪاٺياريون ڪئن ڪن، عمر اچا ڪپڙا،
جن جا ور ٿرن ۾، وينا ويڻ سهن.''[2]

---

١. قاضي قادن جو ڪلام - شري هيرو ٺڪر، ص. ٤٠

٢- ادبي ليکه - هري دلگير، ص. ٥

اثرائتيون گهڻنائون چوندي اُنهن کي پنهنجي ڪاويه جو حصو بڻايو آهي ۽ اُنهيءَ جي آڌار تي روحاني رازن ڏانهن اِشارا ڪيا آهن.

هن دؤر ۾ سنڌ جا جيڪي صوفي شاعر رؤشنيءَ ۾ آيا آهن سي سيئي مسلمان آهن ۽ اِسلام جي اصولن ۾ سندن پڪو وشواس آهي. اِن هوندي به هو مذهبي تنگ دائري جي بندن کان آجا ۽ آزاد خيال آهن. سيني صوفي شاعرن جو مکيه مقصد آهي پنهنجي روحاني انڀو جو اِظهار ڪرڻ. صوفي سنڌي شاعرن جو ڪلام گهڻو ڪري ڏوهيڙن، سورٺن، بيتن، ڪافين، وائين ۽ غزلن جي روپ ۾ ملي ٿو. اِهو اڪثر جدا جدا سُرن ۾ ورهايل هوندو آهي. ڪن صوفي شاعرن س- حرفيءَ جي طرز تي الف - ب جا نمبر وار اکر کڻي اُنهن مان هرهڪ اکر سان شروع ٿيندڙ بيت چيا آهن.[1]

مکيه صوفي شاعر

قاضي قاضن (قاضي قادن)

قاضي قاضن جو جنم ۱۴۶۳ع ڌاري سنڌ جي تواريخي شهر بکر ۾ قاضي ابو سيد جي گهر ۾ ٿيو. قاضي قاضن جا وڏا سيوهڻ ۽ ٺٽي جا رهاڪو هئا، پر قاضي قاضن پنهنجي عمر جو گهڻو وقت بکر ۾ گذاريو. هي صاحب سنڌي شعر جي عمارت جو نقش نگار هو ۽ اُن جي پيڙه جو پٿر به هن عالم وڌو ۱۹۷۴ع تائين قاضي قاضن جا صرف ۷ بيت روشنيءَ هيٺ هئا. شري هيري ٺڪر کوج ڪري قاضي قاضن جو ڪلام شايع ڪيو آهي. جنهن ۾ شاعر جا ۱۱۲ بيت ڏنل آهن. اتفاق سان اِهو سمورو ڪلام شري هيري ٺڪر کي هرياڻا جي صوبي جي هڪ نندي مٺ مان دستياب ٿيو. اُنهن بيتن سان اُن عظيم روايت جي ابتدائي دؤرتي گهڻي روشني پوي ٿي. جو دؤر اڳتي هلي شاهه جي شعر جو روپ وٺي عروج تي رسيو. سنڌي شعر جو اِهو سونهري زمانو هو. اُن بعد ۾ يڪايڪ نه مورتي، ٿي

1. سنڌي ساهتيه جو اِتهاس- ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ص. ٦٨

ڪتل هوندو اٿس، تئن اسان سان به حالت آهي. هن حالت کي انگريزي ۾ "Passive Awareness" چئبو آهي. شاهه لکيو آهي:

”سي ستائي جاڳن ننڊ عبادت تن جي.“

شاهه عنايت الله رضوي:(١٦٢٥ع - ١٧١٣ع)

شاهه عنايت الله رضوي مغلن جي آخري دؤر ۾ ڪلهوڙن جي اوائلي دؤر جو مشهور شاعر ۽ درويش ٿي گذريو آهي. سندس جنم سنڌ جي رضوي خاندان ۾ نصرپور ۾ ٿيو. هن جا مريد کيس پيار ۽ سڪ وچان ”ميون شاهه عنايت“ به ڪري سڏيندا آهن. شاهه عنايت ننڍي هوندي کان ئي آزاد خيال ۽ مذهبي پابندين جي پرواهه ڪونه ڪندو هو. سندس مرشد قادري طريقي جو مشهور صوفي درويش خيرالدين هئو. جنهن جي درڳاهه سکر سنڌ ۾ آهي. شاهه عنايت جي هندو سنياسن ۽ ناٿ پنٿ جي جوڳين سان به گهڻي محبت هئي.

شاهه عنايت پنهنجو شعر پاڻ لکي ڪونه ڇڏي ويو. سندس وفات کان اٽڪل سؤ سال کن پوءِ سندس مريدن ۽ سندس تڙپوٽي اُميد علي شاهه کي جيڪي لکيل هو يا ياد هو اُن کي سهيڙي گڏ ڪيو. تازو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جدا جدا دستاويزن جي آڌار تي ۽ زباني روايتن ذريعي هن صوفي شاعر جو شعر گڏ ڪري ”ميمن شاهه عنايت جو ڪلام“ نالي سان آلوچناتمڪ ڍنگ سان سوڌي سهيڙي سنه ١٩٦٣ع ۾ ڇپائي ظاهر ڪيو آهي. منجهس ٤٦٩ بيت، ٢٤ وايون ۽ ٻيا وڌيڪ موقعي وار بيت ڏنل آهن. سمورو شعر جدا جدا سرن جي ٻالن سان وراهيل آهي. شاهه عنايت پهريون صوفي شاعر آهي. جنهن سنڌ جي چارڻن جون ڳاتل مشهور لوڪ ڪٿائون کڻي اُنهن کي جدا جدا سرن ۾ دل کولي ڳايو آهي ۽ اُنهن جي آڌار تي تصوف جا باريڪ نقطا پيش ڪيا آهن. اِهائي وات پوءِ سنڌ جي ممتاز شاعر شاهه عبداللطيف ۽ ٻين صوفي شاعرن ورتي آهي. هي صوفي شاعر، شاهه ڪريم ۽ شاهه عبداللطيف جي وچ جي ڪڙي آهي.[1]

---

١. سنڌي نظم جي تواريخ- ليلارام رچنداڻي، ص.١٠٤

لطيف هنن ٻن سٽن ۾ ٿورو بدلاءُ ڪري ٽين سٽ بہ جوڙي ڇڏي.

”هو جي حق ڀڃن، سي ڪئن سُٺيون سومرا!“

صوفي درويش هنج پکيءَ وانگر آهي، جنهن جي پريت اونهي ۽ اڇي پاڻيءَ سان آهي. اُن جي اُبتڙ ڪانءَ ڇاڇر ۾ ڇيرون ڪندا آهن. تانگهي پاڻيءَ ۾ ترهندا آهن. ڪريم لکي ٿو:

”هنج تِتهين هوءِ، اونهي ۾ اوڙاهہ جو،
ايءُ ڪانيرو ڪوءِ، جو ڇاڇر ۾ ڇيرون ڪري.“[1]

شاهہ پڻ ساڳيو سُر ٿو آلاپي:

”اڇو پاڻي لُڙ ٿيو، ڪانوُريو ڪانگن،
ايندي لڄ مرن، تنهن سَرَ مٿي هنجڙا.“[2]

ڪريم جي ڪلام ۾ هڪ دل کي ڇهندڙ خيال پيش آهي:

”ڇَريَن جان ڇِتُ ڪريو، سَڳ سيئي ڇِنُ.“
لطيف ساڳيو خيال هيئن لکيو آهي.”جي ڀانئين جوڳي ٿيان تہ سَڳ سيئي ڇِن.“ هن خيال جي آڌار تي لطيف ٻيا بہ ڪيترائي بيت جوڙي ڇڏيا آهن، جي ”سر رامڪلي.“ ۾ اچن ٿا.
ڪريم هڪ قدرتي اُستاد شاعر هو. ڪنهن پڇيس تہ تون ڪوڏر هلائيندي خدا کي ياد ڪيئن ٿو ڪري سگهين. جواب ڏنائين

”پاڻياريءَ سِر ٻهڙو جر تي پکي جيئن،
اسان سڄڻ تيئن، رهيو آهي روح ۾.“[2]

جئن هڪ پاڻي ڀريندڙ عورت سر تي بہ دلا کڻي گهمندي آهي پر سندس ڌيان دلن ۾ هوندو آهي يا جئن جل ۾ پکي ترندو آهي پر ڌيان پاڻيءَ ۾

١.٢- ادبي ليکہ - هري دلگير، ص. ٥
٢. لطيفي لاتِ ۽ سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو گڏيل ايياس - ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ص. ٨٢

”ساهڙ سا سهڻي، سائر پڻ سوئي،
آهه نجوئي ڳجهه ڳجهاندڙ ڳالهڙي.“[1]

شاهه صاحب لوڪ ساهتيه کي اُنهيءَ پد تي آندو جنهن تي ٻين مها ڪوين گهڻي جاکوڙ سان پنهنجن رچنائن کي رسايو.

شاهه جي هڪ هڪ بيت ۾ سنڌيت جو عڪس نمودار آهي. شاهه جي واتان سنڌيت جي آتما تي پاڻ ٻوليو. شيڪسپيئر جي ناٽڪن مان انگلنڊ جي نر نارين، پکين ۽ جانورن، گلن ۽ گاهن جي ايتري سمڪ نه پوندي جيتري ڪ شاهه جي شعر مان سنڌ جي پراڻين چيزن بابت پئجي سگهي ٿي. شاهه جو شعر پڙهندي سنڌ جا ڪوري ۽ ڪلال، صراف وڻجارا، ڪامورا ڪمدار، ميهار مارو، جت ۽ سردار، مهاڻا ۽ گاذر، چارڻ ۽ ناچو اکين اڳيان ٿا اچيو بيهن. شاهه جي ڪهاڻين ۾ سنڌ جو درياهه ۽ سنڌ جون ڍنڍون، سنڌ جا ڏونگر ۽ سنڌ جون پٽون، سنڌ جا ڪوٽ ۽ سنڌ جا پکا من کي موهين ٿا. شايد شاهه ئي يگانو شاعر آهي جنهن صحيح معنيٰ ۾ سنڌيت جي ترجماني ڪئي آهي.[2]

شاهه جي شعر مان ظاهر آهي ته هن جو اندر علم الاهيءَ جي بي انت خزانن سان ڀرپور هو ۽ راهه رب جو پانڌيئڙو هو. چوي ٿو:-

”پڙهيو ٿا پڙهن ڪڙهن ڪين قلب ۾.“[3]

سندس رسالي ۾ هر جا هر قدم اکيچار ناصحانه نقطا ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. جن جو پڙهندڙن تي ايترو ته ڀرپاءُ ٿئي ٿو جو هوُ اُنهيءَ وقت پنهنجي اندر ۾ روحاني طاقت کي نفساني طاقت مٿان قابض سمجهي ٿو ۽ شيطاني آواز سندس اندر مان ڪافور ٿيو وڃي. جهڙي طرح پاڻ تنقيد ڪندي پڙهندڙن کي پنهنجي بيتن جي سچي مطلب ڏانهن

---

١. شاهه جو رسالو- ڪلياڻ آڏواڻي، ص.٩١
٢. شاهه جا سورما ۽ سورميون - پوپٽي هيرانندااڻي، ص. ٤٧
٣. لطيفي لات - فتحچند واسواڻي، ص.٩٣

شاه لطيف جي شعر جو اڀياس ڪرڻ سان اِها ڳالهہ صاف ظاهر ٿي پوي ٿي تہ هو شاه عنايت جي شعر کان گهڻو پرڀاوت ٿيو آهي. جيئن تہ:

شاه عنايت

”مونکي آهي من ۾ چنڊ تنهنجي بات،
الله لڳہ عنايت ڇئي تون اچو منجهہ رات،
تن جنهين جي تات، سي ڏسين تون ڏيکار مون.“[1]

شاه لطيف:

”چنڊ تنهنجي ذات، پاڙيان تان نہ پريئن سين،
تون اچو ۾ رات، سڄڻ نت سوجهرو.“[2]

شاه عبداللطيف:(۱٦٨٩-١٧٥٢)

شاه صاحب شاعرن جو سرتاج يا تاج الشعرا آهي. شاه دنيا جي وڏن شاعرن مان هڪ آهي. شعر جون جيڪي بہ خوبيون ساريون وڃن ٿيون جهڙوڪ وضاحت، بلاغت، سلاست، جدت ۽ جوش تنهن کان سواءِ تشبيهون، اشتعارا، سي سڀ اُن ۾ مؤجود آهن. شاه صاحب جي شعر ۾ ٻوليءَ جي مڌرتا خيال جي بلندي ۽ آشا جو سنگيت سمايل آهي. هن سنڌ جون لوڪ ڪٿائون ڪنيون ڪري هڪ ئي ڌاڳي ۾ پوتيون، جنهن ڌاڳي کي تصوف بہ ڪري چون ٿا، ڪي ويدانت بہ چون. سندس بيتن آيتن جو ڪم ڏنو ۽ پڙهندڙ يا ٻڌندڙ جو من پڙيان سندي پار ڏي نيو. سندس واين جيءَ اندر جوش جاڳايو ۽ جيو آتما کي پرماتما جي تلاش لاءِ تڙقايو. شاه جي بي نظير شبدن ۾ سنڌي روايتن، سنڌين جي جيوت ۽ سنڌ جي سونهن کي قلمبند ڪيو ۽ نيٺ ڦيري ڦيري پنهنجن طالبن کي مول ڳالهہ تي آندو تہ جنهن کي اسين ڳولهيون ٿا سو اسين پاڻ آهيون.

١-٢. سنڌي نظم جي تواريخ- ليلارام رچنداڻي، ص.١٢۴.

شاهه ۽ سچل جي شعر ۾ ڦير هيءُ آهي. شاهه شريعت کي به شرف ڏنو آهي. سچل طريقت کي ترڪ ڪري گهڻو تڻو حقيقت ۽ معرفت کي لڳي ويو آهي. سچل لاءِ حد مقرر ڪرڻ واجب ناهي سندس سموري ڪلام جو مرڪزي خيال ”پاڻ سڃاڻڻ“ تي ٻڌل آهي. سچو پاڻ کان ٿو پڇي: ”سچو نانءُ ٿو سڏائين، چؤ ته ڪاٿي تون آهين.“ وري چوي ٿو:

”آهيان هٿ نه پير، چؤ ته آهيان ڪير؟“[1]

صوفين جو اول اصول آهي ”پاڻ سڃاڻڻ“ جيئن سچل چوي ٿو:

”شڪ شبه سڀئي لاٿم پاڻ سڃاڻڻ سان يقين.“[2]

سچل ۾ اندرئين اپياس جون گهڻيون ڳجهارتون آهن، جي نج ويدانت جو وستار آهن. صوفي ”پاڻ سڃاڻڻ“ جي واٽ ۾ ٻن حالتن ۾ ٿو گذاري ”ڪڏهن آهيان“ ۾ ”ڪڏهن نه آهيان“ ۾ اِنهيءَ ”فنا ۽ بقا“ جي ڳجهارت سچل خوب کولي ڦولهي آهي. اِها پڙهندڙ پاٺي پڙهن جو سچل جو ڪلام ڪين اِنهيءَ ڳجهه ڳجهارندڙ ٻالهڙيءَ کي سمجهڻ ۾ خوب هٿي ڏيندو. جيئن پاڻ چيو اٿس:

”آهيان جي وچ ناهيان،
ناهيان جي وچ آهيان،
اِها ڳجهي ڳجهارت ٻايان،
ڪه سچل اِن گليان وچ،
گم هوئي لڪ پاتشاهيان.“[3]

ڪلهوڙن ۽ ميرن جي راڄ جا صوفي شاعر:

ڪلهوڙن ۽ ميرن جي راڄ واري زماني ۾ ڪيترائي صوفي درويش

---

١. سچل سرمست جو چونڊ ڪلام - ڪلياڻ آڏواڻي، ص. ٤٧
٢. سچل سرمست جو چونڊ ڪلام - ڪلياڻ آڏواڻي، ص.٤٨
٣. ساهتيه سنسار - ڀاڱو پهريون-ڊاڪٽر موتيلعل جوتواڻي، ص. ٣٣

اِشارو ڪندي فرمائي رهيو آهي.

”جي تو بيت ڀائين سي آيتون آهن،
نيون من لائين، پريان سندي پار ڏي.“[1]

سچل(۱۷۳۹-۱۸۲۹)

اسان سنڌين جي خوشقسمتي آهي جو شاه ڪان هڪدم پوءِ هڪ اهڙي ڪوي پر ۾ پير پاتو جنهن در ديوار هڪ ڪري ڇڏيو. جنهن جي مستيءَ، چوٽ خياليءَ ۽ اُڏام مُردن ۾ به ساه ڦوڪي ڇڏيو. سچل سرمست کي نه ليبل لڳائي سگهجي ٿو ۽ نه ٽپو. جنهن ڪامل چيو ته:

”نه مين آب، نه مين تاب، نه مين ابر، نه آفتاب.“

سچل شاه وانگر شب ۾ نه ٻوليو. هو مست ۽ بي باڪ هو، جيڪي آکڻو هوس سو ٺوڪي ٺوڪي چيائين. شاه چيو:

”روزا ۽ نمازون اي پڻ چڱو ڪم،
او ڪو ٻيو فهم جنهن سان پسجي پرينءَ کي.“[2]

ته سچل کولي چيو:

”ڪيڙو مست پرينءَ جي ناز مونکي، وسريو روزو ناهي ياد نماز مونکي.“

هو سچ تي بيٺو ۽ پاکنڊين جي لاٿائين، صاف صاف چيائين:

”ڪُٺ ملان جي نوڙ نوڙ، عشق پيوسين زور زور“[3]

”سچل“ کي ”سرمست“ به ڪري ٿو سڏجي، ڇو جو مٿس اڪثر حال واري حالت جو زور طاري هوندو هو. اها مستي سندس ڪلام ۾ به عيان آهي.

---

١. شاه جو رسالو- ڪلياڻ آڏواڻي، ص.٩٥
٢. سچل سرمست جو چونڊ ڪلام - ڪلياڻ آڏواڻي، ص. ٥
٣. سچل سرمست جو چونڊ ڪلام - ڪلياڻ آڏواڻي، ص. ٢٧

سندس ڪلام ۾ ويدانت جي ويچار ڌارا ملي ٿي. ڪيس سڀ ۾ هڪ برهم نظر اچي ٿو.
چوي ٿو:-

”رب مڙيوئي هڪڙو تنهن ۾ ڦند نہ ڦير.“[۱]

ڪوي جيو کي جاڳرت ڪندي چوي ٿو تہ تون اجايو آنند لاءِ ٻاهر ڀٽڪين ٿو پر تو وٽ ئي سڀ مؤجود آهي.

”وڻج وهائڻ ڪاڻ ڇو وڃي ٻي هٽ،
توکي پٽ پٽيهر پنهنجو وڻج مڙيوئي وٽ،
جنهن ۾ نشو نيهن جو ساڪا ڪوئي پٽ،
روحل محبت مور م مٽ، توکي سڪ ۾ ڏيندو سوجهرو.“[۲]

روحل ساڌڪ کي پنهنجي آتم سروپ سڃاڻڻ جو آديش ڏنو آهي تہ اندر ۾ کوج ڪري پريئن کي پراپت ڪر. روحل فقير جنهن کي صوفين جي صف ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو سو حقيقت ۾ سنت ڪوي هو.هن صاحب پريم کان وڌيڪ اهميت گيان کي ڏني آهي. سندس ڪلام ۾ ويدانت جي ويچارڌارا ملي ٿي. ڪيس سڀ ۾ هڪ برهم نظر اَچي ٿو.

روحل جو شعر پارسيءَ، سنڌي ۽ هندي ٻولين ۾ چيل آهي. هن صوفي درويش جو هندي ڪلام من پربوڌ، اديت گرنٿ، سروگيان ۽ اگم وارتا نالن سان سنگره ڪيو ويو آهي.

مراد فقير: (۱۷۴۳ - ۱۷۹۶)

مراد فقير روحل فقير جو ويجهو عزيز ۽ مريد هئو. هن بہ روحل فقير وانگر سنڌيءَ سان گڏوگڏ هنديءَ ۾ ڪلام چيو آهي. سندس هندي رچنا جو نالو آهي ”پريم گيان“ ازانسواءِ سندس پنجابي ۽ فارسيءَ ۾ بہ ڪلام

۱. سنڌي ساهتيہ جو اِتهاس- ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ص. ۸۹
۲. سنڌي ساهتيہ جي جهلڪ- پوپٽي هيراننداڻي، ص. ٦٨

ٿي گذريا آهن جن سنڌي شعر جا گهڙا ڀريا آهن؛ جيئن تہ شاهہ عنايت الله صوفي (وفات ١٧١٧ع سندس درگاهہ جهوڪ ميراپور ۾ آهي)
فقير صاحب - ڏنو فاروقي (١٧٨٨ - ١٦٨٩)، ميون عسيٰ، تمر فقير، صالح فقير، خواجا محمد زمان (١٧٧٤ - ١٧١٢)، مخدوم عبدل رحيم گرهوڙي، فقير محمد صديق ”صادق“، حضرت بقا راشدي (١٧٨٣ - ١٧٢١) ۽ پير علي گوهر شاهہ ”اسگر“.[1]

روحل:(١٨٠٤-١٧٣٤)

هن زماني جي صوفي شاعرن ۾ ڪنڊڙيءَ جي صوفي درويشن جو نرالو استان آهي. اِنهن جو سرمور آهي روحل فقير. روحل شاهو فقير جو پٽ هو ۽ اصل ۾ ٿرپارڪر ضلعي ۾ امرڪوٽ جي پرسان ڪنهن بستيءَ جو رهاڪو هو. جوانيءَ ۾ غلام شاهہ ڪلهوڙي ۽ سندس پٽ سرفراز ڪلهوڙي وٽ سرڪاري نوڪري ۾ هئو، پر پوءِ سياسي منصوبن ۽ چالبازين کي ڏسي سندس دل دنيوي ڪمن کان ڪنّي ٿي پيئي ۽ سڀ ڪجهہ ڇڏي وڃي پنهنجي ڳوٺ ۾ غوشي نشين ٿيو. روحل فقير گهڻا ئي سئر سفر ڪندي ڪيترن مهاتمائن جي سنگت مان لاڀ حاصل ڪيو. ڪن زميندارن سندس مشهوري ڏسي ساڻنس پائي ڪنئي. لاچار روحل فقير اُهو ڳوٺ ڇڏي ڪُٽنب سوڌو ٻيءَ بستيءَ جي تلاش ۾ روانو ٿيو. روهڙي تعلقي جي هڪ غير آباد پٽ تان جيئن پنهنجي اٺالي سميت لنگهيو پئي تڏهن وات تي هڪ ڪنڊ جي وڻ ۾ سندس ڪپڙي جو پلئه وڃي اٽڪيو. فقير صاحب اِن رواجي رڪاوٽ کي خدائي حڪم سمجهي اُتيئي رهڻ جو فيصلو ڪيو. اِها بستي پوءِ ڪنڊڙي جي نالي سان مشهور ٿي. روحل صاحب اِنهيءَ بستيءَ جو وڏي حب ۽ سڪ سان ذڪر ڪيو آهي.

”ڪنڊڙيءَ ۾ ڪلتار ڏٺوسين، رانجهو رمزن وارو يار.“[2]

---

١. سنڌي ساهتيہ جو اِتهاس - ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ص-٨٩
٢. سنڌي ساهتيہ جو اِتهاس- ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ص. ٨٩

موسيقي ۽ ميناج آهي. تجنيس حرفي ۽ استعارن جو بہ ٺهڪندڙ استعمال ٿيل آهي.

گيان مارگي ڪاويہ ڌارا :-صوفي ڪاويہ ڌارا جو بنياد اِسلام مذهب تي ٻڌل آهي، پر گيان مارگہ جي سنت ڪوين جي ويچارڌارا جي پيڙهہ شنڪر آچاريہ جي ادويت ويدانت تي ٻيٺل آهي. صوفي شاعر توڙي گيان مارگي سنت ڪوي ٻئي نرگڻ نراڪار پرماتما جي اُپاسنا ڪن ٿا. پرماتما کي پراپت ڪرڻ لاءِ ٻنهي ڌارائن جي شاعرن جگياسوءَ يا سالڪ ۾ آتمڪ گيان (علم معرفت) ۽ پريم ڀاونا (عشق) جو هئڻ ضروري ٻڌايو آهي. پر صوفين گيان جي ڀيٽ ۾ پريم ڀاونا جي هئڻ کي وڌيڪ اهميت ڏني آهي ۽ گيان مارگي سنت ڪوين پريم ڀاونا جي ڀيٽ ۾ آتمڪ گيان جي پراپتيءَ تي وڌيڪ زور ڏنو آهي. صوفي شاعرن آتمڪ پريم (عشق حقيقي) تائين پهچڻ لاءِ دنيوي پريم (عشق مجازي) کي هڪ ڏاڪو سمجهيو آهي. پر گيان مارگي ڪوين اِنهي قسم جو ورنن نہ ڪيو آهي. صوفي ڪاويہ ڌارا ۾ پريم ڀاونا جي اهميت کي ڏسي اِنهيءَ ڌارا کي پريم مارگي ڪاويہ ڌارا بہ سڏيو ويو آهي. صوفين روحاني رازن جو ذڪر ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪري مڪاني لوڪ ڪٿائن جو سهارو ورتو آهي. پر گيان مارگي ڪوين سڌيءَ طرح سؤلي ٻوليءَ ۾ پنهنجن اُمنگن ۽ ويچارن جو اِظهار ڪيو آهي.[1]

گيان مارگي سنت ڪوين جي ڪاويہ جو مکيہ وشيہ آهي پرماتما جي سروپ جي باري ۾ پنهنجي انڀو جو ورنن. اِنهيءَ آتمڪ انڀو جو ورنن ڪندي ڪوين پرماتما جو آتما ۽ سرشٽيءَ سان ڪهڙو سنٻنڌ آهي. اِنهيءَ راز تي بہ روشني وڌي آهي ۽ اِنهيءَ سان لاڳاپو رکندڙ ٻين وشين تي بہ پنهنجا ويچار ظاهر ڪيا آهن. جيئن تہ: جپ، تپ، ويراڳ جي روپ ۾ پرماتما جي نام - ڪيرتن جي مهما؛ چت جي شديءَ لاءِ يوگہ، ڌيان ۽ سماڌيءَ جي ضرورت؛ آتم گيان، ڀڳتي ۽ پريم جي اهميت؛ ساڌنا جي مارگہ ۾ گروءَ جي ضرورت؛ ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ،

---

١. سنڌي ساهتيہ جو اِتهاس- ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ص. ٩٢

آهي. فارسيءَ ۾ ته سندس مڪمل ديوان آهي. سندس شعر ۾ موسيقيءَ
مٺاس آهي.

روحل کي چار پٽ هئا شاهو، غلام علي، درياه خان ۽ خدابخش.
اُنهن به سنڌي ۽ هنديءَ ۾ شعر چيا آهن. ڪنڊڙيءَ جي اِنهن درويشن
جي ڪلام ۾ سنڌ جي صوفي ڪوين چاهي ڀارت جي هندي ڀڳت ڪوين
جي ويچارڌارا جو انوکو سنگم نظر اچي ٿو. اِنهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته سندن
ڪاويه جي مکيه ويچارڌارا تصوف واري آهي. اِنڪري کين صوفي ڪوين
جي قطار ۾ ليکيو ويو آهي. اِنهن درويشن جي پارسيءَ ، سرائڪي ۽
سنڌي شعر ۾ صوفي مت جو سُر پرڌان آهي ته سندن هندي ڪاويه ، ڀاو
توڙي ڪاويه شعليءَ جي لحاظ کان هنديءَ جي ڀڳت ڪوين جي واٽيءَ
کان پرڀاوت آهي. هيٺ ڪجھه مثال ڏجن ٿا.

شاعر مراد پنهنجي اندر چاهي ٻاهر ساري دنيا ۾ هڪ ئي حبيب ڏسي
ٿو:

”جئن سر ساه سرير ۾، تئن سوڌو ساماڻو،
ڊٺ پٽ وائي هيڪڙي، سڀ راڻو ئي راڻو،
پر جي مون جئن جاڻو، ته پسو محب مراد چوي.“[1]

مراد فقير روحاني راه ۾ من مارڻ ۽ وحدت جي واٽ وٺڻ لاءِ تاڪيد ڪندي
چوي ٿو:

”دنياڪارن دين کي تو ورسيو وسارين،
ڪٿي بازي باڻورا، هٿين تو هارين،
ماري من مراد چوي، جي واحدت ڏي وارين،
ته هوند جا ڏي نهارين، تاڏي سڄڻ پسين سامهون.“[2]

مراد فقير جي ٻولي نج سنڌي آهي جنهن ۾ وديشي شبدن جو
استعمال ڪين ٿيو آهي. هن صاحب ڪجھه ڪافيون به لکيون آهن جن ۾

۱.۲. سنڌي ساهتيه جو اِتهاس- ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ص. ۲۲۸

برهم آهي جا اگيان وس ٿي پاڻ کي برهم کان جدا سمجهي ٿي. اگيان جي ناس ٿيڻ سان ۽ آتمڪ گيان جي حاصل ٿيڻ سان جيو آتما کي آنند جي پراپتي ٿئي ٿي. شنڪر آچاريہ جي مت مؤجب گيان جي پراپتي ئي مکيہ اُديش آهي ڇاڪاڻ جو اُن جي ذريعي ئي موڪش ملي ٿو. ڪرم يوگ، ڀڳتيءَ وغيره جي ضرورت فقط ساڌڪ جي من کي گيان پراپتيءَ لاءِ تيار ڪرڻ لاءِ آهي.[۱]

گيان مارگي ڪاويہ ڌارا جا سنت ڪوي :

ڀڳتي ڪاويہ جي گيان مارگي ڌارا جا مکيہ سنت ڪوي آهن سامي ۽ دلپت. اِنهن کان سواءِ گيان مارگ جي ٻين جن سنت ڪوين جي ڄاڻ پيئي آهي سي آهن: دادو ديال، سوامي پراڻناٿ ۽ ڀائي آسرداس. سامي ۽ پنهنجن سلوڪن ۾ ڪِن ڪِن هنڌ اُنهن سنتن ۽ مهاپرشن جا نالا ڏنا آهن جن جي سنگ مان هن گهڻو ڪجهہ پرايو آهي. جيئن تہ:

(۱) تنو چوي تتي، چوڻ چارو ناهين ڪو.
(۲) پورن جيپج پٽو چوي، جو لالن جو لال.
(۳) تڏهن من تتائون، ڇا ڪٽنديڻ ڪيمو چوي.

اهڙي طرح سامي ۽ جي سلوڪن ۾ ٻيا بہ ڪجهہ نالا ملن ٿا: سڪوُ ڀڳت، لکو ڀڳت، ٻالو ڀڳت وغيره. اِهي سنت سامي ۽ جي وقت جا يا ڪائنس ڪجهہ عرصو اڳ جا ٿا ڏسجن. اِنهن جي باري ۾ سواءِ سندن نالن جي ٻي ڪابہ وڌيڪ ڄاڻ ڪانہ پئجي سگهي آهي. ”سامي“ ۽ ”دلپت“ جو جائزو وٺڻ کان اڳ هِتِ اسين دادوُ ديال، سوامي پراڻناٿ ۽ ڀائي آسرداس تي ڪجهہ روشني وجهنداسين.[۲]

سنت دادوُ ديال: (۱۶۰۳ - ۱۵۴۴)

سنت دادوُ ديال جي واٽي مکيہ طرح پشچمي راجستان جي ميل

---

۱. سنڌي ساهتيہ جو اِتهاس- ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ص. ۹۵
۲. سنڌي ساهتيہ جو اِتهاس- ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ص. ۱۰۲

اهنڪار جو تياڳ؛ ساڌ سنگت يا ستسنگ جو مهتو؛ اگياني ۽ مورک منشيہ جو ورنن؛ جڳت ناسونت آهي ۽ مايا جو کيل آهي. اِنهيءَ جي شناس؛ ڏيکہ- ويکہ ۽ اڊمبر جي نندا؛ ڪهڻيءَ جي پيٽ ۾ ڪرڻي يا رهت جي اهميت؛ انهد شبد جو بيان؛ پرماتما جي درشن وقت جيو آتما کي حاصل ٿيندڙ آتمڪ آنند جو ورنن.

هتي اِنهي ڳالهہ کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ سنت ڪوين جو مکيہ اُديش آهي پنهنجي آتمڪ انڀو کي سڌي سنواڻي ۽ سرل ٻوليءَ ۾ ظاهر ڪرڻ. اِنڪري سندن ڪوتا ۾ دارشنڪ ويچارن جو ورنن سلسليوار سڌانت جي روپ ۾ ٿيل نہ آهي ۽ نکو هنن پنهنجيءَ ڪويتا ۾ چند شاستر ۽ ڪاويہ شاستر جي نيمن جو پالن ڪيو آهي. جيڪڏهن اُنهن جي ڪاويہ ۾ ڪي النڪار استعمال ٿيل آهن يا سندن ڪاويہ ماترائن ۽ ورڻن جي ڳڻپ مؤجب صحيح ثابت ٿي آهي تہ اهڙا مثال سوڀاويڪ سمجهڻ گهرجن. اِهي ڪوي بنيادي طرح سنت ۽ ڀڳت آهن. هو دارشنڪ آچاريہ ۽ پختا شاعر نہ آهن.[1]

ويدانت مت :

ويدانت لفظ جي اکري معنيٰ آهي ويدن جو انت ويدڪ ساهتيہ جو آخري حصو آهن اُپنشد، اِنهي ڪري ويدانت جي معنيٰ اُپنشدن جو گيان بہ آهي. ويدانت کي ''اُتر ميماسا'' بہ سڏيندا آهن. اُپنشدن جو گيان ڇا آهي.اِنهيءَ کي سمجهڻ لاءِ گهڻائي ويدانتي سمپراديہ آهن. اِنهن سيني ۾ شنڪر آچاريہ جو ادويت ويدانت ايتري قدر تہ مشهور آهي جو گهڻو ڪري ويدانت لفظ جي معنيٰ ئي سمجهي ويندي آهي شنڪر آچاريہ جو ويدانت مت.

سنڌي سنت ڪوين جا آتما - پرماتما سنبنڌي ويچار مکيہ طرح سان شنڪر آچاريہ جي ويدانت مت تي ٻڌل آهن. جنهن مؤجب ''برهم ستيہ'' ''جڳت مٿيا''. هي جڳت مايا جو کيل آهي. جيو آتما خود ئي

---

1. سنڌي ساهتيہ جو اِتهاس- ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي، ص. ٩۴

سنڌي واڻيءَ جو پستڪ ”شري مهامتي پراڻناٿ پرڻيت سنڌي واڻي“ پروفيسر ماتا بدل جيسوال سمپادت ڪيو آهي. سنڌس دوهن مان اڌياتمڪ ويچار ڌارا جي جهلڪ ملي ٿي.

”هڪ منگان ديدار تنهنجو، ٻي منڙي ڳال سڻاءِ
ڪانڌ منهنجا دل ڏيئي، مون سان هت ڳالاءِ،
هاڻي وڏيون اُميدون اڳيان ڪي پوريون ڪندي ڪانڌ،
هاڻي پيرن لڳي منگان ايترو، پائي ڳچيءَ ۾ پانڌ.“[1]

پراڻناٿ جي ڪوتا ۾ وره به آهي:

”سڪان سڏان ديدارڪي، ٻي سڻڻ ڪي ڳال،
مون وجود ناسوت ۾، تون ڏٽي بقا نور جمال.“[2]

هن دوهي ۾ صوفين جي شبداولي وجود، ناسوت، نور جمال پڻ استعمال ٿي آهي. ڪوي پراڻناٿ جي ڪن دوهن ۾ اُتر سري واري سنڌي، ته ڪن ۾ لاڙ جي سنڌيءَ جو لهجو آهي، ته ڪن ۾ وري ڪڇي اُپ ڀاشا جي جهلڪ ملي ٿي.

ڀائي آسرداس:

ڀائي آسرداس لاءِ چيو وڃي ٿو ته هيءُ مهاپرش حيدرآباد سنڌ ۾ رهندو هو ۽ جهوڪ شريف جي مشهور صوفي درويش ميران شاهه جو صحبتي هو. ڀائي آسرداس جي علم ۽ گيان جي هاڪ هنڌين ماڳين ڦهليل هئي. سنڌ جو مشهور سنت ڪوي دلپت ڀائي آسرداس جو شش هو. ڀائي آسرداس پاڻ به سٺو شاعر هو. افسوس جو سندس ڪلام اڃا تائين روشني ۾ ڪونه آيو آهي.[3]

۱.۲. سنڌي ساهتيه جو اِتهاس- ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ص. ۹۴
۳- سنڌي شعر جي تواريخ - ڊاڪٽر ديال آشا، ص. ۵۲

واري هندي ڀاشا ۾ آهي. هن سنت ڪويءَ ڪجهہ دوها سنڌيءَ ۾ بہ چيا آهن. دادو ديال پشچمي راجستان جو رهاڪو هو. ڪن ودوانن هن کي برهمڻ ونش ۾ پئدا ٿيل ٻڌايو آهي تہ ڪن وري کيس جات جو ''پيڃارو'' ثابت ڪيو آهي. ٽيهن سالن جي عمر ۾ دادو ديال سانڀر شهر ۾ برهم سمپرادئہ جو پايو وڌو. چون ٿا تہ سنت دادو ديال پنهنجي زماني ۾ ايترو تہ مشهور هئو جو اڪبر بادشاه کيس فتحپور سيڪريءَ ۾ گهرائي ستسنگ ڪيو هئو، جو سانده چاليهہ ڏينهن هلندو رهيو. سندس دوها گيان ۽ فيلسوفيءَ سان ڀريل آهن. سنت دادو هر وستو ۾ پرماتما کي وياپڪ ڏسي ٿو. هو اُهو خيال اُپمائن دواران پيش ڪندي چوي ٿو:

''دادو جئن تيل تلن ۾، جئن گند ڦلن،
جئن مکڻ کير ۾، تئن رب رهن.''[1]

سنت دادو سالڪ کي انتهہ ساڌنا جي صلاح ڏيندي چوي ٿو:

''دادو غافل ڇو وتين، منجهين رب نهار،
منجهيئي پي پاڻ جو، منجهيئي ويچار.''[2]

''دادو جهاتي پائي پس پري، هاڻي لاءِ م وير،
سڀ سيوئي هليو، پوءِ پسنديون کير.''[3]

سوامي پراڻنات: (١٦١٨ - ١٦٩٤)

سوامي پراڻنات جو جنم سنہ ١٦١٨ع ۾ سوراشٽر جي ڄام نگر ۾ ٿيو. سوامي پراڻنات گجراتي، هندي ۽ سنڌيءَ ۾ شلوڪ چيا آهن. سنڌيءَ ۾ سندس اٽڪل ٦٠٠ شلوڪ چيل آهن. سنڌي ساهتيڪار شري جهمون ڇڳاڻي هن سنت تي کوج گرنٿ لکيو آهي. سوامي پراڻنات جي ماتا سنڌي هئي. سندس گروءَ جي ماتر ڀاشا بہ سنڌي هئي، اِنڪري هي گروءَ کان سنڌي سکيو ۽ سنڌي ڀاشا ۾ پڻ ڪاويہ رچنا ڪيائين. سندس

١.٢.٣. سنڌي شعر جي تواريخ- ڊاڪٽر ديال آشا، ص. ٥٠

سامي صاحب ويدانت مت جو هو. ويدانتن جو مول منتر ''اوم'' آهي. سامي صاحب جي سلوڪن ۾، ''اوم'' جي وڏائيءَ ڏانهن اِشارا موجود آهن.

''اندر ۾ آهي، اُچار اونڪار جو،
جو پيرن سان پنڌ ڪري، ۽ هٿن سان هلائي،
جو واٽي ڪري وات سان، خوشيءَ سان ڪائي،
مينگها منهن پائي، ڪي تنهن کي پسج پاڻ ۾.''[1]

ساميءَ جا سلوڪ هيٺين مکيه سِرن ۾ تقسيم ڪري سگهجن ٿا.

(۱) مايا (۲) اوديا (۳) مورکه (۴) اگياني (۵) گرمکه (٦) ايشور (۷) ساڌ سنگت (۸) پريم ۽ محبت وغيره اِنهن مڙهني سِرن هيٺ جيڪي سندس سلوڪ رچيل آهن، اِنهن ۾ انيڪ اُپمائون، روپڪ، اِشتهارا جنجهيا پيا آهن. ساميءَ جي ويچار شڪتي به قابل داد آهي جو انيڪ ڳوڙها ۽ پيچدار مسئلا بلڪل آسانيءَ سان چيدن ۽ مايدار لفظن ۾ ظاهر ڪيا آهن. مثلا چوي ٿو ته:

''مڙهيءَ منجهه مڙهي، تنهن ۾ مڙهي دوست جي؛
پاڻ مڙهيءَ کون پار ٿي، چاڙهي ڏس چڙهي،
پيچي پرم گهڙي، ناٽ مليو نج ناٽ سان.''[2]

دلپت :

ڪوي دلپت جو جنم سنڌ جي اِتهاسڪ شهر سيوهڻ ۾ سنه ۱۷٦۹ ع ڌاري ٿيو. سندس حياتيءَ جو مڪمل احوال ڪونه ٿو ملي. سندس باڻيءَ مان ظاهر آهي ته هن صاحب سنڌي ۽ هندي ڀاشا ۾ چڱو ئي اڀياس ڪيو هوندو. حيدراباد ۾ ميرن وٽ نوڪري ڪندي چڱا عهدا ماڻيا.

۱. سامي جا چونڊ سلوڪ - بي.ايڇ ناگراڻي، ص. ۱۳
۲. سامي جا چونڊ سلوڪ - بي.ايڇ ناگراڻي، ص. ٦٨

سامي: (۱۷۴۳-۱۸۵۰)

سامي سنڌين جو مهان ڪوي آهي. سندس ڪوِتا هڪ ماٺيڙو وهندڙ درياهه آهي. جنهن ۾ نه ڪُنن جا ڪڙڪا ٻڌجن ٿا، نه درد جون داهون ڪَنِ پون ٿيون؛ نه تکا طوفان لڳن ٿا، نه هولناڪ هُل مچي ٿو، نه موُجن جو مارو آهي، نه ڦوٽن جي ڦسڻ ڪان ڪناري تي ڦيڻ يا ڳج جهڙو نظارو آهي. اوراڙ ڪان پرار تائين هڪ ماٺ جو آواز ٻڌجي ٿو جو مٿي ڪان هيٺ تائين ڪُل آوازن جو جوڙ آهي. اِهو آواز پنهنجي پيٽ ۾ هڪ اهڙو ڀيد سمائي رکي ٿو جو هر بلنديءَ ۽ پستيءَ جو پايو آهي ۽ اِهو راز سڀني ڌرمن، مذهبن، پنٿن ۽ فرقن جي سکيا جو سار آهي. آسمان سوين رنگ ڪري، زمين سوين ويس مٽائي. زير زبر واريون سڀ شيون بدلجي پون ته به اِهو راز، راز ئي رهي ٿو. نه منجهس فرق پوي ٿو نه ڦيرو. جيئن جپ صاحب ۾ چيل آهي:

”آد سچ، جڳاد سچ، هئي ڀي سچ، نانڪ هو سي ڀي سچ.“

انهيءَ سچ جي هوڪي سان سامي صاحب جا سمورا سلوڪ ڀرپور آهن:

”سامي سڀ ديدار، اٿي عجيبن جو،
ڏسي ٻڌي پاڻ ٿو، ٻولي ٻولڻهار،
نرآڪار آڪار، ڌاري آيو جڳ ۾.“[۱]

آتمڪ درشنيءَ جا صاحب ٿا ڄاڻائين ته مانڪ ديهيءَ جي جدا جدا اِسٿانن ۾، نرالن نرالن نمونن ۾ سازن جا آواز آهن. سنگ، مرڏنگ، سارنگي، بين ۽ بانسري، اِنهن سڀني جي ڪُنجي، ”گُر شبد يا گُر منتر“ آهي. افسوس جو مانکه ويچارا، اِنهيءَ اندرئين آنند ڪان غافل گهمندا وتن.

”پٽي ڏسن نه پريم سان، سامي دسوون دوار،
جنهن ۾ اکٽ ڀنڊار، رهي سدائين سهج جو.“[۲]

---

۱. سامي جا چونڊ سلوڪ - بي.ايچ ناگراڻي، ص. ۱۳
۲. سامي جا چونڊ سلوڪ - بي.ايچ ناگراڻي، ص. ۱۳

دلپت جو ڪلام سنگيت جي جدا جدا سرن جي نالن مؤجب ورهايل آهي. مثال : سر ڪلياڻ، سر پهاڙي، سر مالڪؤنس، سر بسنت، دلپت جي ويچارڌارا ۾ ويدانت مت ۽ تصوف جو انوکو ميل آهي. سندس شعر ۾ صوفي ويچارن جو بہ گهڻو اثر نظر اچي ٿو. دلپت صوفين وانگر سنڌي لوڪ ڪٿائن جي آڌار تي بہ شعر چيا آهن. سندس واڻي سنڌي، سرائڪي ۽ هنديءَ بوليءَ ۾ ملي ٿي . سندس ڪجهہ شعر پارسيءَ ۾ پڻ مليا آهن.

اِسلامي ڪاويہ ڌارا:

سنڌي ساهتيہ جي هن دؤر ۾ ڪيترو ئي اهڙو شعر لکيو ويو آهي، جنهن جي وشيہ جو لاڳاپو سڌو سنواٽو اِسلام مذهب سان آهي. هن قسم جي شعر کي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. (١) اِسلامي پرچار وارو شعر (٢) اِسلامي عقيدت وارو شعر.

اِسلامي پرچار وارو شعر:

هن قسم جي اندر اُهو شعر اچي ٿو جنهن جو مکيہ اُديش آهي اِسلام جي اُصولن جو پرچار ڪرڻ. مؤلوي ابو-ال-حسن (جنم ١٦٦١ع) ۽ مخدوم محمد هاشمي ٺٽوي (١٦٩٠ - ١٧٦١) اِسلامي پرچار وارو شعر لکڻ ۾ مکيہ هئا. محمد صدقي ميمڻ جي لکت مؤجب ابو-ال-حسن جو ڪتاب مقدمہ-ال صلاوت (لکيل ١٧٠٠ع ڌاري) عربي سنڌي اکرن ۾ لکيل پهريون ڪتاب آهي جيڪو سمورو سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي. اِنهيءَ کان اڳ فقط پارسي ڪتابن ۾ لکيل سنڌي بيت مليا آهن، پر ڪوبہ سمورو سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتاب نہ مليو آهي. مؤلوي ابو-ال-حسن کي ٻي بہ هڪ تاريخي اهميت آهي. هن بزرگ کان اڳ عربي ۽ پارسي اکرن ۾ سنڌي ٻولي لکڻ جو ڪوبہ مقرر سرشتو ڪونہ هو. هرڪو مسلمان ليکڪ پنهنجي پنهنجي نموني اِنهن اکرن ۾ پيو سنڌي لکندو هو. ابو-ال-حسن سنڌيءَ ۾ ڪتابن لکڻ لاءِ عربي ۽ پارسي اکرن جي

تنهن مان انومان لڳائي سگهجي ٿو تہ هن فارسيءَ تي بہ عبوُر حاصل ڪيو هوندو ا هو گرهست ۾ رهيو ۽ ڪيس هڪ پٽ بہ ڄائو جنهنجو نالو رگهو هو.

حيدراباد سنڌ ۾ رهندي شري دلپتراء، ڀائي آسرداس کي پنهنجو اڌياتمڪ گرو ڪيو. سنت آسرداس جي سنگ ۾ ڪوي دلپت کي روحاني رنگ چڙهڻ لڳو. هڪ ڏينهن پنهنجن سرڪاري ساٿين سان سرڪاري ڪم سانگي گشت ڪندي جهنگل ۾ پنهنجيءَ گروءَ آسرداس کي دونهين دکائي ڏيان ۾ ويٺل ڏٺائين. ڪوي دلپت پاڻ بہ گروءَ جي پرسان ويهي رهيو. ميرن ڪيس پنهنجو ماڻهو موڪليو تہ جلدي اچي حاضر ٿيءُ مگر دلپتراء اُنهن کي جواب ڏنو.

”چل، مئن نہ چليسان، ميرنون غرض هويسين تہ آپي اِتي آويسين.“

(تون وڃ، مان ڪونہ هلندس. ميرن کي منهنجي ضرورت هوندي تہ پاڻ ئي هتي ايندا.) آخر مير صاحب هن سان اُتي ملڻ آيو. آخر ڪيس دنيوي جهنجهٽ مان ڪڍائي اچي ويئي. سرڪاري عهدا وغيره سڀ ڇڏي پرماتما جي پريم ۾ تلين ٿي ويو. ڪيس پنهنجي ستگر سنت آسرداس لاءِ بيحد سڌڪ هو. سندس ڪاويہ تي سامي صاحب جي سلوڪن جو ڪافي اثر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. ڪاويہ جي لحاظ کان يا ويچار ڌارا جي خيال کان دلپترام سامي صاحب کان پرڀاوت نظر اچي ٿو.

اِنسان کي صلاح ڏيندي چوي ٿو:

”ڀائي ٻولي ڪري ڀوري ڀرم نہ ڀل،
هوت تنهنجي هنج ۾ ناحق روح نہ رل.“[1]

ڪوي دلپت جيو کي جاڳرت ڪندي صلاح ڏئي ٿو تہ هي جيو اتون دويت جي ٻولي ٻولي سنسن ڀرمن ۾ ڦلجي نہ وڃ. پرماتما تنهنجي اندر ۾ ئي وياپڪ آهي اُن کي پراپت ڪرڻ لاءِ اجهايو ٻاهر نہ رل.

---

1. سنڌي شعر جي تواريخ- ڊاڪٽر ديال آشا، ص. ١٩١

نَنڍيون ڪاويه ڏارائون:

قصا ڪاويه :

قصا ڪاويه معنيٰ اُهو ڪاويه جنهن ۾ ڪنهن قصي يا داستان جو سلسليوار بيان ڪيل هجي. اِها آباڻي قصن ٻڌائڻ جي ڪلا اڄ به سنڌ جي چارڻن وٽ مؤجود آهي.

نئين دؤر ۾ سنڌي شاعري جو وڪاس-١٩١۴-١٨۵٣ تائين.

ڪلهوڙن ۽ ميرن جي زماني ۾ سنڌ ۾ پارسي ٻوليءَ جو زور هو. پارسي راڄ ڪاروبار جي ڀاشا هئي. اِنڪري گهڻا سنڌي اِنهيءَ ٻوليءَ جو اَڀياس ڪندا هئا. اُن وقت اِها عام چوڻي هئي:

”فارسي گهوڙي چاڙهسي.“ ١

انگريزن جي راڄ ۾ پهريان ڪجهه سال پارسي ٻولي سرڪاري لکپڙهه لاءِ قائم رکي هئي پر پوءِ ١٨۵٣ع ۾ انگريز سرڪار عربي سنڌي لپيءَ جو سرشتو مقرر ڪري سنڌيءَ کي سرڪاري لکپڙهه لاءِ منظور ڪيو. هيٺين درجن ۾ تعليم سنڌيءَ ۾ ڏيڻ شروع ڪئي ويئي ۽ سرڪار سنڌي ساهتيه جي واڌاري لاءِ ڪيترائي اُپاءَ ورتا. اِنڪري عالم جيڪي اڳي گهڻو ڪري پارسي شعر ۾ قلم آزمائيندا هئا سي هاڻي پنهنجي مادري زبان سنڌي ڏانهن ڌيان ڏيڻ لڳا.

١٨٠٨ع ۾ خليفي گُل محمد گُل جو جنم ٿيو. هن وقت تائين سنڌي شعر ۾ گهڻي ڀاڱي سنڌ جون ديسي صنفون، ڪافيون ۽ بيت ملن ٿا. جيتوڻيڪ مؤزون شاعريءَ جا مثال به ملن ٿا. سچل خواه ثابت علي شاه غزل به چيا پر اِهو گُل هو جنهن فارسي بحر ۽ وزن تي الف - بي وار ديوان لکي غزل جو پڪو بنياد وڌو. ”گُل“ گهڻا نج سنڌي لفظ ڪم آندا آهن. گُل جائو ميرن جي دؤر ۾ پر ڪيس انگريزن جي دؤر جو شاعر ڪري

١.سنڌي شعر جو انتخاب - سمپادڪ : پروفيسر رام پنجواڻي، ساهتيه اَڪادمي، ص. ٧

آذار تي سنڌيءَ لاءِ هڪ صورتخطي تيار ڪئي ۽ اُن ۾ ئي پنهنجو سنڌي ڪتاب لکيائين جيڪو پوءِ عام جنتا ۾ ابو-ال-حسن جي سنڌي نالي سان مشهور ٿي ويو.

هن قسم جو شعر بلڪل رُکو آهي ۽ اِن جي لکڻ جو اُديش آهي اِسلام جا اصول سؤلي نموني سنڌيءَ ۾ سمجهائي عام جنتا ۾ اُنهيءَ جو پرچار ڪرڻ سرجناتمڪ ڪاويہ جي وڪاس ۾ اِنهيءَ قسم جي شعر ڪي گهٽي اهميت ناهي. اِنهيءَ شعر جي آذار تي اُن وقت جي سنڌي ٻولي ۽ شعر جي روپن جو اڀياس ڪري سگهجي ٿو.

اِسلامي عقيدت وارو شعر:

اِسلامي مذهب ۾ عقيدو رکندڙ مسلمان شاعرن خدا، حضرت محمد ۽ اِسلام جي نبينُ ۽ امامن جي ساراهہ ۾ گهڻائي شعر چيا آهن جن کي وشيہ جي آدار تي جدا جدا قسمن ۾ وراهيو ويو آهي. هن شعر جا ڇهہ قسم آهن:

(۱) مؤلوُد (۲) مداهون (۳) مُناجاتون (۴) منا ڪبا (۵) مُعجزا (٦) مرسيا. سنڌ جي گهڻن ئي مسلمان شاعرن اِنهيءَ قسم جو شعر چيو آهي جنهن مان چونڊ شعر گڏ ڪري سنڌي ادبي بورڊ حيدراباد سنڌ پاران لوڪ ادب جي سلسلي اندر ڇپايا ويا آهن.

اِسلامي عقيدتمند شاعر:

اِسلامي عقيدت وارو شعر جن شاعرن چيو آهي تن جو انداز اٽڪل ڏيڍ سؤ ٿيندو. هن قسم جو شعر لکڻ ۾ جن شاعرن کي گهٽي مشهوري حاصل ٿي آهي سي آهن:
(۱) مخدوم عبدل رؤف ڀٽي (۲) ثابت علي شاهہ (۳) ميان سرفراز ڪلهوڙو[۲]

---

۱. سنڌي ساهتيہ جو اِتهاس- ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ص. ۱۰۹
۲. سنڌي ساهتيہ جو اِتهاس- ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ص. ۱۱۳

۾ ٻي عورت مان ٻه فرزند ڄاوا. اُنهن مان محمد محسن بيکس والد جو نالو روشن ڪيو. بيدل سائين مجازي عشق جي راه تي هلندي حقيقي عشق ڏانهن مائل ٿيو. ڪيترن ئي درويشن ۽ صوفين جي صحبت مليس . بيدل سائين پنهنجي دؤر جو اعليٰ شاعر هو. سندس پارسي تصنيفن مان بخوبي ظاهر آهي ته هي صاحب عربي فارسيءَ جو عالم هو. هن صاحب اُردوءَ ۾ به شعر چيو.

شاهه لطيف ۽ سچل سائينءَ جي خيالن جي خوشبوءِ بيدل سائينءَ جي ڪلام مان به اچي ٿي. سچل سائين وانگر بيدل سائينءَ به ”همه اوست“جي تاڪيد ڪندي چوي ٿو:

”هوڪو همه اوست جو، سٽي ٿي هوشيار،
آٿج هي اعتبار، جو حق ريءَ آهي ڪينڪي.“

سنڌيءَ ۾ سائين بيدل جي ڪلام جا مجموعا ”وحدت نام“، ”سرود نام“ ۽ ديوان بيدل (بيدل جو رسالو)شري گدومل هرجاڻي سمپادت ڪيو. بيدل جا ڪجهه هندي ۽ سرائڪي بيت به اُن رسالي ۾ ڏنل آهن.[1]

بيڪس (١٨٥٨-١٨٩٠)

بيڪس فقير بيدل سائينءَ جو فرزند هو ۽ ٻٽيهن ورهين جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو. ٿورئي وقت ۾هن گهڻو ئي ڪلام چيو جنهن مان دل جو درد، جذبي جي صداقت ۽ فقيري رنگ ظاهر آهي.

مثال:-

”نت نهاريان راهه، اديون آباڻن جي،
ٻن عمر جا باغ باغيچا، هِت گلزاريون ڪيون گاه،
مارئيءَ مانڊي قسمت آندي، سانگي ساري ساه،
جيئري ويڙيچن وساريو، جا وٽي سا واه.
بيڪس قسمت قلم وڃوڙيو، اهڙي ڪئي ته الله.“

---

١. سنڌي شعر جي تواريخ - ڊاڪٽر ديال آشا، ص. ٢٤٠

شمار ڪن ٿا. شاهه بيتن ۾ تہ ڳل غزلن ۾ پنهنجي وقت جي ريتن، رسمن، ڪمن ڪارين سان لاڳاپو رکندڙ اصطلاحن ۽ محاورن جو ڀليءَ ڀت استعمال ڪيو آهي ۽ تشبيهن خواهه استعارن کي اثردار نموني ۾ پيش ڪيو آهي. هوُ هارين نارين ۽ ڳوٺاڻن جي رهت، صحت ۽ ڪار ڪِرت جا نقشا پوُرا پوُرا ٿو ڪڍي. گڏوگڏ تصوف جا ويچار بہ چڱيءَ طرح ظاهر ٿو ڪري. ”قاسم“ ۽ ”فاضل“ جا ديوان بہ اُن زماني ۾ ظاهر ٿيا. پر ڳل کان پوءِ ”سانگيءَ“ ئي غزل ۾ نئون رنگ پئدا ڪيو. سانگيءَ پنهنجي شعر ۾ ذاتي تجربا پڻ بيان ڪيا آهن. اِهو ئي ڪارڻ آهي جو سانگيءَ جي غزل ۾ اسان کي جذبي جوش ۽ اصليت جو اونهو اثر ملي ٿو. سانگيءَ جون شاعراڻيون ڪچهريون مشهور آهن. جن ۾ سندس اُستاد ”گدا“ ۽ ٻيا ڪيترا نامڪنيا شاعر مرزا قليچ بيگ سميت اچي سخن فهمي ۽ سخن سنجيءَ جي رونق لڳائيندا هئا. ”ڳل“ جي ديوان کان پوءِ گويا ديوانن جو دؤر اچي ويو. اُنهن مان ”خاڪيءَ“ جي ديوان کي تاريخي اهميت آهي چو تہ هندن ۾ هوئي پهريون صاحب ديوان آهي. ”بلبل“ جو ديوان بہ سنڌيءَ شاعريءَ ۾ علحدي جاءِ والاري ٿو. خاص طور هجوِ ۽ سِٽَ سبب-کِلَ جي کِلَ ۽ طنز جي طنز.[1]

قليچ کان اڳ ٻن شاعرن جو ذڪر جڳائي ۽ اُهي آهن روهڙيءَ جا دُلارا درويش، ”بيدل“ ۽ ”بيڪس“.

بيدل (۱۸۱۴-۱۸۷۲)

فقير قادر بخش بيدل سنہ ۱۸۱۴ع ۾ روهڙيءَ سنڌ ۾ خليفہ محمد محسن جي اڱڻ کي آباد ڪيو. سندس والد عالم شخص هو. بيدل سائين جي پرورش تعليم ۽ تربيت پڻ عالماڻي فضا ۾ ٿي. سائين بيدل سنڌي، عربي ۽ فارسي ۾ ماهريت حاصل ڪئي. مولوي عبدالرحمان کان مولانا روميءَ جي مثنوي پڙهيو.

بيدل سائين بہ شاديون ڪيون. پهرين عورت مان ڪين هڪ نياڻي

---

۱. شاهه ۽ صوفي مت - جڳديش لڇاڻي، ص. ۴۷

مڙهني شاعرن کي جهڪو ڪري ڇڏيو. بيوس کي ويهين صديءَ جي سڀ کان ممتاز سنڌي هستي ليکيو وڃي ٿو. بيوس عام ۽ خاص جو محبوب ڪوي هو ۽ کيس تاريخي اهميت آهي. بيوس سنڌي شاعريءَ کي نئون موڙ ڏنو. ڪانئس اڳي سنڌي شاعريءَ ۾ ڄڻ هڪ خال پيدا ٿي چڪو هو. سنڌي شاعر يا ته شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي ڪلام ۾ اڀري آيل، وحدت ۽ ويدانت جي وشيه ڪٿي، اُن تي ڪُٽ ڪٽان ڪندا هئا، يا ته پارسيءَ ۽ اُردوءَ تان مضمون کڻندا هئا. نه رڳو مضمون پر ٻيا خيال ، تشبيهون ۽ اِستعارا به اُتان ڪاپي ڪندا هئا. اُن کان به وڌيڪ، اُهي شاعر قافيا، رديف ۽ وزن به اُتان کڻندا هئا. اُردو ۽ فارسي فعل مٽائي، اُنهن جي جاءِ تي سنڌي فعل وجهي، پنهنجي سهڻي ۽ سباجهيءَ ٻوليءَ سان زيادتون ڪندا هئا.[1]

مثال طور:

”هئا ڪيؤن فڪر، گل تجهڪو دل صد چاڪ بلبل ڪا.“ (اُردو)

”ٿيو ڇو فڪر، گل توکي دل صد چاڪ بلبل جو.“ (سنڌي)

اِها هڪ تسليم شده حقيقت آهي ته سنڌيءَ جي فارسي ڪلام جي سنڌي ساهتيه ۾ ڪابه قيمت ڪانهي. ويندي ايتري قدر جو اُردوءَ جي مشهور شاعر اِقبال جي فارسي ڪلام به ايران ۾ مقبوليت حاصل نه ڪئي آهي. اِنڪري فارسيءَ وارن، سنڌي شاعرن جي فارسي ڪلام جو ڪهڙو قدر ڪيو هوندو، اُن جو اِندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته سررچرڊبرٽن جهڙي فارسي ۽ سنڌيءَ جي عالم سنڌين جي لکيل فارسيءَ کي اصلي فارسيءَ جي ڀيٽ ۾ ڦڪي ۽ ڪُجسي ڪوٺي، کين اهڙي فارسي لکڻ لاءِ ننديو آهي.

شاعريءَ جي حواليءَ ۾ ائين چوڻ ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو ته سنڌي شاعريءَ جي نئين دؤر جو باني شري ڪشنچند بيوس کي تسليم ڪيو وڃي ٿو. شاهه لطيف کان پوءِ، بيوس پهريون شاعر آهي جنهن سنڌيءَ ۾ اهڙا نوان موضوع ۽ نوان ويچار آڻي، سنڌي شاعريءَ کي شڪتي شالي

---

1. ادبي ليکه - هري دلگير، ص. ٦٤

بيڪس سائين کي مائٽن شادي ڪرائي پر هو اڪثر درڳاهن ۽ فقيراڻن آستانن تي وڃي پنهنجو ٺاهيل ڪلام ڳائيندو هو. ڳائي ڳائي ڪڏهن ايترو تہ موڄ ۾ اچي ويندو هو جو نچڻ لڳندو هو. سندس شعر ۾ عشق جو سوز گهڻو ڏسجي ٿو.[١]

مرزا قليچ بيگ:

مرزا قليچ بيگ ادب جي هر شاخ تي طبع آزمائي ڪئي آهي. هن جون تصنيفون بيشمار آهن. ادبي خدمتن جي ڪري کيس ''شمس العلماءُ'' جو خطاب مليو. شاعريءَ جي ميدان ۾ اڳرو رهيو. هوُ علم عروض جي فن ۾ ماهر هو. هن جي شعر جون بہ خوبيون آهن. ٻوليءَ جي سلاست ۽ خيالن جي چٽائي. جدا جدا وشين تي پنهنجا خيال ظاهر ڪيا آهن. هر قسم جو شعر چيو اٿس، پر سندس اخلاقي شعر سڀ کان وڌيڪ اثرائتو آهي. سندس ''ديوان قليچ'' پڙهڻ سان خبر پئجي ويندي تہ هن ڪهڙا ڪهڙا ۽ ڪهڙي ڪاميابيءَ سان ميدان لتاڙيا آهن.[٢]

نئين دؤر جي شروعات : (١٩١٤-١٩٤٧)

نئين دؤر جي شروع ٿيڻ سان سنڌيءَ شاعريءَ ۾ روحاني آواز جهڪو ٿي ويو. نئين دؤر جو شاعر ، نئين يگ ۾ اچي گيان ۽ فيلسوفيءَ جي ويچار جو تياڳ ڪري، نون خيالن جو حامي ۽ نين راهن جو راهي بڻيو.[٣]

بيوس : (١٨٨٥-١٩٤٧)

ويهين صديءَ جي جنم سان، بيوس جي ڪوتا جو جنم بہ ٿيو. جا ڪوتا جديد سنڌي شاعريءَ جو اهم پٿر ليکجڻ ۾ آئي. بيوس سنڌي شعر جي آڪاس ۾ هڪ اهڙو ستارو بڻجي چمڪيو جنهن پنهنجي تيج سان ٻين

---

١. سنڌي شعر جي تواريخ - ڊاڪٽر ديال آشا، ص. ٢٤١
٢. سنڌي شعر جو انتخاب - سمپادڪ : پروفيسر رام پنجواڻي، ساهتيہ اڪادمي، ص. ٧
٣. ادبي ليکہ - هري دلگير، ص. ٦١

آيو. گيتن جي گونجار ۽ شعر جي شيريني ”وفا“ ورتي ته ويچارن جي وفائي کيئلداس ”فاني“ ڪئي. سڳن آهوجا ۽ نارائڻ شيام به هن نئين وايومنڊل جو واس ورتو ۽ سنڌي شعر ۾ نيون بهارون لڳايون. ويچارن جي سوکيمتا ۽ باريڪ نڪتن کي ٿورن لفظن ۾ چٽڻ سڳن آهوجا ۽ نارائڻ شيام جون به مکيه خاصيتون آهن.[1]

”حيدر“، ”اَياز“، ”شاد“ باغي بڻجي پيا. ”حيدر“ بغاوت جو باني بڻجي پيو. ڪيڏو نه جوش آهي. سندس شعر ۾ ! طوفان جي تصوير آهي حيدر. الله کي ٿو چوي:

”جيڪڏهن تنهنجو جهان سارو گلستان ٿئي ها،
هر جڳهه عيش ۽ عشرت سندو سامان ٿئي ها،
جي سدا صلح و امان صمه اِنسان ٿئي ها،
تنهنجي الله پٽي ۾ ڪهڙو نقصان ٿئي ها؟“[2]

ذات تنهنجي به خوش ۽ مان پڻ خوش ۽ هوُ پڻ خوش، باغبان خوش، دل به خوش، دل بلبل به خوش ۽ بوُ پڻ خوش.

ڪيڏي نه قيامت جي شوخي آهي اياز جي شعر ۾ ! جذبي ۽ جولان جو مجسم آهي اياز.

”آزادي جو جهنڊو کوڙي،
بربادي جو در کڙڪايو،
سر لهندا، رت وَهندو، پوءِ ڇا؟
هڪڙو لڪ گهر ڍهندو پوءِ ڇا؟
ڀارت ڪرٽي آ تعبير !
او جاڳرتا جي تصوير !
او سرويچ، اُٿي او وير !
ڪر هن جنتا جي اڳواني.
او باغي ! او راڄ دروهي !
ڀارت ۾ بلووي جا باني.“[3]

۱.۲.۳. سنڌي شعر جو انتخاب- سمپادڪ پروفيسر رام پنجواڻي، ساهتيه اڪادمي، ص. ۹، ۱۰

ٻڌايو. سنڌي شاعري جيڪا اُردوءَ ۽ فارسيءَ جي ڳولي ٻڌجي پيئي هئي. اُن کي هن سندر راجڪماري ٻڌايو. جڏهن سنڌي ڪوتا موٽ جي بستري تي ڦٿڪي رهي هئي، تڏهن بيوس هڪ حاذق حڪيم بڻجي آيو. نه رڳو مريض جي جان بچايائين پر کيس صحت ۽ سونهن به ڏنائين. بيوس سنڌي شاعريءَ ۽ جيون جو نظريو بنهه بدلائي ڇڏيو. اڳي سنڌي شاعري، محبوب جي لال لبن، ڳاڙهن ڳلن، آبدار اکين، پتلي ڪمر، شراب ۽ ساقيءَ، گل ۽ بلبل يا شمع ۽ پروانه تائين محدود هوندي هئي. پر بيوس پنهنجي شعر ۾ لکيو.

”دليون سالم ڪري جيڪو، سچيرو شعر سو بيوس.“

يا

”دنيا ۾ خلق- خدمت کان نه ڀانيون بندگي بهتر.“[1]

بيوس سنڌي شاعريءَ کي نئون اسلوب ۽ موضوع ڏيئي جديد سنڌي شاعريءَ جو بنياد وڌو. سنڌي شاعريءَ جي اِها نئين جهلڪ فطرت جي عين مطابق هئي. بيوس جو سنڌي شاعريءَ ۾ اهڙو درجو آهي، جهڙو انگريزي شاعريءَ ۾ ورڊس ورٿ ۽ سيموئل ٽيلر ڪالرج جو. اِها تحريڪ سچ پچ ته سنڌي شاعريءَ جي تاريخ ۾ ترقي پسنديءَ جي سوپ هئي.[2]

بيوس سنڌ ۾ هڪ نئون وايو منڊل پئدا ڪيو. ڪيترا شاعر نڪري نروار ٿيا جن لتاڙيل سڙڪ ڇڏي بيوس واري نئين وات ورتي. شعر ۾ گويا ”بيوس“ جي طرز وارو اسڪول بڻجي پيو. سندس شعر گهڻن لاءِ اُتساهه جو سرچشمو ثابت ٿيو. ڪن گهڙا اثر جهٽيا ته ڪن ڪهڙا. هري ”دلگير“ بيوس جي نظمن جو نوُع ورتو ۽ ٻولي جي رواني جهٽي. هري دلگير جي جدت پسندي ۽ خيال جي گوناگوني سنڌي شعر جو املهه سرمايو آهي. ”دڪايل“ قوميت جو انگ اپنايو. هر ڳوٺ هر شهر ۾ آزاديءَ جو پيغام پهچايو ۽ جنتا ۾ حب الوطنيءَ جو جذبو جاڳايو. ”آزاد“ بيوس جي محاوري جو رنگ رکيو ته رام پنجواڻيءَ جي ورثي ۾ هن جو تال ۽ ترنم

---

١ - جديد سنڌي شعر جو باني بيوس - پروفيسر مينا گوپ روپچنداڻي، ص.٤٩

٢- سنڌي شعر جو انتخاب - سمپادڪ پروفيسر رام پنجواڻي، ساهتيه اڪادمي، ص.١٠-١١

”ڪانگا ڏجانءِ پرين کي پيغام ويندي ويندي،
ڪج ياد جي ڪيا هئہ اَنجام ويندي ويندي.“ [1]

هن جي ڪافين جو هڪ دلڪش مثال آهي. هن صوفي شاعر رام ۽ رحيم جي وچ ۾ ڪو بہ ڀيد نہ ڏٺو. ڪيترا دل ڇڪائيندڙ پڇن لکيا اٿس جن ۾ رام ۽ شيام لاءِ شرڌا ۽ پيار ڏيکاريل آهي. سندس پڇن :

”جت ڪٽ وسين بہ تون، تيڏا مڪان واه واه.“ [2]

مهاتما گانڌيءَ جي پرارٿنا ۾ وڏي پريم سان ڳايو ويندو هو. ”آغا“ ڪافين کي پڇنن جو روپ ڏنو تہ سائين ڏرمداس ”ڏرمونءَ“ پڇنن کي ڪافيءَ جو رنگ ڏنو. ڏرمونءَ جي ڪافين ۾ ڪيترن وقتن تي سڇل ۽ بيدل واري اُڏام ۽ مستي نظر ايندي.
مثال:

”ڏس عاشقن جا انصاف، ڏين سر گهوري گهوري
اندر باه بره جي پڙڪي، ٻاهر نہ نڪري ٻاڦ،
چيائون نہ چپ چوري چوري.

عشق جي منزل اوُکي اَٽاگي، لڇ هٽن ٿا لاڦ،
اجا پنڌ اوري اوري.

ڏرمداس چوي مَرُ مُرڪن سي، سينا جن جا صاف،
ڏنائون ڪنڌ ڪوري ڪوري.“ [3]

ڏرمونءَ جي ڪافين ۾ مستي آهي تہ مصري شاه جي ڪافين ۾ مصريءَ جو ميٺاج آهي. مصري جتان چڪہ تتان مٺي. کهڙي نہ سچائيءَ ۽ وفائيءَ سان، اندر جا اُڌما پيش ڪيا اٿس ۽ کهڙي نہ دل اُٿاريندڙ نوع ۾ [4]

ا. سنڌي شعر جو انتخاب- سمپادڪ پروفيسر رام پنجواڻي، ساهتيہ اڪادمي، ص. ١٢
٢-٣-۴- سنڌي شعر جو انتخاب- سمپادڪ پروفيسر رام پنجواڻي، ساهتيہ اڪادمي، ص. ١٢

وري شاد جي شعر ۾ ڪيڏو نہ ولولو آهي.

”هوائن مان آڪسيجن ڪڍندي
پنهنجي جسم کي تہ هلائيندو آيو آهيان،

پر

روح جي زخم جي اونهائي
جنهن گهرائي تائين پهچي ويئي آهي،
تنهنجي علاج لاءِ ڪهڙيون هوائون ڳولهيان؟“[1]

سنڌي شعر ۾ هڪ ٻي بہ لهر زور هئي. پارسي شعر جي اثر هيٺ ڪيترن شاعرن تشبيهن، استعارن ۽ ڪناين وغيره جو وسيع پئماني تي استعمال ڪيو. اُنهن شاعرن پنهنجن خيالن کي عالماڻي رنگ ۾ پيش ڪيو. اُنهيءَ لهر کي مشاعرن مان وڏي تقويت ملي. قادري، جوش، نياز، خادم، مخدوم، واصف، خليل، مسافر، قاظم، رفعت، فتح محمد سيوهاڻي، عبد آغا صوفي، مسرور، سوڀراج فاني، جوڳي، عزيز، هرومل ”خادم“، ضيا وغيره اُنهيءَ دؤر جا مکيہ شاعر ليکيا وڃن ٿا.
عزيز پنهنجي لياقت ۽ قابليت سبب سنڌ ۾ ڪافي ڌاڪو ڄمايو. ڪيترن شاعرن هن جي اصلاح مان فيض پرايو. پارت ۾ اچڻ کان پوءِ هن پنهنجي ٻوليءَ کي سرل بڻايو ۽ سنڌي محاوري کي وڏيڪ اهميت ڏني. غزل، نظم خواه رباعيءَ ۾ تہ رنگ پريائين پر مثنويءَ ۾ بہ واه جو پاڻ موکيائين.
نياز مشاعرن جو مور ڪري ليکيو ويندو هو. گل ۽ بلبل سان هن جي خاص رغبت هوندي هئي پر گل ۽ بلبل جو ذڪر ڪندي هوُ شعر جي پڇاڙي ڪنهن هدايت سان ڪندو هو. منو ۽ مؤثر شاعر هو.

آغاصوفي غزل گوُ شاعر هو. صوفياڻي رنگ ۾ ڪيتريون ئي سهڻيون ڪافيون بہ چيون اٿس.

---

١. ورهاڱي کان پوءِ سنڌي شعر جي چونڊ- ساهتيہ اڪادمي، ص. ٩٣

جديد دؤر جي شاعرن ۾ سنڌ توڙي هند ۾ ٻين شاعرن سان گڏ هري دلگير به هڪ اهم جڳهه والاري ٿو ۽ اُنهن ٿورن شاعرن مان ڳڻيو وڃي ٿو جيڪي جديد دؤر جي شاعريءَ جي وهڪ کان الڳ ٿلڳ پنهنجي ذاتي اسلوب جي ڪري نرالا ۽ انوکا ڏٺا ويا آهن. ”دلگير“ شاعري توڙي ترقي پسنديءَ جي قدرن کي پڇاڙي تائين نه صرف پنهنجو ڪندو رهيو، پر اُنهن کي سنوارڻ ۽ اُنهن ۾ نيون راهون پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل رهيو.

اِن طرح سنڌي ترقي پسند شاعريءَ جي وجود ۾ اچڻ سان بيوس ڪان پوءِ هڪ نئين ۽ اهم دؤر جي شروعات ٿي. ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جي سنڌي سرڪل ۾ ورهاڱي کان ٿورو اڳ نارائڻ شيام، شيخ اياز، شيخ راز ۽ هري دلگير سنڌي شاعريءَ جي ميدان ۾ نوان تجربا ڪيا. هنن سنڌي شاعري کي نئين صنف، آزاد نظم ۽ سانيٽ کان واقف ڪيو. هري دلگير دوهو، سورٺو، بيت، وائي، گيت، نظم، رباعي، غزل، آزاد نظم، سانيٽ، ترائيل، هائيڪو انهن سڀني صنفن تي شعر آزمائي ڪئي آهي.

◆◆

مثال:

”وره ويراڳين جي وات، پورب وارو ويا پند پڇائي
سنجهي سامين ڪئي هنگلاج هلڻ جي،
وائي نہ واريئون، بي ڪا واري ورڻ جي،
گهيڙ ڏسي اونها گهات، سمر ڪنيائون سفر چتائي.“[۱]

سوڀراج نرملداس ”فاني“

سوڀراج نرملداس ”فاني“ جي شعر مان علميت جهلڪا پيئي ڏي. گهڻي ڀاڱي اخلاقي شعر چيو اٿس. زير اِضافت جي بجاءِ هن مرڪب لفظن جو استعمال ڪيو آهي جنهن سنڌي ٻوليءَ کي نئين رونق بخشي آهي.

ضيا:

ضيا خاص ۽ عام جو شاعر هو. روايتي رنگ جو شعر لکيائين تہ نئين ڍنگ ۾ بہ اُمنگ ۽ ترنگ ظاهر ڪيائين. اديبن جي مجلس ۾ مان پاتائين تہ جنتا جو بہ جس حاصل ڪيائين. سادي ۽ مٺي ٻوليءَ ۾ لکيل سندس شعر دل کي نهايت وڻي ٿو. سندس مذاق ڀريو شعر سنڌي شعر کي نئين رنگت بہ بخشي ٿو. جپ صاحب، سکمني، گيتا، نائين محلي جي سلوڪن وغيره جو انواد سندس ساڌ سنگت ڏانهن لاڙي جي ساک ٿو ڀري.

هرومل سدارنگاڻي ”خادم“

هرومل سدارنگاڻي ”خادم“شعر جي لڳ ڀڳ سڀني شاخائن تي ڪاميابيءَ سان طبع آزمائي ڪئي آهي. پر سندس رباعيءَ جو رنگ نرالو آهي. خيال جي خوبي، پختي بندش، ٻوليءَ جي رواني ۽ رنگيني سندس رباعين جون خاص وصفون آهن.[۲]

۱.سنڌي شعر جي تواريخ - ڊاڪٽر ديال آشا، ص.۳۰۸

۲. سنڌي شعر جو انتخاب - سمپادڪ پروفيسر رام پنجواڻي، ساهتيہ اَڪادمي، ص.۱۲

دلگير جو جيون ۽ شخصيت

دلگير جو جنم ۽ تعليم:

هري دلگير جو جنم ١٥ جون ١٩١٦ع تي لاڙڪاڻه (سنڌ) ۾ ديوان گرڏنيمل بختراءِ درياڻي جي گهر ۾ ٿيو. سندس پتا سنڌ ۾ فرسٽ ڪلاس ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ هو ۽ هڪ درويش طبع اِنسان هو. هو ٿوري گهڻي شاعري به ڪندو هو ۽ خاص ڪري فقيري ڪلام سڻو لکندو هو. اِيمانداريءَ ۽ هوشياريءَ جي ڪري سنڌ ۾ نالو وڳل هوس. هري سندس ١٧ ۽ آخرين ٻار هو.هن کان اڳ چار پنج ڀيرا جاڙا ٻار ڄاوا هئا، پر اُهي ننڍي هوندي ئي گذاري ويا هئا. آخر ۾ سترهن مان جيڪي بچيا، سي هئا پهريون ٻار نارائڻداس ۽ ٻيو آخرين ٻار هري ''دلگير'' ٻنهي جي وچ ۾ ٢٣ سالن جو تفاوت هو. رٽائر ڪرڻ کان پوءِ ديوان صاحب لاڙڪاڻه ۾ سنڌي چانڊڪا پنچايت جو مکي به هو.

هري''دلگير'' جي شروعاتي تعليم سرڪاري پرائمري سنڌي اِسڪول لاڙڪاڻه ۾ ٿي ۽ اُن کان پوءِ گورنمينٽ هاءِ اِسڪول لاڙڪاڻه ۾ مئٽرڪ تائين پڙهيو. هن جي ڪاليجي تعليم ڊي.جي. سنڌ ڪاليج ڪراچي ۽ اين. ڊي. انجنيرنگ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ ٿي جتان هن بي.ايس.سي. ۽ بي. اي سول پاس ڪئي. لاڙڪاڻه ۾ ڪالرا پوڻ سبب هو ڏيڍ سال (١٩٢٩ کان ١٩٣٠) وچي روهڙي ۾ پڙهيو، جتي سندس پتا ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ هو.

هري''دلگير'' جي شاعريءَ جي شروعات روهڙيءَ ۾ ئي ٿي. جتي هي ٽيون درجو انگريزي پڙهندو هو. سڪول ۾ بيوس جو شيرين ''شعر''درسي ڪتاب طور پڙهيائين ته اڻ ڏٺل شاعر ''بيوس'' تي عاشق ٿي پيو.[١]

---

١. چولو منهنجو چڪ ۾ - هري دلگير، ص ٢٥

باب پيون

هري دلگير جو جيون ۽ شاخصيت

۱۹۳۴ ۾ لاڙڪاڻه هاءِ اِسڪول جي ساليانې مخزن ظاهر ٿي تہ اُن ۾ دلگير جي ڪوتا ”منهنجي اَمڙ“ کي پهرئين صفع تي شايع ڪيو ويو. چاهي اُن مخزن ۾ هيڊ ماسٽر ۽ ٻين ماسترن جا بہ ليک هئا ۽ دلگير صرف مئٽرڪ ڪلاس جو وديارٿي هو. پر تنهن هوندي بہ دلگير خوش ڪونہ هو. هن چاهيو ٿي تہ سندس ڪائي رچنا ”سنڌو“ مخزن ۾ شايع ٿئي، جا اُنهن ڏينهن ۾ سنڌ جي بهترين مخزن (ماهوار) هوندي هئي. اُن ۾ بيوس، پيرومل مهرچند آڏواڻي، لعلچند اَمرڏنومل ڄڳتياڻي، ڇيتمل پرسرام وغيره جهڙن اعليٰ اديبن جون رچنائون شايع ٿينديون هيون. آخر مهني ٻن ڪان پوءِ ۱۹۳۴ ۾ سندس ڪوتا ”سونو سپنن جو سنسار“ ”سنڌو“ ۾ شايع ٿي تہ هو گد گد ٿي ويو ۱۹۳۹ ڪان۱۹۴۲ تائين هو ساڳي مخزن سنڌو جي ايڊيٽوريل بورڊ تي رهيو ۽ ڪوتا وڀاڳہ سندس چارج ۾ هوندو هو.

۱۹۴۲ ۾ بي.اي. پاس ڪري نوڪري ۾ گهڙيو تہ ڪيس سنڌوءَ تان استيعفا ڏيڻي پيئي.۱۹۴۰ ڪان۱۹۴۷ تائين هو ٻارن جي اعليٰ مخزن ”گلستان“ جو بہ ڪوتا وڀاڳہ جو انچارج ايڊيٽر ٿي رهيو، جا مخزن دادا شيوڪ يوڄراج (ٻالڪن جي ٻاريءَ جو بانيڪار) ڪڍندو هو. ۱۹۴۱ ۾ هن پنهنجي سالي امرلعل هڱوراڻيءَ سان ”ساقي“ ادبي مخزن بہ جاري ڪئي.

اِسڪول توڙي ڪاليج جي پهرئين سال تائين، دلگير نهايت هوشيار ۽ فرسٽ ڪلاس ڪٽندڙ وديارٿي هو. سندس مرضي انگريزيءَ جو پروفيسر ٿيڻ تي هئي، پر سندس مائٽن زوريءَ سول انجنيري پڙهايس، جنهن ۾ هن جو من ئي نہ لڳي سگهيو. انجنيرنگہ جي پهرئين سال ۾ هو ورڪشاپ جي امتحان ۾ بہ دفعا فيل ٿيو. ڀلا شاعر جو من واڍڪي ۽ لوهارڪي ڪم ۾ لڳي تہ ڪيئن لڳي؟جيڪي بہ سال وڃائين اُن عرصي ۾ هن بمبئي يونيورسٽيءَ جو بي.ايس.سي امتحان پاس ڪري ورتو. پر اُن هوندي بہ مائٽن جي زور ڪرڻ تي هو بي.اي. سول پڙهندو رهيو ۽۱۹۴۲ ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ جو بي.اي. سول

۱۹۳۰ع ۾ دلگير روهڙيءَ مان واپس لاڙڪاڻي ۾ اچي. گورنمينٽ هاءِ اِسڪول ۾ داخل ٿيو. لاڙڪاڻي ۾ اُستاد نواز علي جعفري ”نياز“ ۽ سائين ڪشنچند ”بيوس“ جي صحبت جي اثر هيٺ آيو ۽ هوندراج دکايل سان به دوستي ٿي ويس جو ڪانئس ڇهه - ست سال وڏو هو. ۱۹۳۰ ۾ هري دلگير جي ڪوتا لاڙڪاڻي جي ڪنهن هفتيوار اخبار ۾ شايع ٿي ته هئي ڏينهن نواز علي صاحب ”نياز“پاڻ سندس گهر ۾ گهڙي آيو. هو صاحب دلگير جي وڏي ڀاءُ جو دوست هوندو هو ۽ نياز صاحب جو نالو سنڌ جي مڙني مشاعرن ۾ خوب وڳل هو. هن هريءَ کي چيو، ”تنهنجي شاعري ته وٺي پر وزن ۾ ڪي گهٽ وڌايون آهن شايد توکي هن فن جي ڄاڻ ئي ڪانهي. تون جي چاهين ته مان سيکاري سگهانءِ ٿو.“ هري ’دلگير‘ چيس، ”چاچا اَنڌو گهري اَلله کان هڪ اَک مون کي ته به ٿيون ملن. مان ضرور سکندس ۽ توهان ڏي سپاٽي ئي ايندس ۽ پاڻ سان گڏ پريو ’وفا‘ کي به آڻيندس.“ اَهڙي طرح ’دلگير‘ ۽ ’وفا‘ ٻنهي شعر و شاعري جي اِبتدائي تعليم ”نياز“ صاحب کان حاصل ڪئي.

نياز صاحب دلگير جي تربيت شروع ڪئي ته هن پهرئين ڏينهن ئي علم عروض جي باريڪ بينين کي پڪڙي ورتو ۽ سندس سکيا ڪل ٿي ڏينهن هلي. توڙي اُن کان پوءِ نياز صاحب سان سندس دائمي جگري رشتو جڙي ويو. دلگير کي فن جي پختگي نياز صاحب کان ملي ته سک درسي شاعريءَ ۾ نواڻ جو نظريو سائين ”بيوس“ مان پراپت ٿيو. اِنهيءَ ڪري ته دلگير لکيو آهي.

”شمار ٿئي ٿو سنڌ، شاعرن ۾ اڄ دلگير،
ڪمال آهي سو بيوس، نياز پارن جو.“[1]

دلگير سنڌيءَ جي وڏن شاعرن مان هڪ آهي، پر نماٽائيءَ وچان هو پاڻ کي وڏن شاعرن جي بدران سنڌ شاعرن ۾ شمار ڪري ٿو.

---

۱. رولو آواز- هري دلگير، ص. ۳۰

ڪئن نہ ڪٿي مان ڪيچ ڪري ٿي، ماتا پون ۽ پلاري !
آدي ۽ کان هت دان اکٽ داتار سندو ٿيو جاري،
رزق جا رازق،
ڪل جا خالق،
سائين سرجڻهار، سڪہ جي نگري هي ۽ سنسار.''[۱]

گيت سنڌي شاعري ۽ لاءِ هڪ نئين چيز هئي. ههڙا گيت سنڌي ۽ ۾ اڳي ڪنهن نہ لکيا هئا. (سواءِ ''بيوس'' جي هڪ گيت ''قدرت وارا'' شيرن شعر ۾ شايع ٿيل) اِنڪري دلگير جو نالو هڪ گيتڪار شاعر طور وڃي ويو.

دلگير جڏهن اِنجنيرنگہ ڪاليج ۾ پڙهندو هو تہ اٽڪل ۱۹۴۰ ۾ نارائڻ شيام جو اَجا اُسرندڙ شاعر هو، سندس سنگہ ۾ آيو. نارائڻ شيام آنٽر آرٽس پڙهندو هو ۽ ٻئي ڄڻا ساڳي هاسٽل ''سيوا ڪنج'' ۾ رهندا هئا. پريو وفا، دلگير جو هم ڪلاسي، دوست ۽ ويجهو عزيز هو. ٻئي مشاعرن ۾ گڏ اُٿندا ويهندا هئا ۽ نياز صاحب کان تربيت بہ ٻنهي گڏ ورتي هئي. تڏهن تہ دلگير لکيو :

''مزي ساڻ ٿو وقت ''دلگير'' گذري،
وهون جي ''وفا'' ، ''شيام'' يارن جي ويجهو.''[۲]

انجنيرنگ ۾ داخلا وٺڻ جي ڪري ڪاليج ۾ دلگيرجا ٻہ قيمتي سال ويرٽ ويا پر حقيقت ۾ اِهو اُن لاءِ سٺو ئي ٿيو. کيس نديءَ جي ڪناري تي ۽ واهن جي ڪپن تي ويهي شاعري ڪرڻ جو سٺو موقعو مليو ۽ موقعو مليس حسين ديهاتي عورتن کي اڪثر ڏسڻ جو جي مٿي تي پاڻيءَ جا گهڙا ۽ کير، ڏڌ جا دلا يا سر تي سبزين جا ٽوڪرا کڻي ڪئنال ريگيوليٽر وٽان لنگهنديون هيون. اِنڪري دلگير لکيو آهي :

۱.ڪوڏ - هري دلگير، ص. ۲۷-۲۸

۲. مؤج ڪئي مهراڻ- هري دلگير ، ص. ۷۳

امتحان سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ڪيائين. اُن ڪان پوءِ لاڙڪاڻي ۾ انجنيري کاتي ۾ سپروائيزر طور ڪم ڪرڻ لڳو.

دلگير اڃان ڪاليج ۾ وديارٿي هو تہ سندس شاعريءَ جا ٻہ ڪتاب ”هرشچندر جيون ڪوتا“ ۱۹۴۱ ۾ ۽ ”ڪوڏ“ ۱۹۴۲ ۾ ظاهر ٿيا. ٻنهي ڪتابن تي سنڌي ادبي بورڊ (سنڌ سرڪار جي سنسٿا) کيس اِنعام ڏنا. ”ڪوڏ“ ۾ دلگير جا ڪي پيارا گيت هن ريت آهن.

گيت:

”آيو ساجن چاڻ،
سکي، هت آيو ساجن چاڻ !
تازا پشپ پٽي مان آڻيان، ٻاريان چندن ڏوپ،
سواگت سرس ڪنديس مان سک سان، ايندو منگل - روپ
ايندو منگل روپ،
ساجن سونهن - سروپ
پوڇا ٿالهي آڻ سکي ! هت آيو ساجن چاڻ.
ڦولن سان آ سيج سجايل، تارن واري رات،
سوپيا جوين ليٽي، تنهن تي ڪن ٿا منڙي بات،
ڪن ٿا منڙي بات،
دل کي دل جي تات،
پراڻن جو هوُ پراڻ سکي ! هت آيو ساجن چاڻ !“[1]

۽

”سک جي نگري هيءَ سنسار،
هير ڏکڻ جي من - موهن - جيان منڙي بين وڄائي
پشپ لتائن کي گوپين جيان مَنهر ناچ نچائي،
ڪوئل ڳائي،
دل لهرائي،
جهولي ٿي هر ٿار، سک جي نگري هيءَ سنسار.

۱.ڪوڏ - هري دلگير، ص. ۲۵

آتمڪٿا ”چولو منهنجو چڪ ۾“ دلگير لکي ٿو: ”منهنجي من ۾ شاعر ته اڳيئي لڪل هو، پر بيوس جي ڪوتائن ڪيس اڃا جاڳايو. روهڙيءَ ۾ چوٿين انگريزيءَ ۾ ڪوي بيوس جي شاعريءَ جو ڪتاب ”شيرين شعر“ درسي ڪتاب طور پاڙهيو ويندو هو. تڏهن منهنجي ملاقات اَڃا بيوس سان ڪانه ٿي هئي. پر دل ۾ آنڌ مانڌ رهندي هئي ته جڏهن لاڙڪاڻه ويندس ته هڪوار ڪيس ڏسي اکين کي ٺاريندس. پل پير پريان ٿي پر هن سُهڻي شاعر کي ضرور ڏسندس. بعد ۾ مان سائين ڪشنچند بيوس سان مليس. جنهن جي سادي ۽ مٺي ٻوليءَ ۽ آشاوادي ويچارن منهنجي مٿان گهرو اثر ڪيو. بيوس جون ڪيتريون ڪوتائون پاٺ ٿي ياد ٿي ويون هيون. ڪيڏيون نه سليس، ڪيڏيون نه مٺيون هيون! بيوس پاٺ به اهڙو سندر هوندو هو.

شاعريءَ جي شروعات دلگير ڪيئن ڪئي، اِن لاءِ آتمڪٿا ۾ دلگير هڪ بيحد دلچسپ افساني جو ذڪر ڪيو آهي. هڪ اُردو شاعر جو فرمودو آهي، جنهن ۾ چوي ٿو :

”شغل بهتر هئه - عشق بازي ڪا،
ڪيا حقيقي ڪيا مجازي ڪا.“

اِنهيءَ ساڳيءَ طرز تي دلگير پنهنجي زندگيءَ جي افساني جو ذڪر ڪيو آهي. چوي ٿو: ”روهڙيءَ ۾، پاڙي ۾ هڪ سٺي سڀاجهي ڇوڪريءَ سان منهنجي دوستي ٿي ويئي ۽ هوءَ مونکي خوب وڻندي هئي. هوءَ مون کان ٻه سال ڪن ننڍي هئي ۽ هڪ فاريسٽ آفيسر جي ڌيءَ هئي. هاڻي مان محسوس ٿو ڪريان ته منهنجي شاعريءَ جي شروعات، روهڙيءَ ۾، سنڌو نديءَ جي سنگ ۽ ڇوڪري جي رنگ سان ٿي هوندي. اٽڪل اڌ صديءَ کان پوءِ اُن ئي ڇوڪري سان منهنجي ملاقات بمبئيءَ جي ڪنهن گهر ۾ ٿي. عجب اِهو ته اسان ٻنهي هڪ ٻئي کي سڃاتو، توڙي اسان ٻنهي جي عمر سٺ پنجهٺ سال ٿي چڪي هئي.“

”سپنن ۾ ڏس نازڪ ناريون،
چيلهه مٺان چوَنرين سان پياريون،
رنگبرنگي ساڙين واريون،
ڳل ڳاڙها ۽ اکڙيون ڪاريون،
پيرن ۾ چيرين چمڪارا،
سونو سپنن جو سنسار.“[۱]
”سپنن ۾ قدرت - پوڄاري!
باغ اَندر ڏس بوند بهاري،
هير جا هلڪا جهوٽا جاري،
جهوٽي گلن جي ٽاري ٽاري،
ماڪ گلن تي هيرن هار،
سونو سپنن جو سنسار.“[۲]

شايد اِهيئي سندس شاعريءَ جا بهترين سال هئا، جي هن پي.ڊبليو.ڊي ۾ گذاريا- عملي طور بہ هو سٺو ۽ ڪامياب انجنيرن ۾ ليکجڻ ۾ ايندو هو.

شاعريءَ جو شونق ڪيئن پيدا ٿيو اُن جو ذڪر پنهنجي آتم ڪٿا ۾ ڪندي جڏهن دلگير پراڻين يادگيرين ۾ گم ٿي ٿو وڃيءَ هڪ ترائيل ٿو لکي:
ترائيل:

”يادگيريون جي پراڻيون آيون،
جڏهن تہ دل گُم ٿي وئي سپنن ۾،
جا ٻيون، جا تہ منجهن گهرايون،
يادگيريون جو پراڻيون آيون،
جا ستارن ڏي اُڏڻ، اوچايون،
يا تہ جڏهن سير ڪرڻ مڏوبن ۾،
يادگيريون جو پراڻيون آيون،
جڏهن تہ دل گُم ٿي وئي سپنن ۾.“[۳]

۱.۲. ڪوڏ- هري دلگير، ص. ۲۹ ۽ ۳۱
۳. ڳاه ڪليا گس گس - هري دلگير، ص. ۲۲

ڪري آفيس ۾ اِستعيفا موڪلي ڏني اُن وقت هو پي. ڊبليو.ڊي ۾ انجنير هو. پر جڏهن پيءُ کي اِن ڳالهہ کان واقف ڪيائين تہ اُن جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو. اُن دلگير کي چيو تہ، ”پٽ توکي وڃڻو آهي تہ ڀلي وڃ، مان منع نہ ڪندس، منهنجو ڏاڏو وڏاڏو تہ سنڌ ۾ ئي آهي. منهنجو سنڌڙيءَ ۾ ساهہ آهي ۽ مرشد سڳوڙا بہ هتي ئي آهن.“ گهڻي ڳڻ ڳوت کان پوءِ دلگير ٻئي ڏينهن اِستعيفا واپس وٺي آيو اِهو سوچي تہ ”جتي سنڌ اُتي جند“ اهڙي طرح پيءُ ماءُ جي ڪري پريا يارهان سال پوءِ بہ دلگير سنڌ ۾ رهيو پيو هو.

دلگير لکي ٿو: ”هونءَ تہ سنڌ ۾ وقت مزي ۾ گذرندو هو، پر مون ائين پئي محسوس ڪيو تہ مون ۾ احساس ڪمتري پيدا ٿي رهيو هو. مان پاڻ کي ٻئي درجي جو ناگرڪ سمجهڻ لڳو هوس. گهر ۾ کدر پوشاڪ پهرڻ بند ڪري ڇڏيم، اوطاق ۾ ٽنگيل پارٽي ليڊرن جا فوٽا لاهي ڇڏيم. سياري ۾ شام جو ٽوپيءَ جي ضرورت محسوس ڪندو هوس تہ جناح ٽوپيءَ پائڻ شروع ڪيم. هڪ ٻئي سان ڪيڪار جو نمونو اَسلام عليڪم واليڪم اسلام ٿي پيو. سرڪاري آرڊر نڪتا تہ هر سرڪاري لک پڙهہ جي شروعات ٧٨٦ جي انگ سان شروع ڪئي وڃي. اِسلام ۾ هن انگہ کي ايتري اهميت آهي جيتري هندو ڌرم ۾ ”اوم“ شبد جي. اسڪولن ۾ عربي ٻولي لازمي وشيہ طور پڙهائي ويندي هئي. ۽ منهنجو وڏو پٽ رام بہ عربي پڙهڻ لڳو. جنهن لاءِ هڪ ماستر/مولوي رکڻو پيو. اِنهن ننڍين وڏين ڳالهين جي ڪري منهنجو من، اندر ۾ چڙ مري رهيو هو. پر مونکي هڪ آٿت هوندو هو جو مون کي سنڌي توڙي غير سنڌي پاڙيسري پيار ۽ آدر ڏيندا هئا.

دلگير لاڙڪاڻہ ۾ ئي هو تہ سندس پتا جو ديهانت ٥ سيپٽمبر ١٩٥٥ تي ٿيو ۽ ڏيڍ سال رکي ٢٥ فيبروري ١٩٥٧ تي سندس ماءُ بہ ڪانئس موڪلائي ويئي. ماءُ پيءُ جي گذرڻ کان پوءِ دلگير اُداس اُداس رهڻ لڳو. تنهن وقت هو سنڌ ۾ ايگزيڪيوٽو انجنير جي اعليٰ عهدي تي هو.

اهڙيءَ طرح دلگير چار ڪوتائون نندي هوندي روهڙيءَ ۾ ئي لکيون هيون. هڪ اُن پاڙيسرياڻي سباجهي ڇوڪري تي. ٻه سنڌو نديءَ تي جا هرروز سامهون وهندي ڏسندو هو. چوٿين ڪوتا سردار ڀڳت سنگهه تي (جنهن کي اُنهن ڏينهن ۾ ڦاسي تي چاڙهيو ويو هو)

دلگير ۾ شاعريءَ ۽ انجنيرنگ جو سهڻو سنگم آهي. اِهو سنگم اُردوءَ جي ڪلاسيڪي شاعر ۽ ناول نويس مرزا محمد هادي ''رسوا'' ۾ به هو ۽ اڄ سنڌي شاعريءَ ۾ واسديو ''نرمل'' ۾ به آهي. اهڙا سنگم اڻ لڀ نه پر درلڀ ضرور آهن. دلگير پاڻ چوندو هو ته هن جي اندر شاعر ۽ انجنير گڏ رهندا آهن، پر هو ٻنهي کي هڪ ٻئي سان ملڻ نه ڏيندو آهي. جڏهن هو انجنير هوندو آهي ته شاعر عدم پيدا ٿي ويندو آهي ۽ جڏهن هو شاعر هوندو آهي ته انجنير غائب ٿي ويندو آهي.

دلگير ورهاڱي کان پوءِ يعنيٰ ١٩٤٧ کان پوءِ سنڌ ۾ پورا يارهان سال رهي پيو. دلگير پنهنجي آتم ڪٿا ''چولو منهنجو چڪ ۾'' لکي ٿو:

''١٥ آگسٽ ١٩٤٧ تي لاڙڪاڻي ۾ مسلمانن جي شاهي سرگس نڪتي، جنهن ۾ اللهه اڪبر، قاعد اعظم محمد علي جناح زندهه باد، قائد ملت لياقت علي زندهه باد جا، آسمان کي ڏاريندڙ نعرا لڳي رهيا هئا. اڳي اهڙين سرگسن ۾ ڀارت ماتا ڪي جئه جا نعرا هوندا هئا. هونئن سرگس ۾ گانڌي ٽوپين سان ڪانگريسين جي هٿن ۾ ترنگا جهنڊا لهرائيندا هئا. اُنهن جهنڊن جي بدران چنڊ تاري جا ساوا جهنڊا جهولي رهيا هئا.''

''هن نئين ماحول ۾ منهنجو ساهه ٻوساٽجڻ لڳو. هينئر مان ڀارت ماتا جو ٻالڪ ناهيان. گانڌي ۽ جواهر منهنجا ليڊر ناهن. منهنجا اڳوان جناح ۽ لياقت علي آهن. مان ڀارتي جهنڊي جي بدران پاڪستاني جهنڊي کي سلام ڪندس. نه نه ائين ڪيئن ٿي سگهندو؟ جهنڊي لاءِ آدر نه ڏارڻ ڇا اِها غداري ناهي؟ ڇا مان غدار رهان؟ اِهي ئي ويچار منهنجي دل ۽ دماغ ۾ گهمي رهيا هئا.''

اِن ذهني ڪشمڪش ۾ دلگير پاڪستان ڇڏڻ جو پڪو خيال

کيترائي ڪاليج کليا. سائنس ڪاليج ١٩٦٦ ۾، ڪامرس ڪاليج ١٩٧٢ ۾، هوم سائنس ڪاليج ١٩٧٤ ۾، سنگيت ۽ نرتيه لاءِ ڪلاڪتين به شروع ٿيو. هاسٽل ۽ پروفيسرن جا ڪوارٽر ۽ آڊيٽوريم به ٺهيا. اُن وقت دلگير پاليٽيڪنڪ ڪاليج جو پرنسيپال ۽ بورڊ جو آنرري سيڪريٽري هو. دلگير لکي ٿو: ”مون ڪڏهن به ماستريءَ جو ڪم ڪونه ڪيو هو، پر پاليٽيڪنڪ ۾ پڙهائڻو پيو. ٿوري وقت ۾ مون محسوس ڪيو ته مان ڄائو ئي آهيان ماستري ڪرڻ لاءِ. ڪاليجن ۾ پڙهائيندي خوب مزو ايندو هو. ۽ وديارٿي به مون مان خوش هوندا هئا. پر مونکي پڙهائڻ ۾ خاص مزو تڏهن ايندو هو جڏهن مان هوم سائنس ۾ ٽيهن ڇوڪرين کي انگريزيءَ ۾ ڪُٽنبي ناتا (family relations) پڙهائيندو هوس. روز واري سان سيني ڇوڪرين کي ڳل ڏيندو هوس. مان ڪلاس ۾ ويندو هوس ته سيني جي ڇهرن تي مرڪ جا ڦوهارا ڦُلي پوندا هئا.

ڪاليج جا پروفيسر منهنجو عاشقاڻو سڀاءُ ڏسي پاڻ ۾ اِشارا ڪندا هئا ته ”هي ٻڍو اڃان عاشقاڻو سڀاءُ نٿو ڇڏي.“ اِهو ٻڌي مون هڪ غزل ۾ لکيو.

> ”ٿيو هيڏو وڏو دلگير صاحب، پر نه سڌريو آ،
> اڃا تائين ڪري ٿو سونهن جون ۽ پيار جون ڳالهيون.“[١]

پوپٽي هيراننداڻي ”سدا هجن هوت حيات“ ۾ لکي ٿي، ”گانڌيدام آديپور ۾ جيڪي به ڪاليج کليا آهن تن لاءِ پريداس تولاڻي ڪرڻ جهڙو دانوير ٻڌيو آهي ته دلگير اهڙي وڏي رت کي هلائيندڙ مهارٿي ! شاعر هوندي ڳلن ۽ سرهاڻ سان موه رکندي به دلگير صاحب محنتي ۽ اورچ اِنسان آهي. ڇوڪريون پٽيون رڌين ۽ مشين هلائين، ڇوڪرا پيا وڍ ڪٽ ڪن ۽ هينڊل ڦيرائين، هو گهر سنڀالڻ جي سکيائون پٽيون وٺن ۽ ڇوڪرا ملڪ کي اڳتي وٺي وڃڻ وارا ڪارخانا هلائڻ جو هنر پيا سکن، هڪڙيون ڪل ڪل پئيون ڪن ۽ ٻيا گنڀير بحث

---

١. رولو آواز- هري دلگير، ص. ١٩

ماءُ جي ديهانت کان ٿورو وقت پوءِ دلگير ٻارن سميت ڀارت گهمڻ آيو هو. جتي هڪ دوست جي بزرگ پتا دلگير کي چيو تہ:” هري تون اڃا پاڪستان ۾ ڇو رهيو پيو آهين؟ هاڻي تون سنڌ کي ڇڏ. تنهنجي ٻارن کي هندو سنسڪرتيءَ جي ٿوري بہ ڄاڻ ڪونهي. دنيا ۾ صرف پئسو ۽ ٻاهريون ٺاٺ باٺ ئي سڀ ڪجهہ ناهي.“ دلگير لکي ٿو، ” اِهو بہ سچ هو تہ منهنجن ٻارن کي روزن، نمازن ۽ عيدن جي وڌيڪ ڄاڻ هئي. بنسبت جنم اشٽمين، دسهڙن ۽ ڏيارين جي. مون اِهو محسوس ڪيو تہ هاڻوڪين حالتن هيٺ نہ منهنجا ٻار صحيح نموني ۾ اُسري سگهندا ۽ نہ مان پنهنجن اُمنگن ۽ اُڌمن جو اظهار نيڪ نموني ۾ ڪري سگهندس. مون اُن وقت دل ۾ فيصلو ڪيو تہ پنهنجن ٻارن ۽ وويڪ جي صدقي مونکي سنڌ ستت ڇڏڻ گهرجي.“

١٩٥٨ ۾ سنڌ جون سياسي حالتون اهڙيون ٻڻيون جو دلگير صاحب کي مجبور ٿي ڀارت ڏانهن رخ ڪرڻو پيو. سنڌ ڇڏڻ کان اڳ، سنڌ جي ڌرتيءَ کي جڏهن چُميائين تہ سندس اکين ۾ ڳوڙها ڳري پيا هئا.

”ڪري مهار ملير ڏي، ڳوڙها پيم ڳڙي،
نڪتي ڪوڪ قلب مان، منهنجا روح رڙي.“
(شاهہ)

دلگير ڪراچي سنڌ کان سڌو گانڌيدام آيو ۽ اُتي اچي هوُ مئتري منڊل طرفان هلندڙ ”سول انجنيرنگ انسٽيٽوٽ“ ۾ پرنسيپال ٿيو جيڪا انسٽيٽوٽ ٽن سالن کان پوءِ گانڌيدام پاليٽيڪنڪ جي نالي سان مشهور ٿي ۽ هاڻي تولاڻي فائونڊيشن گانڌيدام پاليٽيڪنڪ جي نالي سان هلي رهي آهي.

ڀائي پرتاپ دلگير تي آديپور ۾ نون ڪاليجن کولڻ جو ڪم رکيو هو. دلگير جي ڪوشش سان ١٩٦١ ۾ سرڪاري گرانٽ وٺي انجنيرنگ پاليٽيڪنڪ ڪاليج شروع ٿيو. ڪاڪي پريداس تولاڻي جي مالي مدد ۽ دلگير جي محنت ۽ اورچائي ۽ هر ڪم ۾ انتظام سبب آديپور ۾

ٽيهه سال ڪم ڪيو هو.

آتم ڪٿا ۾ دلگير زندگيءَ جي ڪيترين ئي ڪٺين منين يادگيرين جو ذڪر ڪندي لکي ٿو: ”ڪاليج جي اڏاوت مون ئي پيار ۽ جاکوڙ سان ڪرائي آهي ۽ هر هڪ سر تي منهنجي عقيدت جو ٽپو لڳل آهي.“دلگير جو وشواس هو ته ”اڏ ۽ چڏ“ پوئتي نهارڻو ناهي. دلگيرهڪ بزرگ جي پڌايل ڪهاڻي جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته: ”هڪ ماڻهوءَ کي وردان مليل هو ته جتي پير پائيندو، اُتي سبزي ۽ گلڪاري ٿي پوندي. پر جي پوئتي نهاريندو ته برپٽ ٿي پوندي. اِنڪري مان پوئتي نهارڻ کان ڪنارو ٿو ڪريان ۽ زندگي جي نون راهن تي گيت ڳائيندو اڳتي وڌي رهيو آهيان.“ خير.

دلگير هڪ طرف ساهتڪ جڳت ۾ پاڻ موکيو ته ٻئي طرف سماجڪ سرگرمين ۾ نه رڳو ڀرو ورتائين پر سرگرم به رهيو. ازانسواءِ ڪاليجن جي ڪمن کان سواءِ راڄنيتڪ کيتر ۾ به ڪم ڪيائين. گانڌيدام جي اُسرڻ ۾ سندس وڏو يوگدان آهي. ١٩٦٥ع ۾ دلگير هڪ ئي وقت هو:

(١) گانڌيدام ۾ ميونسپالٽيءَ جو پريزيڊنٽ.

(٢) گانڌيدام ڪوآپريٽو بئنڪ جو چيئرمن.

(٣) گانڌيدام ڊيولپمينٽ اٿارٽيءَ جو سيڪريٽري.

(۴) روٽري ڪلب جو پريزيڊنٽ (ٽي دفعا).

(۵) ڪاليج جو پرنسيپال.

(٦) ڪاليجئيٽ بورڊ جو سيڪريٽري.

تنهن کان سواءِ بمبئي يونيورسٽيءَ جي سنڌي بورڊ جو ميمبر ۽ گجرات يونيورسٽيءَ جي سنڌي بورڊ جو ميمبر ۽ مرڪزي ساهتيہ اڪاڊميءَ جي صلاحڪار بورڊ تي ۽ ڀارت سرڪار جي سنڌي صلاحڪار بورڊ جو ميمبر هو.آديپور ۾ پهچڻ سان دلگير سنڌي ساهت سنگت شروع ڪئي جتي شروع ۾ هفتيوار ادبي بئنڪون ٿينديون هيون. سنڌي سنگيت ۽ ناٽڪ جا پروگرام به ٿيندا هئا. اهڙي نموني دلگير پنهنجي

پيا ڪن ! ڪلاس ۽ هاسٽلون، هال ۽ مشيني پرزا، آفيس جا ڪلارڪ ۽ پروفيسر، خرچ ۽ بحث، لکن جي لائٽ ۽ پگهار اِهي سڀ ڪم پڻ دلگير صاحب وينو ڪري ! ڪم ڪري ڪري سندس اکين جون پنبٽيون بہ سفيد ٿي ويئون آهن پر هيءُ شاعر اِنسان اَجا بہ زندگيءَ جي جنگ ۾ جٽيو بيٺو آهي! ورهيہ گذري وڃن تہ دلگير سان مڪاميلو ڪين ٿي سگهي پر دل ۾ سندس ٿهڪن، دل خوش ڪندڙ آواز ۽ شهنشاهن جهڙي ورتاءُ جا پڙاڏا گونجندا رهندا آهن.“

آتم ڪٿا ۾ دلگير لکي ٿو، ”ڪاليجن جو ڪم ڪاڪي تولاڻي جي ڏن، من ۽ لگن سان هلندو هو. هو نہ هجي ها تہ ڪجهہ نہ ٿي سگهي ها. دلگير جو هن سان پٽ پيءُ جو رشتو ٿي ويو هو. هوُ سندس پيڻ ساوتريءَ جو سهرو هو. ڪاڪو تولاڻي ڪيس پنهنجي جيءَ ۾ جاءِ ڏيندو هو.“

١٩٧٨ع ۾ دلگير پرنسيپال جي پد تان رٽائر ٿيو. پر اُن کان ڏهہ سال پوءِ بہ هو ڪاليجيٽ بورڊ جو سيڪريٽري ٿي رهيو. رٽائر ٿيڻ تائين هن ٻارهان سال سيڪريٽري جو پد بنا پگهار سنڀاليو هو.

١٩٨٨ع ۾ شروع ۾ ڪاڪا جي طبعيت خراب ٿي پيئي . اُن وقت سندس عمر ٩٥ سال هئي. هاڻي سندس ڌيءُ جامونتي کي ڪاليجئيٽ بورڊ جو ورڪنگ پريزيڊنٽ بڻايو ويو. ميلو متل ڇڏڻ گهرجي اِهو سوچي دلگير پنهنجي پد تان اِستعيفا ڏني.دلگير جي جڳهہ تي هاڻي اميريڪا ۾ رهندڙ موهن چندناڻيءَ کي مقرر ڪيو ويو. رٽائر ڪرڻ کان پوءِ دلگير بہ مهينا ڪاڪي سان گڏ بمبئي ۾ آخرين ڏينهن تائين سندس گهر ۾ رهيو. جتي هوُ ڪيس روز اسر جو جپ صاحب پڙهي ٻڌائيندو هو. ١٠ اجولاءِ ١٩٨٨ اتي ڪاڪي جو ديهانت جسلوڪ هاسپيٽل ۾ ٿيو. آخرين ڏينهن تائين دلگير ڪاڪي تولاڻيءَ سان گڏ رهيو.

شايد موهن چندناڻيءَ جي صلاح سان دلگير جا ڪاليجيٽ بورڊ سان سڀ ناتا (ميمبر ۽ ٽرسٽي) جا ختم ڪري ڇڏي ويا. سندس ڪاليجيٽ بورڊ سان ڪوئي ناتو نہ رهيو. دلگير ڪاليجن ۾ لڳ ڀڳ

(٢٠) ڳند منهنجي ڳوڙهي ۾ ٢٠٠٣
(٢١) اَدبي ليک ٢٠٠٤
(٢٢) وڻ وڻ ۾ وايون ٢٠٠٥

ٻال ڪوتا جا هيٺيان چار ڪتاب :-

(١) موجي گيت (ٻيوس سان)
(٢) مزيدار گيت
(٣) گيت گلابي
(٤) پروليون

دلگيرجي شخصيت

منهنجي (هن مقالي جي ليکڪا) دلگير سان ملاقات ٻه دفعا مختصر ۾ ٿي هئي. اُنهن ٻن دفعن ۾ مون جيڪو ڪجهه دلگير جي باري ۾ ڪتابن ۾ پڙهيو هو ۽ ٻين جي واتان جيڪي ٻڌو هو اُن کي اکين سان ڏٺم ۽ دل سان محسوس به ڪيم ته هري دلگير نهايت ئي شاندار، قربدار ۽ حليم شخصيت جو مالڪ هو. منجهس رتيءَ ڀر به هٺ وڏائي ڪين ُهئي. اُن وقت سندس عمر ٨٠ - ٨٢ ورهيه هئي. اڇي چوڙي پئجامي ۾ سندس ٻاجهاري شخصيت اکين مان چٽيءَ طرح عيان هئي. خطن ذريعي دادا دلگير سان جيڪا منهنجي پهرين سڃاڻپ ٿي هئي اُن ۾ مخاطب ٿيندي هميشهه لکندا هئا، ”پريه اڻ ڏٺل ڌيءَ آشا سدائين-باغ بهار. پڙهي مان محسوس ڪندي هيس ڄڻ ڪوئي پنهنجو دل سان پيار ڪري رهيو آهي ۽ دل جي گهرائين سان دعا ڪري رهيو آهي. اهڙي طرح خطن ذريعي دادا دلگير مون سان گهڻو پيار ونديو. هڪ خط ۾ لکيائون : ”توسان ملڻ جي خاص چاهنا دل ۾ رهندي اٿم، ڇو ته توسان ڌيءَ ۽ پيءُ جو رشتو رکيو اٿم -توسان ڌيءَ ۽ پيءُ جو رشتو ڳنڍيي منهنجي دل بيحد خوش آهي. سنسار ۾ سڀ ڪجهه ختم ٿي ويندو باقي پيار ئي زنده رهندو. اڪثر رت جي رشتي کان وڌيڪ پيارو غير رت جو رشتو ٿيندو آهي. شل سدائين خوش رهين.“ پيارن سان تنهنجو دادا - هري دلگير.

جيون ڪال ۾ سچ پچ تہ ”اڏيو ۽ ڇڏيو“ تي عمل ڪيو. خئر.

”گذر گئي گذران، ڪيا جهوپڙي، ڪيا ميدان.“

دلگير جون شايع ٿيل رچنائون

هري دلگير اَگرچ لازمي طور هڪ شاعر جي حيثيت ۾ ڄاتو سُڃاتو وڃي ٿو مگر هوُ هڪ سٺو نثر-نويس پڻ آهي - هن جي تصنيفات ۾ نظم ۽ نثر ٻئي شامل ٿيل آهن - نظم جا مجموعا نثر جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهن. سندس هينيان آهن :-

(۱) هرشچندر جيون ڪوتا (سنڌ سرڪار جو انعامي ڪتاب) ۱۹۴۱

(۲) ڪوڏ (ڪوتا) (سنڌ سرڪار جو انعامي ڪتاب) ۱۹۴۲

(۳) ماڪ ڦڙا (ڪوتا) (نارائڻ شيام سان گڏ) ۱۹۵۳

(۴) موج ڪئي مهراڻ (ڪوتا) ۱۹۵۳

(۵) ڪهاڻي ڪرم يوگيءَ جي ۱۹۷۵

(٦) پل پل جو پرلاءُ (ڪوتا) (ساهتيہ اَڪادميءَ جو اِنعامي ڪتاب) ۱۹۷۷

(۷) اَمر گيت (شريمد ڀڳود گيتا جو نظم ۾ انواد ۽ ٽيڪا) ۱۹۸۱

(۸) ڪشنچند بيوس (آلوچنا) ۱۹۸۱

(۹) رولو آواز (غزل) ۱۹۸۴

(۱۰) ڇولو منهنجو ڇڪ ۾ (يادگيريون) ۱۹۸۷

(۱۱) جهنگلي گل (نثري نظم) ۱۹۸۸

(۱۲) بيوس جو چونڊ ڪلام، معنيٰ سان (ساهتيہ اَڪادمي)(سمپادن) ۱۹۸۸

(۱۳) جپ صاحب (ڪوتا ۾ ٽيڪا سميت) ۱۹۸۹

(۱۴) لهرن لڪ لباس ۱۹۹۳

(۱۵) آزادي آندولن جا گيت (سمپادن) ۱۹۸۸

(۱٦) اَڪيلو چنڊ ۱۹۹۹

(۱۷) صبح جو سهاڳ ۲۰۰۱

(۱۸) جيءَ جيءَ ڙي جيءَ ۲۰۰۱

(۱۹) گاه ڪليا گس گس ۲۰۰۲

لڪائي ٿو. سندس نيون هري وري هريءَ جي اندر ويٺو آهي. هو پنهنجي ٻاهرئين هري کي سنيئن دڳ تي هلڻ جي صلاح ڏئي ٿو، پر هو ڪن لاٿار ٿو ڪري ڇڏي، ڇاڪاڻ تہ اندريون هري ٻاهرئين هريءَ جي صلاح نٿو مڃي، هو ٽڪجي ٽٽجي ڦِمهي پوي ٿو. ڇوٿون هري سچو پچو هري آهي، ۽ نام ۽ روپ (name & form) کان پري آهي.''

اهڙي طرح هري دلگير ۾ ڇئن هرين جو کيل آهي ۽ اُن کيل ۾ ٻيون هري گهڻو حصو وٺي ٿو، جيتوڻيڪ دلگير پنهنجي فطرت ۾ ٻئين هريءَ جو وڏيڪ دخل قبول ڪري ٿو. پر پوءِ بہ سندس سموري شخصيت جا ٻہ پاسا هو ''پاڻ '' ۽ سندس ''شاعر روپ''- پُر خلوص ۽ شاندار آهن.

شاعر لڇمڻ ڪومل ''سندو جوت'' هري دلگير خاص انڪ ۾ لکي ٿو: ''هري گرڌنومل درياڻي ''دلگير'' تخلص، سائين ڪشنچند ''بيوس'' جو شاگرد، اُستاد نواز علي جعفري''نياز''جو نوُر نظر - رنگ جو گورو، سندس اکين ۾ اهڙي چمڪ جو مرحوم نياز تہ ڇا، موُلانا امروٽيءَ جهڙا زاهد بہ هڪ ئي گهوُر سان گهائجي وڃن. ڇهرو ڪتابي ۽ قد وچولو، پيشو انجنيري (جيڪا انجنيري هنجي شاعريءَ ڦٽ ڪٽيءَ سان تُزُ ماپي ۽ روپئي جا سورهان آنا کرڪائي ڪٽي سگهجي ٿي.)''

دلگير جو واسطو سڪئي ستابي ڪٽنب سان رهيو هو ڪيس نہ صرف ڪامورو ماحول مليو بلڪ خود ڪاموري جو دٻدٻو ماڻيو. اُن پوزيشن ڏات ۽ ڏانو سان پريت جو پيچ پائڻ ڪري دلگير نهٺو، نماڻو، رلڻو ملڻو ڪومل ۽ اُدارِدل هڪ سلجهيل شخصيت جو مالڪ بڻيو.

دلگير جي آتم ڪٿا ''ڇولو منهنجو ڇڪ ۾'' ۽ ''گند منهنجي گوڏ ۾'' پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ دلگير جي شخصيت کي دلڪش بڻائڻ ۾ سندس پياري سياڻ اهم رول ادا ڪيو هو. هن جو سڀ سان پيار هو. رلڻو ملڻو، پڙاون کي پنهنجو سمجهندڙ، سلجهيل خيالن وارو هڪ صوفي طبعيت اِنسان هو. سندس ڪهڻيءَ ۽ رهڻيءَ ۾ تفاوت ڪونہ هو. دلگير آزادي جو ڪوڏيو ۽ رسوخ وارو شخص هو. جنهن جي گهڻن سان

هئڙي قربدار شخصيت سان ملڻ جي اُڻ تڻ منهنجي من ۾ به هئي دل ۾ هميشه رهندو هو ته دادا سان ملان ۽ آخر اهڙو ڏينهن به آيو جو دادا دلگير سان پهريون دفعو ملاقات سندس ئي گهر ۾ آديپور ۾ لڳ ڀڳ اڌ منو ڪلاڪ ٿي ۽ ٻيو دفعو دادا دلگير جي ڪنهن عزيز جي گهر ممبئي ۾ به ڪلاڪ ڏيڍ ملاقات ٿي. هيتري اوچ تي رسيل شخصيت کي مان اکين سان ڏسي رهي هيس اُن طرفان مليل مهمانوازيءَ کي به ماڻي (enjoy) رهي هيس جنهن مهمانوازيءَ جي ڪري هو بيحد مشهور هو. اُن وقت مونکي پي ايڇ. ڊِي. ڪرڻ جو ويچار هو جنهن لاءِ ڪافي سجهاوَ ڏنائين. خير دادا دلگير جي حيات هوندي مان پي ايڇ. ڊي. نه ڪري سگهيس پر اَڄ سندس ڏنل سُجهاوَ ڪم اَچي رهيا آهن. سندس سمجهائڻ ۽ سجهاوَن ڏيڻ جو طريقو زبردست جاندار هو. جيڪي گهڙيون مون دلگير سان گذاريون اُن ۾ ائين محسوس ڪيم ته ماتا سرسوتيءَ جي دلگير تي اَپار ڪرپا هئي. ساڻس گڏجي ۽ ڳالهيون ٻوليون ڪندي مون پنهنجائپ محسوس ڪئي. ڳالهائڻ وقت سندس چهري تي مشڪ نمودار هئي ۽ هڪ مقناطيسي ڪشش هئي. سندس ڌرمپتني (پاپي نانڪي) به مٺڙي ۽ پياري سڀاءُ واري هئي.

هري دلگير لکي ٿو ته: ”سندس شخص ۾ چار هري سمايل آهن. هڪ هري اُهو آهي جنهنجا تفصيل آهن ته هو لاڙڪاڻي سنڌ ۾ ١٥ جون ١٩١٦ع ۾ ڄائو ۽ اڳتي هلي بي. ايس سي، بي.اي. ڪيائين. سندس ڪٽنب ۾ سندس گهرواريءَ کان سواءِ ٻه پٽ ۽ ٻه ڌيئر آهن. ٻيون هري اُهو آهي، جنهن کي شاعر طور ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. جنهن کي ١٩٦١ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ (سنڌ) جو اِنعام حاصل ٿيو ۽ ١٩٧٩ع ۾ ساهتيه اڪادمي، نئين دهليءَ جو اِنعام حاصل ٿيو. اُهو هري ، هڪ رواجي شخص آهي، جنهنجا ويچار سٺا خواه خراب ٿيئي آهن. هو چالاڪ ۽ چالباز شخص آهي، جنهن کي جو ڪجهه سندس جوڳو آهي اُن کان به وڌيڪ ڪجهه کپي. هو پنهنجين خامين ۽ خرابين کي

تڪجندڙ سرير ڏانهن ڏسندا ئي رهجي تي وياسين. چانهه، نيرن، منجهند ۽ رات جي مانيءَ جي بندوبست ۽ ورهاست وقت دلگير، ساهتڪ بئٺڪن ۾ ججن جي ڪرسين تي ويٺل ۽ انصاف جو قلم هلائيندڙ دلگير، شام جو ”پريو درشن هال“ ۾ هران درشڪن ڪي ڪيڪاري اندر موڪليندڙ دلگير، رنگ منچ تي ڪلچرل پروگرام ۽ مشاعره جي ڪاروائي هلائيندڙ دلگير ، ٽئين ڏينهن تي صبح جو لگزري بس تيار ڪرائي ڪنڊالا بندر ۽ اُتان جي ڪارخانن جو سئر ڪرائيندڙ دلگير مطلب ته:

” جڏر ديڪتا هوُن اُڏر تو ئي تو هئه“

وارو زنده مثال پي ڏنوسين سندس اهڙي پياري سڀاءُ جي ڪري ڪيس سڀ پيار ڪندا هئا. سنت شرومڻي ليلاشاه مهاراج (جيڪي ۴ نومبر ۱۹۸۳ع تي ۹۴ سالن جي عمر ۾ جوتي - جوت سمايا) جيڪي خود به آديپور ۾ رهندا هئا ، اُهي دلگير کي ”هري دل بهار “سڏيندا هئا. دلگير جو سوچ شفي(سڪاراتمڪ) هو. اِهو ئي سبب آهي جو سندس ڪويتا ۾ آشاواد جي جهلڪ بخوبي بکي ٿي. اِن ڪان سواءِ دلگير جي ڪوتا ۾ قدرت سان اُتاه پيار هئڻ ڪري جيڪا سڀاويڪ نموني ڏارا ڦٽي ٿي نڪري ، اُها نه رڳو ساراه جوڳي آهي بلڪ ڪوي ۽ سندس لاءِ دل ۾ هڪ عجيب شرڌا پڻ پئدا ٿي ڪري. اِهو ئي سبب آهي جو نه رڳو سندن ويچارن ۾ بلندي نظر ٿي اچي، بلڪ اُنهن ۾ گهرائي پڻ جهلڪي ٿي. هڪ ساهتيڪار کي پرکڻ لاءِ اِهي سڀ ڳالهيون ڪسوٽي جو ڪم ڪن ٿيون.

جهڙيءَ طرح هڪ چترڪار پنهنجي برش سان ڪنهن تصوير ۾ رنگ پريندو آهي، ساڳيءَ طرح ڪوي دلگير پڻ پنهنجي قلم جي نوڪ سان ڪويتا روپي تصويرون اُڪريون آهن. لاشڪ سندن ڪلپنا جي اُڏام کي شبدن ۾ بيان نٿو ڪري سگهجي.

دلگير ڪلا کي رڳو ڪلا جي روپ ۾ ئي نه، بلڪ جيون جي روپ

ئي سني رکڻي راهڻي هئي. دلگير دنيوي پدارٿن کان وڌيڪ جيڪو ڪجهه حاصل ڪيو اُهو هو هر ڪنهن جو سنيه ۽ پيار دلگير اُن دنيا جو رهواسي هو جتي پيار ئي پيار هو. سندس ويچار موجب پيار ۾ پيار جي موٽ جي اُميد رکڻ اجائي آهي. پيار تہ ڏبو ئي آهي. پيار جو ڌن ئي اسان جو سچو سرمايو آهي.

هيڏو وڏو اديب هوندي بہ دلگير سنڌي ادب جي پانڌيئڙن کي همٿائيندو هو. هو هڪ بيدار شخص ۽ ٻين جي پاونائن طرف سجاڳ هو. اِنسان کي اِنساني راه تان هٽندو ڏسي کيس دک ٿيندو هو. کيس همدردي، هڪجهڙائي، پيار ۽ پنهنجائپ جهڙين نيڪ ڀاونائن ۾ آنند محسوس ٿيندو هو. دلگير وٽ ڪچن قلم اديبن جا ڪتاب پهچندا هئا تہ هو کين سندن همٿ افزائي لاءِ پهچ جا بہ اکر لکي موڪليندو هو. جيڪڏهن کيس ڪي ڪتاب مال - و-رومال جي لحاظ کان وڻندا هئا تہ هو اُنهن جي سراه مان ئي نہ ڌاپندو هو. کيس اُنهن ۾ ڪي نقص محسوس ٿيندا هئا تہ هو اِشاري اِشاري ۾ ٻڌائيندو هو صلاحون ڏيندو هو.

ريٽا شهاڻي لکيو آهي : ” هري دلگير ادب جي ميدان ۾ شخصي طرح سان منهنجي لاءِ مسيحا هو. هن جو رول منهنجي ادبي جيون ۾ اهڙو هو جهڙو پروفيسر ايم.يو.ملڪاڻيءَ جو ڪن ليکڪائن جي ادبي جيون ۾ هو. هن پهرئين ڏينهن کان مونکي سپورٽ ڪئي. هن منهنجي پهرئين پستڪ ڪوتا جي مجموعي” پنک وچائين شنک “ جي شفي آلوچنا ڪري منهنجي سنڌي ادب ۾ آجيان ڪئي. “

ڊاڪٽر لکميچند پريم ”سدا هجن هوت حيات “ صفح - ۱۰۰ تي لکي ٿو: ”ائين تہ گهڻا ئي گهمرا مشاعرن جي موقعن تي دلگير سان بغلگير ٿيو آهيان. پر سندس شهاڻي شخصيت ڏسڻ جو پهريون موقعو آديپور ۾ گجرات سرڪار طرفان سڏايل سنڌي ساهتيہ سميلن (۱۹۸۱) وقت مليو. ٻن ڏينهن جي اُن سميلن ۾ سندس شخصيت ايتري تہ جلوه‌گر هئي جو اسين سندس خوشمزاج چهري ۽ نہ

هائڪو: (٣)

”پٽ تي ڪارو ڪانءُ،
سرديءَ ۾ ٺر ٺر ڏڪي،
هاءِ ڪريان ڇا آءٌ.“[١]

هائڪو: (۴)

”آءٌ چتونئڙا آءٌ،
ساٿي ويا ڪيڏانهن تي؟
مون سان ئي گڏ ياءٌ.“[٢]

دلگير جي خوش مزاج طبعيت جو ذڪر مونسان شري صاحب بجاڻيءَ (دادا دلگير جي ساهتڪ ذخيري جو وارث) پڻ ڪيو. هڪ ملاقات جي دؤران دادا بجاڻيءَ مونکي ٻڌايو تہ، ”جڏهن مان دهلي ڇڏي اچي آديپور رهيو هوس تہ ڪيترائي دفعا دادا دلگير مونکي پنهنجي گهر رسوئيءَ جي دعوت ڏيندو هو. دلگير پنهنجي مهمانوازيءَ جي ڪري هوندئن بہ مشهور هو. هڪ دفعي رات جي رسوئيءَ تي مون سان گڏ دلگير ڪيترن ئي سنڌالاجيءَ جي دوستن کي ڊنر لاءِ سڏ ڪيو هو.“ کل مذاق جو ماحول هو، شري لڇمي ڪلاڻيءَ چيو: ” بجاڻي تو (chief) چيف جي ڪري دادا اسان کي بہ ڊنر لاءِ سڏ ڪيو آهي.“ تنهن تي دلگير چيو تہ ”جي بجاڻي چيف آهي تہ توهان بہ ڪي (cheap) چيپ نہ آهيو.“ويٺل سڀ کلي پيا. اهڙيءَ طرح پنهنجي حاضر جوابيءَ ۽ خوشمزاج سڀاءَ جي ڪري دلگير ڪيترائي دفعا جهڳڙي واري ماحول کي بہ هلڪو ٻڻائي ڇڏيندو هو.

بجاڻيءَ صاحب اِن ڳالھ جو بہ ذڪر ڪيو تہ هر سال ۵ سيپٽمبر ٽيچرس ڊي تي دادا دلگير جي پتا جي ورسي ٿيندي هئي. جيڪا هو ڏام ڌوم سان ملهائيندو هو ۽ ڪيترن کي ئي رسوئي تي گهرائيندو هو. (بجاڻي صاحب کي دادا دلگير جا ڪيترائي شعر بر زبان ياد آهن.)

١.٢ - لهرن لڪ لباس - هري دلگير، ص.٦٢-٦٣

۾ ڏٺو. سندس اِهو چوڻ هئو تہ آخري مدو تہ جيون ئي آهي. **سندس** جيون جو اڏين ڪرڻ سان ۽ شعر و شاعريءَ ڪي مطالع ڪرڻ سان اِها ڳالهہ واضع ٿئي ٿي تہ اتياچار ڪان ڪيس بيحد نفرت هئي. انياءُ، دشڪرم بہ هن ڪان نہ ڏٺو ويندو هو ۽ نہ ٻڌو ويندو هو، نہ وري سٺو ويندو هو. استري جاتيءَ جي آزاديءَ جو زبردست حمايتي هو. سندس ڪويتائن ۾ سماجڪ سقلتائن/ وقلتائن، پراڻين جي انترمن جي خوشين / غمن جي هڪ سهڻي جهلڪ ملي ٿي. سڀني پراڻين لاءِ همدردي، اُن ۾ نہ رڳو اِنسانن ذات بلڪ پسون پکي پڻ اچي ٿا وڃن. پيارن سان بہ انوٽ پيار سندس ڪوتائن ۾ پسجي ٿو.

دلگير جي من ۾ ڪڏهن بہ ذات پات ، رنگ - روپ يا ڌرم جي پنيان ڪنهن سان ڀيد ڀاو يا نفرت ڪرڻ جي ڀاونا نہ جاڳي اهڙو ڪو مثال ڏسڻ نہ آيو. اهڙيون ڳالهيون اُن شخص جي من ۾ پئدا ڪتي ٿينديون، جيڪو صوفي مت جو زبردستي حمايتي رهيو هجي، جيڪو وحدت - ال- وجود ۾ وشواس رکندڙ هجي. دلگير جي تہ دل ئي ديا سان ڀريل هئي. مک منڊل تي سدائين مرڪ هوندي هئس. بيحد حساس - دل (سمويدن - شيل) شخص هو ڀلا جيڪو شخص پسن پکين کي بہ پيار ڪندڙ هجي. اُنکي ڪروڌ ايندو ئي ڪيئن. دلگير سڀ جو همدرد شاعر هو.

هائڪو: (١)

”سيءُ اُتر جو واءُ،
ڪتڙا ڪيڏو ٿو ڏکين،
اڄ پاڪر ۾، آءُ.“[1]

هائڪو: (٢)

”چا تہ ٿڌي آ جاءِ،
ڪاش هتي هيٽر هجي.
ننڍڙي ڪتڙي لاءِ.“[2]

١.٢- لهرن لڪہ لباس - هري دلگير، ص.٦٢-٦٣

هو ته ڪيس سنڌي سماج وٽان تمام گهڻو پيار ۽ آدر مليو آهي. جيڪو هڪ شعر ۾ دلگير هن ريت بيان ڪيو آهي.

”وَر وَر منهنجي من ۾ اُٿندو آهي ويچار،
مون ۾ اهڙو ڇاهي جو ٿو پايان سڀ جو پيار.“[1]

وفا اڳتي لکي ٿو: ”مونکي پنهنجن خطن ۾، مخزن ۾ ۽ اخبار ۾ جڏهن به منهنجي شاعريءَ بابت لکندو هو، ته لکندو هو:“مان وفا جي شاعريءَ تي ريس ڪندو آهيان.“ در اصل اِها سندس حليمائي هئي ۽ اِهو گڻ ئي سندس عظمت جو ٺوس ثبوت آهي. هو هڪ سٺو دوست ۽ افسانه - آميز درجي جو مهمانواز هو. جو به ساڻس گڏ دسترخان تي ويهي کائيندو هو ، سو ٻاهر اچي سندس مهمانوازيءَ جون سرڪيون پريندو هو. ڪنهن کي وسڪي، بيئر ڪونه پياريندو هو، پر دل جو شاه هو ۽ مهمانن کي اڻ-مئي سڪ سان ڏيئي ڇڏيندو هو. هو نه خود شراب پيئندو هو نه پيئاريندو هو. دلگير جو اڏياتمڪ گرو ڪنڊڙي وارو ڪرتار جنهن سان سندس عشق هو، ننڍپڻ ۾ ڪنڊڙي- شريف جو سائين، غلام علي صوفي فقير، جڏهن آسان جي گهر ايندو هو، ته صوفياڻي محفل ۾ سماع سان گڏ شراب جو دستوري دؤر هلندو هو. جنهن ۾ مان ۽ دلگير به چُڪڙي چاڙهيندا هئاسين. پر پوءِ دلگير ڪيتري عرصي کان شراب جو پرهيزگار هو. هر سال اسان کي ڪٽنبن سميت ڪنڊڙي شريف جي ميلي تي وڃڻ جو موقعو ملندو هو. هن موقعي تي ڪيترائي سنڌ، ڪڇ، گجرات ۽ ڪيچ مڪران جا مشهور گويا، شاعر، ناچڻيون ۽ ڀڳت اچي ڪٺا ٿيندا هئا. جن کي ٻڌڻ ۽ ڏسڻ جو شرف ملندو هو. ننڍي هوندي کان دلگير ۽ مونکي اهڙو ماحول پيئي مليو، جنهن جي زير اثر اسان جو شاعراڻو شوق وڌندو ئي رهيو هو. دلگير علم عروض ۾ ايڏي ته ترقي ڪئي جو وڏن وڏن ڏنگ اُستادن شاعرن - عزيز پارن جون به وقتي چڪون ڪڍي ڏيکاريندو هو.

---

[1]. لهرن لڪه لباس - هري دلگير، ص. ۴۴

ومي سدارنگاڻي لکي ٿي: ”مان اُنهن خوش قسمت ماڻهن مان آهيان، جن کي دادا جي ويجهو اچڻ جو ۽ اُنهن سان ڪجهه وقت گهارڻ جو موقعو مليو. دادا جا سندس شخصيت مان ليئا پائيندڙ گهڻيئي روپ هئا. پنهنجي پوٽي ڪپل سان راند ڪندڙ ٻار جو روپ، پاڙي جي ٻارن کي انگريزي پاڙهيندڙ ماستر جو روپ، ڪاليج جي پرنسيپال طور ڪم ڪندي هڪ هڪ ذميوار شخص جو روپ، مشاعرن ۾ صدارت ڪندي مانيٽي شاعر وارو روپ، شهر جي ڏک سک ۾ ساٿ ڏيڻ واري هڪ وڏيري مکيءَ جو روپ، ڇپن سان گڏ اکين سان به مُرڪڻ واري شخص جو روپ....

وڏيڪ لکي ٿي: ”دادا جو هڪ نرالو روپ مون ڏٺو سال ٢٠٠٠ ۾ هڪ وڏي دوست جو روپ، گهر جي هڪ بزرگ جو روپ، پنهنجي نجي جيون جو هڪ اهم فيصلو ڪرڻو هو مونکي، اُن لاءِ ڪورٽ به وڃڻو هو،گهر ۾ نه پيءُ هو، نه ڏاڏو -نانو. ماءُ کي مون ڏک ڏيڻ نٿي چاهيو. مان سوچ ۾ پئجي ويس، دادا دلگير کي خبر پيئي ته چيائين، گهبرائين ڇو ٿي؟ مان هلندس توسان گڏ. مان ڪجهه چئي نه سگهيس. اُن ڏينهن دادا گڏ هليا هئا، منهنجي گهر جي وڏي بزرگ جي حيثيت سان.“

مٿين ڳالهين مان چٽيءَ طرح واضع ٿئي ٿو ته، دلگير سوجهه ٻوجهه رکندڙ اِنسان هو. هن زندگيءَ کي گهرائيءَ سان ڏٺو هو. سندس اپياس مٿاڇري سطح تي ڪونه هو پر هن اُنکي زندگي ۾ عمل ۾ آڻڻ ڪيو هو. سندس وويڪ سجاڳ هو. ۽ هُن حوشپورڪ زندگي گذاري هئي. هوُ ڀهڳُڻي شاعر سان گڏ ڀهڳُڻي شخصيت جو مالڪ هو. دلگير هڪ سٺي شاعر سان گڏ هڪ سٺو اِنسان به هو.

شاعر پريو وفا جيڪو ننڍپڻ کان دلگير جو دوست ۽ مائٽ هو لکي ٿو: دلگير عظيم شاعر ته هو ئي، پر ساڻ ساڻ هڪ نهايت ئي پليڙو اِنسان به هو. نيڪ دل، ديرينو، سنجيدو، نماڻو، نهٺو حليم ۽ هردل عزيز اِنسان هو. منجهس ذري ماتر به هٺ وڏائي ڪانه هئي دلگير جو ڇوڙ

۲ جون ۱۹۳۹ تي اسان جي شادي سادي نموني بنا ٺاٺ باٺ جي ٿي گذري.“

دلگير جي اکرن ۾ ٿي: چوندا آهن ته گهر ۾ سک شانتي آهي ته پرش ڪوي بڻجي سگهندو آهي ۽ گهر ۾ ڪروڌ ڪِلڪل آهي ته مرد (سقراط وانگر) دارشنڪ (فلاسافر) ٿي سگهندو آهي. دلگير جي گهر واري سياڻي ۽ سدوري نه هجي ها ته هوُ هرگز شاعري نه ڪري سگهي ها. نانڪي جڏهن ڏسندي هئي ته دلگير لکڻ جي موڊ ۾ آهي ته چپ چاپ اُٺي ويندي هئي. دلگير جي هر ڏک ۾ پاڻ نانڪي مرڪي مرڪي سندس ڏک لاهڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. اِن تي دلگير هڪ ترائيل ۾ لکيو آهي:

”تون چوين ٿي ته گـُهر، گهران پيي ڇا،
تون جو منهنجي اکيان ڪٺي آهين،
زندگيءَ ۾ آ چيز اهڙي ڇا،
تون چوين ٿي ته گـُهر، گهران پيي ڇا،
توکان وڌ آهي هيءَ سرشٽي ڇا،
پاڻ منهنجي جي تون ڪٺي آهين ،
تون چوين ٿي ته گـُهر، گهران پيي ڇا،
تون جو منهنجي اکيان ڪٺي آهين.“[۱]

دلگير لکي ٿو: مونکي پنهنجي شريمتيءَ خلاف هڪ ٿي شڪايت آهي. هوءَ مون کي گهر جو ڪو به ڪم ڪرڻ ڪونه ڏيندي آهي. پنهنجي شريمتي جي اُن رخ ڪري مان بلڪل اڻ ڄاڻ رهجي ويو آهيان. گهرو ڪم ۾ مان بلڪل ڏڏ آهيان.
شاه صاحب به چيو آهي:

”ڄاڻين ته به نه ڄاڻ، اي در ابوجهن جو.“

---

۱. ڳاه ڪليا گس گس - هري دلگير ، ص. ۴

”دلگير جي شخصيت سنڌي ساهتيڪ آسمان تي اڄ ائين ڪڙي بيٺي آهي جا چنڊ وانگر چوڌس روشنائي ڦهلائي رهي آهي ۽ هر سڄاڻ ۽ باشعوري سنڌي اڄ اُن روشنيءَ جي رنگ روپ جو لطف ماڻي رهيو آهي. وديارٿي درسي ڪتابن ۾ سندس شعر پڙهندا آهن، ٻالڪ سندس ٻال گيت ڳائيندي ٻڌي خوش ٿيندا آهن. جوان سندس مزاجي عشق وارا غزل پڙهي جذبات جي رؤ ۾ وهي ويندا آهن ۽ بزرگ سندس روحاني رنگ ۾ رچيل شعر پڙهي مشاهدو ماڻيندا آهن.

دلگير شاعريءَ ۾ جا مقبوليت ۽ عظمت حاصل ڪئي آهي سا ائين ئي مفت ۾ ڪانه ملي اٿس. ڪافي ڪمائي ڪئي اٿائين ۽ ساري عمر جپ تپ ڪري اِها پدوي پاتي اٿائين.

دلگير انتظام جو ڪوڏيو هو ۽ نيم ٽيم جو پابند هو. انوشاسن سان رهڻ سندس سڀاءُ جو حصو هو. هميشه صبوح جو ستين لڳي بوٽ پائي مارننگ واڪ تي نڪرندو هو. تتي - ٿڌي جي پرواهه نه ڪندو هو. مارننگ واڪ تان واپس موٽندي بيمارن سيمارن سان ملي ڪين آٿت ڏيندو هو. پنجاهه سالن کان باقاعدي پرٽايام ۽ ڪسرتون ڪندو هو. پرماتما ۾ اڏول وشواس ئي دلگير جي دل جي طاقت ۽ روح جي خوراڪ هئي.

دلگير ۽ نانڪيءَ جي شادي جڻ ڪويتا ۽ چترڪاري جو مذر ملن آهي. جنهن سندن زندگيءَ ۾ رنگ روپ ۽ سنگيت ڀري ڇڏيو آهي. دلگير پنهنجي آتم ڪٿا ۾ گرهستي زندگيءَ جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته،”نانڪي سان سندس شادي به هڪ دلچسپ قصو آهي. جڏهن نانڪي ڏهن سالن جي هئي ته لاڙڪاڻي ۾ دلگير جي ڀيڻ ساوتريءَ جي ساهيڙي هئي ۽ اڪثر ڪري سندن گهر ايندي ويندي هئي. دلگير نانڪي کان چار سال وڏو هو.“ دلگير لکي ٿو،”خبر ناهي ته ڪيئن ۽ چو هيءَ سهڻي پناٽي مونکي ڏاڍي وڻندي هئي. پر هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ ڪونه ٿيندو هو ... خير. آخر نانڪي جي مائٽن اسان جي مڱڻي جي ڳالهه چوائي، ۽ مون هڪدم ها ڪئي. لاڙڪاڻي ۾

سرڪاپائتيءَ جي وائي بہ دلگير جيfavourite هئي.

”ڪا هيئين سي لاءِ پوري ! ڪا هيئين سي لاءِ“

شاه جا گهڻا ئي بيت ۽ وايون برزبان هئن. تنهن کان سواءِ سچل جو:

”ننگڙا نماڻيندا جيوين تيوين پالڻا ...“

شاهہ ۽ سچل کان سواءِ گرباڻي بہ ڪنٺ هئن. جيڪو زبان تي ايندو هئن، سو چوندا ويندا؛

”آيا شرڻ تِهاري ستگر، آيا شرن تهاري.“

ڪلا پرڪاش لکي ٿي: دلگير جي نونهن سونوءَ ڪيس ٻڌايو تہ دادا هوَن وغيره بہ پاٺ ڪري ڇاڻن، سنسڪرت جا شلوڪ بہ چاڻن. اسان لاءِ پاپا کان وڏو پنڊت ڪوئي ڪونهي. شاعراڻي مَن سان ڪو پيار جو ڏاڍو اُٺيو هئائون. جنهن سان سيني ڪٽنبين کي ٻڌي رکيو هئائون. هڪ ويساهہ ۾ نہ ايندڙ ڳالهہ دادا دلگير ۽ پاپي نانڪي ٻئيچوندا هئا تہ ٦٥ سالن جي گرهست جيون ۾ اسان ڪڏهن هڪ ٻئي سان جهڳڙو نہ ڪيو. ٻاڙو حرف نہ ٻوليو.

سنڌين جي مهمانوازي مشهور آهي. سنڌي هڪ ٻئي سان گڏجندا تہ سڪ سان گڏجندا. ڀاڪر پائي گڏجندا. هڪ ٻئي کي آدر ڀاءُ ڏيندا. جي مدت کان پوءِ گڏجندا تہ ماني کارائڻ کان سواءِ ڪونہ ڇڏيندا. نہ تہ بہ پاڻ پاڻي تہ ضرور آڏي اڳيان رکندا. ورهاڱي کان پوءِ سنڌين سوين سور سٺا پر مهمانوازي جو گڻ هنن ۾ جيئن جو تيئن قائم رهيو آهي.

اندرا واسواڻي لکي ٿي: ”ڪوبہ اديب دوست، چاتل سڃاتل، مت مائٽ آديپور ۾ ايندو تہ اُهو دلگير صاحب جو مهمان ضرور ٿيندو. دلگير صاحب جا اِهي لفظ تہ ٻڌبا، اڙي ڀائي، پوءِ سامان ڪٺي هليو اچ نہ هتي. اچ اچ گڏجي روح رهاڻ ڪنداسين. نہ نہ ڪري بہ اڳلو ڪنڊ ڪيائي نہ سگهندو هو ۽ سامان کڻائي اچي پهچندو. صرف ماني موڪلائڻ يا اِها کارائڻ، يا سٺا طعام کارائڻ، ايتري معنيٰ نٿا رکن

دلگير لکي ٿو : ٻارن، يارن ۽ عزيزن وٽان ڀرپور پيار ۽ آدر ملندو آهي ۽ مان بلڪل خوش آهيان ۽ مان شاه جا بيت گنگنائيندو آهيان.

”سانوڻ لهرون جيتريون، ٿرَ واري تِرَ وار،
انهن کان بہ اپار مون سان ڀلي ڀال ڪيا.“

”نہ مون ناناٽان ڪئيون، نڪي ڏاڏٽان،
پر پرينءَ جي پاران، مون سان وڏا وڙ ٿيا.“

دلگير جي شعرن جي مجموعي ۾ پرڀات ويلي تي هڪ ڪوتا آهي.

”بهاري هير آئي گلستان ۾،
وڻن تاڙيون وڄايون آجيان ۾،
پکڙجي ويئي خوشبو بوستان ۾،
نئين جڻ زندگي آئي زمان ۾،
چمن ۾ بوند - شبنم ڪيئن نہ ٽمڪي !
گلن تي ، گاه تي، موتين جيان چمڪي!“[1]

” هري دلگير جو پرڀات تي لکيل هي شعر ياد ٿو ڏياري تہ دلگير پاڻ پرڀات ڪيئن گذاريندو هو. هوُ اَسُرَ جو سادي چئين بجي ڌاري ننڊ مان اُٿندو هو. پنجين بجي تائين سندس ڌرمپتني پاڻ ڀي نانڪي بہ اُٿندي هئي. دلگير ٿوري ڪسرت ڪندو هو. ڪجهہ وقت ڌيان (meditation) ڪندو هو. پوءِ ٻئي پتي پتني گڏجي شاه گنگنائيندا هئا.

”محبت پائي من ۾ رنڍا روڙيا جن ،
تن جو صرافن اڻ توريو اگهايو،
چائٽ پائي چت ۾ سنهو ڪتيو جن،
تن جو صرافن ڏکو داخل نہ ڪيو.“
(شاه)

---

١. ڪوڏ- هري دلگير ص. ٣٧

ياءُ ملندو هو. جيترو جو هو واقعي ٿي حقدار هوندو هو. دادا دلگير واد وواد کان پري ڀڄندو هو.

”چولو منهنجو چڪ ۾“ ۱۹۸۷ ۾ ۽ ”گند منهنجي گوڏ ۾“ ۲۰۰۳ ۾ ڇپيو، شاعر دلگير جي آتمڪٿا آهي. آتم ڪٿا لکندڙ پنهنجي زندگيءَ جي تجربن، آزمودن ۽ مختلف مرحلن تي لکندو آهي. جيڪڏهن آتمڪٿائون لکندڙ اِنتهائي سچائي ۽ جُريت جو مظاهرو ڪن ۽ پنهنجي زندگيءَ جي سمورين لاهين چاڙهين، شڪستن ۽ سوڀن جو سچائيءَ سان اظهار ڪن ته اُن مان نه رڳو اُن جي پڙهندڙ کي فائدو پهچي سگهي ٿو. اُن لاءِ زندگي گهارڻ جا گهٽ ۽ گهير نهي سگهن ٿا، روشن راهون جڙي سگهن ٿيون. پر ليکڪ جي خود پنهنجي وڏائي به ظاهر ٿي سگهي ٿي.

آتمڪٿا وڏو ۽ اِنتهائي موضوع آهي، اُن کي تحرير ڪرڻ ۾ هوش، حواس، عقل ۽ سمجهه کان ڪم وٺڻ سان گڏ اِنتهائي بي جگري، همت ۽ جرئت کان ڪم به وٺڻو پوندو آهي.ٻين جا پٽڪا سلامت رکڻ لاءِ، ٻين کي رستا ۽ راهون ڏيکارڻ لاءِ پنهنجي پٽڪي کي مٿي تان لاهڻو پوندو آهي. پنهنجي چڱاين ۽ سٺاين کي بيان ڪرڻ سان گڏ، پنهنجين ڪمزورين ۽ براين تان به پردو کڻڻو پوندو آهي. زندگيءَ ۾ حاصل ڪيل شاندار سوڀن جو اوچي ٻاٽ ذڪر ڪرڻو پوندو آهي ته شڪستن ۽ ناڪامياين تي به ڀرپور انداز سان لکڻو پوندو آهي ۽ اُن سڀ ڪجهه لکڻ سان سچائي ۽ جرئت جي اُن اظهار ڪرڻ سان، نه ليکڪ جي شخصيت تي ڪي برا اثر پوندا آهن ۽ نه وري عام ماڻهو پڙهندڙ اُن جو ڪو غلط اثر وٺندا آهن.آتم ڪٿا ۾ بيان ڪيل براين ۽ ڪمزورين مان به ماڻهو چڱو لاڀ وٺندا آهن. ڇاڪاڻ ته اُنهن سامهون سموريون چڱايون توڙي برايون پنهنجي اصل صورت ۾ ظاهر ٿي بيهنديون آهن ۽ پڙهندڙ نه رڳو لکندڙ جي عزت ۽ احترام ڪندا آهن، پر اُن آتم ڪٿا کي پنهنجي سڦل جيون گهارڻ جو مؤثر سبب قبول ڪري وٺندا آهن.

جيترو هڪ سٺو ميزبان تي اڳلي کي آءُ ڀاءُ ڏيڻ. هڪ سٺو ميزبان ٿيڻ به هڪ ڪلا آهي ۽ دلگير صاحب ۾ اِها ڪلا آهي ئي آهي.'' دادي واسواڻي وڏيڪ لکي ٿي: ''اسين شريمتي نانڪي کي سڪ سان ادي چوندا آهيون. هن اِستري پنهنجو سڄو وجود هن شخص ۾ جذب ڪري ڇڏيو آهي. اِنڪري مهمانوازيءَ جي شرف ۾ دلگير صاحب سان ڀاڱي ڀائيوار ادي به آهي. جيتوڻيڪ مشهوري صرف دلگير صاحب ئي ماڻي آهي. دلگير صاحب جي مهمانوازي کي وڻ ڪري ڳڻجي ته اُن جي هيٺان ويٺل هر شخص آخرين طور تي اُنجي ڳُڏيل اثر يا ڇانو کي ئي ماڻيندو پر جي هڪ هڪ ٽاري، گل يا پن الڳ ڪري ڏسو ته اُها ڇانو ڪٿي به نظر ڪونه ايندي جڏهن ڪ وڻ جي اُها ڇانو ادي آهي.''

ڊاڪٽر لکميچند پريم، دلگير جي مهمانوازيءَ جي ساراهه ۾ چوي ٿو:

''هم نه چاها هئه تمهين چاهني والون کي طرح.''

''دلگير جي شخصي زندگي سنڌ جي زميندارن جي ياد تازي ڪندي آهي. سندس هلت -چلت، مان- مرتبو ۽ شان - شوڪت سؤ فيصدي سنڌي آهي. سندس مهمانوازيءَ لاءِ ڇا چئجي ! سندس گهر هجي يا پاليٽيڪنڪ جو هال، هڪ مهمان هجي يا هڪ سؤ، دل و جان سان کارائيندو، هر هر پڇندو، هيءُ کاءُ، هوءُ کاءُ، زور ڀريندو انڊر ويٽ (under weight) وارو دلگير هڪ حڪيم - حاذق آهي، ڪيس ڪنهن به مفرح يا ياقوتيءَ جي ضرورت پوڻ نه ڏيندو.''

دلگير جي صحبت ۾ جن گهاريو اُنهن سندس نه صرف مهمانوازي جي ساراهه ڪئي آهي. پر جن سان به هو وات تي قدم ۾ قدم ملائي هليو اُنهن سندس هر طرح سان ساراهه جا ڍڪ ڀريا آهن ته دلگير ڀاڻ ڀاڃهارو، سنيهه ۽ شانت سڀاءُ جو هو اِنڪري هر ڪنهن جو سنيهه ۽ پيار پاتو. پنهنجين مشغولين ۾ رڌل هوندي به هوءُ ڪنهن کي به ناراض ڪين ڪندو هو. هر ڪنهن کي ڀائيندو هو ۽ چاهيندو هو. هر ڪنهن جو آدر ڀاءُ ڪندو هو ۽ موٽ ۾ ڪيس اوترو ئي پيار محبت ۽ آدر

دلگير لاءِ ڪال جي گاڏي آئي. ١١ اپريل ٢٠٠۴ تي اٺاسي ورهين جي عمر ۾ هو جوانن وانگر کلندو، کڏندو ان ۾ ٽپ ڏيئي چڙهي پيو. هٿ لوڏي سڀني سان ”باءِ - باءِ“”ٽا -ٽا “ ڪري موڪلايائين. سندس آخرين اِڇا به پوري ٿي.”اها چاهنا اٿم ته ايڏي عمر نه ٿئيم جو ٻين تي بار بڻجان. مرضي ته اٿم آخرين دم تائين ڪجهه ڏيندو ئي رهان، ڪجهه ڪندو ئي رهان. ڪجهه پڳل دليون ڳنڍيان. ڪي ٻوڙها اُگهان ۽ ڪن جي منهن تي مرڪ آڻيان ۽ قلم جو گهوڙو به ادب جي ميدان ۾ نينگه ٽپا ڏيندو رهي.“ دادا دلگير قلم جي گهوڙي تي چڙهي، پڇاڙيءَ واري ڏينهن تائين ڌرتي آڪاس جا سئر ڪندو رهيو.[١]

هري دلگير هڪ اِهڙو اِنسان هو جنهن کي ساهتڪ جڳت جا شخص ته ڪافي عزت سان ڏسندا هئا، پر عام سنڌي لوڪ به کيس آدر ڀاو سان ڏسندا هئا. پاڻ به موت ۾ اوترو ئي پريم ڏيندا هئا. پنهنجي جيون ڪال ۾ دادا دلگير هڪ اعليٰ اديب جي روپ ۾ پنهنجي سڃاڻپ سرحد جي هن پار ۽ سرحد جي هُن پار جي ساهتيڪارن ۾ بڻائي ڇڏي هئي.

پنهنجي هڪ وائي ۾ دلگير چوي ٿو ته هو جڳت جون گُٽن واريون ڳالهڙيون ڪيئن وساري جن مان نت نرالا نيهن وسن ٿا ۽ محبت سندا مينهن برسن ٿا.

”ڪيئن وساريان، ڪيئن وساريان.
گُٽن واريون ڳالهڙيون، ڪيئن وساريان ڪيئن،
نيڻن مان برسن پيا،نِت نِرالا نيهن،
ڪيئن وساريان ڪيئن ڳُٽن واريون ڳالهڙيون،
سارو روح رڄي پيو، محبت سندا مينهن،
ڪيئن وساريان ڪيئن ڳُٽن واريون ڳالهڙيون.“[٢]

---

١. رچنا - انڪ - ١٠١ جنوري -مارچ ٢٠٠۴، ص. ١٠
٢. صبح جو سهاڳ - هري دلگير، ص.٣٢

دنيا ۾ ڪيتريون آتمڪٿائون لکيل آهن ۽ ڪيتريون آتمڪٿائون دنيا جي بهترين ڪتابن ۾ شامل آهن، جن تي تحرير ڪيل زبانن ۽ اُنهن قومن کي فخر ۽ وڏائي آهي ۽ پوري زبان جي آيل ادب ۾ آتمڪٿائن کي وڏي اهميت حاصل آهي

”گند منهنجي گوڏ ۾“ جي مهاڳ ۾ دلگير لکي ٿو: ”آتم ڪٿا پڙهڻ ۾ پاٺڪ کي مزو تڏهن ايندو، جڏهن اُن ڪٿا جو هيرو ڪي بهادريءَ جا ڪارناما ڏيکاري، يا اُن ۾ سفر جون ڳالهيون هجن. پر مان نه ڪو ڪنهن ادبي يا سياسي هلچل سان جڙيو آهيان، نه پاڻ کي ڇيڪ ڇڏي چورين پنيان ڇتو ٿيو آهيان، نه ڪنهن سان دشمني اٿم، نه ڪنهن سان دوستي اٿم، توڙي هونئن ته دوست ۽ دلبر دوست گهڻائي اٿم. اهڙو ڪوبه ماڻهو ڪونهي جنهن لاءِ ڪا خاص شڪايت هجيم. مان هڪ صوفي طبعيت اِنسان آهيان. نڪو عالم آهيان، نڪو دارشنڪ يا تتو گياني.

پوءِ به دلگير جي هن آتم ڪٿا ۾ هڪ عام آدميءَ جا عام آزمودا بيباڪيءَ سان درج ٿيل آهن. اُهي اِنساني سڀاو ۽ وهنوار بابت، جيون جيئڻ جي ڪلا بابت، اسانجي سوجهه ٻوجهه ۾ اضافو آڻين ٿا. آتم ڪٿا جي پهرئين ڀاڱي ۾ هن پڇاڙيءَ واري صفع تي لکيو آهي: ”هاڻي ته پاڻ کي هلڪو ڪري ريلوي اسٽيشن تي اچي ويٺو آهيان. ٽڪيٽ ورتل آهي. ڪال جي گاڏي ايندي ته اُن ۾ خوشيءَ سان چڙهي ويهندس. ڪلندي ڪلندي، هلندي چلندي سڀني کان موڪلائي ويندو.“

هڪ غزل ۾ دلگير لکي ٿو:

”تو سمندر ڏي هيئڙ پاڻ ڪٽي ايندا سين،
هڪ نندي لهر بڻجي، بوند بڻجي ايندا سين.“
”تنهنجي محفل ۾ ڪٽي سونهن سڱنڌي اچبو،
ڏوپ يا اگر ڪوئي قول بڻي ايندا سين.“
”هاڻي ٽڪ ٽڪ ڪري گهڙيال ٿو گهوري ’دلگير‘
ٿي ويو وقت، نه آ دير گهڻي ايندا سين.“[1]

---

۱. رولو آواز - هري دلگير ، ص. ۵۵

پرپور حوصلو هو. اِنسان کي اِنساني راه تان هٽندو ڏسي کيس ڏک ٿيندو هو. کيس همدردي هڪجهڙائي ، پيار ۽ پنهنجائيءَ جهڙن نيڪ ڀاونائن ۾ آنند محسوس ٿيندو هو. زندگيءَ ۾ خوشي ۽ غم، ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. پر دلگير زندگيءَ کي موج ۽ مستيءَ ۾ جيئڻ چاهيو ۽ ڪائنات جي ذري ذري مان آنند پائڻ جي ڪوشش ڪئي. هر پل پرپور نموني جيئڻ چاهيو. سندس جيون ڪال ۾ ئي دلگير جون سڀ من جون مرادون پوريون ٿيون ڪاڻ اڻ پوري ڪانه رهي. دلگير ۾ سوچ جي گهرائي، خيال جي اُڏام، زندگيءَ جي آزمودن ۽ دين دنيا جي مشاهدن جي ڇاڻ ڏينهون ڏينهن وڌندي رهي. سندس قلم جي رفتار به وقت پائيندي تيز ٿيندي رهي. پاڻ چوي ٿو:

”روڪ ڙي روڪ قلم منهنجو تکو ڊوڙي ٿو،
بائيبل، ويد، قران نئون ٿي پوندو!
ڪاٽ هٽ ڪُفر جا پٿر تراشي وينو،
ڪائين مورتي ڀڳوان نئون ٿي پوندو.“[1]

تهذيب ۽ تمدن کي هٽان کسڪندو ڏسي نئين ٽهي کي ورثي سنڀالڻ ۽ ننڍڙن فلئٽن ۾ زندگي گهارڻ جي پيڙا سندس هرديه مان ليئا پائي رهي آهي.

”گهرن ۾ سگهون ڪونه ماڻي اڳ،
هٽائي ڇڏيو ڪنهن اياڻي اڳ،
ڪليل عرش هينان ڪچهريون ڪئن،
لغت ۾ ئي ليندو سياڻي اڳ.“[2]

روحانيت طرف اِنسان جو پهريون قدم اِهو آهي ته اِنسان جو من صاف هئڻ گهرجي . دلگير هڪ صاف دل اِنسان هو. اِشا اُپنشد ۾ لکيل آهي، ”اچو ته سڀ ۾ پاڻ کي پسون ۽ پاڻ ۾ سڀ کي پسون !“ دلگير

---

١. جيءُ جيءُ ڙي جيءُ - هري دلگير، ص. ٥٣
٢. جيءُ جيءُ ڙي جيءُ - هري دلگير، ص.٤٥

آتمڪٿا ۾ دلگير دارشنڪ جيان پنهنجي گذشت زندگيءَ جي تڪ تور ٿو ڪري ۽ محسوس ٿو ڪري ته جيتوڻيڪ عمر ۾ هڪ سال جو اضافو آيو آهي پر باقي بچيل زندگيءَ مان هڪ سال گهٽيو آهي. واه جو تصور ڏنل آهي. صحيح معنيٰ ۾ اِها حقيقت شناسي آهي.

”جهنگلي گل“ ڪتاب ۾ دلگير ”اِنسان ۽ خدا جي ملاقات“ ڪوتا ۾ اِنسان ۽ خدا جي گفتگو جو بيان ڪيو آهي. جنهن ۾ اِنسان خدا تي ڏمرجي ٿو ۽ خدا کي هر ڏک لاءِ دوشي ٺهرائي ٿو. پر خدا اِنسان کي ڪٿيندي چوي ٿو، ”مون ڪڏهن به ڪٿي به ائين ڪونه چيو آهي ته جسم کي جفا ڏيو يا مزا نه ماڻيو. مان توهان جي ديهه ۾ ويٺل ديو آهيان. تَن کي تسو ڏيئي مونکي ناحق ڏکي نه ڪريو. مان ته چوان ٿو ته عيش ڪريو ۽ مزا ماڻيو. بنسريون وڄايو ۽ گوپن گوپين سان راس رچايو. راجائي ڪمائي خوب عيش ڪريو. پاڻ به عيش ڪريو ۽ ٻين کي به وٺايو. پر اُنهن ۾ ڦاسي نه پئو. مزن مستين کي پنهنجو مالڪ نه بڻايو. منش ئي مالڪ آهي. ڪيس غلام ٿيڻ نه گهرجي. سونهن پلي ماڻيو، پيار پلي ڪريو، پر اُنهن ۾ اٽڪي نه پئو. موه ڏوهه آهي. تون سونهن، سکه ۽ سرهاڻ ماڻ، پر ... اٽڪُو ناهي.“

دلگير به سڀ ڪجهه ماڻيو چوڙيو آهي ”پر اٽڪيو ناهي.“ لکي ٿو: پاڻ کي موه کان مڪت رکڻ لاءِ مونکي هڪ نسخو (علاج) ملي ويو آهي. اِهو نسخو آهي سڀ سان ناٽڪي. هائو مان سڀ سان ناٽڪي ڪندو آهيان. مان زال ۽ ٻارن کي ڀرپور پيار ڏيندو آهيان. (جيئن رنگ منچ تي ٿيندو آهي) پر دل ۾ سوچيندو آهيان ته نه هي منهنجا آهن ۽ نه مان هنن جو ڪجهه به آهيان. دوستن سان به دوستي نباهيندو آهيان. پر سوچيندو آهيان ته هي سڀ ناٽڪ آهي، اِنڪري مونکي ڪنهن به دوست جي ڪائي به شڪايت ڪونهي. ناٽڪ ئي آهي. ماڻهون مونکي چوندا آهن ته مان شاعر آهيان. هوُ چون ٿا ته مان ضرور هوندس. دلگير چوي ٿو ”موه ڏوهه آهي.“

زندگيءَ جي چُنوتين (مشڪلاتن) کي منهن ڏيڻ جو دلگير ۾

آهن: ”زندگي ۽ پيار.“ شاعر پنهنجي تخيل جي پرواز خواه انيوي آزمودن سان قدرت جا راز کولي، زندگيءَ جي ڪڙ ڦڙ ۽ اؤکين راهن کي سنواري ، عام راهگيرن جي رهنمائي ڪري ٿو ۽ اونداهين واٽن کي روشن ڪرڻ لاءِ پنهنجي وسئون ڪين ٿو گھٽائي. مان زندگيءَ کي سندس سندر روپ ۾ پسڻ جو مشتاق آهيان. شاعر جي دل نهايت نازڪ ۽ احساس ڀري ٿيندي آهي، جنهن ڪري هوُ ٻين جو دک - درد سهاري ڪين سگهندو آهي ۽ لڙڪ کي مرڪ ۾ مٽائڻ خواه دک ۽ بيقراري جي بجاءِ سک ۽ آنند پيدا ڪرڻ سندس ذاتي ڪرتويہ آهي.“

هري دلگير جي شعرن جي مجموعن پڙهڻ بعد ائين محسوس ٿيندو تہ هُن صاحب شعر، شاعريءَ ۽ شاعر بابت جيڪي چيو آهي، تنهن سان هن سؤ في صدي نباهہ ڪيو آهي.

جيئن ”بيوس“چيو هو تہ پاڻ شاعر تہ آهي، پر منجهس ڪلا ڦوڪڻ وارو ٻيو ڪو آهي، جنهن جو ذڪر ڀلي نہ اچي پر اُهو سندس من ۾ ويٺو آهي. ٻيو ٻولي ۽ ڪيس شبد ڏيئي ٿو ۽ پاڻ فقط اُنهن شبدن معرفت شاعراڻو اِظهار ٿو ڪري.

”بنس پوريءَ ۽ سنئينءَ ۾ ڦوڪ ڦوڪي پاڻ ٿو
ور نہ ”بيوس“جي سخن ۾ آهي ڇا، سمجهي ڇڏو.“

تيئن ئي دلگير چوي ٿو.

”جهڙيان ٿو غيب مان ڪجهہ لفظ جي تا شاعري بڻجن،
نہ مان ڪنهن بحث مان ڄاڻان، نہ ڪر اِشعار جون ڳالهيون،
جي لِکايئہ گيت مون کان، سي ٻڌائڻ ٿو گهران،
تنهنجيءَ محفل ۾ بہ - ٿي گيت ڳائڻ ٿو گهران.“[1]

دلگير جي شعر جي سونهن، سوڀيا ۽ مڌرتا کي وسيع پئماني تي محسوسڻ ۽ ماڻڻ لاءِ ۽ سندس شاعريءَ جو تفصيل سان درشن ڪرڻ کان اول ڏسون تہ درشن جي معنيٰ ڇا آهي؟ درشن ۽ ساهتيہ جو پاڻ ۾ ڪهڙو لاڳاپو آهي؟

---

1. صبح جو سهاڳ - هري دلگير، ص. ۴۰

جو ڪوتا سنگرھ ”صبح جو سهاڳ“ ۾ اهڙا انيڪ دلپذير ۽ پرُ نصيحت گفتا ڪتاب جيڪند ڪڙيءَ ۾ منظر ٿين ٿا. جنهن مان ڏرم ڏانهن سندس لاڙو ۽ سندس صوفي طبعيت چٽيءَ طرح عيان ٿئي ٿي. توڙي اُن ڪي ڍڪيل ڪلاميہ نموني پيش ڪيو ويو آهي. هينئين رباعي ۾ دلگير لکي ٿو:

”هر خار گل ۾، گل ۾ ها گلزار لکل،
هر ذرهہ ۾ دل، دل ۾ ها ديدار لکل،
قطري ۾ ڏٺم دريا ۽ دريا ۾ گوهر،
جا چيز ڏٺم، تنهن ۾ ها اسرار لکل.“[٢]

وري هينئين نظم ۾ جيون جي لهر ۾ چيل آهي:

”بُدبدن کي نہ ڪابہ هستي آهہ،
صرف حرڪت هوا جي آهن سي،
بُدبدن کي هٿ ۾ ٿاسائڻ،
رڃ پويان رلڻ جيان آهي.“[٢]

پرماڻ : ”جو ديسي جهان ۾ سو هوسي فنا“
(گرواڻي)

هرهڪ شاعر جي شخصيت سندس شعر مان عيان ٿيندي آهي. اُها سندس سخن ۾ ائين سمايل هوندي آهي جيئن گل ۾ سُرهاڻ. دلگير سنڌيءَ شاعريءَ ۾ هڪ حسين، رنگين ۽ بي نظير اضافو آندو. پنهنجي ڪوتائن جي مجموعي ”موج ڪئي مهراڻ“ ۾ دلگير شعر، شاعريءَ ۽ شاعر بابت هيئن ٿو چوي: ”سپ کان سُڪي ۽ سندر گهڙين جي يادگيرن جي اظهار جو نالو شاعري آهي ... پر ڪن جي ليکي شاعريءَ زندگي جو آئينو آهي. عام طور شاعري جا ٻہ مکيہ موضوع

١. صبح جو سهاڳ - هري دلگير، ص. ٥٢
٢. صبح جو سهاڳ- هري دلگير، ص. ٨۴

دنيا جي ھين تھذيبن جو جائزو وٺندي خبر پوي ٿي تہ يونان ۾ فلاسافي لفظ پڻ ٻن لفظن جي ميلاپ مان ٺھيو آھي. فلاس معنيٰ”پريم يا محبت“ ۽ سوفيا معنيٰ ”تعليم“جنھن مؤجب فلاسيءَ جي معنيٰ ٿيندي ”علم لاءِ محبت “ يا وديا لاءِ پريم. اِن لفظ جو واھپو پھرين گريس ملڪ ۾ ٿيو ھو.[1]

ساھتيہ ۽ درشن

ھر يگہ ۾ درشن ۽ ساھتيہ ، رٿ جي ٻن ڦيٿن وانگر گڏ ھلن ٿا. سماج جو سچو آئينو ساھتيہ آھي، ۽ اُن ساھتيہ ۾ اسان کي فلاسافيءَ جو درشن ٿئي ٿو. اِنسان اڄڻ واري يگہ جي ڪلپنا ڪري سوچيندو رھي ٿو ۽ اُن جي اڳيان ڪيترائي سوال اُٿن ٿا.جڳت ڇا آھي؟ اِنسان ڇا آھي؟ اُن جو ٺاھيندڙ ڪير آھي؟ موت کان پوءِ شرير ڪيڏانھن ويندو؟ اِھي سوال اُن جي دماغ ۾ اُٿن ٿا. ۽ اُنھن جو جواب اِنسان پنھنجي ڀاونا جي آڌار تي، ۽ ڪڏھن دماغ جي آڌار تي ڏئي ٿو. جنھن جي ھيٺان وشواس، انڌ وشواس، ڌرم جي ڀاونا، وڏيڪ سوچڻ جي اسمرتي، وگيانڪ چنتن وغيره اچي وڃن ٿا.[2]

ڀارت جو دارشنڪ اِتھاس بہ اِئين آھي. ”درشن“ دماغ رستي سمجھي سگھجي ٿو ۽ ”ساھتيہ“ ڀاونا رستي، درشن مشڪلاتن جو حل ڳولھيندو آھي، ساھتيہ اُنھن مشڪلاتن کي دورڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آھي. ”ساھتيہ“ درشن جي پورٽتا آھي. ڊرشن تتون جو فيصلو ڪندو آھي. ساھتيہ ۾ زندگيءَ جي عملن جو عڪس ملي ٿو. الڳہ الڳہ واراتون قلم بند ڪندي ساھتيہ: ھڪ دماغ جو ڪم ڪري ٿو، فلاسافي سوچڻ جي شڪتي ڏئي ٿي.

”ساھتيہ“ پنھنجي بخملي مياڻ ۾ ويچار جي تيز ڪٽار لڪائي رکي ٿو. جيڪو اگيان جي پردي کي چيري ٿو. اھڙي نموني ساھتيہ، فلاسافيءَ جي پورائي ڪري ٿو. ساھتيہ نہ صرف چوڻ ، پر

---

१. हिन्दी साहित्य की दार्शनिक पृष्ठभूमि - डॉ. विश्म्भरनाथ उपाध्याय , पृ. १७

٢. چرن چٽڪن چت ۾- پوپٽي ھيراننداڻي، ص. ١٢

درشن جي معنيٰ ۽ استعمال

هر اِنسان لاءِ زندگيءَ جي جدوجهد ۾ فتح حاصل ڪرڻ اُن جو فرض آهي. ٻين ساهوارن وانگر اِنسان بہ زنده رهڻ لاءِ لڳاتار ڪشمڪش ڪندو رهي ٿو. هوُ ڪنهن وقت پنهنجي ارد گرد وارين مختلف حالتن سان جنگ جوٽيندو آهي تہ ڪڏهن غالب پيل طاقتن ۽ ويرين سان سنگهرش ڪندو رهي ٿو. فرق اِهو آهي تہ ٻيا جيو بغير ڪنهن سوچ ويچار جي زندگيءَ جي جدوجهد ڪندا رهندا آهن. پر اِنسان هر منزل تي دل دماغ جو جوڳو استعمال ڪري ٿو. نڪل جي چوڻ مؤجب اِنسان جي ڪاميابين جو مدار سندس سوچ ويچار تي مبني آهي. گيتا ۾ (١٧/٢) چيل آهي: ''यो यच्छ्रद्धः स एव सः'' جنهن جو مطلب آهي تہ اِنسان پنهنجي شرڌا اِنوسار ئي الڳہ الڳہ روپ وٺندو آهي. هن جي ڪم ڪرڻ جو انداز بہ طئہ ٿيل هوندو آهي؛ جنهن موجب ڪيس ڦل ملندو آهي، اهڙي نموني هر اِنسان جو نجي درشن هوندو آهي. جيڪو اُن جي جيون سان ڳنڍيل آهي. اسان اُن کي پنهنجي جيون کان الڳہ ڪري نٿا سگهون. جيڪڏهن ڪوبہ شخص اُن کي جدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو تہ سندس جيون، عقل ۽ فهم کان پري ٿيندي هڪ جانور جيان ٿي پوندو، اِنڪري جانورن سان ڪيترين ئي ڳالهين ۾ هڪجهڙائي هئڻ کان پوءِ بہ اِنسان ۾ ڌرم ۽ مذهب يا اِنسان جا ٻاهريان اُصول، سندس وڏي ۾ وڏي خوبي آهي.

درشن لفظ جي معنيٰ آهي ''दृश्यते अनेन इति दर्शनम्'' جنهن جي دواران ڏٺو وڃي تہ هن جڳت جو سچو سروپ ڇا آهي؟ اُن جي پيدائش ڪٿان ٿي؟ هن سرشٽيءَ جو مقصد ڇا آهي؟ هيءُ چيتن آهي يا اچيتن؟ هن سنسار ۾ اسان جا ڪهڙا فرض آهن؟ زندگيءَ سٺي نموني گذارڻ لاءِ ڪهڙو ساڌن مارگ آهي؟ اهڙن سوالن جا جواب ڏيڻ دَرشن جو اُديش آهي. درشن کي شاستر بہ چئبو آهي. شاستر جي معنيٰ ڇا آهي؟ شاستر لفظ جي ڌاتوءَ جا ٻہ حصا آهن ''शास्'' معنيٰ آگيا ڪرڻ ۽ ''शस्'' معنيٰ ورنن ڪرڻ يا ظاهر ڪرڻ.

مومل پڻ چوي ٿي :

”راڻوئي راڻو - ري راڻي ٻيو ناهه ڪو.“

ساڳي ڪامنا ۽ جستجو دلگير هن طرح ڪئي آهي:”شل ائين ٿئي“ چوي ٿو:

”روز روز شل اِئين ٿئي،
تنهنجي سنمک آءٌ بيهان،
خوب خوشيءَ مان اِئين چوان،
تون منهنجو ۽ تنهنجو مان“
”روز روز شل ائين ٿئي،
جڏهن پاڻ سان پاڻ هجان،
دور اُفق ۾ جڏهن تڪيان،
توکي ايندو آءٌ پسان،
جهومي جهومي ائين چوان،
تون منهنجو ۽ تنهنجو مان“

”۽ ڪو ڏينهن اهڙو به ٿئي،
پيد نہ تون ”مان“ منجهہ پسان،
نام روپ سڀ ڀُلي وڃان،
مان ٿيان تون ۽ تون ٿي مان.“[1]

انادي ڪال کان وٺي سڀ شاعر اؤليا پنهنجي پنهنجي تهذيب ۽ سنسڪارن انوسار اُن سچ کي سُلجهائڻ يا ظاهر ڪرڻ جو يتن ڪن ٿا. ويدن ۾ هڪ منتر آهي ”وشو آتما کان وڇڙيل هنس پنهنجي متر سان ملڻ لاءِ اننت ڪال کان وٺي اُڏامي رهيو آهي.“ انش ۽ سڄي يا جزي ۽ ڪُل جو پاڻ ۾ اِهو رشتو انادي، ابدي، چِڙُ ۽ اَمر آهي. اِهو رشتو دئوي يعنيٰ (divine)آهي چاڪاڻ تہ اِهو دئوي آهي اِنڪري ڪوي اِن رشتي کي مانوي معنيٰ اِنساني ڍنگ سان سمجهائڻ جو يتن ڪن ٿا.

---

1. پل پل جو پرلاءُ- هري دلگير، ص. ٦٠

پنهنجو بڻائڻ سيڪاري ٿو. ڀارتيہ ساهتيہ جو پهريون روپ ويدڪ منترن مان مليو ٿو. ويدڪ ڪوين پنهنجي واڻي، ويدن ۾ لکي. ويدڪ يگ ۾ فلاسافي ۽ ساهتيہ جو گڏوگڏ وڪاس ٿيو.

ساهتيہ درشن جي پورڻتا آهي. دارشنڪ پنهنجي ٻڌيءَ جي پيچ داؤ ڪري جن سچن (truths) کي نشچت ڪرڻ ۾ هٽڪي ٿو، اُنهن کي ساهتيڪار پنهنجي ڀاونائن دواران آسانيءَ سان سڌ ڪندو هلي ٿو. پرماتما جي ليلا روپي سمندر جو ڪنارو آهي جيون. جيون جو هر هڪ ڪاريہ اُن لکل تتو جو اظهار آهي. اِن ڪري عظيم شاعر جو شعر لازوال حق جي کوج مثل ئي آهي. امر ڪوي امر ستيہ جي تلاش ڪندو رهي ٿو. امر ڪوي جيون روپي سون جي اونهي کاڻ ۾ گهڙي، اُتي جي هر هڪ سر يا ستيہ مثال استيہ ۽ کوڙ روپي ويڙهيل مٽي، گارو، چن ۽ پٿر لاهي، اُن کي صفا ڪري ماڻهن اڳيان رکندو وڃي ٿو.

ڪويءَ جي ڪاويہ جي امرتا جي ڪسوٽي اِها ئي آهي تہ ڏسجي تہ هوُ پنهنجي کوج ۾ ڪيتري قدر زنده رهيو آهي، هن درشن ۽ جيون ۾ ڪيتري قدر هيڪڙائي آندي آهي. پنهنجي شخصي ساڌنا کي هوُ ڪيتري قدر ساموهڪ بڻائي سگهيو آهي ۽ پنهنجن دارشنڪ ويچارن کي جنتا جي هردي ۾ ڪيتري قدر سمائي سگهيو آهي؟

سوال آهي تہ اَمر ستيہ ڇا آهي؟ امر ستيہ اُهو ئي آهي جزو پنهنجي ڪُل يعني سچي کان وڇڙيو آهي. جنهن ڪري اِهو جزو ڪل سان ملڻ لاءِ آتو آهي. هندي يا سنسڪرت ۾ چون ٿا تہ سَسِيم يعني (limited) حدن وارو جزو اسيم يعني (unlimited) لا محدود سان لين ٿيڻ چاهي ٿو. سچي سان يعني پرماتما سان ملڻ چاهي ٿو. جزو يعني اِنسان پرماتما جو ئي حصو آهي. اُهو پرماتما کان علحدو ڪونهي. اُهو ساڳيو ئي پرماتما آهي. شاه پنهنجي لفظن ۾ سُسئي کان چوائي ٿو:[1]

''پنهوُن ٿياس پاڻ - سُسئيءَ تان سوُر هئا.''

يعني پنهوُن ۽ سُسئي ٻئي هڪ ٻئي کان علحدا ڪينهن.

ا. چرن چٽڪن چت ۾ - پوپٽي هيراننداڻي، ص.۴۴.

خليل جبران ۽ آمريڪا جي شاعر والٽ وٽمن جو مٿس گھاٽو اثر هو. هنن وانگر دلگير جي ڪوتا ۾ به آشاوادي گونج ۽ اُپنشدن جو آواز آهي. پر بيان ڪرڻ جو انداز نرالو آهي

هن سرشٽيءَ ۾ اِنسان کي اشرف المخلوقات جو درجو حاصل آهي. ساهوارن ۾ هوُ ئي هڪ جيو آهي. جيڪو ڪرتا به آهي، ته اُپيوڳتا به هو پنهنجو پاڻ مان ٻاهر نڪري، پاڻ کي ڏسي سگهي ٿو، پاڻ بابت سوچي ويچاري سگهي ٿو. پنهنجين ڪمين پيشين کي درست ڪري، پنهنجي تصور ڪيل ”اميج “ مطابق پاڻ کي ٺپي ٺاهي، گهڙي تراشي سگهي ٿو. هستيواد فڪر موجب هڪ اِنساني فرد کي ئي صرف وجود آهي، جيئن ته ڪيس پنهنجي هئڻ جي سرت آهي. البت اِها سرت اِنسان مٿان اِها به ذميواري مڙهي ٿي، ته پنهنجي تجربي مان پاڻ کي ڄاڻڻ سان گڏ، هوُ پنهنجي ارد گرد جي سنسار جي حقيقت کي به ڄاڻڻ جو جتن ڪري، جنهن جو هو هڪ حصو آهي.

گيتا ۾ چيل آهي ته: ”اِنسان پنهنجو دشمن پاڻ آهي ته پنهنجو سڄڻ به پاڻ آهي“ ۽ پنهنجين سٺن ۽ خراب ڪرمن انوسار ڦل جو ڀاڳي ٿيندو آهي.

انسان کي پراپت ٿيل گيان جي سيني ساڌنن سان، محسوس ٿيندڙ سڄي سرشٽي کي समग्ररूप سڄي روپ ۾ سمجهڻ ئي فلاسافي آهي. اِنسان آدي ڪال کان اِن ڪوشش ۾ آهي.[1]

مٿي اِن ڳالهه جو ذڪر ڪري آيا آهيون ته دلگير پاڻ چوي ٿو ته: مان تتو گياني يا فلاسافر نه آهيان، پر سچ جي رستي جو پانڌيئڙو آهيان ۽ سچ اِهو ئي آهي ته:

”جي ورق ورائين ويهه ته اکر اِهو ئي هڪڙو“

---

۱. رچنا ياترا - ۲ لکمي کلاڻي، ص. ۲۱۲

اسانجن سيني شاسترن جو تت يا هڪ هڪ شاستر جو منتر - ''اهم برهم اَسمي'' (مان ئي برهم آهيان) ''تتہ توم اسي'' (اُهو تون ئي آهين) ايڪو برهم دُئتيہ ناستي (هڪ برهم ئي آهي، ٻيو ڪجھ آهي ئي ڪين) ''سو اهم'' (اُهو مان ئي آهيان)
شاه چوي ٿو:

''سو پڪي سو پيرو، سو سر سوئي هنجھ،
ڏسڻ تہ ڏسين جي همہ ڪي حق چوين.''

ساڳي ڳالھ دلگير هيئن چوي ٿو:

''هڪ ئي آهن هڪ ئي آهن مؤجون ۽ مهراڻ،
تون ۽ مان ٻيي هڪ ئي آهيون، الڳ نہ آهيون پاڻ.
ٻج ۾ وڻ آ، وڻ ۾ ٻج آ، هڪ جو ٻئي ۾ ٿان ءُ،
تئن تون منهنجي اندر آهين، تو ۾ آهيان آءُ.''[۱]

''ڪستوريءَ جي لاءِ هرڻ پيو بن ۾ ڀٽڪي دوُر،
ليڪن مورک مرگھ نہ ڄاڻي، ڏُن ۾ ڪيس ڪٿوُر.
مورک منڌ، ڳچيءَ ۾ تنهن کي هيرن جو هڪ هار،
ليڪن ڀوري ڀُل ۾ تنهن کي ڳولي پئي چوڌار.''[۲]

''جئن ٻج ۾ وڻ، وڻ ۾ ڇايا، جئن اُپ ۾ پولار،
جئن پولار ۾ روپ اپارين، تئن مون ۾ سنسار.
منهنجو من پولار فقط، پر تنهن ۾ روپ اپار،
من - ساگر جي موجن مان ئي اُپريو آ سنسار.''[۳]

دلگير ويدن، اُپنشدن، گيتا، بائيبل، قران گرواڻيءَ جو سنو اڀياس ڪيو آهي. ڌارمڪ گرنٿ ڀڳوت گيتا ۽ جپ صاحب جا منظوم، ارٿ سميت سنڌي ترجما ڪيا. اِهي يوگدان سندس روحاني علم ۽ اڀياس جي ساکہ ڀرين ٿا. دلگير شاه لطيف جو عاشق هو ۽ ٺٺگور، بيوس،

۱.۲.۳- مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص. ۴۰

آهيان آهيان يار،
ڪٿرت جو تو ڪوٽ بڻايو، ڪوٽ مٿان ڪٿ ڪاهيان؟ يار
آهيان آهيان يار،
'تون ساگر، مان بوند نماڻي، بوند تڏهن ٻه آهيان، يار
آهيان آهيان يار.'[1]

وري چوي ٿو:

''ٻڌايان ڪٿ، مان آهيان ڪير؟
اڳي ييي، هاڻ ٻه، پوءِ ٻه آءُ
نه منهنجو روپ، نه منهنجو نانءُ،
گگن ۾ سر ، ڌرتي تي پير،
ٻڌايان ڪٿ، مان آهيان ڪير؟''

''ڀلا تون ڪير، ڀلا مان ڪير؟
سوچ سان''سچ'' جو ڪر تون ڇيد
ڪڍي ڇڏ نام روپ جو ڀيد،
نه ڏسندين ''تون'' ''مان'' ۾ ڪو ڦير
ڀلا تون ڪير، ڀلا مان ڪير؟''

''نه تو ۾ مون ۾ ڪوئي ڀيد،
ڪڻو مان، آهين تون انبار،
ڦڙو مان، پر تون جل جي ڌار،
ڪر ڏس بيشڪ تن جو ڇيد،
نه تو ۾ مون ۾ ڪوئي ڀيد.''[1]

پنهنجي زندگي بابت ٻڌائيندي دلگير لکي ٿو:

''روز ٻه دفعا ڏيان ۾ ويهي پاڻ سان روح رهاڻ ڪندو آهيان،

---

١. مؤج ڪئي مهراڻ- هري دلگير، ص. ٢٧
٢. مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.٢٣-٢۴

دلگير جو اَپياس ڪرڻ سان اِها ڳالهہ چٽيءَ طرح ظاهر ٿئي ٿي تہ سندس زندگي تي روحاني رنگ چڙهيل آهي. ڏکڻ هندستان ۾ اوچ ڪوٽي وارو مهاتما ٿي گذريو آهي: رمن مهرشي . هن وٽ مشرق خواه مغرب جا انيڪ شرڌالو درشن ڪرڻ لاءِ ايندا هئا، ۽ وارتالاپ جي دؤران هي سنت شرڌالن کي ''پاڻ سڃاڻڻ'' جو سنديش ڏيندو هو ۽ ''پاڻ سڃاڻڻ '' لاءِ نتو پرت پاڻ کان پڇندا رهو تہ ''مان ڪير آهيان؟ ''who am I? اِهو ئي آتم گيان آهي، جنهن جي اوٽ تي هري دلگير پنهنجي آتمڪٿا جي شروعات ڪئي آهي. ''خودشناسي'' ۽ ''خدا شناسي''جي تفتيش شروع ڪئي آهي. چوي ٿو: ''سچ تہ اِهو آهي تہ مونکي خبر ئي ناهي تہ مان الائي ڇا آهيان. الائي ناهيان. مان ڇا ٿو چاهيان، ڪجهہ چاهيان ٿو يا چاهيان ئي نٿو، اِها ڄاڻ ڪانہ اٿم پر عمر جي باوجود مان اجا ٿڪو ناهيان.'' اِنڪري دلگير لکيو:

''اجا تہ ديپڪ ٻرندو رهندو،
ڪافي هن ۾ تيل پيريل آ،
جڳ مڳ جڳ مڳ جرندو رهندو،
اجا تہ ديپڪ ٻرندو رهندو،
اونده سان هي لڙندو رهندو،
وٽ جو سِرُ اوُچو پيريل آ،
اجا تہ ديپڪ ٻرندو رهندو،
ڪافي هن ۾ تيل پيريل آ.''[1]

چوي ٿو:

''آهيان آهيان يار - ڪير چوي ٿو ناهيان؟ يار.
منهنجيءَ هستيءَ کان تون آهين، ٿاه مان نٿو ناهيان، يار.
آهيان آهيان يار،
''تون'' ۽ ''مان'' ۾ ڀيد رهي پل،
تو سان سَڱُ ڪئن ساهيان؟ يار

1. گاهہ ڪليا گس گس- هري دلگير، ص. ٢٤

ڀاو يا جذبا شاعريءَ جو اڻوٽ انگ ٿين ٿا. اُنهن کي ائين الڳ ڪري نٿو سگهجي. ڇو تہ شاعر جي شاعريءَ تي سندس زندگيءَ جو وڏو اثر ۽ واسطو رهي ٿو. شاعر جي هڪ تند پنهنجي زندگيءَ ۽ ٻي تند عام جي زندگيءَ سان جڙيل رهي ٿي. جنهن ڪري هو پنهنجو انڀو شاعراڻي ڀاو ۾ ٻين تائين پهچائي سگهي ٿو.

دلگير جي شعر ۾ شعور، چيتنا، انڀو، انڀوتي ۽ ڏسڻ پرکڻ جي درشٽي بہ زبردست آهي. شاعر کي جو خيال اچي ٿو تہ هو پنهنجي احساسداريءَ سان جذباتي ڪري پنهنجي تخليقي صلاحيت (creative capability) سان شاعراڻي ڀاو ۾ اِظهاري ٿو. ڀاو يا جذبو هر شاعر جي شاعريءَ ۾ ٿيندو آهي پر جڏهن اُهو ڀرپور نموني ۾ اظهار جي اُپري بيهندو آهي تڏهن ئي دل من موهي سگهندو آهي. دلگير جي شاعريءَ ۾ اهڙا ڪيترائي ڀاو اظهاريل آهن جيڪي دل من موهي اُن تي ڇڻ اُڪري ٿا وڃن.

دلگير پنهنجي آتم ڪٿا ''چولو منهنجو چڪ ۾'' ۽ ''گند منهنجي گوڏ ۾'' ڪيترن ئي هنڌن تي زندگيءَ بابت پنهنجي نظرئي جو اِظهار ڪيو آهي. جدا جدا وشين تي سندس عقيدن، وشواسن ۽ ويچارن جي بہ ڄاڻ سندس رچنائن مان چاهي حياتيءَ بابت ڪتابن مان ملي ٿي. جن مان ڪجهہ جهلڪيون هيٺ پيش ڪجن ٿيون.

مثال:

''قيدن ۾ نہ قرار،
پکئيڙا قيدن ۾ نہ قرار،
کنڀ پکيڙي، پکيري سان گڏ اُڏري وڃ آڪاس،
يا تہ بدن کر ڍيرڍيوتيءَ جو، نڪري پل ساس،
جيوت جت آزار،
کين گهڙي اُت گهار،
عرش اُڏري ڏيکار،
پکيئڙا قيدن ۾ نہ قرار.''[1]

---

1. ڪوڏ - هري دلگير، ص. ١٥-١٦

ڪوئي پڳوان آهي يا نہ پر ڪوئي اڇي منهنجي ڌيان ۾،
مون سان ڳالهيون ڪندو آهي، نہ تہ مان ڪيئن لکي سگهان ها''
''ڪير تہ آهي!
ڪير اڪيلائي ۾ مون سان پيو ڳالهائي؟
ڪير تہ آهي.
دوُر اُفق مان وينو ڪير لياڪا پائي؟
ڪير تہ آهي.
آڌي ويلي تارن ۾ ٿو بين وڄائي.''[1]

هو ڏسڻ ۾ ڪين ايندو آهي، پر هن جي اڇڻ سان وايومنڊل ۾ سرهاڻ پرجي ويندي آهي ۽ منهنجا سواس سُرها ۽ سَرها ٿي پوندا آهن. راڌاسوامي پنٿ جا پوئلڳ چوندا آهن تہ، جڏهن ماڻهون پورن سماڌيءَ ۾ وهندو آهي تہ هن کي اندر ۾ انهدي آواز ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. جي اُهي آواز ٻڌڻ ۾ نہ اچن تہ ان جو ارٿ اِهو آهي تہ سماڌيءَ ۾ ڪا ڪمي آهي.(اِهو راڌاسوامين جو ويچار آهي) دلگير چوي ٿو مان بہ ڌيان ۾ وهندو آهيان پر مونکي ڪڏهن بہ آواز يا ساز يا ڪي شبد ٻُڌڻ ۾ ڪونہ آيا آهن. صرف محسوس ڪندو آهيان تہ ڪوئي منهنجي پرسان وينو آهي ۽ مان مها آنند جي ساگر ۾ ترڳي رهيو آهيان.

آنند جي گهري ساگر ۾ ڪاهي پيو اچ آهيان آءُ،
ترڳي وينو ترڳان آءُ،
هيٺ ٿيان ٿو، مٿي ٿيان ٿو، لهرن تي پيو ليٽان آءُ،
ترڳي وينو ترڳان آءُ.[1]

دلگير لکي ٿو : ''منهنجن سواسن ۾ سُرهاڻ جو پرجي وڃڻ يا احساس تہ ڪوئي پر ۾ وينو آهي، اِهو سڀ منهنجي من جو پرم ئي هجي پر اُن پرم سان منهنجي من ۾ خوشيءَ جا ترنگ اُٿن اِها چا ڪا گهٽ ڳالهہ آهي؟''

---

١. مؤج ڪئي مهراڻ- هري دلگير، ص. ٢٩
٢. گند منهنجي گوڏ ۾- هري دلگير - ص. ١٠٣

اِنسان صحيح معنيٰ ۾ سلطان آهي مگر ميا جي چڪر ۾ اچي ٻانهو بڻجي پيو آهي. هو پنهنجي سچي سروپ کي ڀلجي ويو آهي، ڇاڪاڻ تہ مايا سندس اکين تي انڌ جا ڪوپا چاڙهي سُرت کسي ورتي آهي. هي پڪيءَ روپي اِنسان هن سنسار جي پڃري ۾ اچي قيدٿيو آهي. جسم جون واسنائون زنجيرون بڻجي ڪيس پنهنجو غلام بڻائي ڇڏيو آهي.

”حُسن خود، هوُ حوُر دنيا تي پيو آ هر ڪجي.“

جيتوڻيڪ اِنسان خود اُيشور سوروپ آهي، پر موهہ ۽ مايا جي چار سبب ڪيسَ پنهنجي پوري سمڪ نہ رهي آهي.

”پاڻ ساگر، بوند سمجهي پاڻ کي. ڪَلَ ڪانہ اَٿس.“

ساڳي ڳالهہ سچل بہ ڪئي آهي:

”بحر آگاد مان لهر اُٿي - موتي ٿيو مهراڻ“

شاعر پاڻ کان پڇي ٿو: ”اِنسان هن جهان ۾ اول آيو ئي ڇو؟“

اِن جو جواب بہ پاڻ ئي ٿو ڏئي:

”آڪاس مان آيس مان هتي سير ڪرڻ لاءِ،
سنسار جي ساگر ۾ ڪنول مثل ترڻ لاءِ،
سڪ، سونهن ۽ سڪہ ساڻ سرشٽيءَ کي پرڻ لاءِ،
آيس جتان اوڏانهن خوشيءَ ساڻ ورڻ لاءِ.“ [1]

هري ”دلگير“ پنهنجي شاعريءَ ۾ اِنسان جي زندگيءَ جو اِهو مفهوم ميجي، پاڻ لاءِ هن سنسار ساگر ۾ ”ڪنول گل“ بڻجي رهڻ جو ”فلسفہ حيات“ اپنايو آهي.آزاديءَ جي اِها علامت ”ڪنول گل“ سندس سموري شاعريءَ سوچ فِڪر جو تت آهي:

---

١. ڪوڏ-هري دلگير، ص. ١٢

هري دلگير جي شاعريءَ ۾ پکيئڙو، پڃرو (قيد)، پرواز (اُڏام)، عرش (آڪاس) جا پرتيڪ، موتف(motif) بڻجي ور-ور پيا دهرائجن.

هي پکيءَ روپي اِنسان، هن سنسار جي پڃري ۾ اچي قيد ٿيو آهي. جسم جي واسنائن، زنجير بڻجي کيس پنهنجو غلام بڻائي ڇڏيو آهي.

''آءٌ بي پَر ٿي سهين، صياد! پر ڪنهن ڏينهن نيٺ،
توکي مان ساڙي ڇڏيندس آه سان پڃري منجهان.''[1]

پڃري کان آزاد فضا جو احساس ٿيڻ تي اِهو پکي اُنهن زنجيرن مان پنهنجا بند آجا ڪرائي، پنهنجي اصلي وطن ڏانهن اُڏامي وڃڻ لاءِ ڇٽپٽائي ٿو.

''پاڻ کي ماري ڇڏيان، يا عرش ڏي پڃرو کڻان،
منهنجي قسمت! تون ٿي چؤ مان ڪئن ڇٽان پڃري منجهان!''[2]

دلگير ۽ سندس فلسفہ حيات: هري دلگير جو نظريو سندس زندگيءَ نسبت ڪهڙو رهيو آهي. اِن باري ۾ پڻ پڻ خيال سندس نثر خواه نظم ۾ تڙيل پکڙيل نظر اچن ٿا.

(١) ويدانت ۽ تصوف ۾ سمايل فلسفي جو اِهو نچوڙ آهي، تہ هي جيو-آتما، پرماتما کان ڇڇي ڌار ٿي ويئي آهي ۽ وري واپس پنهنجي ماءُ موٽي وڃڻ لاءِ ڦٿڪي ٿو. ويدانت ۾ تصوف ۾ سمايل فلسفہ جو نچوڙ آهي. ''جيو برهم'' جي ايڪتا يعنيٰ جيو آتما ۽ پرماتما هڪ ايڪ آهن. اُنهن ۾ ڀيدڪونهي. شنڪر آچاريہ جو ادويت واد بہ اِهائي ساک ڀري ٿو تہ سچل سرمست بہ اِهو ئي سر آلاپي ٿو:

''قطرو پاڻ ۾ پاڻ کي سارو بحر سڏائي''

١.٢. مؤج ڪئي مهراڻ- هري دلگير، ص. ٧٤

سندس پيڙا پاڻ جهيلي ٿو. ڪٿي باز بڻجي هنبوچي ٿو هٽي ته ڪٿي ڪارو پڙڻرو بڻجي جهومي ڳائي ٿو. ڪڏهن ”بازاري عورت“ جي آهه، ته ڪڏهن ”ننڍڙي وڏوا“ جي دانهه ٿو بڻجي، ”پاپ جو مندر“ ڍاهڻ لاءِ ڪان ڦهاڙا ٿو ڪڍي ته پٿر ديوتا جو پٿلو پٽ ڪرائڻ لاءِ گهات ٿو گهڙي. ائين سموري اِنسان ذات سان هم - آهنگي محسوس ڪندي، هو پنهنجي شاعر کي به چڙيندي چوي ٿو:

”هينئر جاڳندڙ خواب کي ڏي ڇڏي،
ڇڏي ڏي اُڏامڻ هينئر عرش تي،
تون رنگين دولاب کي ڏي ڇڏي،
لهي اچ حقيقت سندي فرش تي.“[1]

شاعر مڪتيءَ جي راهه تي اڳيرو ٿيڻ بعد عام ماڻهن کي به سندن قيد جي ديوارين جو شدت سان احساس ڪرائڻ چاهي ٿو.

”وڏيون وڏيون پٽيون ڪڙيون،
رواج جون سماج جون،
مڪان جون، زمان جون،
پٽيون هي ڌرم، دين جون،
پٽيون هي شڪل، نام جون،
پٽيون هي تون ۽ آءٌ جون،
انهيءَ ۾ پيا اسين قرون.“[2]

واقعي اڄ جو اِنسان اهڙن ڪيترن ئي قيدن ۾ پاڻ ڦاٿو پيو آهي. انفرادي سطح تي قيد، جهالت جو، بک ۽ بيروزگاريءَ جو، ريتن رسمن رواجن جو، ڌرم مذهب، جات پات، رنگ ڀيد جو سريري خواهشن جو، ڪوڙي مان شان ڏيکاو جو، پنهنجي آپي اهم ايمان جو.

١. موج ڪئي مهراڻ- هري دلگير، ص. ٤٥
٢. پل پل جو پرلاءُ- هري دلگير، ص. ٢٤

”ميڙ محفل ۾ بہ يي اڪيلو آءٌ،
دل ڪنول، جڳہ تلاءُ آءٌ ڄڻ.“[1]

ڪنول جي تمثيل جو ارٿ بي طرفداري يا غير واسطيداري ناهي، رڳو نرليپتا آهي. گوتم ۽ وويڪانند واري نرليپتا، هو رڳو پنهنجي موڪش ۽ نرواڻ لاءِ، ڪنهن غفا ۾ پاڻ کي پوري ڪونہ ويٺا، مگر عام ماڻهوءَ جي ڪلياڻ لاءِ پاڻ کي پتوڙيندا رهيا. شاعر ڪنول جون وصفون ٻڌائي ٿو:

”جل ۾ ڄائين، جل ۾ آهين، جل ۾ تہ بہ تون ناهين،
جڳہ وارن کي جڳہ ۾ جاڻڻ جي تو راه ٻتائي.“[1]

اِنسان ذات کي حياتيءَ جو اِهو راز سلڻ لاءِ ئي اِيشور ڪنول گل کي خلقيو آهي:

”سندرتا، چنچلتا، ڪوملتا، پوترتا واري،
سائينءَ هيءُ سوغات، سرشٽيءَ لاءِ سک ساڻ بڻائي.“[2]

”پڇري ۾ بند پکئيڙي“ کان ”تلاوَ ۾ ترندڙ گل“تائين جو سفر جهاڳيو آهي. ”ڪنول گل“ جي نرليپتا حاصل ٿيڻ بعد، زندگي کي، شاعر اُن جي صحيح عڪس ۾ پسي ٿو:

”سونهن، سک، سنگيت ۽ آنند واري زندگي،
هر جڳهہ، هر پل ۾، پسجي ٿي پياري زندگي،
بلبلين ۾ گيت ڳائي، چيچ وڻ وڻ ۾ هٽي،
ناچڻي بڻجي نچائي، ٽاري ٽاري زندگي.“[3]

پنهنجي ڪوپي کان ٻاهر نڪري سنسار جي هر پسون، پکي، پراڻيءَ ۾ پنهنجي سڃاڻپ ڳولهي هوُ سندن ڏک سک ونڊي ٿو،

---

۱. رولو آواز - هري دلگير، ص. ۲۵

۳.۲ مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص. ۱۰۵

جڏهن به چپ چاپ ظلم سهي ٿو، ڪو ڪائر ڪو ڪمزور،
تڏهن لڳان ٿو آءٌ،
جڏهن به روشني مٽان ڪري ٿو، راڄ انڌارو گهور،
تڏهن لڳان ٿو آءٌ.''[۱]

وري چوي ٿو:

''اونده کي هٽائڻ لاءِ، ٻٽي ديپ جلياسين،
چپ چاپ مگر پاڻ انڌاري ۾ رهياسين،
جيسين جيئرو جڳ ۾، جرڪائج پيو جوت،
نت روحاني روشني، اونده ۾ پيو اوت،
پاڻ جلائي پاڻ ۾ تي لاهوتي لاٽ،
سارو جڳ جرڪي اُٿي، چوڏر ٿئي چمڪات.''[۲]

پنهنجي انهيءَ احساس جي روشنيءَ ۾ شاعر اسان کي به پاڻ کان ٻاهر تلاءَ ۾ ڪڙيل ''ڪنول'' طرف نهارڻ لاءِ آماده ڪري ٿو.

''هير جيان ٿي هلڪو هلجي،
''پاڻ'' هتي ڇڏجي او سائين،
پريتم ڏي هلجي.''[۳]

(۲) ويدن ۾ هڪ پرارٿنا اچي ٿي، جنهن کي دلگير سنڌي دوهي ۾ قلمبند ڪيو آهي:

''اَنُ، ڌن، جس، ٻل، ٻُڌي ڏيندو ره ڀڳوان،
ڪُل ڪارج پورا ڪريان، نريئه نر ايمان.''[۴]

هري دلگير پنهنجي آتم ڪٿا ''چولو منهنجي چڪ ۾'' لکي ٿو:

مان اِها پرارٿنا روز پڙهندو هوس، پر ٿورن ڏينهن کان پوءِ

---

۱. پل پل جو پرلاءُ- هري دلگير، ص.۱۳

۲. مؤج ڪئي مهراڻ- هري دلگير، ص. ۴۸

۴.۳ مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.۲۸

وڏين راڄنيتي طاقتن جو، سرمائداري ۽ ساميوادي سرشتن جو، وگيان ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو. جن اڳيان اڄ جو اِنسان چامڙو بڻجي ويو آهي. اُنهن سان سينو ساهڻ جي سندس همت پست ٿي چڪي آهي. سندس پنهنجي فرياد بابت ڪوبہ فيصلو وٺڻ جي خودمختياري ختم ٿي چڪي آهي. سندن وجود اڳيان ئي اڄ سوال جي نشاني لڳي ويئي آهي.

اِنسان لاءِ اڄ ”ڪوس گهر“ بڻجي ويئي آهي هيءَ زندگي جتي ماڻهوءَ جو رت ماس، هڏا ۽ چم وڪيو ٿو وڃي.

”سؤداگر سنسار - اسان جو سؤداگر سنسار،
ماڻهوءَ کي ٿو ماڻهو وڪڻي هاءِ ڙي ماڻهو هاءِ !“[1]

”پورهيت“ شعر ۾ عام اِنسان جو هي ڪيترو نہ حقيقي چٽر دلگير چٽيو آهي:

”تو پرائي پوک لاءِ اُس ۾ سدا سڙندو رهي،
ڪارخاني ۾ ڪسيري لاءِ پگهر ڳرندو رهي،
جنهن بڻايا گهر هٿن سان، تنهن کي پنهنجو گهر نہ ٿيو،
جو ڍڪي ٻين کي ڍڪڻ لاءِ تنهن کي ڪو وستر نہ ٿيو،
جن کي پالي ٿو، اُنهن جي رحم تي جڳہ ۾ جيئي،
جا ڇُري هٿ سان بڻائي، سا سندس رت تي پيئي.“[2]

آخري مصرا ۾ ڪارل مارڪس جي اصول جو چٽ چٽيل آهي. جن ڪارخانن کي مزور پنهنجي هٿن سان جنم ڏئي ٿو اُهي ئي کيس بي روزگار بڻائي شمشان گهاٽ پهچائي اڇن ٿا.

اِنسان جي اهڙي بدتر حالت ڏسي شاعر جي اندر مان دانهن نڪري ٿي ۽ ڪوتا جو روپ وٺي ٿي:

”جڏهن ڪنهن زوراور جو ٿئي ڪنهن تي ناحق زور،
تڏهن لکان ٿو آءٌ،

---

١. مؤج ڪئي مهراڻ- هري دلگير، ص. ۴٣
٢. ڪوڏ - هري دلگير، ص. ۴٧

”مان سمجهان ٿو تہ اِهي ٻئي گرنٿ هڪ ٻئي کان سرس آهن. واه جو لطف آهي ٻنهي گرنٿن ۾. مونکي اڪثر ”گرواڻي“ ۽ ”گيتا“ جا ويچار، ”شاهہ“ ۽ ”سچل“ جي ڪلام ۾ نظر ايندا آهن. پر شاه ۽ سچل جو ڪلام منهنجي سِڪ ۽ سوادي سنڌي ٻولي ۾ آهي. اِنڪري مونکي اِهو ڪلام ، خاص ڪري شاه جو، گيتا ۽ گرواڻيءَ کان وڌيڪ پسند ايندو آهي.“

”گند منهنجي گوڏ“ جي پيج ٨٢ تي دلگير لکي ٿو: ”ليڪن جي ڳوٺڙي ملير ۽ سنڌالاجيءَ جي اِسڪول بلدنگہ جي يومي پوڄا وقت ڪوبہ برهمڻ پوڄا لاءِ ڪونہ گهرايو ويو هو. صرف شاه لطيف جا بيت پڙهيا ويا هئا:“

”جيڏو تنهنجو نانءُ، ٻاجهہ بہ اوڏيائي مڱان.“

(يا)

”جانب تون جيڏو، آهين شان شعور سان.“

دلگير لکي ٿو: گهڻا بيت مون ئي پڙهيا هئا. گند منهنجي گوڏ جي پيج ٥٩ تي لکي ٿو: ”اڄ ڪالهہ مان سنڌالاجيءَ جي سڏ تي شاهہ لطيف جي ڪوتا تي هر مهيني هڪ ڪلاڪ جو ليڪچر ڪندو آهيان، تقرير پوري ڪري پنج منٽ سوالن جوابن لاءِ بہ رکندو آهيان. تقرير ڪرڻ کان اڳ مونکي گهر ۾ ڪجهہ محنت ڪرڻي پوندي آهي، پر اُن مان مونکي خوب مزو ايندو آهي.“

ڪبير جا دوها بہ ڪيس نهايت ئي وڻندا هئا.

مثال:

”برا جو ديکن مئن چلا بُرا نہ ديکا ڪوءِ،
جو دل کوجون اَپنا، مجهہ سا بُرا نہ ڪوءِ.“

شاه جا بيت انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ لاءِ دلگير ممبئيءَ جي انجو ماکيجا کي مدد ڪئي هئي. سندس لفظن ۾، ست اَٺ سؤ بيت، مان سمجهان ٿو ترجمو ٿي ويا هوندا، جن جي ڪاپي مان پاڻ وٽ نہ

ويچار آيم. ته اِها پرارٿنا ڇو ڪريان؟ اگرچ آگي جي اڳيان جهولي ڦهلائڻ ۾ ڪو اعتراض ڪونه اٿم پر ڇاٽي ڄاڻڻهار آهي، پوءِ مان پاند ڪي ڇو پٿاريان؟ پاڻهي ڏيندو مان ڇو گهرانس.

”ڪڇاڙو ڪهاڻ، توکي معلوم سڀڪا.“ (شاهه)

(۳) هريِ دلگير گوتم ٻڌ جيان وچين وات جو پانڌيئڙو آهي - نه دولت جو چاهڪ آهي، نه غريبيءَ تان ٻلهار آهي. نه ساڌو سنت آهي، نه چور، نه ٺڳ. نه گهڻي دوستي اٿس نه بنهه اڪيلو آهي. خوددار آهي مگر هٺيلو هوڏي ناهي. نه ماضيءَ تي مفتون آهي، نه مستقبل جون ماڙيون اڏيندو آهي. هر حال ۾ حال تي راضي رهي ٿو.

(۴) هري دلگير هندواسي اخبار (۳۰ آڪٽوبر ۱۹۹۴) جي هڪ ليک ۾ ڄاڻايو آهي: اڄ ڪلهه مون پنهنجو اصول ٺاهي ڇڏيو آهي ته: ”لينا نه دينا، مگن رهنا.“ ڪنهن ڪان سوڪڙي پاڪڙي وٺڻ ڪان ڪيٻائيندو آهيان يا مرڳو اِنڪار ڪندو آهيان. شاهه صاحب صوفي فقيرن لاءِ لکيو آهي ته:

”ڏني ڏکويا، اڻ ڏِني راضي رهيا.“

ڪوئي ڪجهه نه آڇيندو اٿم ته خوش ٿيندو آهيان ۽ ڪوئي ڏيندو آهي ۽ مان وٺندو آهيان ته هيءُ ڄڻ مونتي هڪ قرض چڙهيو، جو ضرور لاهڻو پوندو. وڏي عمر جي ڪري شايد هن جنم ۾ نه لاهي سگهان ته ايندڙ جنم ۾ اِهو قرض لاهڻو پوندو. اِنڪري هن جنم ۾ جيترو قرض گهٽ هجي اوترو چڱو مونکي پنر جنم ۾ پڪو وشواس آهي ۽ اِهو به وشواس اٿم ته مرڻ ڪان پوءِ مان وري به اِنسان ٿي ڄمندس.

(۵) هري دلگير شاهه جو شيدائي هو ۽ شاهه کي پنهنجو گرو ڪري تسليم ڪيو اٿس. ”گيتا“ ۽ ”شاهه جو رسالو“ دلگير جا پريه پستڪ آهن. ٻنهي گرنٿن جي باري ۾ هن هيٺيان ويچار هندواسي اخبار ۾ شايع ڪيا آهن.

اڳڀان نالائق، ڪنهن کي سنڌين جو سور، ڪنهن کي دل جي بيماري. مطلب تہ جيئن سنڌباد سيلانيءَ جي مشهور ڪهاڻيءَ ۾ بڌايل آهي تہ: هڪ ٻڍو اچي سنڌس ڪلهن تي ويٺو. هيٺ لهڻ کان بلڪل انڪار ڪيائين، سنڌباد ڏاڍو پريشان ٿيو. اِنسان جي ڪنڌ تي بہ جڏهن ٻڍاپو سوار ٿئي ٿو تہ هيٺ لهڻ کان نابري ٿو واري ۽ اُن بار سان جيون جو باقي حصو جالڻو ٿو پوي ... خوشقسمتيءَ سان مان اِنهن سيني کان وڌيڪ سکيو آهيان. مون اڃا ٻڍاپي جو بار خاص محسوس ڪونہ ڪيو آهي. نہ رڳو ايترو، پر مان ائين سمجهان ٿو تہ گذريل ويهارو سالن ۾ مان وڌيڪ چست ۽ ڦڙت ٿيو آهيان. ڪم ڪرڻ جي شڪتي بہ سرس ٿي آهي. پنهنجي وقت جي ورهاست ڪري ڇڏي اٿم. روز چوويهن ڪلاڪن مان ست ڪلاڪ ننڊ ڪندو آهيان ۽ هڪدم گهري ننڊ اچي ويندي آهي. صبوح جو ساڍي چئين بجي اُٿڻ، ويهہ منٽ ڌيان ، ويهہ منٽ پراڻايام، اڌ ڪلاڪ يوگ آسڻ ۽ ڪسرت، شام جو وري ويهہ منٽ ڌيان، ٽي چار ڪلاڪ ڪاليجن جو ڪم، ٽي چار ڪلاڪ ڪجهہ پڙهڻ ۽ لکڻ، پنج - ست ڪلوميٽرهر روز پنڌ، ڪلاڪ سوا ٽي.وي. ڏسڻ، اِهو اٿم روزانو نيم، ائين ئي چوويهہ ڪلاڪ پورا ٿي ويندا آهن.

(٨) سنڌ سان سال ١٩٥٨۾ الوداع ڪري جنوري ١٩٥٩ ۾ آديپور ڪڇ ۾ اچي رهيس. هتي مهاتما گانڌيءَ جي جيون ڪٿا پڙهندي. مون پاڻ سان واعدو ڪيو تہ اڄ کان پوءِ گانڌيجي وانگر برهمچاريہ جو ورت پالن ڪندس. تڏهن منهنجي عمر ٤٣ سال هئي. هن قسم جو اقرار، بہ طرفو اِقرار ٿيڻ گهرجي. پرش سان سندس ڌرمپتني کي بہ اِهو نيم پالڻو پوندو. اِهو سوچي نانڪيءَ سان صلاح ڪيم ۽ هن منهنجو اُتساهہ وڌايو. پوءِ اسان ٻنهي برهمچاريہ جو قسم کنيو. اُن کان پوءِ اُن نيم جو جسماني طرح تہ پورو پالن ڪندو آيو آهيان، پر من جو ساٿ بلڪل پاتي نہ سگهيو آهيان. آديپور ۾ ڪاليج جو وايومنڊل وري مون لاءِ نئين جواني کڻي آيو. نوجوان ۽ نوجوانڙين جي سنگ ۾ منهنجو جوين جڻ نئين سر قائم لڳو توڙي مريادا جي حد ڪڏهن بہ ڪونہ اورانگهي اٿم.

رکندو آهيان. انجوءِ اِهو ترجمو ڪن ودوانن کي به ڏيکاريو آهي. جن اُن کي پسند ڪيو آهي. ان ڪتاب جو مهاڳ ڊاڪٽر پدم شري موتيلال جوتواڻيءَ لکيو آهي: جنهن پڻ اِهو ترجمو پسند ڪيو آهي. هي ڪتاب دلگير جي ديهانت کان پوءِ ڇپجي ظاهر ٿيو آهي. جنهن جي گھڻئي ودوانن تعريف ڪئي.

(٦) هري دلگير، بمبئيءَ مان شايع ٿيندڙ ''سپون'' مخزن (جون ١٩٩٤) جي صفحي ١٨ ۾ هڪ ليک لکيو آهي. جنهن ۾ سندس هينيون خيال قلمبند ٿيل آهي.

''يجر ويد جي هڪ منتر ۾ آيل آهي ته هي ڀڳوان، تون مونکي ڪيوي ٻڌاءِ، ڪيوي هر هر ڀرجندي آهي ۽ پوءِ خالي ٿيندي آهي. خالي ٿي وري ڀربي آهي. مان سمجھان ٿو ته هن جو اِهو مطلب آهي ته مان جيڪي گيان يا ڌن ڪمايان سو ٻين ۾ ورهائي ڇڏيان ۽ پاڻ کي خالي ٻڌائي ڇڏيان.'' ٽئگور جي گيتانجليءَ جي شروعاتي ٻن سٽن ۾ به ساڳيو خيال آهي. ٽئگور لکيو آهي:

''توئي ته مونکي اننت ڪري جوڙيو آهي. اهڙي پئي رهي آهي تنهنجي ليلا. ور ور ڪري هي ڪچو گھڙو سکڻو ڪري وري اُنهيءَ کي ڀرين ٿو نوجيون سان.''

''بلڪل خالي ٿيڻ ۾ ڪيڏو نه مزو آهي. نار جون ڪنگڻيون خالي ٿي ڀرجي ويندڙيون آهن. ڀرجي وري خالي ٿينديون آهن. هي اننت چڪر آهي. زندگيءَ کان پوءِ موت آهي ۽ موت کان پوءِ زندگي. ٻج ڌرتيءَ ۾ دٻجي فنا ٿئي ٿو ته اُن کان پوءِ اُن مان نوان ڦل ڦول پيدا ٿين ٿا: هن جيون ۾ ڪيڏو نه آنند آهي!''

(٧) هري دلگير زندگيءَ کي گھٽي گھرائي کان ڏسي پنهنجي آتمڪٿا ''چولو منهنجو چڪ ۾'' ٻڌائي ٿو: ''مان گھٽي شاهوڪاري سراپ سمان سمجھان ٿو. مون ڪروڙپتين کي روئندو ڏٺو آهي، ڪنهن کي انڪم ٽئڪس جا آزار ۽ سرڪاري سياپا، ڪنهن جي زال زوراور، ڪنهن جي

ويد وياس چيس تہ اُن تي ويچار ڪندس.

پوءِ ڪهاڻي آهي تہ ٿورن ڏينهن کان پوءِ اُن ودوان رشيءَ جي آشرم ۾ سنجها سمي هڪ نوجوان استري آئي ۽ آشرم ۾ رات رهڻ جي اِجازت گهريائين. آشرم ۾ زالن کي نہ رهايو ويندو هو، پر اڪيلي اِستري اوجهڙ ۾ قاتل هئي ۽ رات اونداهي هئي ۽ پرڀات پهر ۾ هلي ويندي اِن ڪري رشي لاچار هن کي اِجازت ڏني ۽ کيس هڪ اڪيلي ڪڪائينءَ جهوپڙيءَ ۾ رهايو. پر کيس چتايائين تہ ڪنهن کي بہ اڌ رات ۾ دروازو نہ کولج، توڙي ڪير بہ اچي، توڙي مان پاڻ بہ اچان تہ بہ نہ کولج. هت جنن ڀوتن جو واسو آهي. اِنڪري اِها خبرداري ضروري آهي. سهڻي جوان استريءَ کي آشرم ۾ اڪيلو ڏسي، رشي ڪام واسنا جي لهر ۾ لڙهي ويو. اڌ رات جو اُٿي جهوپڙي ڏي ويو ۽ وڃي چيائين تہ دروازو کول مان پاڻ آهيان. اِستري چيس تہ تون جن ڀوت آهين، دروازو نہ کلندو. آزين نيزارين سان بہ جڏهن دروازو نہ کليو تہ ڪام ۾ پاڳل رشي جهوپڙيءَ جي ڪچي ڇت تي چڙهي ويو. ٽپو ڏيئي هيٺ لٿو تہ ڏٺائين عورت نہ، پر رشي ويد وياس گيتا جو ساڳيو سلوڪ پڙهي رهيو هو، جنهن ۾ پرش سيہ (گياني) شبد جو استعمال ٿيل هو.

شري رجنيش اوشو چوي ٿو تہ: ڪام واسنا کي دٻائي ڇڏڻ غلط آهي. جيئن جيئن اُن کي دٻائبو تيئن تيئن اُها جوان ٿيندي. هُن جي خيالن سان ڪير شامل ٿئي يا نہ، پر سندس دليل دم وارا هوندا آهن. اِهو مٽو ئي پوندو.

دلگير مذيم مارگ کي ئي ڪلياڻڪاري ۽ منگلڪاري مڃيو آهي. وچين واٽ وٺڻ ۾ لطف آهي. گرهست ۾ رهي بہ پاڻ کي ڇيڪ نہ ڇڏي. جيڪو پرش چوي ٿو تہ هن ڪام جي ڪامنا کي نگهوسار ڪري ڇڏيو آهي، سو ڪوڙ ٿو ڳالهائي. دلگير هڪ ڪونڪني ڪوتا جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ اُن ۾ هڪ ٽانگي وارو آهي، جنهن جي هٿ ۾ چهبڪ آهي. ڪڏهن بہ گهوڙي تي ڪتب نہ آڻيندو آهي، ڇو تہ گهوڙو بلڪل

”من هلندو ٿي رهندو آهي،
ظاهر آهي اچل من منهنجو
پوتر گنگا جيان تن منهنجو،
پر ڪيچڙ ڪچرو من منهنجو.“[1]

من جڻ مست هاٿيءَ وانگر آهي. لڇ ۽ لحاظ جا سڀ لوڙا لتاڙي، گپت نموني، مڙني مريادائن کي پنهنجن پاري پيرن هيٺ چيپاٽي ۽ چچري چڏيندو آهي. من کي روڪڻ منهنجي وس جي ڳالهه ڪانهي. ٻڌو اٿم ته مهرشي وشوامتر ڏهه هزار سال تپ ڪيو هو، مينڪا اپسرا مشڪندي سامهون اچي بيٺي ته تپسويءَ جو تپ ڪن ۾ پنگهه ٿي ويو ۽ مهرشي مريادائن جا ليڪا لتاڙي، تپسيا کي تلانجلي ڏيئي هڪ عام اِنسان ٿي پيو! امريڪا جي پريزيڊنٽ جمي ڪارٽر پنهنجي چونڊن جي تقرير ۾ هڪ ڀيري چيو هو، ”مون تن سان نه پر من سان گهڻن ئي ڌارين عورتن سان سنيوڳ ڪيو آهي.“اِهو ٻڌي مخالفتين خوب طوفان اُٿاريا، ايتري قدر جو اِها گفتگو دنيا ۾ چوٻول بڻجي پيئي، پر منهنجو سر هن اڳيان شرڌا وچان جُهڪي ويو، جو مون سمجهيو ته هن منهنجي ئي من جي ترجماني ڪئي آهي. ڪيڏو نه سچيار ۽ ايماندار هو جمي ڪارٽر!

دلگير لکي ٿو: ”ڪام واسنا جي چوه ۽ چٽائيءَ ۾ گيانين جو وس به نٿو هلي سگهي. پوءِ ويچارو هري دلگير ڇا ڪري؟ سندس من به باندر وانگر ٽپا ڏئي ٿو. جي هويئنئر مٿل گلن جي چوڌاري يون يون ڪندو وتي ٿو ته هوُ مجبور آهي.“ گيتا ۾ لکيل (٢/٦٠) ته پڙڪيل حواسن ۾ ايڏي طاقت آهي جو پرش سيه (سياڻو ماڻهو يا گياني) به ڪام جي طوفان ۾ گهلجي وڃي ٿو. گيتا جي رچيتا ويد وياس جڏهن هن گيتا جا شلوڪ ٻڌي ڪنهن بزرگ رشي کي ڏيکاريا ته هن چيو ته جيڪو ماڻهو گياني (پرش سيه) ٿي چڪو آهي. اُن کي ڪام گهلي نه سگهندو. اِنڪري پرشسيه لفظ ڪاٽي فقط پرش لفظ لکيو وڃي.

---

١. گند منهنجي گوڏ- هري دلگير، ص. ٨٦

سنت هجن يا نہ. مثال طور ستيہ سائين بابا جي رچنائن مان مونکي آنند ايندو آهي ۽ سمجهندو آهيان تہ عام اِنسان ائين ڪونہ لکي سگهندو. رامڪرشن مشن وارو سوامي رنگناٿ آنند هڪ عاليشان ليکڪ آهي. سندس درشن ڪيم تہ سر سندس چرڻن ۾ پاڻ ئي جُهڪي ويو. پر هنن مهان سنتن بابت اِهوسمجهہ ۾ ڪين ايندو اَٿم تہ جن ماڻهن کي ايئر ڪنڊيشن جڳهيون ۽ سوين موٽر گاڏيون گهرجن، جن ۾ ايڏي تن پرستي آهي سي ساڌو سنت ڪيئن هوندا.
شاہ صاحب لکيو آهي:

”جنهن سنياسيءَ سانڍيو، گندي ۽ گراهہ،
اُن کان اللهہ، اجان اڳاهون ٿيو.“

”آديپور ۾ جنهن ماڻهوءَ دلگير جي من کي سڀ کان وڌيڪ موهيو، سو هو سوامي ليلا شاهہ. هڪ ڏينهن دلگيرکيس پنهنجي گهر ۾ پير گهمائڻ لاءِ چيو، سوامي جن (ليلاشاہ) دلگير کي منظوري ڏيندي چيو تہ کيس منجهند جو ٽين بجي وٺڻ اچي جو هو پاسي واري بنگلي ۾ ئي رهيل هئا. ”مئيءَ جو مهينو تيز گرمي، وقت ۳ بجا منجهند جا. ڪانو جي اَک پيئي نڪري. دلگير سواميجن کي ڪار ڪٽي وٺڻ لاءِ ويو تہ ڏٺائين تہ سواميجن گرم مٽيءَ تي وڻ جي ڇانو هيٺيان، ٽنگ ٽنگ تي چاڙهي ائين ليٽي پيا هئا، ڄڻ سيج پلنگ تي ليٽيل آهن. اِهو نظارو ڏسي دلڪير شاہ جا بيت جهونگارڻ لڳو.

”خاڪ جنين جي کٽ، هلو تڪيا پسون تن جا.“

”تان ڪي ساڻن اور، جان آهن اوطاقن ۾،
ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾، پاڻ مٽائن گهور،
ويا جي هنگلور، تہ ڪرم ملندا ڪاپڙي.“

دلگير جي خيال موجب شاهہ جو سمورو سررامڪلي سائين ليلا شاهہ سان بلڪل ٺهڪي ٿو . اِهو واقعو ياد ڪري دلگير هڪ غزل لکيو:

سمجهو آهي. اِن ڪري ڇهبڪ هڻڻ جي ضرورت ئي نہ پوندي اٿس.
ڪڏهن ٽانگهي کي وڻشاآليہ مان بہ لنگهڻو پوندو آهي. جتي بي شرم عورتون اُگهاڙا اِشارا ڪنديون آهن. اُتي جيڪڏهن ٽانگهي واري جو من خراب ٿئي تہ (هن جي لفظن ۾) تہ ڇهبڪ مونکي ياد ڏياريندو آهي تہ مان گهر ٻار وارو آهيان ۽ شريف اِنسان آهيان. گهر پهچي ڇهبڪ گهرواريءَ کي ڏيندو آهيان ۽ هوءَ صبوح جو اِهو ڇهبڪ واپس مونکي ڏيندي آهي.

مان سمجهان ٿو تہ مون وٽ بہ اهڙو ڪوئي ڪالپنڪ ڇهبڪ آهي جو منهنجو بچاءُ ڪندو رهندو آهي اِهو ڇهبڪ مان پنهنجي شريمتيءَ، پنهنجي ٻارن يا يارن جي نگاهن ۾ ڏسندو آهيان.''

دلگير ڌرم جي معاملي ۾ ڪڏهن بہ انڌ شرڌالو نہ رهيو پاڻ ئي چوي ٿو: ''مان ساڌن سنتن ۾ گهڻو وشواس ڪونہ رکندو آهيان. مندرن ۾ ٽڪاڻن کان اڪثر ٿهندو آهيان منهنجي اِها زبردست خواهش پئي رهي آهي تہ گرمندر بدلائي سنڌي تهذيبي مرڪز بڻايا وڃن، جتي سنڌي پاڻ ۾ ملن، ساهتيڪ ۽ سماجڪ مسئلن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪن ۽ هڪ ٻئي سان ڏک سک ونڊن جتي گيتا سان گڏ شاهہ لطيف، سچل ۽ ساميءَ جون سڪيائون بہ هندايون وڃن. پنهنجي اشرڌا جي ڪارڻ ، تيرٿ استان بہ ڪڏهن نہ ويندو اٿم. اُن ڌرم ۾ منهنجو وشواس ڪونهي، جنهن جي نالي تي هرروز فساد ۽ خون ٿي رهيا آهن. ساڌو سنت اڪثر جيڪي ڏسندو آهيان، اُهي ''مان مان'' ۽ مايا جي مصيبت ۾ مبتلا ڏسندو آهيان. پر ڪڏهن ڪو مٺيادار ملوڪ ملي ويندو اٿم تہ سر پاڻهي شرڌا ۾ جهڪي ويندو آهي. پر اڪثر شاهہ جو بيت زبان تي هوندو اٿم تہ:

''ويا مور مري، هنج نہ رهيو هيڪڙو.''

چوي ٿو مونکي سچ جي پروڙ ڪونهي، پر تڏهن بہ مونکي محسوس ٿيندو آهي تہ هر هڪ ۾ ڪا ايشوري ڏيا ضرور آهي، پوءِ پل هو مهان

تون امرتا منجهان ٿئين پئدا، ڪونہ سگهندين مري مرڻ کان پوءِ،
جي نہ مڪتي مليئہ حياتيءَ ۾، ڪانہ سگهندءِ ملي، مرڻ کان پوءِ،
تو وڃان هاڻ مان، مگر ”دلگير“ توسان ملندس وري مرڻ کان پوءِ.“[۱]

دلگير جو چوڻ آهي تہ: ”مرڻ کان پوءِ فائدو ئي فائدو آهي. منهنجو هي ڀڙو شرير ڪمزور، اکين، پيگل ڏندن ۽ اڌ نوڙهي مٿي سان موئت کان پوءِ اوئان اوئان ڪندو، نئون ٻار ٿي جمندو ۽ جوان ٿي ڪي وڏيڪ سنا ۽ وڏا ڪارناما ڪري سگهندو.“
آتم ڪٿا ۾ دلگير جو اظهاريل پنهنجو هي فلسفو ڏيان ڇڪائيندڙ آهي: ”مونکي مڪتي نہ گهرجي مان بوند بڻجي ساگر ۾ سمائجي ساگر نٿو ٿيڻ چاهيان.“
گرديو ٽئگور کي مڪتي نہ کپي. ٽئگور لکي ٿو تہ: جنهن ٻنڌن ۾ مالڪ ٻڌو آهي، اُهو ٻنڌن ٻنڌن ناهي، هو هن سرير جي برتن کي خالي ڪري، ڀري ٿو، مرڻ جو مزو ۽ جمي ڪجهہ ڪرڻ جو مزو مڪتيءَ ۾ ڪونهي.
دلگير پنهنجي ڪرم ۾ ساوڌان رهڻ جي تائيد ڪندي چوي ٿو: ”پرماتما اسان جو ماتا پتا آهي. خدا - ابو امڙ آهي هن کان ڏکجي ڇو؟ ڏکجي ۽ ڊڄجي تہ پاڻ کان، تہ متان ڪو اهڙو ڪرم ڪري وجهون، جو مالڪ کي نہ ٽي. شاهہ بہ چوي ٿو:

”ڪِتِ بہ ڪنبُ بہ،“

معنيٰ عبادت ڪر ڏکندي ڏکندي، غلط ڪم ڪرڻ جي حالت ۾ ماءُ پيءُ بہ ٻار کي سزا ڏيندا آهن. سزا ڏيندي بہ ٻار لاءِ مائٽن جي دل ۾ پيارئي هوندو آهي، ڪيس خدا جي رحم ڪرم ۾ اڏول وشواس ئي سندس دل جي طاقت ۽ روح جي خوراڪ آهي. دلگير ٻارن کي ڏسي ٻار بڻجي ويندو هو. ٻار هن جي لاءِ ڀڳوان جو روپ هئا. دلگير لکي ٿو تہ: ”هر عام اِنسان پنهنجن ٻارن کي پيار ڪندو آهي،

---

۲. صبح جو سهاڳ- هري دلگير، ص. ۱۷

”عجيب شان ڏٺم تنهنجي خاڪسارن جو،
اَدب کان سِرُ هو جهڪيل جڳ جي تاجدارن جو.“

(۹) دلگير هڪ ترائيل ۾ لکي ٿو:

”عمر وڏيءَ جون نہ امڙ ڏينم دعائون،
عمر وڏيءَ مان آ ڀلا ڪهڙو فائدو،
شال ڪيان ڪاڻ ڪڏهن ڪنهنجي نہ آئون،
ڪرم ڪندي ٿي مران، پاسيان ٿو سڪائون،
ڇيلهہ ڇٻيءَ سان گهمڻ ۾ مزو ڪهڙو،
عمر وڏيءَ جون نہ امڙ ڏينم دعائون،
عمر وڏيءَ مان آ ڀلا ڪهڙو فائدو.“[۱]

”زندگيءَ سان موہ ناهہ، موٽ سان تڪرار ناهہ،
لوڪ ناهہ لوڪ ۽ پرلوڪ بي پرلوڪ ناهہ.“[۲]

اَڳيان اِن ڳالهہ جو ذڪر ڪري آيا آهيون تہ دلگير جو اِهو وشواس هو تہ ماڻهو مرڻ کان پوءِ وري ماڻهو جو ئي جنم وٺي موٽي ٿو. سوال ٿو اُٿي تہ ماڻهو جو ئي جنم ڇو؟ شاسترن ۾ لکيل آهي تہ چؤراسي لک جوٽيون آهن ۽ اُنهن مان ڪابہ جوڻ ملي سگهي ٿي. پر دلگير جو ويچار آهي تہ اِنسان اِهي مڙيوئي جوٽيون پوڳي، پوءِ ئي اِنسان ٿيو آهي. هي سنسار ترقي پذير آهي. اُنتيءَ جي راہ تي هلي رهيو آهي. هتي پنتي موٽڻ آهي ئي ڪونہ. عام عقل ائين ٿو چوي تہ جيڪو وديارٿي ستين ڪلاس ۾ آهي، اُهو واپس ڇهين ڪلاس ۾ ڪونہ موڪليو ويندو. يا تہ هو ستين ۾ ئي رهندو يا تہ اٺين نائين ڪلاس ۾ ويندو. دلگير اِن خيال جي ترجماني هڪ غزل ۾ ڪئي آهي:

”ٻي بہ آ زندگي مرڻ کان پوءِ. ڪانئين ماڻبي مرڻ کان پوءِ،
منش آهين منش ئي رهندين، پر نانءُ ٻيو، شڪل ٻي مرڻ کان پوءِ،

---
۱. گاہ ڪليا گس گس- هري دلگير، ص. ۸۱
۲. جيءُ جيءُ ڙي جيءُ - هري دلگير، ص. ٦٣

جو پيغام ڏئي ٿو ۽ مستقبل جي آس کي پرقلت رکي ٿو. (اهڙي شخص کي جي اسان شاعر، مفکر، فيلسفوف چئون ته غلط نه ٿيندو)

دلگير جي نظمن ۾ منظرن ۽ ڀاونائن جي عڪاسي شفاف آهي ۽ ڪٿي به مبهم نه آهي.

مثال طور هيٺين ”غربت“ نظم پيش آهي.

”ڪلهه مگر ”غربت“ ڏٺم، ڪيلاس تي ڪومل هئي،
تياڳ ۽ ويراڳ ڪان سنتوش ۾ سيتل هئي،
جوڳ جي جل ۾ سا جوڳياڻي اچي اوجل هئي،
پريم واسي دل اُداسي نينهن ۾ نرمل هئي،
سمندر ۾ اڪت آنند جي لئه تي تڳي،
تي ڀڳي دنيا ڪان هوء، دنيا تي پر هن ڏي ڀڳي.“[1]

”الله جي گهر گهر ۾ چا چا وڪڻن ٿا،
ايمان، دعا، شفا، قضا وڪڻن ٿا،
جي پاڻ کي بندا ٿا خدا جا ڪوٺن،
چانديءَ جي چمڪ تي سي خدا وڪڻن ٿا.“[2]

چا چا نه وڪامي ٿو زماني ۾؟ وڪڻندڙ به ڪهڙا نه معتبر مولوي يا مهنت آهن! افسوس جو جنهن گهر ۾ (خدا جي گهر ۾) مهمان يا سوارٿي ٿي وينا آهن. اُتي اُن گهر جي مالڪ (خدا - ڀڳوان) کي ئي نيلام ڪري رهيا آهن.

ڪوي ۽ کي قدرت جي پاران اهڙي درشٽيعطا ٿيل هوندي آهي، جنهن سان هو سرشٽيءَ جا راز سمجهي سگهندو آهي. اِنساني من جي ڳجهن رازن کي پروڙي سگهڻ جي قوت رکندو آهي. دلگير لڪير جو فقير بڻجڻ ڪان اِنڪاري آهي. اُلجهنون آهن پيار ۾، سنسار

---

1. ڪوڏ- هري دلگير، ص. ٢٥
2. مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص. ٨٧

۾ هر سچيء يا سڌريل ماڻهو، پنهنجن مائٽن کي پيار ڪندو آهي، جن کيس پالي وڏو ڪيو آهي. مون پنهنجي بابا ۽ امان جي سٺي سنڀال ڪئي هئي ۽ اڄ منهنجا ٻار مونکي ساڳيو پيار ۽ آدر ڏيئي رهيا آهن. هيءَ ڪرم چڪر آهي انب پوکبا ته انب ملندا آهن. ٻير پوکبا ته ڪنڊا ئي ڪنڊا حاصل ٿيندا.''

دلگير جيون ۽ موت جي وچ ۾ ڦٽڪندڙ فلاسافيءَ مان پنهنجي لاءِ چونڊ ڪرڻ ۾ ڪا به غفلت نٿو ڪري. ارسطوءَ جو قول آهي ته شاعري فلسفي کان وڌيڪ فڪر انگيز ۽ تواريخ کان وڌيڪ سبق آموز ٿئي ٿي. شاعري اندر جي اِسرار جي ۽ روح جي نقاشي ڪري ٿي. دلگير پنهنجي فڪر جو ذڪر ڪندي، فلسفه حيات يعني جيون درشن جو تفصيل ٻڌائيندي نه ڪو ور وڪڙ گهٽين ۾ ٿو رلائي نڪو اوپرو يا اوڏر تي ورتل مال ٿو ڏيکاري. دلگير ور ور ڪري چيو آهي ته مان هڪ آشاوادي شاعر آهيان، زندگيءَ کي سندر روپ ۾ پسڻ جو مشتاق آهيان، اِنڪري سندس شاعريءَ ۾ سک درسي درشٽي ڪوڻ جون جهلڪون نظر اينديون. دلگير جا مکيه وشيه ''خود شناسي'' ۽ ''پيار'' آهن. پر زمان حال جي حالتن سان سندس ناتا ٽٽل نه رهيا. عام سان عشق هئڻ ڪري، مسڪينن سان محبت ۽ همدردي هئڻ ڪري سندس دل ۾ زوردار، زلزلا به پيدا ٿيندا رهيا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ڏکٽي دل ٻين جو ڏک سهاري نٿي سگهي ۽ اِهو محسوس ڪندي چوي ٿو:

''شيام وڃائيندو وتين بن بن ۾ تون بين،
بک ۾ هٿ بيحال سڀ، ڪير به ايندءِ ڪين.
ڪيئن ڇپايان ڀُرڪنهن پياري جي پيار جا،
موکو ۽ مجبور من آهِ مانيءَ واسطي.''[1]

دلگير حال جي حقيقتن، ماضيءَ جي رسمن ۽ روايتن، بدلجندڙ اخلاقي ملهن جي واقفيت رکندي ۽ وابستگي رکندي جيئڻ

1. موج ڪئي مهراڻ- هري دلگير، ص. ٧

ناس ٿيڻ واري ناهي، امر آهي. زمين ۾ دٻجڻ سان ٻج ناس ٿي ويندو آهي ڇا؟ موافق حالتن سان اُن مان نوان ٻوٽا، شاهي وڻ، اناج گل ڦل ۽ ميوا پيدا ٿين ٿا. اِنڪري تون مري به موٽي ايندين، جيئن سج اولهه ۾ ٻڏي وري اوڀر مان نڪري ايندو آهي. تيستائين تون پيو ايندين جيستائين تنهنجو من دنيوي عيش عشرت مان ڪٽو ٿئي. زندگيءَ ۽ موت جو چڪر اڻ ڪٽ آهي. اِنڪري تنهنجو اِهو چوڻ ته زندگي چئن ڏينهن جو چٽڪو آهي، غلط آهي.

نديءَ جو پاڻي سمنڊ ۾ سمائجي وڃڻ کان پوءِ، ٻاڦ بڻجي بادل ٿئي ٿو، جنهن مان برسات جو پاڻي برسي، وري به نديءَ جو روپ وٺي ٿو. اِنڪري تون عيش ڪندو رهه، پر ڪابه تڪڙ ڪانهي. ڌيري ڌيري پيو مزو ماڻ. پر وري به آگاه ٿو ڪريان ته عيش ۾ اٽڪي نه پئج. تون موج کي پنهنجو مالڪ نه بڻاءِ. تون پنهنجو مالڪ پاڻ آهين. مان به تنهنجو مالڪ نه آهيان. توڙي خالق آهيان.''

اِنسان چيو، ''هي خدا، هي تون ڇا چئي رهيو آهين، ته تون منهنجو مالڪ ناهين پر مان پنهنجو مالڪ پاڻ آهيان؟ مان آزاد آهيان، جيڪي وڻيم سو ڪريان. مان مالڪ ...''

خدا چيو، ''ها، ها تون پنهنجو مالڪ پاڻ آهين. توکان وڏو ڪير به ناهي. تون ۽ مان ٻئي هڪ روپ آهيون. اهم برهم اسمي جو مها منتر توکان ڳجهو آهي ڇا؟ انالحق جو نعرو ڪونه ٻڌو اٿيئي ڇا؟ اِهو به ڪونه ٻڌو اٿيئي ته پنهون ٿيس پاڻ، سسئيءَ تان سور هٽا. اسان ٻئي حق آهيون. اِن ڪري ظاهر به جٽا آهيون. پر حقيقت ۾ هڪ آهيون. پاڻ کي الڳ سمجهندين ته محدود اِنسان آهين. پر جي هڪ آهين ته حق آهين، خود خدا آهين.''

خدا جي اها ڳالهه ٻڌي، ''اِنسان هڪو ٻڪو ٿي ويو. هٻڪندي چيائين ته: ''اجا ته مان پاڻ کي الڳ ئي ٿو سمجهان پر اِن ڳالهه تي سوچ ضرور ڪندس ته مان محدود ''مان'' نه آهيان. مان اننت ''مان'' آهيان. مان تون آهيان.''

۾، گرهست ۾، سياست ۾، هر شعبي ۾، هر موڙ تي پر اِهي سندس وشواس کي لوڏين نٿا. اُنهن جي عمر چار پهر آهي ته رات به چئن پهرن کان وڌيڪ کانه ٽڪندي. سندس دل شفاف ۽ دماغ سلجهيل آهي. هڪ نثري نظم ۾ لکي ٿو:

”چا، چو ۽ چا لاءِ؟ (جهنگلي گل)
مونکي خود پنهنجي خبر ئي ناهي،
ته مان چا، چو ۽ چا لاءِ آهيان،
ته پوءِ،
مان سرشٽيءَ جي اُن رچيندڙ ايشور کي،
ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪريان، چو ۽ چالاءِ؟
مون لاءِ اِها ڄاڻ آهي ڪافي،
ته مان آهيان هڪ اِنسان،
جو توکي، هن کي، هُن کي ۽ سيني کي،
پيار ڪري ٿو،
منهنجو ڪهڙو واسطو ته هيءَ مانداڻ آهي،
چا، چو ۽ چا لاءِ؟
جيڪڏهن منهنجي دل ۾،
سڪي وڃي پيار ۽ همدرديءَ جو چشمو،
ته ائين سمجهندس پاڻ لاءِ،
ته مان آهيان ڪنهن ڪفن ۾ ويڙهيل،
گهمندڙ ڦرندڙ مڙدو.“[1]

جيو آتما پرش آهي ۽ نتيہ آهي. ”اِنسان ۽ خدا جي ملاقات“ جو ذڪر ڪندي دلگير لکي ٿو:[2]

”اِنسان پل فاني هجي، پر زندگي فاني ناهي، اِها ڪڏهن به

---

١. جهنگلي گُل- هري دلگير، ص. ٥٥
٢. جهنگلي گُل- هري دلگير، ص. ٩٩

(۴) زهر جو پيالو تہ غمگين آهي جو سقراط جهڙو گراهڪ وري پيدا نہ ٿيو آهي.[۱]

صليب کي شڪايت آهي تہ ڪرائيسٽ جهڙو ٻيو ڪو پيدا ڇو نہ ٿيو آهي سُوري بہ تہ منصور سان ملاقات ڪرڻ بعد ويڳاڻي ۽ اڪيلي پيئي گذاري شيهي جي گولي ڇيو تہ وري بہ مونکي جلد جلد ڪئنڊي، مهاتما گانڌيءَ پريہ درشني اندرا جهڙا يگ پرش ۽ استريون مليو وڃن، تنهن ڪري منهنجو آئينده روشن آهي.[۲]

(۵) مونکي هوءَ وٺي ٿي. بس وٺي ٿي. مرڪڻ سان موهيم ٿي. سندس سونهن ڇريو ڪري ٿي ڇت ڪي. مان ڇو ويهي ڪريان هن جو ڇيد؟ مونکي ديوانو نہ ڪر دوست![۳]

دلگير جي شاعراڻي عظمت جو اَندازو اِن مان ڪري سگهجي ٿو تہ خود اُستاد ڪشنچند ''بيوس'' دلگير جي تعريف ''هريشچندر جيون'' ڪوتا جي مهاڳ ۾ هنن لفظن ۾ ڪئي آهي:

''منهنجي ڪوي سنگ جي ساٿين مان دلگير بہ هڪ آهي. ڪوتا جي ميدان ۾ هو پنهنجي حقي نؤجوان وهيءَ کان مونکي ويهارو سال وڏو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. هن جي ڪوتا جهڙي پڪيري آهي تهڙي رسيل. ''پنڊيءَ پڪو ميوو آهي'' جتان چکہ اُتان رسيلو.''

سچ تہ اِهو ئي آهي تہ 'دلگير' چائي جم کان شاعر هو. دلگير جي شعر جي تعريف اِن کان وڌيڪ خوبصورت ۽ تز ٻي ڪابہ ٿي نہ ٿي سگهي. ''جتان چکہ، اُتان رسيل!'' ''دلگير'' جي شاعريءَ ۾ دلگيري نہ آهي، ها، باقي درياڻيءَ جي شاعريءَ ۾ درياه جي رواني سا گهڻي آهي. دلگير بنيادي طور هڪ آشاوادي اِنسان ۽ آشاوادي شاعر آهي. دلگير جو عشق سنڌي شاعريءَ سان اٽوٽ رهيو آهي ۽ هن جو قلم اِن ڏس ۾ هرگز بہ قاصر نتو ٿئي. رٽائر ڪرڻ کان پوءِ جيڪي ٽيويهہ سال

---

۱. جهنگلي گُل - هري دلگير، ص. ۴۵

۲. جهنگلي گُل - هري دلگير، ص. ۴۵

۳. جهنگلي گل - هري دلگير، ص.۴۵

وري ”جهنگلي گل“ جي پيج - ۴۲ تي لکي ٿو:

”مان ايشور جي رچنا آهيان،
(ائين پڙو اٿم)
ايشور منهنجي رچنا آهي
(اها ڄاڻ اٿم)
اسان ٻئي هڪ ٻئي جي رچنا آهيون
(ائين سمجهان ٿو)
پر هڪڙو فرق آهي،
(۽ اُهو مکيه فرق آهي)
تہ هوُ آهي يا ناهي،
تڏهن بہ مان تہ آهيان،
پر جي مان ناهيان،
تہ هوُ بہ ناهي.“

شاعر فقط پنهنجي پوڳيل سک يا ڏک جو ذڪر ڪونہ ڪندو آهي. سماج ديش ۽ دنيا واسي تي اِنسان پرستي جو طرفدار بڻجي پوندو آهي. هن جي نظر اِنسان ذات تہ ڇا پکين، پسن، وڻن ٻوٽن، جبلن ندين، برفاني چوٽين ۽ غفائن جي ياترا ڪندي آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ پاڻ ۾ئي گُم سُم هوندو آهي ۽ پاڻ سان ئي هم ڪلام ٿيندو آهي. دلگير صاحب جڏهن پاڻ سان ڳالهائي ٿو تڏهن لکي ٿو:

(۱) سماج جي ڦاٽڪ مان تهذيب جو تالو لڳائي،
پهريدار جي وردي پائي چڪر لڳائي رهيو آهيان مان.
(۲) ڏاهپ جا ڏينيو ۽ ديا جا وچون ڏنگي رهيا آهن مونکي بار بار
(۳) تون راوڻ جي روح ۽ رام جي روپ سان ڪوئي، هنومان جهڙو ڀڳت ۽ ڪا باندرسينا هٿ ڪري سگهين ٿو تہ ٿي سگهندين هڪ هوشيار راڄنيتي رهبر.

”اَسان کي ڇا ڪندو، گردش ۾ خود ئي آسمان رهندو،
اَسان تقدير ڦيرايون، سدا تدبير سان پنهنجي.“[1]

”هتن پنهنجن ۾ رانديڪو مقدر جو ڪُڏايون ٿا،
ٺاهيون خوب محنت ساڻ ٿا قسمت اَسان پنهنجي.“[2]

ڪلاسيڪل رنگ ۾ رچيل هڪ غزل جون هيٺيون سٽون نهايت ئي قابل ذڪر آهن.

”ڪندين جنهن تي نظر ساقي، سدا سرشار ٿي پوندو،
بنا پيتي بہ اهڙو آدمي ميخوار ٿي پوندو.“[3]

”وَڏي مئہ ٿي ورهائڻ سان، عجب هي آهہ مَيخانو،
هتي جيڪو پياڪ ايندو، اسان جو يار ٿي پوندو.“[4]

وري دلگير جو هيٺيون نظم مٿئين غزل جي خيالن سان نسبت رکي ٿو. جڻ هڪ سڪي جا بہ پاسا آهن. بئي supplementary and complementary آهن نظم ۾ چيل آهي.

”هن دنيا جي مڌ شالا ۾،
جام لٽايان ٿو جيون جا،
وقت - پري نت ناچ نچي ٿي،
پل پل جا پازيب وڄن ٿا،
جن کي بس ٻڌندي ٻڌندي ئي،
منهنجي سرت وڃي ٿي نڪري.“[5]

نينهن جو نشو بہ هڪ عجيب نشو آهي جنهن سبب دلگير پنهنجي مٿئين نظم ۾ لکيو آهي تہ سندس سرت بہ نڪري ويئي آهي ۽ بي زبان ٻڄي پيو آهي. شاهہ صاحب سچ چيو آهي:

۱-۲- وڻ وڻ ۾ وايون - هري دلگير، ص. ۲۱
۳-۴- صبح جو سهاڳ- هري دلگير، ص. ۱۹
۵. صبح جو سهاڳ - هري دلگير، ص. ۱۰

دلگير ڳذاريا سي سندس لاءِ غنيمت ثابت ٿيا جو پنجهاسي ورهين جي ڄمار ۾ بہ هو پاڻ کي تازو توانو ۽ قوّت محسوس ڪري رهيو هو. اِن حقيقت سندس قلم ۾ بہ تقويت بخشي ۽ دل ۽ دماغ جي جواني پڻ جيئن جو تيئن برقرار رکي. مرزا اسدالله خان غالب جي هڪ غزل ۾ هينئن تڪ شامل ٿيل آهي، جنهن ۾ غالب چوي ٿو:

”مارا زماني ني اسد الله خان تمهين،
وه وَلِ وَلي ڪهان، وه جواني ڪيڌر گئي.“

(يعنيِ اي غالب ! زماني جي گردش هٽي توکي ماري وڌو آهي، هو جوانيءَ واري دؤر ۽ شباب کي ياد ڪري شڪايت ٿو ڪري، تہ نہ معلوم جواني ڪيڏانهن هلي ويئي !)

غالب جي مٿئين گفتي جي برعڪس ”دلگير“ خوش نصيب هو جو وڏي عمر ۾ بہ سندس ڪلِڪ ۾ تازگي ۽ صحت ۾ شگفتگي قدم بوسي ڪري رهيون هيون. اِن کان وڌيڪ ٻي سهڻي ڳالهہ ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟

شاه صاحب پڻ هدايت ٿو ڪري:

”پريائي، تہ پار مر ڦوڪ تہ لڳي، امبري“

يعنيِ دڪائي اٿيئي تہ دڪائيندو رهہ، بل آگ جا اُلا آسمان ڏانهن اُڏامندا رهن. دلگير صحيح معنيٰ ۾ آشاوادي شاعر آهي. سندس هينئن ڪويتا اِن حقيقت جي ساک پري ٿي. جنهن ۾ شاعر جي زنده دلي بخوبي عيان آهي:

”هر اُجايل کي پياري ٿو ڇڏيان دل کولي،
تہ يي پرپور پَسان پنهنجو ٿو پيمانو مان.
عام سمجهي ٿو تہ بيبيان ٿو ۽ بڪ بڪ ٿو ڪريان،
گرچ ڳائيندو چمن ۾ ٿو رهان گانو مان.“[1]

ا- وڻ وڻ ۾ وايون - هري دلگير، ص.٢٦

۽ ”ليڪ“ جا مکوتا الڳ الڳ نہ هجن. ڪيترا دفعا اِها علحدگي ايتري وڏيڪ هوندي آهي، جو ڪنهن جو ساهت پڙهڻ کان پوءِ ڪيس ڏسي ڪري تعجب ٿيندو آهي. پر هري دلگير جي شاعري، سندس نثر، سندس نظم پڙهندي ۽ شخصي طرح تي سانُس ملاقات کان پوءِ ان نتيجي تي پهچڻ غلط نہ ٿيندو تہ سندس ليکڪ ۽ شخصيت جي وچ ۾ فاصلو يا تہ بلڪل نہ هو، جيڪڏهن هوندو بہ تہ معمولي. نظام ڪهڙو بہ هجي تنهنجو آدر ڪرڻ جي ڀاونا هري دلگير جي شاعري ۾ بہ نظر اچي ٿي ۽ سندس شخصيت ۾ بہ نظر اچي ٿي.

گهڻي قدر هر اِنسان پريان جهڙو نظر ايندو آهي، ويجهو وڃڻ تي اهڙو نہ هوندو آهي. بلڪل ائين، جيئن پريان کان ڏسڻ تي ڏونگر سهڻا، من موهڻا لڳندا آهن، ويجهو وڃڻ تي فقط پٿر ۽ پڪون هوندا آهن. منهن تي مکوتا رکي جيئڻ وارن اِنسانن لاءِ دلگير لکي ٿو:

”منهنجي نگري جا ڪي ماڻهو، جڻ ڪاغذ جا نوٽ،
ساک رهي تان چاندي آهن، هوُنءَ نہ تہ کوٽ ئي کوٽ.“[1]

”ههڙا ماڻهو ڪٿي نہ ملندا، ڳول ڪٽي مشعال،
جن جا مکڙا هيرا موتي، قلب ڪَٿيل ڪنگال.“[2]

”تون ”دلگير“ سدا سچ ٻولين، سؤ پيسا تون صاف،
ليڪن جرم اِهو هن جڳہ ۾، ٿي نٿو سگهي معاف.“[3]

دلگير جهڙا اِنسان هن ڌرتي تي ساري اشرف المخلوقات سان پيار ونڊڻ لاءِ ئي ايندا آهن. تڏهن تہ دلگير لکي ٿو:

”بشر بشر سان اٿاهہ اُلفت،
اُنهيءَ کي اسان سمجهون عبادت،
خدا جي اُلفت جو ڍونگ جيڪي رچن ٿا،
تن عابدن ۾ ناهيون،

۱.۲.۳. پل پل جو پرلاءُ- هري دلگير، ص. ۷۵

”حوصلو حيرت ۾ وجي ٿيو ويچون،
محبت جون ميچون ڪور پڙوڙهي ڪين ڪي.“
(شاهه)

شاه جي زبان ۾ اِهو سلطاني سهاڳ جنهن کي دلگير صاحب ”صبح جو سهاڳ“ نالو ڏنو آهي. دلگير جي شاعري جو نج پنهنجو رنگ آهي، جيڪو ڪنهن ڪان به اُڌارو ورتل ڪونهي، هن جي شاعريءَ جي نواڻ پنهنجي پڙهندڙ کي به نواڻ ۽ تازگي عطا ڪري ٿي. سندس شاعريءَ ۾ موجود من موهيندڙ نغمي، هن جي شاعريءَ جو رِدم، هن جي لفظ لفظ جي جڙاءُ مان ڦٽندڙ ترنم - ريزي، هن جي شاعريءَ جو نئون نرالو آڪار، هن جي شاعريءَ ۾ موجود النڪارن جي انفراديت، اِهي سڀ شيون ملي هن جي شاعريءَ کي نرالو ۽ يڪتا روپ سروپ عطا ڪن ٿيون.

ڪجهه مثال پيش آهن:

”ڳائيندو رهه ياءُ
اڃا ته رات گهڻي پيئي آ، سن جو آهه سِتاءُ،
ڳائيندو رهه ياءُ
تنهنجي پد پد منجهه ٻڌان ٿو، پل پل جو پرلاءُ،
بند بند ۾ آهه سمايل، صدين جو سوداءُ،
دل دل جي آ ڌڙڪڻ تنهن ۾، سک، ڏک، ياو، اياو،
تنهنجي گيت ٻڌڻ سان منهنجي لُوںءَ لُوںءَ منجهه لقاءُ،
ڳائيندو رهه، ڳائيندو رهه، ڳمُ ٿئي سُرت سماءُ.“[1]

اَهڙا گهٽ ساهتيڪار هوندا جن جي لکڻي ۽ شخصيت ۾ فرق نه هجي. ساهت ۾ جيڪو اچي ٿو ۽ شخصي زندگيءَ کي جيئڻ جيئڻجي ٿو، اُنهن ٻنهي جي وچ ۾ ٿورو کي گهڻو تفاوت هوندو ئي هوندو آهي.“ پر اهڙا ساهتيڪار ڳاڻ ڳڻيا ملندا، جن جي ”شخصيت“

---

۱. مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص. ۵۷

دلگير جي شاعري ۾ عشق فاتح به آهي ته عشق مفتوح پڻ اڪثر شعرن ۾ محبت پنهنجي ڪاميابيءَ جو يقين به رکي ٿي ته پاڻ کي محبوب جي مقابل هيچ به سمجهي ٿي.

مثال:

”ڇا ٿيو آ اگر گهٽ آهيان؟
دل ۾ تنهنجي سدا صورت آهي !
ڇا اڃا بي مان سڀ گهٽ آهيان؟“[1]

”مان غريب آهيان، نه ڪنهن مٽ آهيان،
تنهنجي اُلفت جي ته دولت آهي،
ڇا اڃا بي مان سڀ گهٽ آهيان؟“[2]

”اَڳيان سرڪشن جي رکي سيس اوچو،
ڪٽي سر رکون قربدارن جي ويجهو.“[3]

دلگير صاحب گيت رچڻ جو ايترو ته عادي هو، جيترو اِنسان ساه کڻڻ جو عادي هوندو آهي. هن کي شعر رچڻ جي اهڙي تات لڳل هئي، جو لڳندو هوس چوويهه ڪلاڪ ٿورا آهن ۽ وجهه ملي ته وقت تڳايان ۽ شعر لکان. آديپور ۾ بجلي بند ٿئي ته هرڪو بيزار پر دلگير خوش، ڇو ته ٽي.وي. وغيره بند آهي، ڪو گوڙ بکيڙو ڪونهي. ڪوتا لکڻ جو وقت ملي ويو آهي.
مثال هڪ ترائيل پيش آهي:

”بند بجلي ته بند ٽي.وي. پيي
اڄ ته اخبار پي نه آئي آهه،
خوب ايڪانت اڄ ملي ويندي،
بند بجلي ته بند ٽي.وي. پيي،

١-٢-٣- مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص. ١٢١

گگن ۾ اُڏري، گگن جا نقشا ڪيدي،
زمين کي گگن ڪنداسين،
اسان جو ڌرتيءَ سان پيار آهي،
گگن جي لاءِ ڪو گگن ۾ ناهيون.''[1]

ترقي پسند ليکڪن جيان سندس شاعريءَ ۾ انقلاب ۽ بندوق جي استعمال سان ڪرانتي آڻڻ جي هام ڪانهي. هڪ صاف سٿري زندگيءَ لاءِ خواهش آهي. ملهن ۾ عقيدو آهي. بغاوت بنه ڪانهي.

مثال:

''آسانجو فن آهه ڪونہ فن لاءِ،
اسانجو فن زندگي لاءِ آهي،
فقط لکڻ واسطي لکن جي،
شمار تن شاعرن ۾ ناهيون.''[2]

دلگير جي شاعريءَ جي اهميت جو احساس سندس شايع ٿيل شعرن جي مجموعي ''مؤج ڪئي مهراڻ''جي هن شعر مان ڪري سگهجي ٿو:

''مکڙي ! هن ننڍ پونئر ڪان ڪر پاڻ پري،
ويندو هوُ ڇڏي توکي، ذرا پيار ڪري،
تيندس مان ڦٽي ڦوُل جي چمندو مونکي،
هن تان مان فدا آهيان، ڏسي دل تي نري.''[3]

''اي پونئرا ! تون گلزار گهمي هلندو هل،
مڌ مست بڻي، جهومي جُهمي هلندو هل،
ڪنهن جي بہ ڪشش قرب ۾ اٽڪين تون متان،
پر پيار سان مکڙين کي چمي هلندو هل.''[4]

---

١. پل پل جو پرلاءُ - هري دلگير، ص. ٨٦
٢. پل پل جو پرلاءُ - هري دلگير، ص. ٨٦
٣. مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص. ٨٨
۴. مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص. ٨٨

”سورج مکين جو جهُڳٽو ناهي،
شايد ڪنهنجي ڳهڳهڙي پيلي.“[1]

ڪنهن حسينا جي چُني يا ڪنهن ڇوڪري جي پيلي ڳهڳهري،، برد اوستا ۾ به دلگير جي شعر جون دلڪش وشيون بڻيون آهن.

نصير مرزا ”سنڌو جوت“ ۾ لکيو آهي:

”شيخ اياز، نارائڻ شيام، هري دلگير ۽ تنوير عباسيءَ جهڙا شاعر ڪنهن به هڪ صديءَ ۾ صرف هڪڙو دفعو ئي پيدا ٿيندا آهن ...“ نارائڻ شيام دلگير لاءِ لکيو آهي: ”دلگير جي مٺي ٻولي جو منهنجي شاعريءَ جي موجوده روپ ريکا تي ته وڏو ئي اثر آهي.دلگير صاحب جي ڪوتا جي دلڪشي، هن جا خيال، بندش جي چستي، شبدن جي لساڻ، ڌيمو ۽ شانت لهجو ۽ ان ۾ ڪنهن نديءَ جهڙي سهج رواني - اُنهن سيني مونکي موهيو آهي.“

مثال:

”سپ ساٿي ويا ڇڏي، ڌيئي جهوري جهانءَ،
ڪوتا ڪن ۾ پٽڪي ويئي، مان جو هِت آهيانءِ !“[2]

ڌرمي مجتائون - وشواس

دلگير جا وڏڙا سنڌ ۾ ڪنڊڙي شريف (تعلقو روهڙي) وارن فقيرن، روحل فقير جا مريد هئا ۽ دلگير به اُن پرمپرا کي قائم رکيو. ڪنڊڙيءَ جي فقيرن سان سندس عشق هو. دلگير ”لهرن لکه لباس“ ڪتاب جي صفحه ٧٩ تي لکي ٿو: ”ڪنڊڙيءَ جي درگاهه، خيرپور ۽ روهڙي جي پرسان آهي. اُتي صوفي روحل فقير رهندو هو ۽ آسانجو ڪٽنب، سال ۾ هڪ يا ٻه دفعا ڪنڊڙيءَ جي زيارت لاءِ ويندو هو. هر سال ميلو لڳندو هو. ميلي جي آنت ۾ دهل تي ڌمال ٿيندي هئي جنهن ۾ بين سان گڏ مان به نچندو هوس. ميلي جي ٽن ڏينهن ۾ صوفي ڪلام جو دؤر ٢۴ ئي ڪلاڪ لڳاتار هلندو هو.“

١- جيءُ جيءُ ڙي جيءُ - هري دلگير، ص. ١٨-١٩

٢- پل پل جو پرلاءُ - هري دلگير، ص.٥٢.

ڪا ڪويتا نئين لکي ونبي،
ڪيڏي قدرت ڪئي پلائي آهه،
بند بجلي ته بند ٽي.وي. پيي
اڄ ته اخبار پيي نه آئي آهه.''[1]

دلگير صاحب ڪي نه صرف گيت رچيا آهن، پر اهڙا گيت جي زندگيءَ جي راهن تي نور ڦهلائين.

''آيو وري بهار،
ننگن ٻوٽن تي وري،
پن ۽ پشپ اپار.''[2]

''رات سموري ڦلواڙيءَ ۾،
ماڪ پيئي چوڌار،
صبح کان اڳ ئي موتي ميڙي،
ٺاهيو نو لکه هار.''[3]

دلگير جي شعر تي جي سرسري نظر وجهنداسين پهريون مجموعو ''ڪوڏ'' (۱۹۴۲) کان وٺي ''جيءُ جيءُ ڙي جيءُ'' ۲۰۰۲ تائين شاعر دلگير پنهنجي شاعريءَ ۾ هميشهه گل ڪلائيندو، ڏيئا ٻاريندو نظر اچي ٿو. سندس شعر ۾ اونداهين پيچرن جو ذڪر ٿورڙو ملندو. سندس شاعريءَ جو آخري مجموعو ''جيءُ جيءُ ڙي جيءُ'' جو ٽائيٽل ئي ڀرپور جيئڻ جي جذبي جي گواهي ٿو ڏئي.
مثال:

''ڪڙ ڪبيتي ۾ جڳ ڪو جڳمڳاهٽ جو لقاءُ،
ڪنهن حسينا جي چنيءَ ڪي پيئي ڦڙڪائي هوا.''[4]

---

۱. گاه ڪليا گس گس- هري دلگير، ص. ۵۸
۲. لهرن لکه لباس - هري دلگير، ص. ٦۷
۳. لهرن لکه لباس - هري دلگير، ص. ۳٦
۴- جيءُ جيءُ ڙي جيءُ - هري دلگير، ص. ۱۸-۱۹

ساندیندس. شاه جو ڪلام منهنجيئي ڀڳتيءَ ٻوليءَ ۾ آهي ۽ اُن کي پڙهي اِلاهي مستيءَ ۾ اچي ويندو آهيان. مان ڀڳوت گيتا جي بي - ادبي ڪرڻ نٿو چاهيان. منهنجو گيتا سان گهڻو پيار آهي، بلڪ ائين چوڻ به صحيح ٿيندو ته گيتا منهنجي جيون جو انگ آهي، پر مون لاءِ شاه جو رسالو هڪ انمول خزانو آهي، تن من کي تراوت ڏيندڙ ۽ روحاني خوراڪ شاه جو ڪلام منهنجي رڳ رڳ ۾ خون بڻجي ڊوڙي رهيو آهي. جهڙيءَ طرح ڪوئي به انگريز ، ڪنهن به قيمت تي، شيڪسپيئر جي ورثي کي ڇڏڻ لاءِ تيار ڪونه ٿيندو، تئن ڪوبه سنڌي، جيڪو صحيح معنيٰ ۾ سنڌي آهي. شاه جي ورثي کي هرگز گنوائڻ قبول نه ڪندو. ڪرشن توڙي شاه کي مڪوئتا پسند ناهن. شاهه چوي ٿو. ته دوکو دنيا ڇڏي، سچي سروپ ۾ ظاهر ٿيو. اجوڪي اِنسان جي تصوير شاه جي لفظن ۾ هئين آهي:

”آدمين اِخلاص، مٺائي ماٺو ڪيو،
هاٿي ڪائي سيڪو، سنڌؤ ماٿهو ماس،
دلبر هن دنيا ۾ وڃي رهندو واس،
ٻئي سڀ لوڪ لباس، ڪو هڪدل هوندو هيڪڙو.“[1]

اجوڪي ياري ياري ناهي چو ته:

”يار سڏائي سيڪو جاني زباني،
آهي آساني، ڪم پوي ته ڪل پوي.“[2]

اِنسان لاءِ ڪاگهڙي اهڙي ٿي اچي، جو هوُ هٿ پير هڻي، سڀ حيلا هلائي ٿڪجي ڦان ٿي ڪري پوي ٿو. اُن وقت ڪوئي حيلو ناهي، وسيلو ناهي. تڏهن هر اِنسان، آستڪ يا ناستڪ، وشواسي يا اوشواسي، ائين ٿو چاهي ته ڪاش ڪا مها شڪتي هن وپتا ويل ۾ اچي واهر ڪري. اهڙيئي هڪ اِنسان جي تصوير، جيڪو سڀ ڪجهه هارائي

---

١. شاهه جو رسالو - ص. ٣٩١
٢. اَدبي ليکه - هري دلگير، ص.٤٧

دلگير پنهنجي شعر ۾ لکي ٿو:

”ڪنڌڙي ۽ منجهه ڏمال،
مست قلندر جي ڏلي
ڍولڪ سان سُر تال،
صوفي مست مدام،
يڪتاري ۽ ڍهل تي،
ساري رات ڪلام.“[1]

دلگير خود به صوفي طبعيت اِنسان هو. نوڪري جي دؤران هو سنڌ جي مڙني مکيه صوفي اوتارن جي استانن جو ديدار ڪري آيو هو. شاهه عنايت (جهوڪ شريف) شاهه عبدل لطيف (شاهه جي ڀٽ) سچل سرمست (درازا) ۽ ٻين درگاهن جي به زيارت ڪري آيو هو. پر دلگير جو آتمڪ اڳوان روحل فقير هو. توڙي هو شاهه لطيف جي ڪلام تان اول گهور ويندو هو. شاهه جي رسالي جو گهڻو حصو کيس ياد هو. هر موقعي تي شاهه جا لهڪندڙ ڦهڪندڙ گيت چئي سگهندو هو. شاهه جي رسالي کي ايترو مان مرتبو ڏيندو هو جيترو پڪود گيتا کي ڏيندو هو.

”ادبي ليکه“ ڪتاب جي پيج ۴۸ تي دلگير هڪ مضمون لکيو آهي، جنهن مان دلگير جي ويچارن جي گهرائي ۽ ڌرمي مڃتائن ۽ وشواسن جي چٽي جهلڪ ملي ٿي. جنهن ۾ شاهه جي رسالي ۽ پڪود گيتا مان پوڙ وچونا يعني parallel گفتا ڪڍي ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي اٿائين ته ڪئن اُنهن ويچارن ۾ سمانتا يا هڪجهڙائي آهي. جي اڄ دنيا کي گيتا، بائيبل يا قران جي ڪائي به ضرورت آهي ته اسان سنڌين کي سنڌي ٽرمورتي ڪوين جي ضرورت آهي. دلگير لکي ٿو: جيڪڏهن منهنجي ڪنڌ تي ڪاتي اچي پوي ۽ فيصلو ڪرڻو پوي ته شاهه جي ورثي تان هٿ کڻان يا گيتا جو تياڳ ڪريان يعني صرف هڪ ورثي کي پاڻ سان سانڍڻو اٿم ته پڪ ئي پڪ مان شاهه جو ورثو ساهه سان

1. لهرن لکه لباس - ص. ٧٩

”ڪي تران ڪي تار مون، ڪي سگهان ڪي سگهه،
ڪي مان ڪوشش ڪريان، ڪي تون مدد ڪر.“[1]

مان پنهنجا هٿ پير هڻان ٿو. ترڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو پر آخر ۾ منهنجا مانجهي ملاح تون ئي تاريندين نه رڳو ايترو، پر شاهه ڪمزور ڪاهلن کي به تنبيهه ٿو ڪري ته ٻانهون ٻڌي نه وهو. چو ته:

”نڪو شڪ نڪتين، نه ويساندئين
جيڪا اچئي سامهين، پائين سا سَئين،
موڙي ڪوهه مَئين، سچيون راتيون سمهين.“[2]

اڙي سست سرير، نڪو سج، چنڊ، نڪو تارا، نڪو نڪشتر، نڪو وهندڙ درياهه جو پاڻي ساعت لاءِ به ساهي پٽن ٿا ته پوءِ تون ڪئن سچيون راتيون سمهي، پنهنجي عمر گنوائي رهيو آهين. وري به گيتا جو سنديش پهچي وڃي ٿو. سري ڪرشن ارجن کي ٽئين اڌياءَ ۾ چوي ٿو:

”منکي ڏس، نه ڪو ڪرم ڪرڻو اٿم،
نه لوڪن ٽنهي کان ڪي وٺڻو اٿم،
ته پي ڪرم ۾ مان لڳل ٿو رهان،
اي پارت سدائين رُڌل ٿو رهان.“

(گيتا ٣ / ٣٢)

”ادبي ليکه ڪتاب“ ۾ شاهه ڪريم جو هڪ بيت اچي ٿو:

”هڪ جي اکر ونگڙو، گرُ تسي تو ڏئي،
انداري گهر ڏيورا، ڦر ڦر جوت ڪري.“[3]

دلگير ان شعر کان ڏاڍو متاثر آهي. ٻڌائي ٿو ته ودوان صوفي جيٺمل پرسرام لکي ٿو ته اِهو ونگڙو اکر آهي ”اوم“ جي گرُ پرسن ٿئي ۽ توکي اوم جو گرو منتر ڏئي ته تنهنجي گهر اندر ، پوڄا جي

١-٢-٣- اَدبي ليکه - هري دلگير، ص٨٠

چڪو آهي، شاهه هن ريت ٿو ڪڍي:

”هٿندي ٽڪر هٿ، هنئڙي حُجون ڇڏيون،
لڪ لهرن ڳڏيون، موُجوُن وريون مَٿ،
نيم ڪُن قوتَ، پرُ پليرا سُپرين.“[۱]

اُن ڳڀراهٽ جي گهڙيءَ ۾، اِنسانُ، اڻ ڏٺل عظيم طاقت اڳيان سر جهڪائي چوي ٿو:

”ٻوڙين چاڙهين تون ڏٺي ٻئي جو دعويٰ نه دم،
هن منهنجي حال جو ميهر تو معلوم،
رک پيليءَ جو پرم، جو اڇي پيو اوجهر ۾.“[۲]

اهڙي مصيبت جي ماريل اِنسان کي شاهه هئن ٿو صلاح ڏئي:

”سپيئي سُبحانَ جي ڪري حوالي ڪم،
ٿي تحقيق تسليم ۾، لاهي غم ، وهم،
قادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪري هاج تو.“[۳]

جڏهن اِنسان پاڻ کي مڪمل طرح هوت جي حوالي ڪري ٿو ڇڏي، سمپورڻ آتم سمپرڻ ڪري ٿو، ته سندس هنيانءُ هلڪو ٿو ٿئي. هي وچن اُهي ئي آهن جي سري ڪرشن، ارجن کي گيتا جي ارڙهين اڌياءَ ۾ ڏئي ٿو.

”سمورا ڇڏي ڌرم مون ڏانهن آءُ،
شرن وٺ تون منهنجي ۽ منهنجو بچاءُ،
سندن پاپ ڌوئي ڪندس صاف مان،
نه ڪر شوڪ توکي ڪندس معاف مان.“[۴]

پر صرف هٿ ٻڌي وهڻ به ٺيڪ ناهي، اِنڪري شاهه اڳتي هلي چوي ٿو:

۱.۲.۳- اَدبي ليکه - هري دلگير، ص.۴۷
۴. اَدبي ليکه - هري دلگير، ص.۴۸

سرحدن کي ختم ڪيو ويو آهي. دلگير کي يقين آهي تہ هي ''سپنو'' ستت نہ، تہ ڪجھہ دير سان، ساڪار ٿيڻو آهي. اِنسان کي پنهنجي عظمت جو احساس ضرور ٿيڻو آهي. ڌرم، نسل ۽ ذات پات، ''تنهنجو ۽ منهنجو'' جو انت اچڻو ئي آهي. هيءُ science of evolution جو سڌانت آهي، يعنيٰ دنيا آد ڪان وٺي اُنتي ڪري رهي آهي ۽ ڪندي رهندي. ايران جي صوفي شاعر اعظم مولانا روميءَ، جنهنجو اثر اسان جي شاه لطيف تي ڪافي گهرو آهي، لکيو آهي تہ مان اول پهاڙ هوس ، پوءِ وڻ ٻڻيس، پوءِ جانور ۽ پوءِ ماڻهو ٿيو آهيان. هن ڪان پوءِ فرشتو ۽ اُن ڪان پوءِ خود خدا ٿيندس. ويدن اُپنشدن ۾ ''اهم برهم اسمي'' جو مها منتر آهي، يعنيٰ ''مان پاڻ برهم آهيان. '' اُن روشن آئينده جون انيڪ جهلڪون اسانجي امر ڪوين جي ترمورتيءَ جي ڪلام ۾ ملن ٿيون. جڏهن ''اهم برهم اسمي'' يا منصوري نعرو ''اناالحق'' چوڌاري گونجڻ لڳندو تڏهن ظاهري ۽ رسمي ڌرم جون ديواريون ڪري پونديون ۽ مذهبن جا محل مٽيءَ سان ملي مِٽي ٿي ويندا، تڏهن شاه جو هيءُ بيت بہ ضرور جهونگاريو ويندو.

''سو هيءُ، سو هوُ، سو اجل، سو الله،
سر پرين سو پساه، سو ويري سو واهرو.''

شاه جي ڪلام سان گڏوگڏسچل جي ڪافي بہ ضرور جهونگاري ويندي:

''ذات صفائي هِڪائي آهي، ڀول نہ وجهين ڀولي،
سوئي اندر، سوئي ٻاهر، سوئي تنهنجي چولي،
تو ۾ ، مون ۾ ، هن ۾ هرجا، سَچوُ سچ ٿو ٻولي.''

سامي بہ موهن جي مرلي جتي ڪٽي ٻڌي ٿو ۽ مُرليڌر جو مک ڏسي سندس اوديا جي ڳنڍ کلي ٿي پوي:

''مڌر مڌر مُرلي، ڪانَ وڄائي مُکَ سان،
ٻڌي گوپيءَ گوال جي سامي سُرت ڀُلي،
اوديا ڳنڍ کُلي، ڏسيِ منهن محبوب جو.''

ڪوتڙيءَ ۾ سدائين پئي جوت ٻرندي. مونکي هيءُ خيال بلڪل صحيح لڳي ٿو. ڳر منتر ۽ ونگڙو اکر، ٻنهي جو اِشارو ظاهر ظهور اوم اکر ڏانهن آهي.هن هڪ بيت کي پڪڙي، شاه لطيف سچو سر رامڪلي لکي ويو. دلگير پاڻ به گند منهنجي گوڏ ۾ پيچ - ۱۰۰ تي لکيو آهي: ”گهر ۾ اگهرُ اتم.“ ۽ مان بلڪل خوش آهيان.

دلگير”اَڇوڪي زماني ۾ شاه - سچل - ساميءَ جي اهميت“ ۾ سچل سرمست جي شعر کي دهرايو آهي:

”ڪو ڪئن چوي، ڪو ڪئن چوي،
آءٌ جوئي آهيان، سوئي آهيان،
ڪو مومن چوي، ڪو ڪافر چوي،
ڪو جاهل نالو ظاهر چوي،
ڪوساحر چوي، ڪو شاعر چوي،
آءٌ جوئي آهيان، سوئي آهيان.“

سامي به پوئتي ڪونه ٿو پوي ۽ اڃي حاضر ٿئي ٿو. هوُ ڏسي ٿو ته ڪئن هندو ۽ مسلمان اڻ هوندي پيرم ۾ ٻُلجي پيا آهن. اسان پاڻ برهم، ته به خدا ۽ ڀڳوان کي پاڻ ۾ ويڙهائي رهيا آهيون. فرق ٿر جيترو به نه، پر اسان ڪدورت ۽ ڪُلفت جو پهاڙ ٻڻائي وينا آهيون. اِهو اڻ هوندو پولو ڏسي ساميءَ کي ڪل ٿي اچي.

”سيڪو دوُر ڏسي، ٿو آتم ۾ آڪاس کي،
ائين چوڪي ڪونه ڪو، ته آهيون پاڻ اسي،
”سامي“ ڏسي هسي، اِنهيءَ ڳالهه انوپ کي.“

سامي هنن جڳهڙن کي ڪَتَ پتلين جو تماشو ٿو سمجهي ۽ اِهو ڏسي هسي ٿو ته ڪئن ايشور جا جدا جدا روپ هڪ ٻئي سان لڙن ٿا ۽ خسيس ڳالهين تي وڙهي خراب ۽ خوار ٿين ٿا.

دلگير جي هڪ ڪوتا، ”سپون“ ۾ شايع ٿيل آهي. جنهن ۾ ”دنيا ساري هڪ ديش“ جي ڪلپنا ڪيل آهي. ديش ديش جي وچ ۾

اڄ بہ هندن ۽ مسلمان جي وچ ۾ برادريءَ جو جذبو آهي ۽ اِهو ڪرشمو شاهہ، سچل ۽ ساميءَ جي ڪوتا جوئي آهي.

روحانيت اڌياتمڪ جو سُر آلاپيندڙ، پرڪرتيءَ جاڳڻ ڳان ڪندڙ، پرمپرا جي اُپاسنا سان ڳنڍ نواڻ کي بہ جوڙيندڙ آشاوادي ڪوي دلگير نہ صرف اڌياتمڪ ڪتابن جو اڌين ڪيو آهي، پڙهيو آهي پر اُن کي پنهنجي زندگيءَ ۾ عمل پڻ ڪيو آهي. دلگير ڌرم ۽ فلسيوفيءَ جو اونهو ابياس ڪيو هو. هن گيتا ۽ جپ صاحب تي سرل ٽيڪا بہ لکي ۽ اُنهن جو سنڌي ڪوتا ۾ ترجمو ڪيو. ”ڀڳوت گيتا“ جو ترجمو ۱۹۸۱ ۾ ”امر گيت“ جي نالي سان ظاهر ٿيو. جنهن جو گيتا جي پارکن ۽ ڪوتا جي ڄاڻن سنو سواڳت ڪيو. (سنڌي ڪوئل) ڀڳونتي ناواڻيءَ اِها سموري ڪوتا پنهنجي سُريلي آواز ۾ ڳائي ۽ ست آڊيو ڪئيسٽون تيار ڪيون ويئون جي گهر گهر پهچي ويون. جپ صاحب ۱۹۸۹ ۾ شايع ٿيو . سچائيءَ ساماجڪتا جو همدرد ۽ سمرتڪ ڪوي هري دلگير پنهنجي ڪوتا معرفت چوي ٿو تہ جيون جو مقصد ۽ رس ڀين لاءِ جيئڻ ۾ آهي. پرڪاش مٿان انڌڪار جي حڪومت اچي، ڪرانتي - بدلاوَ ڪي ڪوئي گهٽڻ چاهي، تڏهن مان قلم هٿ ۾ کڻندو آهيان. چنڊ ۾ داغ آهي پوءِ بہ هن چمڪ کي ڇڏيو ڪونهي. گل جو هردو چيرڻ جي باوجود بہ پنهنجي مرڪ ۽ سرهاڻ کي ڇڏي نٿو ڏئي. تڏهن دک ۽ پيڙا کان هار کائي ڪري مان پنهنجي مشڪ، پنهنجي آشا يا پنهنجي جيون مقصد کي ڇو ڇڏيندس؟ ڇو وساريندس؟

دلگير جو هندو ڌرم جي بنيادي مڃتائن ۾ وشواس آهي. سندس شعر ۾ ڪيترائي ڀيرا اِهو ذڪر آيو آهي تہ اِنسان جي آتما مرڻ جي ناهي. اِنسان جي اندر پرماتما آهي. اِنسان رنگ منچ تي هڪ اَداڪار آهي، جنهن کي طرحين طرحين جا کيل کيلي آخر اڳم ديس ڏانهن اُسهڻو آهي. زندگيءَ موت اٽر آهن. موت کان پوءِ هڪ زندگي آهي، جنهن جي اِنسان کي ڳم ڪانهي:

ساميءَ جو واڪ به ساڳيو ئي آهي؛ برهم گيان جيڪو شاهه سچل ۾ آهي، سوئي سامي ۾ آهي. اِهو جڏهن روشن يگ ايندو، جڏهن ساري دنيا هڪ ديش ٿي ويندي، جڏهن اِنسان پاڻ کي هندستاني پاڪستاني نه، پر دنياواسي سمجهندو، جڏهن ڌرم ڊوڙ ٿي ويندا ۽ مذهبن جو به موٽ اچي ويندو، تڏهن به اسانجي امر ڪوين جي ڪوتا کي پنهنجي اهميت هوندي.

ائين برابر آهي ته شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي ڪوتا به ٽي سوَ سال پراڻي آهي پر اُها اڄ به تازي تواني آهي. ڪي ڪتاب book of honour ٿيندا آهن يعنيٰ اُهي عارضي، يا ڪجهه ڏينهن يا سال پڙ لاءِ ٿيندا آهن، پر ڪي رچنائون دائمي مُلهه واريون ٿينديون آهن ۽ زمانو اُنهن کي ضعيف نه ڪري سگهندو آهي. شاهه جو رسالو ، سچل جو ڪلام ۽ ساميءَ جا سلوڪ ٽيئي امر ڪوتا جا مجموعا آهن. منجهن اسان جي ڪيترن مسئلن، مرضن ۽ مصيبتن جا، جن ۾ اسان گرفتار آهيون، هڪيا تڪيا حل موجود آهن. هِن يگ ۾ اِنسان انيڪ چنتائن جي چوُچڙيءَ ۾ پل پل پڇري رهيو آهي. سِڄُ ته ساڙڻ اچيس ٿو پر هُن لاءِ چنڊ مان به ٽاندا وسي رهيا آهن. اَهڙي اِنسان کي سامي صاحب پاڻ سڏي ٿو ۽ چويس ٿو:

> ”آءُ ته پياريانءِ، پيالو پيري پريم جو،
> ”سامي“ هن اوسر ۾، تن من سڀ ٺاريانءِ،
> ڏَهه ڏس ڏيکاريانءِ، اٺ ئي پهر اکين سان.“

دلگير لکي ٿو:

ائين برابر آهي ته مارڪس، لينن ۽ فرائڊ جهڙن ليکڪن تاريخ جي رُخ کي ڪي قدر موڙيو آهي ۽ لکن ماڻهن تي اثر وڌو اٿائون، پر شيڪسپيئر ، شيليءَ، ڪيٽس ۽ ٽئگور جي رچنائن بابت ائين ڪونه چئي سگهبو. پر شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي ڪوتا لکين سنڌين کي صوفياڻي رنگ ۾ رڱي ڇڏيو آهي. ائين ضرور چئي سگهبو. سنڌ ۾

پيٽي پنڊا، پينو پنڊت، گند، پيڙ، بوسات،
ڪاشيءَ ۾ ڪن کي ڪل ناهي، ڪٿ هو داس ڪبير،
ڳُن جي گهر لاءِ پِنڪي پنڪي، تڪجي پيو دلگير.''[1]

''ڇا جا وندن، ڇاجا بندن، روڳي رسم رواج،
پاکنڊ پُٽلو، لولو لنگڙو، ست سان ساڙ سماج
ڪوڙي ''سچ'' جي ڪوٺيءَ اندر، قيدي جيان نہ گذار،
ٻاهر اچ، رسمي ڌرمن جي، توڙي ڇڏ ديوار.''[2]

گنگا ۾ ٽٻيون ڏيئي ۽ پنهنجن جي لاشن کي لوڙهي، اسين هندو ائين سمجهندا آهيون تہ جيئرن ۽ مئلن کي سرڳ نصيب ٿي ويو، پر هنن جو ڌيان اِن طرف نٿو وڃي تہ گنگا جو شُدّ جل گند ۽ غلاظت ڪري سائو ٿي ويو آهي. گنگا گهاٽ وٽ بيٺي، لهرن تي ترندڙ لاش ۽ اُنهن مٿان ڳجهون ۽ هڪ طرف وشو ناٿ جي مندر ڏانهن ويندڙ جاترين جي هٿن ۾ هار تہ ٻئي طرف پيٽوڙي پنڊا ۽ بيک مڱيندڙ پنڊت ڏسي ڪيس اُنهن رسمن لاءِ ڌڪار پئدا ٿئي ٿي. دلگير جو وشواس بہ 'بيوس' جيان آهي، تہ نہ مڙهيءَ يا مندر ۾ ڀڳوان آهي ۽ نہ مسجد ۾ اَللهہ آهي.

''هڪ مندر ۾ بند رکيو آ ڪئن تو پنهنجو رام،
رام ايوڌيا ۾ ئي ناهي، دنيا هن جو ڌامُ،
مندر کي ڀڳوان نہ ڻاهيو، مسجد کي نہ اللهہ،
ڪِن مورکہ ماڻهن کي ماڻهو، ڪن وينا گمراہ،
در نہ دري هن مندر اندر، هت ڪئن گهاريان پاءُ؟
ڪا پٽ توڙي، ڪو در جوڙي، ٻاهر نڪري آءُ،
مندر خالي مسجد خالي، ڀڄي ويو ڀڳوان،
ختم خدائي ٿي ويئي آ، راڄ ڪري شيطان.''[3]

---

١. لهرن لکہ لباس - هري دلگير، ص. ١٦
٢. لهرن لکہ لباس - هري دلگير، ص.١٦
٣. لهرن لکہ لباس - هري دلگير، ص. ٢٣

”موت کان پوءِ زندگي آهي،
جسم جهونو ڇڏي نئون وٺبو،
موت ايندو تہ ڪابہ ڪس ناهي.“[1]

”حياتيءَ پنيان بي وڏي حياتي آ،
پنيان موت جي، زندگي بي ڏٺي.“[2]

”آيا ها مون ڏي بہ فرشتا، موٽر منجهہ سوار،
موٽر ۾ موٽي ويو جوين،
پر رهجي ويو پيار.“[3]

”حادثا جي ضرور ٿيڻا ها،
جي مري ويا اُنهن کي مرڻو هو.“[4]

دلگير صدين جي ڌرمي مڃتائن ۽ اُنهن جي سايہ ۾ پلجندڙ ڍونگ ۽ ٺڳيءَ کان نفرت ڪري ٿو. عام هندو ڪاشي، مٿرا، بندرابن ۽ هردوار ويندا آهن پنهنجا پاپ بخشائڻ، آرتيون ڪرڻ، مندر پيٽڻ ۽ اِشنان ڪرڻ . پر دلگير اِهي تيرٿ آستان ڏسي لڄائمان ٿو ٿئي، ڇو جو پنڊن ۽ پنڊتن کي ماڻهن جي صدق جو اجوڳو فائدو وٺندو ٿو ڏسي. چوي ٿو:

”سائي جل تي بجري ۾ مان، ڪاشي گنگا - گهاٽ،
هٽ هٽ لڏندڙ لمندڙ ڏيئڙا، جل تي ڏيمي لاٽ،
ترندڙ لاش، ڳجهون کنني تي، ڪاشي ، گنگا گهاٽ،
آيو هوس تبيءَ جي لاءِ مان، سمجهي سورڳ واٽ،
وشوُ ناٿ جو پوتر مندر، گلن ڦلن جيْ ڇاٽ،

۱. پل پل جو پرلاءُ - هري دلگير، ص. ۴۲

۲. رولو آواز - هري دلگير، ص. ۳۸

۳. لهرن لڪ لباس - هري دلگير، ص. ۳۸

۴. صبح جو سهاڳو - هري دلگير، ص. ۵۸

دلگير گهٽي قدر گروجن جائي ڪم آندل لفظ استعمال ڪيا آهن لڪي تو: مان گياني ناهيان ۽ انيو جي هام به نٿو هڻان. پر اندر ۾ آيل اُڇل کي روڪي نہ سگهيس ۽ جيڪي ڪجهه ڦڪو لکيم سو پاٺڪن اڳيان پيش آهي.

”پلؤ پائي سچ، آچيندي لڄ مران.“

هن ڪتاب ۾ ڪن خاص شبدن جي سمجهاڻي ڏنل آهي. جيئن تہ: حڪم، سڻڻ، مني (مڃڻ)، جپ، پنج کنڊ، پنچ. دلگير الڳ الڳ ودوانن جي جپ صاحب تي ٽيڪا جو خوب اڀياس ڪري اُنهن جا رايا ڏيندي ڪن ڳالهين سان سهمت ٿيو آهي ۽ ڪٿي هن پنهنجي اَسهمتي بہ ڏيکاري آهي ۽ اُن کي پرماڻن سان سِڌ بہ ڪيو آهي.

پيج ٢۴ تي ”مڃڻ“ شبد لاءِ شري لوڪارام ڏوڏيجا جي رايي تي سمجهاڻي ڏيندي لکي ٿو: ”مونکي ’منن‘ جو ارٿ ”من“ ٺيڪ نٿو لڳي. اُن جو سبب اِهو آهي تہ گرونانڪ اڳئين چئن پوڙين ۾ (٨ کان ١١ تائين) ”سُڻڻ“ جي مهما اڳيئي ڳائي آهي. سُڻي تڏهن سگهبو جڏهن من شانت هوندو. من جي شانتيءَ جو بيان ڪري وري گرونانڪ چو چوندو تہ ’من‘ جي گتي جو پتو پائڻ مشڪل آهي.“

عام پاٺڪ جي رهنمائيءَ لاءِ ڪيترين ئي ڳالهين کي دلگير کولي چٽيءَ طرح سمجهايو مثال؛ پيج - ٦ تي لکيل آهي.

عام طور اِئين مڃيو وڃي ٿو تہ گرو گرنٿ صاحب جو تت جپ صاحب ۾ ئي آهي. ڪن جو خيال آهي تہ جپ صاحب ۾ آيل واڻي گرونانڪ، گورکناٿ ۽ سِڌن سان گيان گوشٽي ڪندي اُچاري. پنهنجي اِن ويچار کي پشتي ڏيڻ لاءِ هُنن ڪي من گهڙت سوال ويهي ٺاهيا آهن ۽ اُنهن جا جواب جپ صاحب مان ڪڍن ٿا. مثال طور:

سِڌن جڏهن گروجن کي ڪنن پهاڙي استان تي پهتل ڏٺو تہ سوال ڪيو تہ ”توهان ڪنهنجي بل سان هتي پهتا آهيو؟“صاحبن جواب ڏنو، ’ايڪ اونڪار جي بل سان.“ سِڌن چيو تہ اِن ايڪ اونڪار

دلگير اِهو نٿو مڃي تہ سُنن ڪرمن ڪري سرڳہ ملي ٿو، ۽ بُرن ڪمن سبب نرڪ نصيب ٿئي ٿو. هن ڪي اِهو نسورو ڪوڙ لڳي ٿو. سرڳہ نرڳہ سڀ هن ڌرتيءَ تي آهي.

”سرڳہ نرڳہ جون ساريون ڳالهيون،
سڀ دلگير گپوڙا آهن.“[1]

دلگير زندگيءَ کان فرار نہ آهي. زندگي هوُ ڀرپور نموني ۾ جيئڻ ۽ اُن جو لطف ماڻڻ چاهي ٿو. ڌرم ۾ وشواس يعنيٰ اِنسان جي شفي گڻن ۾ وشواس؛ سچ، سداچار، پيار ۽ ڀائيچاري ۾ وشواس ڇو جو ڪوبہ ڌرم هڪ اِنسان کي ٻئي جو دشمن نٿو بڻائي. دلگير جو ويساهہ ڀلي هندو ڌرم ۾ هو، پر هو اِنسانيت کي وڏي ۾ وڏو ڌرم مڃيندو هو.

دلگير ”اَمر گيت“ ۽ ”جپ صاحب “ اِهي ٻئي ڪتاب سنڌيءَ ۾ منظوم ڪيا آهن پر اُنهن مان اصليت جو هڳاءُ ٿو اَچي ۽ سندس ڌارمڪ ويچارن جي بہ بخوبي ڄاڻ پوي ٿي.

جپ صاحب: دلگير جپ صاحب جو سليس ترجمو ڪيو آهي ۽ اُن ۾ تفصليوار مهاڳہ پڻ لکيو آهي. جپ صاحب جي پهرئين پيج تي”ڪجھہ هن ڪتاب بابت“ سري سان دلگير لکي ٿو: ۱۹۸۸ ۾ ڪاڪو پريداس تولاڻي مونکي هرروز جپ صاحب جو پاٺ ڪري ٻڌائيندو هو. هڪ دفعو مونکي صلاح ڏنائين تہ مان جپ صاحب جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪريان جيئن مون گيتا جو انواد ڪوتا ۾ ڪيو آهي. اُن کان پوءِ مان مهينو کن پاڻ سان گڏ پاڻ ئي هوس. جپ صاحب ننڍن سوترن ۾ لکيل آهي. جن ۾ فعل (verbs) لڳہ ڀڳہ غائب آهن. اِن ڪري هر هڪ سٽ مان هڪ کان وڌيڪ ارٿ نڪري ٿا سگهن. خوب سوچ ويچار ڪري، مون جپ صاحب جو ترجمو هٿ ۾ ڪنيو. سوچيم تہ گرونانڪ جي شئلي (style) يعني تور طريقي سان بہ هٿ چراند نہ ڪندس.“ اِهو سوچي دلگير ڪيترن ئي ودوانن جو جپ صاحب تي لکيل ڪتابن جو اڀياس ڪيو.

---

1. جيءُ جيءُ ڙي جيءُ - هري دلگير، ص. ۳۹

جپ صاحب جي ترجمي ۾ دلگير هڪ پاسي مول واڻي ڏني آهي ته ٻئي پاسي اُن جو ترجمو. اصلوڪي واڻيءَ جو ترجمو ڪندي دلگير ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي ته نج ڀاو ڪان نه هٽي ۽ لفظن جي گهٽ ۾ گهٽ ڦير ڦار ڪجي جئن ارٿ جو انرٿ نه ٿي پوي.

واڻي	ترجمو
١) حڪمي هووَنِ، آڪارَ، حَڪمَ نه ڪَهِئا جائي،	١) حَڪمَ ساڻ آڪار ٿيا، ٿئي نه حڪم بيان،
٢) حڪمي هوون جيئَ، حڪم ملي وڏيائي،	٢) حڪم ساڻ سڀ جيوَ ٿيا، حڪم ساڻ سنمان،
٣) حڪمي اُتم نيچ، حڪم لکه ڏُکَه سُکَه پائيئهِ،	٣) حڪم ساڻ نيچ ۽ اُتم، ڏُکه سُکه ليکو پاءِ،
۴) اِڪنا حڪمي بخشيش، اِڪ حڪمي سدا ڀوائيئهِ،	۴) حڪم ساڻ بخشيش ٿئي، حڪم ساڻ ڀٽڪاءِ،
۵) حڪمي اندر سڀ ڪو، ٻاهر حڪم نه ڪوءِ،	۵) حڪم اندر هرڪو رهي، ٻاهر حڪم نه ڪوءِ،
٦) نانڪ حڪمي جي ٻُجهيءِ ته هوءِ ميءِ ڪهي نه ڪوءِ،	٦) نانڪ جي سمجهون حڪم، ”مان مان“ رهي نه پوءِ،

امر گيت:

دلگير گيتا جو سنڌي شعر ۾ ترجمو ڪيو. تنهن سان گڏ اُن جو هڪ عالماڻو مهاڳ به لکيو. ”امر گيت“ ڪتاب تي سندس ٣٣ سالن جي محنت ٿيل آهي. دلگير ڪتاب لکڻ جي شروعات ١٩۴٨ ۾ ڪئي هئي جڏهن اَجا سنڌ پاڪستان ۾ هو. ڪتاب جو اڌ ڪم پورو ڪرڻ کان پوءِ پاڪستان ۾ اهڙو وايو منڊل هو، جو هو وڌيڪ لکي نه سگهيو. ١٩۵٨ ۾ هندستان اچڻ کان پوءِ دلگير اُن ڪم کي وري هٿ ۾ کنيو جنهن لاءِ کيس سنسڪرت سکڻ کان وٺي ڪيترين ٻولين جا ترجما ۽ ٽيڪائون

جو ڪجهه ورنن ڪيو، ته صاحبن جپ صاحب جو شروعاتي سلوڪ، ”ايڪ اونڪار ست نام ڪرتار پرک ...“ اُچاريو. ٻين ڪن ودوانن ڪي اِهي ڪالپنڪ سوال ۽ جواب ٺيڪ نٿا لڳن، ڇو ته اِن لاءِ ڪوبه ثبوت ڪونهي، ٻيو ته خود جپ صاحب ۾ ڪي سوال آهن، جن جا جواب به جپ صاحب ۾ ئي ڏنل آهي. مثال طور پهرين پوڙيءَ ۾:

(سوال) ڪئن ڪوڙو پڙدو ٽٽي؟ سچو ڪريون ڪئن پاڻ؟

(جواب) حڪم رضا ۾ هل سدا، نانڪ ليکي ساڻ.

اهڙيءَ طرح ٻيا به ڪي سوال جواب اچن ٿا. جي سمورو جپ صاحب سِڌن جي سوالن جوابن ۾ اُچاريل آهي ته جپ صاحب ۾ جي سوال اچن ٿا، اُنهن جو پڇندڙ ڪير هو؟ حقيقت ۾ اُنهن سوالن جو پڇندڙ بهِ گرونانڪ صاحب آهي ته جواب ڏيندڙ به پاڻ آهي.
دلگير جپ صاحب تي سنڌيءَ ۾ سمجهاڻي ڏيڻ سان گڏ پنجن کنڊن جو ذڪر به ڪيو آهي.

ڌرم کنڊ:

جنهن ۾ اسان کي پريوار، ساٿين، مائٽن جا فرض بخوبي نباهڻا آهن.

گيان کنڊ:

ڌرم جي پالنا لاءِ اسان کي ڄاڻ جي ضرورت آهي.

شرم کنڊ:

سالڪ کي پنهنجي ڌرم بابت گيان ته مليو پر نام ڪمائڻ لاءِ ڪمائي ڪرڻي آهي. پرارٿنا ڪجي ته شل ڪمائي ٿاب پوي.

ڪرم کنڊ:

ڪرم جي هتي معنيٰ آهي رحم، ٻاجهه، فضل جي اسين نام لاءِ ڪوشش ڪنداسين ته مالڪ مهر جي نظر ڌاريندو.

سچکنڊ:

اِهو اروپ، الک استان آهي. هو ته جا بجا حاضر آهي.

مهاتما گانڌي جو ’اناسڪتي يوگ‘‘

گجراتي نثر جو ترجمو سڌو، سنوائتو ۽ سؤلو آهي. جنهن کي گجراتي ماڻهن دل سان قبول ڪيو آهي. پر اِهو ’’ڪاويہ تتر‘ جي ڪلا پرياو کان خالي آهي.

مثال:

هي سنجيہ ! مونکي چئُہ، تہ يڌ ڪرڻ جي اِڇا سان ڌرم - کيتر روپي ڪُرکيتر ۾ گڏ ٿيل منهنجي ۽ پاندون جي پٽن ڇا ڪيو؟

ڪويتا جو پنهنجو ڪل - پرياوُ ۽ خود گيتا جو ڪاويہ هئڻ ڀنهي نقطن سان’’امر گيت‘‘ جي اهميت وڌيڪ ئي نہ، گهٽي وڌيڪ مٽي پوندي.

اِن کان سواءِ دلگير گيتا جي اهميت جا ڪي نقطا ڪڍي پنهنجا ويچار پيش ڪيا آهن. ڪجهہ ڪامينٽس هڪ طرف ڏنيون آهن. ۽ ٻئي طرف ’’ڪن خاص لفظن جو مطلب‘‘سري سان گيتا جو سار ڏنو آهي. سموري مختصر سمجهاڻي گيتا جي نئين ۽ سامانيہ پاٺڪ لاءِ ڪارگر آهي. جنهن ۾ دلگير چوي ٿو: ’’گيتا تتو گيان جو گرنٿ ناهي، گيتا هڪ مذر ڪوتا آهي، گيت آهي، جنهن ۾ ڇند تہ آهي پر قافيہ غير مؤجود آهن. گيتا کي هڪ ڌرمي پستڪ ڪري مڃڻ گهرجي. گيتا ۾ جيون جي اونهن رازن تي روشني وڌي ويئي آهي. ايشور آهي، آتما آهي، موٽ کان پوءِ وري جنم ٿئي ٿو، ڪرمن جو ڦل ملي ٿو. پر دليلن سان ڪجهہ بہ ثابت نہ ڪيو ويو آهي.‘‘

اڳتي دلگير چوي ٿو: ’’گيتا منهنجي جيون کي خوب موڙيو ۽ جوڙيو آهي. ڪُرج جي گهڙين ۾ گيتا گرو بڻجي، منهنجي اڳواني ڪئي آهي. من جي مايوسيءَ ۾ متر بڻجي، منهنجي من ۾ اَپار آنند پريو اٿائين. گيتا جا خاص ڪري بہ شلوڪ ڪيس پيارا هوندا هئا ۽ اُنهن مان ئي ڪيس سنتوش ۽ همٿ ملي ۽ نراسا دور ٿي.

پڙهڻ، هڪ هڪ سلوڪ ڪري ۷۰۰ سلوڪ سنسڪرت سان پيش ڪيا. عزيز ۽ ضيا جي ترجمي اڳيان پنهنجو ترجمو وڌيڪ سارٿڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ، شري نارائڻ شيام کان پڙهائي وري سڌارا ڪرڻ سان ساڻ اِنهن ڳالهين جي به چٽي طرح اوکه ڊوکه ٿيل آهي ته: ڇا گيتا يا مهاڀارت اِتهاس جو اِنگ آهن؟ گيتا جي نالي جي سمجهاڻي، گيتا جي اهميت بابت پنهنجو رايو قائم ڪرڻ، گيتا جو ''سار'' سمجهائڻ لاءِ ڪرم، يوگ، تياڳ ۽ سنياس، ڌرم سوڌرم، سانکيه، پرڪرتي، آتما-جيو آتما ۽ پنر جنم، اوتار جي سمجهاڻي وغيره ڏيڻ، مٿيون ڳالهيون ڏيکارين ٿيون ته دلگير سچ پچ ته صحيح معنيٰ ۾ ڌارمڪ ويچارن وارو شاعر هو. جنهن پنهنجي هن ''ڪرم'' کي ''ڌرم''جهڙي اهميت ڏني آهي. هن ڪم تي ۳۳ سالن جي محنت سندس گهري نشٺا جو احساس ڪرائي ٿي. گيتا لاءِ اِها شرڌا به آهي ته پڳتي به.

پروفيسر نامديو تاراچنداڻي''سنڌو جوت'' ص. ٦۴ تي لکي ٿو: دلگير جي ''امر گيت'' جي مون هڪ نرالي اهميت ڏني آهي. ڪوتا جي انواد جي ! سندس چوڻ آهي ته ائين ته گيتا جا ترجما ۽ ''ڀاشيه'' ته انيڪ ٻولين ۾، انيڪ روپن ۾ آهن. خود مهاڀارت ۾ به شريمد ڀڳوت گيتا کان سواءِ وياڌ - گيتا، وِدُر - گيتا، ڀيشم - گيتا جو سماويش آهي. پر جي اسان ٻن اهم ترجمن جي ڀيٽ ڪيون ته هڪڙو ''امر گيت'' دلگير جو ۽ ٻيو گيتا تي لکيل ڪتاب گانڌيءَ جو ''اناسڪتي يوگ'' گجراتيءَ ۾ ''ڪاويه انواد'' اُن جي وڏي حاصلات آهي ''امر گيت''.

امر گيت مان مثال:

''شٽايم سنجيه سمورو بيان،
ته ڪُر کيتر جي ڌرم ڀُونءِ جي مٿان،
مليا پانڊون سان جڏهن منهنجا لال،
تڏهن ڪئن لڙاڪوُ لڙيا ڏينم حال.''

پرانت کان پٺتي نہ رهيو. سنڌي شاعرن بہ هن يڌ ۾ خوب پاڻ ملهايو.

آزاديءَ جا گيت ۽ ترانا سنڌيءَ ۾ گهڻي ۾ گهڻا ڪوي دڪايل لکيا آهن. ’چولو منهنجي چڪ ۾‘‘ پيج - ٢٢ تي دلگير لکي ٿو:

’’پورو ياد نہ اٿم ، پر الائي ڪيئن هوندراج دکايل سان دوستي ٿي ويئي. اُنهن ڏينهن ۾ (١٩٣٠) ۾ هو ويهن - ايڪويهن سالن جو گوري چهري ۽ سڊول بدن سان، رشٽ پشٽ ، کاڏي پوش، نوجوان هوندو هو. اُن ننڍي عمر ۾ ئي هوُ سنڌ جو يگانو قومي شاعر ڪري ليکيو ويندو هو. سندس ڳائڻ بہ اثرائتو هوندو هو. پنهنجي ساٿيءَ ٽولورام سان گڏ، جتي بہ ويندو هو اُتي حشام ماڻهو اچي گڏ ٿيندا هئا. گانڌيجيءَ جي آزادي جي هلچل پوري زور سان هلي رهي هئي. ماڻهن ۾ خاص ڪري هندن ۾ ، خوب اُتساه هو. ڀارت ماتا ڪي جئہ ۽ انگريز سرڪار مرده باد جا زوردار نعرا لڳندا هئا. منهنجي دل بہ ٽپا ڏيندي هئي تہ مان بہ اُن ۾ ڪو ڀاڱہ وٺان، پر منهنجو پيءُ هوندو هو ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ. هن مونکي چيو تہ،’’جي منهنجي نوڪري پياري اٿيئي تہ تون هن قومي هلچل ۾ بهرو نہ وٺ.‘‘ نہ رڳو ايترو، پر ميٽنگہ يا سرگس ۾ بہ شامل ٿيڻ کان منع ٿيل هئي. ’’دکايل سان بہ رستو نہ رکڻو هو چو تہ هو قومي هلچل جو جوشيلو نوجوان اڳوان هو. ان بندش جي هوندي بہ مان بابا کان لِڪي، ميٽنگن ۽ سرگسن ۾ شامل ٿيندو هوس ۽ دکايل سان بہ اڪثر ملندو هوس.‘‘

مٿئين ڳالهہ مان اِهو چٽيءَ طرح واضع ٿي بيهي ٿو تہ آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ دلي چاهنا هوندي بہ دلگير سڌيءَ طرح نہ پر اڻ سڌيءَ طرح سان پيءُ کان لکي چپي دکايل سان ملڻ ۽ ميٽنگن ۽ سرگسن ۾ شامل ٿيندو هو. دلگير ڪجهہ آزادي آندولن تي گيت بہ لکيا آهن. ڪجهہ مثال هيٺ پيش ڪجن ٿا:

جڏهن سردار ڀڳت سنگهہ کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويوتڏهن اهڙي ماحول جي زير اثر دلگير هڪ بيت لکيو:

”نہ هيٺو ٿي ڀارت ! متان ٿون ڏرين،
متان شان، ٻي-شان پنهنجو ڪرين،
پرَ نتبَ ! ٻڇڻ جو چڙهي ڀاو ٿون،
ڪڙو ٿي بهادر! اُٿي آءُ ٿون.“[1]

”اَٿم مونجهہ ! من بہ نبل نرم آ،
مونکي صاف چئہ، منهنجو ڇا ڌرم آ،
شرن تنهنجي شش آءُ، ڪولي ٻڌاء،
ڪريان ڇا، اي گرديو ! مونکي ٻڌاء.“[2]

دلگير جا لکيل آزادي آندولن جا گيت:

”مرحبا ڇئبي اُنهن کي، ملڪ لاءِ جي ماربا،
ملڪ جي خاطر جوان ڇا رت جنين جا هاربا.
ڀار پنهنجي قوم کي ٻيڙيءَ نہ ٻيءَ ڪنهن تي ڪبو،
پنهنجي تن جا ٿاهي ترها، پنهنجي رت ۾ تاربا،
ملڪ لاءِ هن جنگ ۾، جيءَ جان جا جوڙي جهاز،
رڳن جا ٿاهي رسا، تن ۾ وجهي هاڪاربا.“[3]

ڪنهن بہ ديس جي آزاديءَ لاءِ تحرڪ ۾ اُن ديس جا شاعر ءِ چارڻ اهم رول ادا ڪندا آهن. هو جنگي توتارو بڄجي،لوڪن جي دلين ۾ اُمنگ ءِ اُتساه پئدا ڪندا آهن. راجستان جي چارڻن جو ناماچار دنيا ڀر ۾ مشهور آهي. سنڌ جي ڪوين بہ ڀارت جي آزادي آندولن ۾ نوجوانن جي دلين ۾ حب الوطنيءَ جي جذبات ڦوڪڻ ۾ ڪمال جو ڪرتب ڪيو. آدمشماريءَ جي لحاظ کان سنڌ هڪ ننڍو پرانت آهي، پر آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ اِهو ڀارت جي ٻئي ڪنهن بہ

١-٢- اَمر گيت - هري دلگير، ص.٥٠-٥٥

٣- آزادي آندولن جا گيت - سمپادڪ هري دلگير، ص.٥

چٽڪ ڪٽي تون هل اڳي - آنڌي ٻٽي تون هل اڳي،
ساڻ ڏٽي تون هل اڳي، جيت سنڌ ضرور آهه.''[1]

اهڙين ڪوتائن ڪي آزادي آندولن ۾ پنهنجي قسم جي اهميت آهي. سوتنترتا سنگرام ۾ هڪ دفعو گهڙڻ ڪان پوءِ پٺتي نهارڻ مهٺو آهي.

اِن ڪري تہ شاه چوي ٿو:

''ٿي تنين سين ڏيٽ، موٽڻ جنين ميهٺو'' (شاهہ)

شروع شروع ۾ ديش ڀڳتيءَ جون ڪوتائون پيدا ٿيون. اُن ڪان پوءِ غلاميءَ لاءِ حقارت پيدا ڪرڻ جي شاعريءَ جنم ورتو. آخر ۾ انقلابي ادب پيدا ٿيو. ديش پريم سان گڏوگڏ قومي ترنگي جهنڊي جي شان ۾ بہ ڪيتريون اُتساهي ڪويتائون لکيون ويئون. دلگير جو لکيل ديش ڀڳتي ۽ جهنڊا وندنا گيت پيش آهي:

آزاديءَ جي هلچل وقت ڪيترن ئي شاعرن گانڌيجيءَ تي انيڪ ڪوتائون رچي ڪيس شرڌانجلي پيش ڪئي. اهڙو ئي هڪ - بہ شعر گانڌيجيءَ تي دلگير جو هن ريت لکيل آهي.

مزيدار ٻاپوءُ

''مزيدار گانڌي، مزيدار ٻاپوءُ
اِهو اڌ اُگهاڙو، اهو جهوُر ٻيڙو،
ڪٽي لٺ هلي ٿو جوانن ڪان تکڙو،
مڙن ۾ سنڌس نانءُ نروار ٻاپوءُ
مزيدار گانڌي، مزيدار ٻاپوءُ.''
''هريجن يا هندو، مسلمان ڪوئي،
هجي پارسي، سک، ڪرستان ڪوئي،
سڀن سان هلي ايڪ وهنوار ٻاپو،
مزيدار گانڌي، مزيدار ٻاپوءُ.''[2]

---

1. آزادي آندولن جا گيت - سمپادڪ هري دلگير - ساهتيہ اڪادمي، ص.٥٤
2. آزادي آندولن جا گيت - سمپادڪ هري دلگير - ساهتيہ اڪادمي، ص. ٩١

”ڇنڪي پيئي ڇوهه مان، ڳوليءَ تي ڳولي،
آيا بانڪا بانورا، ٽوليءَ تي ٽولي،
هڪ ٿئي سان هولي مانجهين ڪئي ميدان ۾.“[1]

ڳانڌيجيءَ جي اڳواڻي کان ٿورو اڳ ڪشنچند بيوس (۱۸۸۵ - ۱۹۴۷) جي شاعريءَ جي شروعات ٿي. هو مهاتما جو شردالو ۽ آزاديءَ جو اُپاسڪ هو. پنهنجي گهروُ حالتن جي ڪري هن سنگرام ۾ هو سرگرم ڀاڱو وٺي جيل ۾ ڪونه ويو پر پنهنجين ڪوتائن سان هن هلچل جي نه فقط دل کولي پٺڀرائي ڪئي پر اُن ۾ اُتساه ڦوڪي اڳتي پڻ وڌايو. هن لکيو:

”نوڪر شاهي ظلم مچايو،
سوراجين کي سخت ستايو،
جيل وڃن ٿا جوان،
وري اچ جاڳيو ڀارت جو ڀڳوان.
مڻ مصيبت سر تي ڇايو،
آگر هڪڙي ڪين اُٺايو،
ڳانڌيءَ جو فرمان
وري اچ جاڳيو ڀارت جو ڀڳوان.“[2]

دلگير پنهنجي گروءَ بيوس جي پٺڀرائي ڪندي لکيو:

۱. شير سپاهي ڪاهه.

”ڪاهه شير سپاهي ! ڪاهه ڪاهه - اُٿ، اُٿي ديش سان نباهه،
جيت جو عين وقت آهي، شير سپاهي ڪاهه ڪاهه،
ظلم زبر جو سلسلو - آڻ اُنهيءَ ۾ زلزلو،
ڦوڪ وطن ۾ ولوولو - نيچ نظام ڊاهه ڊاهه،

۱. پل پل جو پرلاءُ - هري دلگير، ص.۷۸
۲. آزادي آندولن جا گيت - سمپادڪ هري دلگير - ساهتيه اڪادمي، ص.۲۷

”اَڄ سنڌڙيءَ جي سار،
دل جي واريا سي مٿان،
برسيا مينگهه ملهار.“[1]

”اَڄ سنڌڙيءَ جي ياد
سيڪن پويان سوُرما،
شال گذارن شاد.“[2]

سنڌ سنڌين جي جنم ڀومي آهي. جاگرافيه نقط نگاهه کان ڀارت کان الڳ هوندي به، لڏي آيل سنڌي ڀارت ۾ رهندي، سنڌ کي ساريندا ٿا رهن. دلگير اُنهن شاعرن مان هو، جن سنڌ کي ور ور پئي ياد ڪيو آهي.

نارائڻ شيام چيو آهي:

”گنگا جمنا امرت - پر سنڌو ندي اسان جي ماتا جي ٿڃ آهي.“

دلگير به اهڙيئي اروڪ جذبي سان سنڌ کي ياد ڪندو هو. دلگير چوي ٿو:

”هڪڙا سنڌي سنڌ اندر، پر ٻين وسائي هِند،
جيجل تن جي ساڳي آهي، ساڳي تن جي جند.“[3]

مذهب جي بنياد تي سنڌين کي الڳ نٿو ڪري سگهجي، ڇو جو ٻولي، ادب ۽ سڀيتا جي تند ٻنهي ملڪن ۾ وسيل سنڌين کي ڳنڍيو ويني آهي. سنڌ ۾ سنڌين مٿان ٿيندڙ ڏاڍ، دلگير سهي نٿي سگهيو. ڪهڪاءُ جاڳيس. کيس يقين هو ته اڄ نه سڀاڻ، اِهي سنڌا متجي ويندا. هُت سنڌ جا سنڌي ۽ هِت هند جا سنڌي وهندا ملي، گوڏا گڏي اچ نه سياڻي. دلگير سنڌو ۽ گنگا، ٻنهي کي ياد ڪري ٿو:

1. ۲. لهرن لڪ لباس - هري دلگير، ص.۷۷
3. لهرن لڪ لباس - هري دلگير، ص.۹

آهڙيءَ طرح دلگير به ان سنگرام ۾ سڌيءَ طرح نه پر اَڻ سڌيءَ طرح شعرو شاعريءَ ذريعي پاڻ موکيو. دلگير جي دل ديش ڀڳتي لاءِ سرشار هئي. اِنڪري پنهنجي پتا کي بڌائڻ کان سواءِ ئي دلگير ديش پريم جاڳائڻ واريون گهڻيون ئي ڪويتائون لکيون. اِهو ئي سبب آهي جو دهلي جي ڪيندريه ساهتيه اڪاڊميءَ وارن جڏهن آزادي آندولن جي سنڌي گيتن کي ڇپائڻ جو فيصلو ڪيو ته اُنهيءَ جي سنڌي صلاحڪار بورڊ اُن جي سمپادن جو ڪم دادا هري دلگير کي سونپڻ جو فيصلو ڪيو. اِهو ڪتاب ۱۹۹۵ ۾ پرڪاشت ٿيو. هن ڪتاب ۾ ديش پريم جي ڪويتائن جي سٺي جهلڪ ملي ٿي.

تازو ۲۰۰۴ ۾ مڌيه پرديش سنڌي ساهتيه اڪاڊمي جنهن کي هاڻي مڌيه پرديش ساهتيه پريشد جو هڪ حصو (پرياڳ) بڻايو ويو آهي. ديش ڀڳتي گيتن جو هڪ مجموعو ڇپايو آهي. اُنهيءَ مجموعي جو عنوان آهي. ”منهنجو پيارو وطن، جيءُ جيئاريو وطن.“ اِهو عنوان دادا دلگير جي هڪ ڪويتا مان کنيو ويو آهي.

مطلب ته سوتنترتا سنگرام جي هر پهلوءَ تي سنڌ ۾ اڪيچار ڪويتائون ۽ انيڪ ترانا جوڙيا ويا جن آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ خوب اُتساهه ڦوڪيو. . دلگير به ان سنگرام ۾ پاڻ موکيو جي ڀارت جي پوري آدمشماريءَ سان سنڌ جي آدمشماري ڀيٽبي ته سنڌي قومي شاعرن جي دين - ترانن جي تعداد، توڙي شاعريءَ جي اعليٰ معيار جي خيال کان نهايت شاندار هئي. جنهن تي نه فقط سنڌ پر پورو ڀارت به فخر ڪري سگهي ٿو. بيشڪ اُنهن آزادي آندولن ۾ سنڌي شاعرن هندن توڙي مسلمانن دلين ۾ بجليءَ جي وايومنڊل پيدا ڪري، ڪمال جو ڪرتب ڪيو. سنڌي شاعر جو اِهو ڪارنامو ڀارت جي اِتهاس ۾ سونن اکرن ۾ لکيو ويندو.

سنڌ، سنڌي ۽ سنڌو:

دلگير جو پنهنجي جنم ڀومي سنڌ سان بيحد پيار هو. سنڌس ڪوتا ۾ گهڻن ئي هنڌ ساڻيهه جي سڪ اوتون ڏيئي پيئي نڪري:

• سنڌ، سنڌي ۽ سنڌو

دلگير جي هر مجموعي ۾ سنڌ، سنڌي ۽ سنڌو آهي. ابنوي قدر جو هو سنڌ جي ڌرتيءَ کي سرڳ، لاڙڪاڻي کي سڀ کان سندر شهر، هر سنڌياڻيءَ کي اپسرا، سنڌو جي جل کي امرت ۽ شاهه جي وائي کي سڀ کان سريشٽ راڳڻي سمجهي ٿو.

”ڪنهن پڇيو سرڳ، تو ڏٺو آهي؟
مون چيو: هائو، مون ڏٺو آهي،
سِنڌ ئي سرڳ آهي، گهٽ ناهي،
ڪنهن پڇيو ڇا ڪبئي تو اَمرت؟
مون چيو: آڻ آب سنڌوءَ جو،
ڪنهن پڇيو، ڪير سونهن جي راڻي؟
مون چيو: جي پڇين تو مونکان تون،
اپسرا آهي هرڪا سنڌياڻي.
ڪنهن پڇيو ، دل جي چاهنا ڇا ٿي؟
مون چيو: منهنجي مرڻ کان پوءِ
وڃي سنڌو ۾ لوڙهجو هاڻي.“[۱]

دلگير پنهنجي سچي جذبي جو اظهار ڪيو آهي ۽ کيس پنهنجي جنم ڀوميءَ لاءِ بيحد پيار هو. دلگير جي خواهش هئي تہ موت بعد سندس هاڏيون سنڌو جل ۾ پروان ڪيون وڃن.

دلگير لڳاتار ۷۵ سال سانده شعر و شاعري ڪندو رهيو. دلگير جي ڪوتا جو ڪئنواس نهايت ئي ڪشادو آهي. هو پنهنجن اُمنگن ۽ احساسن کي سبڪ سلوڻي ۽ سنگيتميہ ٻوليءَ ۾ اظهاري سگهندو هو.

دلگير عوام جو شاعر هو. سندس شاعريءَ جي هند سنڌ ۾ ڌوم هئي. سندس آتم ڪٿا جا ٻئي ڀاڱا بہ پاڪستان ۾ ڇپيا آهن. اڻين چوڻ ۾ ڪو ڏاءُ نہ ٿيندو تہ دلگير ڪاميابيءَ جي عروج تائين پهتو هو. پنهنجي جيئري ايتري ڪاميابي هوندي بہ دلگير جا پير زمين تي رهيا.

---

۲. اڪيلو چنڊ - هري دلگير، ص. ۷۵-۷۶

”ڪالهہ سنڌو جل تي، پر اڄ گنگا جل تي سئر،
هردم گنگا ۽ سنڌوءَ جو، آنءُ گهران ٿو خئر،
سنڌوءَ جو پاڻي سونهري، گنگا نيرو نيرُ،
گنگا جل ۾ سنڌو درشن ، ڪري پيو دلگير.“ [١]

”تو روح ڪنهن جو سِنڌ پڪاري وري - وري،
هيءُ نانءُ نِنڊ مان، تو اُٿاري وري - وري،
لاچار تي لڏيوسين، تڏهن بہ الاجي ڇو !
دلگير سنڌ کي تو سنڀاري وري - وري.“ [٢]

ڪڇ ۾ رهندي، ڪنهن گائڪ جي واتان دلگير شاهہ جو ڪلام تي ٻڌو، تڏهن بہ هن سنڌ کي ويجهو تي سمجهيو.

”ڪڇ ۾ شاهہ جي جيئن ٻڌم تي وائي،
سنڌ مون ڏانهن ڇڻ سِري آئي.“ [٣]

دلگير چنڊ سان ڳالهيون ڪندي بہ ”سنڌ“ کي ياد ڪيو آهي.
هڪ ترائيل ۾ لکي ٿو:

”چنڊ ! آڪاس منجهان سنڌ تہ ڏسندو هوندين،
جنم جي پوُنءَ، جا موُن کان کَسي وِيئي آهي،
منهنجي سنڌوءَ جي بہ لهرُن مٿان لڏندو هوندين،
چنڊَ، آڪاس منجهان سنڌ تہ ڏِسندو هوندين.
منهنجي دل جو بہ تہ آواز تون ٻڌندو هوندين،
مونکي ڏرتي کپي، سان پوُنءَ جا منهنجي آهي،
چنڊ، آڪاس منجهان سنڌ تہ ڏِسندو هوندين،
جنم جي پوُنءَ، جا مون کان کَسي ويئي آهي.“ [١]

---

١. جيءُ جيءُ ڙي جيءُ - هري دلگير، ص. ١٣
٢. جيءُ جيءُ ڙي جيءُ - هري دلگير، ص. ٤٨
٣. گاهہ ڪليا گس گس - هري دلگير، ص.١٦
٤. گاهہ ڪليا گس گس - هري دلگير، ص.١٦

لتا تہ ڇاتيءَ ۾ ڪجهہ مونجهہ محسوس ڪيائون. بروقت ئي ڪيس ڪار ۾ هاسپيٽل وٺي آياسين. (ڳڌرڻ کان ڪلاڪ بہ اڳ ۾) ڪار مان لهڻ کان پوءِ سيني جي مرضي هئي تہ دادا دلگير wheel chair تي ويهي هاسپيٽل ۾ داخل ٿين پر دلگير اِن ڳالهہ لاءِ منع ڪئيءَ ڏاڪڻيون چڙهي هاسپيٽل ۾ داخل ٿيو. آخرين گهڙيءَ تائين پنهنجون ضروري حاجتون ڪنهنجي مدد کان سواءِ پاڻ پوريون ڪري اڇي بستري تي ليٽيا. اڇا اُجرا صاف سٿرا ڏسندي ڏسندي هي اڱم ديس جو پکئيڙو پڇري جو در کليل ڏسي پنهنجي اصولڪي گهر ڏانهن پرواز ڪري هلي ويو. جتان هيل تائين وري ڪير بہ نہ موٽيو آهي.

دلگير اَڄ اسان جي وچ ۾ ڪونهي. پر ساهتيڪار، شاعر، ليکڪ ۽ ڪلاڪار پنهنجين رچنائن ۽ ڪلائن جي ذريعي هميشهہ ماڻهن جي دلين ۾ زنده رهندا آهن ۽ دلگير تہ هڪ شهاڻي شخصيت جو مالڪ هو. جن بہ سندس پيار ۽ محبت ڪي ماڻيو هوندو سي ڪيس ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندا. پوءِ پلي اُهو پيار چند گهڙين لاءِ ئي هجي.

دلگير پاڻ لکي ٿو:

”منهنجو مذهب پيار ڪرڻ آ، پيار ڪريان هرهڪ کي،
منهنجو پيار اجهل، اڻکٽ، خوب پياريان هر هڪ کي،
پيار ئي منهنجو مالڪ خالق، پيار سندي ڏن جاري،
هن هن سان ڇا منهنجو مطلب، منهنجي دنيا نياري.“

◆◆

هري دلگير کي هيٺين اِنعامن سان نوازيو ويو هو:

۱ ۽ ۲ ڪوڏ ۽ هريشچندر جيون ڪوتا تي ۱۹۴۱ ۽ ۱۹۴۲ ۾ سنڌ سرڪار وٽان اِنعام

۳. مرڪزي ساهتيه اڪادمي اِنعام ۱۹۷۹ (پل پل جو پرلاءُ)

۴. NCERT هند سرڪار جو اِنعام ٻال ڪوتائن تي ۱۹۸۴ (مزيدار گيت)

۵. هند سرڪار جو اِنعام ”رولو آواز“ تي ۱۹۸۵

۶. پريه درشني وٽان (رام پنجواڻي) اِنعام ۱۹۹۲

۷. گجرات سنڌي اڪادميءَ جو سريشٽ سنڌي ساهتيڪار سنمان گورو پرسڪار ۱۹۹۲

۸. نارائڻ شيام اوارڊ ۱۹۹۴

۹. اِنڊس اِنڊ فائونڊيشن پارا هڪ لک رپيا اوارڊ - ۱۹۹۴

هن سنسار ۾ ٻه مکيه شڪتيون /طاقتون آهن. هڪ آهي تلوار جي طاقت ۽ ٻي آهي آتما جو ٻل، اِڇا شڪتي. تلوار جي طاقت کان آتما جي طاقت وڌيڪ مضبوط آهي ۽ آخر ۾ اِنسان جي جيون ۾ زور، ڏاڍائي، داداگيري نه پر آتمڪ ٻل ڪتب اچي ٿو. اِها ڳالهه نه فقط اسان، پر جڳ جيتيندڙ سڪندر ۽ نيپولين بوناپارٽ به آخر ۾ محسوس ڪئي هئي. روحاني شڪتيءَ کي اسين ڪڏهن ڪڏهن نه پر هرروز ۽ روزمره جي جيون ۾ آزمائي سگهون ٿا، پر اُن لاءِ پورڻ شرڌا ۽ پورڻ آتم وشواس کپي. جيڪو آتم وشواس will-power اِڇا شڪتي، آتما جو ٻل، دلگير ۾ آخرين گهڙيءَ تائين مؤجود رهيو.

دلگير جي ساهتڪ ذخيري جي وارث شري صاحب ٻجاڻيءَ مونکي (هن مقالي جي ليکڪا کي) هڪ ملاقات جي دؤران ڪن اهڙين ڳالهين کان واقف ڪيو جن جي مونکي پهرين ڄاڻ نه هئي. ٻڌايائين دلگير جي اِڇا شڪتي جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي! دلگير جو will-power زبردست هو ۽ اُهو آخرين گهڙيءَ تائين اٽوٽ رهيو. پڇاڙيءَ جي ڏينهن ۱۱ اپريل ۲۰۰۴ تي اِنڊين انسٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي پروگرام ۾ شريڪ ٿي ٻارن کي انعام ڏيئي جيئن اسٽيج تان هيٺ

دلگير جي شاعريءَ ۾ آشاوادي نظريو

دلگير جي آشاوادي نظريي جي اوکہ ڊوکہ ڪرڻ کان اول اسين اِهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪنداسين تہ دلگير پاڻ پنهنجي آشاوادي نظريعي جي باري ۾ ڇا ٿو چوي. ”پل پل جو پرلاءُ ڪتاب جي شروعات ۾ دلگير هينيان ”بہ اکر“ لکيا آهن: ”مونکي زندگي وٽي ٿي. سيني کي وٽي ٿي. زندگي جو وقت سيني کي گذارڻو آهي، کلندي يا رئندي، اِهو اسان تي ڇڏيل آهي، مان کلي کلي جيئڻ چاهيان ٿو. کلي کلي جيئي رهيو آهيان. کلي کلي جيئڻ منهنجي لاءِ راه بہ آهي تہ منزل بہ آهي. آشاوادي ورثو ”بيوس“ مونکي انڪل پنجيتاليه سال اڳہ ڏنو. جڏهن اجا مان اِسڪول ۾ پڙهندو هوس. مون اُن ورثي کي سيني سان سانديو آهي ۽ سانديندو ايندس.“

دل ۽ دماغ کي مفرع ڪرڻ لاءِ ”پل پل جو پرلاءُ“ مان ڪجھہ عيوضي سٽون هيٺ پيش ڪجن ٿيون.

”ڪوي ! ڪنديءَ تان وينو ماڻين مؤجن سندو لقاءُ،
پر مؤجن جي مؤج سچيءَ لاءِ ڏوکي اندر آءُ.“[1]

”منهنجو من پولار فقط، پر تنهن ۾ روپ اَپار،
من ساگر جي موجن مان ئي اُپريو آ سنسار.“[2]

دلگير کي آشاوادي ورثو ”بيوس“ وٽان حاصل ٿيو. بيوس ۽ ”نياز“ جي سنگ جو رنگ تہ سندس روح تي چڙهيل هو آزانسواءِ شاه، شعلي، ٽئگور،

۱.۲. پل پل جو پرلاءُ - هري دلگير، ص. ۷۲-۷۳

باب ٽيون

هري دلگير جي شاعريءَ ۾ آشاوادي نظريو

ڪوي کي قدرت پاران اِهڙي درشٽي عطا ٿيل هوندي آهي، جنهن سان هو سرشٽيءَ جا راز سمجهي سگهندو آهي. اِنساني من جي ڳُجهن رازن کي پروڙي سگهڻ جي قوت رکندو آهي. شاعر جي سَمويدن شيلتا (حساسپڻو) تيز هوندو آهي.

انگريزي ڊڪشنري موجب شاعري آهي، ”بلند خيالن جو بلند اِظهار ...“

“Elevated expression of Elevated thoughts ...”

سنسڪرت ڪوش مطابق ڪوي آهي، ودوان، سياڻو، ڏاهو، اندرينءَ ٻوجهہ وارو اِنسان. شاعر اَندر پوچواڻيءَ جي لفظن ۾ : رَوي ۽ ڪوي، ٻرڻ ٻنهي لاءِ لازمي. “ سج وانگر پاڻ ٻري ۽ ٻين کي روشني عطا ڪرڻ وارو آهي ڪوي - يعنيٰ ٻرڻ کان سواءِ شاعري ٿي ڪانہ سگهندي.

هري دلگير گونا گون وشين تي لکيو آهي - ٻالپڻ، جواني ۽ ٻڍاپو، دين-ڌرم ۽ اُنهن جي اوٽ ۾ فريب، ٺڳي ۽ پاکنڊ، باغ-بوستان، گل-ٻوٽا ۽ شبنم، بادل، بجلي ۽ برسات، چنڊ- چانڊني، ڌرتي - آڪاس، رات-ڏينهن، اوندهہ - روشني، محل - جهوپڙيون، رڃ، برپٽ-بستي، سمنڊ-نديون، پهاڙ-جهرڻا، اميري-غريبي مطلب تہ زندگيءَ جي هر شيءِ سندس ڏيان ڇڪيو ۽ هن اُنهن تي ڪلڪراني ڪئي.

دلگير جيشاعريءَ ۾ دلگيري ناهي، ها باقي درياڻيءَ جي شاعريءَ ۾ درياهہ جي رواني سا گهٽي آهي. دلگير پنهنجي ننڍپڻ ۾ ٻين وڏن جي چوڻ تي ”دلگير“ ٻٽيو هو تڏهن هن کي اِها ڄاڻ ئي نہ هئي تہ ”دلگيري“ ڪهڙي شيءِ جو نالو آهي ! .... اِن ڪري ئي هو خود پنهنجي ”دلگير“ تخلص مان خوش نہ هو ۽ هن پنهنجي دلگيريءَ سان انيڪ ڀيرا اسهمتي ڏيکاري. هو بنيادي طور هڪ آشاوادي اِنسان آهي. نراشا جو اولڙو نڪو هن جي شاعريءَ ۾ آهي، نہ ئي هن جي ذات تي اهڙو ڪو پاڇو نظر ايندو. اِن بابت هو خود ”لهرن لڪ لباس“ ”بہ ٽي شروعاتي لفظ“ ۾ لکي ٿو:

خليل جبران، والٽ وٽمن کي بہ دلگير خوب پڙهيو آهي. اِن ڏکري سندس ڪوتا ۾ سڪدرسي نظريو ڪوتان ڪوٽ پريل آهي.

هري دلگير هڪ سڪہ درسي آشاوادي ، شفي سوچ ۽ وهنوار وارو، دشمن کي معاف ڪرڻ وارو، عوام جو پيارو ، دلارو هڪ ذهني شخص هو. دلگير عوام ۾ ايترو تہ لوڪ پريہ هو جو ١٩٦٥ع ۾ کيس گانڌيدام ميونسپل جو پريزيڊنٽ بڻايو ويو. هن پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ گانڌيدام آديپور (ڪڇ) کي سهڻو، صاف سٿرو، سائو سرسبز، خوبصورت شهر بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي.

”گاه ڪُليا گُس گِس“ هري دلگير جي ترائيلن جو مجموعو آهي شروعاتي ”بہ ٽي لفظ“ ۾ دلگير لکي ٿو: ”هن ڪتاب ۾ آيل پنجاه سٺ ترائيل مون پنجن -ڇهن ڏينهن ۾ لکي ورتا. پاڻ هن ترائيلن ۾ ڪويءَ جي روزاني زندگيءَ جون (آشاوادي) جهلڪون پسندا. ائين پيو محسوس ڪندو هوس تہ من جي ملير تي مينهن جي ڦڙ ڦڙ ٿي رهي آهي ۽ نوان نوان گاه اُسري رهيا آهن.“

شاه صاحب جي لفظن ۾:

”اُٺا مينهن ملير تي ، گاه ڪُليا گُس گِس.“

سچ پچ تہ هيءَ ترائيل آشاواد جي سنديش سان پرپور آهن.

ترائيل جا مثال پيش آهن:

”تنهنجي محفل ۾ بہ ٽي اڄ گيت ڳائڻ تو گهران،
منهنجا سائين، ڏينم موڪل، ساز آهن منتظر،
جي لکايئہ گيت مونکان ، سي ٻڌائڻ تو گهران،
تنهنجي محفل ۾ بہ ٽي اڄ گيت ڳائڻ تو گُهران،
زندگيءَ کي موَج مستيءَ ۾ نچائڻ تو گُهران،
دل جا ڪُل آواز ۽ پرواز آهن منتظر،
تنهنجي محفل ۾ بہ ٽي اڄ گيت ڳائڻ تو گُهران،
منهنجا سائين، ڏينم موڪل، ساز آهن منتظر.“[1]

---

1. گاه ڪليا گس گس - هري دلگير، ص. 1

''مونکي ڏي اکڙين ۾ آنسو، جن ۾ جڳ مڳ جوت،
اونده منجهه اُجالو آڻيان، ڪري جوت جي اوت.''[1]

''لهرن لڪ لباس'' مجموعي ۾ دلگير پاڻ کي هڪ ''پُر اُميد شاعر'' ڄاڻايو آهي ۽ صحيح ڄاڻايو آهي. مهراڻ ۾ لڪ لباس آهن، پر پاڻي ته سڀ ۾ ساڳيو ئي آهي. دلگير جي شعر ۾ ڌيمو ۽ شانت لهجو ۽ اُن ۾ ڪنهن نديءَ جهڙي رواني آهي.
لکي ٿو:

''ماٺهن ليکي، سيني کي ٿو، ڏاهي ٿاهي ڪال،
پر ڪِن ڪِن ماٺهن ڪان ٿيندو روشن آهه ڪال.''[2]

''مورک موت، نه ڪر تون بڙ بڙ، توکي طاقت ناهه،
جڳ ۾ جيون قائم رهندا، اٽل فيصلو آهه.''[3]

دلگير جو سڪدرسي نظريو کيس امرتا جي آسمان جو سئر ڪرائيندو رهي ٿو. ائين ته هري درياڻي دلگير جو واسطو سڪئي ستابي ڪٽنب سان هو کيس نه صرف ڪاموڪو ماحول مليو بلڪ خود ڪاموري جو ديدبو ماڻيو. اِن پوزيشن ذات ۽ ڏانو سان پريت جا پيچ پائڻ دلگير کي دلگير نه ڪيو. مايوسيءَ کي خود مايوس ڪري زندگيءَ جي آخري سفر تائين ادبي ٻيڙيءَ کي ڪناري لڳايو. دلگير زندگيءَ جا گونا گون رنگ چٽيا آهن. هڪ غزل ۾ لکي ٿو:

''اَڃا اُميد وئي ناهي جڳ مان،
نوان گل باغ ۾ نڪري ڏسين ها.''[4]

''هوا آزاد تولاءِ بيقرار آهه،
پکي! پڃري منجهان اُڏري ڏسين ها.''[5]

---

۱ - لهرن لڪ لباس- هري دلگير، ص. ۱۰ ۽ ۱۱
۲-۳ - لهرن لڪ لباس- هري دلگير، ص. ۱۲
۴- موڃ ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.۸۱
۵- لهرن لڪ لباس- هري دلگير، ص. ۸۱

”مان آشاواد جو جهندو کڻي گهمندڙ شاعر آهيان،
آشا منهنجو اصول، آدرش ۽ سپنو آهي،
اِهو سونهري سپنو مونکي اُپنشدن، شاهه،
ٽيگور، بيوس، شيليءَ، خليل جبران، والٽ - وٽمن،
۽ ٻين ڪيترن مهان ڪوين کان مليو آهي. منهنجين
مڙني پتڪڙين ڪوتائن جي پشپ مالها ۾ گلن جا
رنگ الڳ الڳ آهن. پر اُهي سڀ آشاجي ڌاڳي ۾
پوئتل آهن. مهراڻ ۾ لهرن جا لک لباس آهن،
پر پاڻي سڀن ۾ ساڳيو ئي آهي.“

”لهرن لک لباس، پاڻي پسڻ هيڪڙو.“ (شاهه)

اهڙيءَ طرح ”دلگير“ جي ”ڪوتائن جي پشپ مالها“ ۾ گلن جا سوين رنگ آهن، جن ۾ هڪڙو رنگ ”آس“ جو آهي. سندس آسوند هجڻ جو احساس اسان کي سندس پوري شاعريءَ ۾ ڳوهيل-سوهيل ملندو.

دلگير زندگيءَ جي ڏکين پلن ۾ به آس جو پلئه هٿان ڪونه ڇڏيو! جڏهن سنڌ جيڪا سندس جند هئي، اُتان هڪ هڪ ڪري هن جا ساٿي کيس ڇڏي ويا ۽ کيس آٿت ڏيڻ وارو ڪوبه ڪونه هو، تڏهن هن پنهنجو پاڻ کي پاڻ ئي آٿت ڏنو.

”تو ڇو دلڙي لاٿي ساٿي !
تو ڇو دلڙي لاٿي !“

”لهرن لک لباس“ جي للت پدن (ٻن سٽن ۾ الڳ الڳ خيال) مان سندس آشاوادي نظريو چٽيءَ طرح اُڀري بيٺو آهي.

ڪجهه مثال للت پد جا هيٺ پيش ڪجن ٿا:

”منهنجي ڪوتا سيتل سَرُ آ، ڇُپ ڇُپ ٽبي لڳاءِ،
تن پي سيتل، من پي سيتل، پڙ پڙ آگ بجهاءِ.“[1]

---

1 - لهرن لک لباس- هري دلگير، ص. ١٠ ۽ ١١

”آيو وري بهار،
ڪر موڙي جاڳي اُٿيو،
منهنجي دل جو پيار.“[1]

هن عظيم شاعر آڏو جيون کي هڪ نئين جوت بخشڻ؛ هن ڪلجڳ جي اوشواسي، اِنسان کي هڪ نئون وشواس عطا ڪرڻ ۽ هن دکي سنسار کي ”سک - سنسار“ ۾ بدلائڻ، دلگير جي شاعريءَ جو آدرش آهي. پوءِ اُهي سپنا سنڌوءَ جي ڪناري تي ويهي لهجن يا ڪڇ جي رڻ پٽ ۾..... ! ڪٿي بہ ويهي هو پنهنجن سپنن کي ساڀيا بخشي سگهيو آهي. هن سرشٽيءَ ۾ جي اِنسان آهي تہ پوءِ گلزار نوان ٿي پوندا.

”آهيون برپٽن ۾ تہ گلزار نوان ٿي پوندا،
چيٽ جا ڇهڇٽا ڇوڏار نوان ٿي پوندا،
جتي ويندا سين اُتي يار نوان ٿي پوندا،
پريت جا پيچ نوان پيار نوان ٿي پوندا،
وقت جي حور رٺل آهي تہ پرچي پوندي،
ناز انداز سان اقرار نوان نوان ٿي پوندا،
ذري ذري مان نوان نوُر جا چشما ڦٽندا،
چشم روشن آ تہ اِسرار نوان ٿي پوندا.“[2]

دلگير صاحب سڪہ درسي شاعر جي حيثيت ۾ ڇاتو ۽ سڃاتو وڃي ٿو. واقعي شاعر جي آسروَنديءَ جي اِنتها آهي. برپٽن ۾ نوان گلزار ٻڻائڻ جو يقين، چيٽ جا ڇهڇٽا، پريت جا پيچ، نوان پيار، نوان يار ۽ نوان اقرار - هر شيءَ نئين ٿي پوندي- نوُر جا نوان چشما ڦٽندا؛ بس رڳو ”چشم روشن“ کپي ”اِسرار “ نوان ٿي پوندا ۽ هن پنهنجي روشن چشم سان اُهي سڀ ”نوان اِسرار“ نہ رڳو ڏٺا، پر ڏيکاريا بہ. دلگير جي شاعريءَ ۾ موجود اُن ’يقين“ جي اصل ۾ هر سنڌي کي ضرورت آهي.

---

١ - لهرن لڪہ لباس- هري دلگير، ص. ٦٧

٢- مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.٧٠

”تفاوت رنج راحت ۾ نہ آهي،
پرائي درد ۾ پڇري ڏسين ها.“[1]

هڪ سني شاعر سان گڏ هوُ هڪ بُردبار ۽ بهادر شخص بہ هو. جو ڪيس ”اڪيلو ڪاهڻ ۽ سويلو ڪاهڻ“ تي آياري ٿو. دلگير ۾ ڪندن ڪي پيرن هينيان لتاڙي هلڻ جي همٿ هئي. هن ۾ راه روڪيندڙ پربتن ڪي چيڙي ڦاڙي هلڻ جي همٿ هئي. چوي ٿو:

”ڪندا جي رستي ۾ ايندا، پيرن هينيان لتاڙي هل،
پربت جي روڪين ٿا راهي، تن ڪي چيري ڦاڙي هل،
ڌرتيءَ ڪي گلزار ڪري ڇڏ،
خوشبوءِ سان گڏ سنسار پري ڇڏ !“[2]

ائين دلگير شاه جو شيدائي سسئي واري پر پاري ٿو ۽ لطيف سائينءَ جي پيروي ڪري ٿو:

”ڪندا جي پيرن توڙي لڪ لڳن،
آگر آگوني نہ مِڙي، چپون پير چنن،
ويندي ڏانهن پرينُ، جُتي جات نہ پائيان.“[3]

دلگير صاحب ڪي نہ صرف گيت رچڻا آهن، پر اهڙا گيت رچڻا آهن جيڪي زندگيءَ جي راهن تي نورُ ڦهلائين، زندگي سدائين مهربان نہ هوندي آهي پر شاعر دلگير جون نگاهون هميشه بهار جي تلاش ۾ آهن.

”آيو وري بسنت،
ڇا قدرت جي ڪامڻي،
سندر جو پنونت.“[4]

---

١ - لهرن لڪ لباس- هري دلگير، ص. ٨١
٢.٣- صبح جو سهاڳ - هري دلگير، ص.٣٦
٤- صبح جو سهاڳ - هري دلگير، ص.٣٦

سرڪار کي ديش مان ڌڪي ڪڍڻ جا - ڪيترن صاحب - زمان شخص سپنا اڳ آهن ۽ ساڪار ٿيندا ڏٺا اٿئون. دلگير ويدن ۽ اُپنشدن جو اڀياسي آهي ۽ هن اُپنشدن جو سکدرسي نظريو جيءَ ۾ جذب ڪري ڇڏيو. خود موت به هن لاءِ ملائڪ آهي. سخت محنت ڪرڻ کان پوءِ آرام جي ضرورت ٿيندي آهي. زندگيءَ جي هل - هلان ۽ رساڪشيءَ کان پوءِ موت جي آرام جي گهرج محسوس ڪجي ٿي. آرام کان پوءِ نئون ڏينهن شروع ٿئي ٿو. هر موت کان پوءِ نئون جنم ملي ٿو ۽ نو-جيون جو نئون سفر شروع ٿئي ٿو. انت نه آهي ئي ڪونه.

يسوع مسيح (Christ) چيو ته سُئيءَ جي ناڪڙي مان اُٺ جو نڪرڻ ايڏو مشڪل ناهي جيڏو مشڪل ڪنهن ڌنوان لاءِ سرڳ ۾ پهچڻ آهي. يار جي اکين ۾ آستان کپي ته پاڻ کي پيسائي سنهو سرمو بڻجڻو پوندو. دلگير پنهنجي اُپائيندڙ سان مخاطب ٿي هئن ٿو لکي:

”روز ڏئين ٿو مونکي پيارا هيڏو سارو پيار،
مون کان وٺ هيءَ ڪوتا - ڪنجي، کول سرڳ جو دوار.“[1]

دلگير ڏن جي پربت ڪٽڻ جي بدران، ڪويتا جي هيري جي ڪٽي ڪٽي وڃڻ پسند ڪري ٿو:

”سونهن به مون لاءِ، پيار به مون لاءِ، مان ملي هر جاءِ،
سائين هي سڀ آءٌ ڪندس ڇا؟ جڳ ۾ ونڊ ورهاءِ.“[2]

”سونهن به مون لاءِ، پيار به مون لاءِ، مان ملي هر جاءِ،
سائين سان نه به آهه شڪايت، سرس سکن جي لاءِ.“[3]

”سرڳ به آهي لالچ، جنهن لاءِ عام جپن ٿا نام،
جي نه هجي ها سرڳ، نه ٿئي ها پڪتي پي نشڪام.“[4]

۱-لهرن لڪ لباس - هري دلگير، ص. ۱۰

۳.۲ - لهرن لک لباس - هري دلگير، ص.۲٦

۴ - لهرن لک لباس - هري دلگير، ص.۳۲

ڪيترو نه آتت ڏيندڙ آهي هيءَ ڪوتا. زندگيءَ جو قافلو هميشه روان دوان رهي ٿو اُهو ڪٿي به ڪڏهن به بيهڻ وارو ناهي. سچ پچ دلگير ڪڇ جي رڻ پٽ ۾ اچي خوب محفلون مچايون. سندس يار دوست به اڪيچار هئا. هو جتي وڃي ادبي محفلن جو مور بڻجي پوي سندس مؤجودگيءَ سان مشاعرا توڙي ٻيا جشن ۽ جلسا نؤجيون جي جوت سان جلويدار ٿي پوندا هئا.

هڪ دلگير ۾ ٽي اِنسان آهن. هڪ شاعر آهي، ٻيو انجنيئر آهي ۽ ٽيون ڪاروباري. اِهي ٽي زندگيءَ جي ڪيتر جي ٽن ڪنڊن وارا ماڻهو آهن پر دلگير ٽيئي ڪنڊون ملائي هڪ ٽرائنگل بڻجي ٽيئي ليڪون ڳنڍي ڇڏيون آهن.

دلگير وٽ آس به آهي، اُميد به آهي ۽ سونو سپنن جو سنسار به آهي ۽ سپنا ساڪار ٿي سگهن ٿا ۽ ٿيندا آهن. اهڙو سندس وشواس آهي. ڪومايل دلين کي ڏڍ ڏيندي شاعر چوي ٿو:

”سپنو جڳ آڌار اٿيئي - سپنو امرت ڌار اٿيئي،
سپنو سرڳ دئار اٿيئي - سپنو سک جو سار اٿيئي،
ٿي دلگير دنيا کان ڌار، سونو سپنن جو سنسار.“[1]

دلگير جي ڪوتا ۾ اُهو جادو آهي جو زمان ۽ مکان جا پولا پرم پنهنجو پاڻ ختم ٿي وڃن ٿا. پر هيءَ فراريت (escapism) نه آهي. هن حال جي حقيقتن تي چشم پوشي نه ڪئي آهي. هن زندگيءَ جي حقيقتن کان ڪنارو نه ڪيو آهي. حال جي حقيقتن، ماضيءَ جي رسمن ۽ روايتن، بدلجندڙ اخلاقي مُلهن جي واقفيت رکندي ۽ وابستگي رکندي به ڪو جيئڻ جو پيغام ڏئي ٿو ۽ مستقبل جي آس کي پرڦلت رکي ٿو ته اُهو شاعر به آهي، مفڪر ۽ فيلسوف به آهي ته حڪيم به آهي.

لينن سپنا لڌا هئا زار جي آزار کان آجي ٿيڻ جا - گانڌيجيءَ سپنا لڌا هئا غلاميءَ جي زنجيرن ٽوڙڻ جا - دڪايل سپنا لڌا هئا ڌاريءَ

---

١ - ڪوڏ - هري دلگير، ص.٣٢

زندگيءَ ۾ سندس نظريو هميشه اَهڙو پئي رهيو، جهڙو هڪ اُردو شاعر جو فرمودو آهي:

”اَب تو آرام سي گذرتي هئہ - عاقبت کي خبر خدا جاني.“

خود دلگير بہ اِها ساک پنهنجي هيٺين رباعي ۾ ڀري آهي:

”فرحت سان جهان ۾ جيئڻ سک اي دل،
بي فکر ٿي کائڻ ۽ پيئڻ سک اي دل،
مرندين تون اوس- توڙي کلين يا روئين،
هي چار گهڙيون مست ٿيڻ سک اي دل.“[1]

”دلگير“ جي مٿين خيالن ۾ ايران جي مشهور شاعر خيام جي رباعين جي هوبهو نقش قدمي ٿيل آهي. اِهي رباعيون (Edward Fitzgerald) پنهنجي مشهور ڪتاب ”RUBAIYAT OF UMAR KHAYYAM“ ۾ لڳ ڀڳ هن ريت پيش ڪيون آهن:

"Dreaming when Dawn's Left Hand was in the Sky
I heard a voice within the Tavern Cry,
Awake, my little ones, and fill the Cup
Before life's Liquor in its Cup be dry." [2]

"Ah! my Beloved, fill the Cup that clears
To-day of past Regrets and future Fears –
To-morrow? Why, To-morrow I may be,
Myself with yesterday's sev'n Thousand Years." [3]

---

١. پل پل جو پرلاءُ - هري دلگير، ص.٧٠

2. Rubaiyat of Umar Khayyam - Edward fitzgerald, page-4 (jaico Publication)

3. Rubaiyat of Umar Khayyam - Edward fitzgerald, page-40 (jaico Publication)

شاهه لطيف به لکيو آهي:

”نا اُميدي نيچ ته اوڏو ٿئين اُميد کي.“ (شاهه)

دلگير جي دوستي نا اُميديءَ سان ته بلڪل ناهي، پر هن جي زندگيءَ جو نظريو اِهو آهي ته اِنسان اجايون اُميدون ترڪ ڪندو ته ڪڏهن به نراس نه ٿيندو.

”خدا مون کان پڇيو هڪ ڏينهن تنهنجي آرزو ڇا هي،
ڇيم مونکي اُها دل ڏي نه جنهن ۾ آرزو آهي.“[1]

دلگير زندگيءَ جي نه فقط شفي ۽ نفي پهلوءَ کي جاچيو، پر جتي ضروري سمجهيو اٿس، اُتي اُن جي ساراهه ۽ اوگهڙ ڪئي اٿس. دک کي ڇهڻي پوڻ، رودن-روچ - راڙي جي عادت هن ۾ ڪونهي. سندس شعر ۾ هرهنڌ نراشا کي تڙي، آشا جو دامن پڪڙڻ جي صلاح آهي.

”جيون جو جس آهه اِنهيءَ ۾ جيءُ جيءُ ڙي جيءُ
پريم ڪٽوري جا به ملي ٿي، پيءُ پيءُ ڙي پيءُ.
جيون جي جنبش جي گرمي، طاقت تن من لاءِ،
سست سوَر جي هينيان هردم، سيءُ سيءُ ڙي سيءُ.
جيون جو ڇو ڇيد ڪرين ٿو، جيون سمجهڻ لاءِ ؟
جيون کي ماڻڻ جو پل آ، هيءُ هيءُ ڙي هيءُ.
هيسايل هيٺي لاءِ ناهي، دنيا هيءَ دلگير،
اڳتي وڌ ۽ سڀ کان اڳرو ٿيءُ ٿيءُ ڙي ٿيءُ.“[2]

”سپني ۽ ساپيا جي، ٿئي جي، هڪ ٻئي سان ڪيڪار،
ڪوتا راڻي، پوءِ ڪنديئن تون، ڪهڙا هار سينگار؟
ننڊ ڪندي جي خواب ڏسين ٿو، سي سڀ ڪوڙا خواب،
پر ساهس سان ساپيا ٿيندا جاڳرتا جا خواب.“[3]

---

۱. صبح جو سهاڳ - هري دلگير، ص.۱۰۹

۲- اَڪيلو چنڊ - هري دلگير، ص.۱۲

۳. لهرن لڪ لباس- هري دلگير، ص.۳۰

دلگير پنهنجي زندگيءَ ۾ انتظام کي خاص مهتو ڏنو. سندس زندگي هڪ ڪرم يوگيءَ جهڙي هئي ۽ شفي سوچ ۽ وهنوار کي پنهنجي زندگيءَ ۾ خاص جڳهه ڏني. تڏهن تہ چوي ٿو:

”آياسين ہہ ٽي ڏينهن، مگر عيش ڪياسين،
تارن تي قدم، چنڊ بہ جهوليءَ ۾ وڌاسين،
دريا کان نہ صحرا کان نہ ڏونگر کان ڏڪياسين،
منزل ڏي مگر ڳائيندا اڳتي ئي وڌياسين،
دلگير خطائن کان کو اِنسان نہ آجو،
پل پاڻ ڪري، پاڻ مٿان کلياسين.“[1]

هر اِنسان جي زندگيءَ ۾ سکہ ۽ دکہ، خوشي ۽ غمي ٿيئي ٿيندا آهن، دلگير وٽ بہ خوشيءَ سان گڏ غمي بہ هئي. پر دلگير اُنهن دکن ۽ غمن کي بہ خوبصورت بڻائي ڇڏيو. تڏهن تہ لکي ٿو:

”خوبصورت مون ڪيو پنهنجي غمن کي ايڏو،
خود خوشي تِن تان نثار آهہ، جتي مان آهيان،
مون دٻي لڙڪ، مني مرڪ ڏني دنيا کي،
زندگي شڪر گذار آهہ جتي مان آهيان.“[2]

”مان مسيح آهيان، مان مڙدن کي جيئائي ٿو ڇڏيان،
ڦوڪ سان درد فرار آهہ، جتي مان آهيان،
مثل ميءَ پي ٿو ڇڏيان درد پرائو ’دلگير‘،
نہ شڪايت نہ پڪار آهہ جتي مان آهيان.“[3]

”پونئرو“ دلگير جي هڪ علامتي ڪوتا آهي جنهن ۾ خود ڪوي پونئرو آهي. پنهنجي سپرش جي جادوءَ سان هو مکڙين کي گل بڻائي ٿو ڇڏي. پونئرو گلن جو رس تہ پيئي ٿو پر گلاب وٽ بيٺل پهريدار ڪنڊن کان

ا- رولو آواز - هري دلگير، ص.١٢

٢-٣- مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.٧٥ ۽ ٧٦

دلگير مٿين خيالن جي ترجماني پنهنجي هينيئن شعر ۾ ڪئي آهي:

''زندگي جشن بهار آهه جتي مان آهيان،
گيت، گل، خوب خمار آهه-جتي مان آهيان،
جا بجا ٽهلي پئي رنگبرنگي اُميد،
ڇڻ تہ ڪا مينا بزار آهه، جتي مان آهيان.''[١]

دلگير اِئين بہ چوي ٿو:

زندگيءَ ڪي اونداهو پاسو تہ آهي پر مان روشني وارو پاسو ڏسڻ وڌيڪ پسند ڪندو آهيان.

تڏهن ئي تہ آشاوادي ڪوي لکي ٿو:

''مان سپنن جو رهواسي،
مان ئي سپنا ٺاهيان ٿو،
مان سندرتا جو پياسي،
پنهنجي پياس نہ لاهيان ٿو،
مان گيتن جو ڳائيندڙ،
منڙا ساز وڄائيندڙ،
ڏرتي عرش اُڏايان آنءُ،
شاعر آهي منهنجو نانءُ.''[٢]

آشاوادي شاعر اِنسان کي چتائيندي پڇي ٿو ڏس ڪٿي تنهنجي ڪا ڀُل تہ ناهي؟ تون ڇو اُداس آهين؟ چوي ٿو:

''سچ بہ اُيريو ۽ ٽڙيون پڻ مکڙيون،
تنهنجي سِر تي ڇو غمن جون ڳنڙيون،
اِندلٺ ڪانہ ڏٺي تو شايد،
ڇو تہ آليون هيون تنهنجون اَکڙيون.''[٣]

١- مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.٧٥
٢- ماڪ ڦڙا - هري دلگير، ص.١
٣- جيءُ جيءُ ڙي جيءُ - هري دلگير، ص.٥٣

برابر آهي هونئن بہ هن قيمتي نظريئي جو تعلق ڌن دؤلت يا آسودگي سان خير ڪو آهي ۽ هونئن بہ ''سکہ ۽ دکہ دونو ڀائي'' خوشي سان غم ڳنڍيو ئي پيو آهي ٻئي جڻ هڪ سڪي جا ٻہ پاسا آهن. لکي ٿو.

''لهر اچي ٿي لهر وڃي ٿي، لهرن جو نہ شمار،
جيون ۽ مرتيو جون لهرون، ساگر ڇوليمار،
دک-رت، سک-رت، هڪ ٻئي پويان، سندر اکٽ قطار،
گل مرجهائن، گل مسڪائن، روم جهوم گلزار،
''ڪاريون ڪاريون گهور گهٽائون، وڄڙن جا وسڪار،
سورج چنڊ ڪتيون ۽ تارا، جن جو انت نہ پار،
مان سنسار اندر ۽ ٻاهر، مون مان ئي سنسار،
مان ساڪي ''دلگير'' مڙن جو، موج مزو ڇوڌار.''[1]

اِهو ئي نظريو هڪ بهادر اِنسان جو آهي، گيتا ۽ اُپنشد بہ اِها ئي سکيا ڏين ٿا. دکہ ڪان پوءِ جيڪو سکہ ملي ٿو، اُن جو مزو ئي ڪجهہ اوَر آهي. اِنڪري دلگير غم کي خوشي آڏيندڙ پيغيمبر سمجهي ٿو ۽ هر حال سان نباهيندو هلي ٿو.

''دک درد رکون دل ۾، خوشي عام ورهايون،
هيءَ سرڳ ٻري نرڳ جي نگري نہ ڪنداسين،
جي نہ ٿي سگهون سج، تہ ٻٽون چنڊ يا تارا،
پر نور مگر عرش جي اقليم ڪنداسين.''[2]

جيئن هڪ هندي شاعر بہ چيو آهي:

‘‘मैं जिंदगी का साथ निभाता चला गया,
हर फिक्र को धुएँ में उड़ाता चला गया,
ग़म और खुशी में फर्क न महसूस हो जहाँ,
मैं दिल को उस मुकाम पे लाता चला गया।।’’

١- آڪيلو چنڊ - هري دلگير، ص.٥٦
٢- وڻ وڻ ۾ وايون - هري دلگير، ص.١٧٠

پنهنجو دامن بچائيندو رهي ٿو ۽ اِهوئي آهي دلگير جي زندگيءَ جي فلاسافيءَ جو تت.

”جڳ ۾ منهنجو سک سوڀيا جي گلشن سان ئي مطلب،
ڪنڊن کان مان پاڻ بچايان، ڦولن سان ئي مطلب،
سک سندرتا، آنند آشا،
منهنجو جيون سارو، مان پونئرو ڪارو ڪارو.“[١]

”منهنجي سپرش ۾ آ جادو، مکڙي ڦول بڻايان،
ڦولن جي رس رنگينيءَ جي، هاڪ وڃي ڦهلايان،
منهنجي جيون کان هر گلشن،
هاڪارو سونهارو، مان پونئرو ڪارو ڪارو.“[٢]

پر سدائين رس پيئڻ جي لالسا هن پونئري ۾ ناهي، انت سمي هو پورن پرسنتا سان پنهنجو جيون ڪال جي قدمن ۾ ارپي ٿو ڇڏي.

”سنجها ويلي سمجهي پرجهي، بند ڪمل ۾ گهاريان،
سندرتا، رس تان صدقي ٿي، پاڻ پريم ۾ واريان،
پرسن ٿي مان جيون ارپيان،
ٿيان پريمي سوڀارو، مان پونئرو ڪارو ڪارو.“[٣]

”سدا هجن هوت حيات“ ڪتاب ۾ پدم شري پروفيسر رام پنجواڻي پنهنجي خيالي ملاقات جي دؤران دلگير سان گفتگو ڪندي لکي ٿو:

رام: نندي هوندي کان توهانجي زندگي آسودگيءَ ۾ گذري آهي، اِهو ڪارڻ ته نه آهي ته توهان پاڻ کي آشاوادي شاعر سمجهو ٿا؟

هري: مان برابر هڪ سک درسي ڪوي آهيان ۽ اِهو ورثو مونکي سائين بيوس ۽ گرديو ٽئگور وٽان ئي مليو آهي. منهنجي شخصي زندگيءَ جي آسودگيءَ سان اُن جو خير ڪو تعلق آهي.

١.ماڪ ڦڙا - هري دلگير، ص.٨١
٢- ماڪ ڦڙا - هري دلگير، ص.٨١
٣- ماڪ ڦڙا - هري دلگير، ص.٨٣

دلگير پڻ ساڳي ڳالهه گهڻو ئي اڳ هيئن چئي هئي؛

”جن جي دل ۾ درد، اُنهن جي درد تان قربان،
جن وٽ سڀ جا سوُر، اُنهن جي سوُرن تان قربان،
ڪنڊن ۾ ٿيا پاڻ سدائي، ڏيندا تڏهن بہ سرهاڻ سدائي،
جن ڪنڊن سان قرب ڪيو، تن گلڙن تان قربان،
پاڻ اُسن ۾ سڙندا آهن، ڇانوَ ٿڌي تہ بہ ڏيندا آهن،
ڇا نہ وڻن جا وڙ، مان تن جي پن پن تان قربان،
نيڻ پرائي دک کان ڇلڪيا، تن مان ٿورا آنسون ٽپڪيا،
جي هيرن جو هار بڻيا، تن لڙڪن تان قربان،
مڙني لء کولن مڌ شالا، پاڻ پيئڻ اکڙين جا پيالا،
مستيء جيْ مست سدا، تن مستن تان قربان.“[1]

ڊاڪٽر ارجن ”شاد“ لکي ٿو:

دلگير جي فن جي علحدگين کان سواءِ سندس زندگيء جي علحدگيء مان پڻ هن جي انفراديت جو ثبوت ملي ٿو. اِهو نظريو آهي زندگيء سان محبت جو نظريو. دلگير ڪي اونده سان عشق ناهي، هو روشني جو قائل. ان نظر ئي ڪي هو سک درسي يا آشاوادي نظرئي جو نالو ٿو ڏئي. سندس سک درسي نظرئيَ جي خصوصيت اِها آهي تہ هو پنهنجي آزمودي جون ئي جهلڪون پيش ڪري ٿو ۽ اُن ڪي ڪنهن واد يا فلسفي جي رنگ ۾ نہ رڱيو آهي.

جيڪڏهن زندگيء جي تلخ حقيقتن جو درد يوڳڻ سچو آهي تہ اُن جي جيئڻ جو لطف ماڻڻ بہ حقيقت آهي. دلگيرِ جي شاعريء ۾ اِنسان جي جيئڻ ۽ ماڻڻ واري درشٽي وڏيڪ وضاحت سان پيش ڪيل آهي.

”تون مڃين يا نہ مڃين، سچ تہ اُيرڻو ئي آهہ،
دل ڪي ڪيڏانهن بہ نئين، رات گذر ٿي ويندي.“[2]

١- مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.٤٥
٢- رولو آواز - هري دلگير، ص.٣٥

هري دلگير جيترو سهڄ، سرل، اندران - ٻاهران هڪ جهڙو هو، اوترو ئي نيم موجب هلڻ، قانون جي پيچڪڙي نه ڪرڻ، انوشاسن سان رهڻ سندس سڀاو جو حصو هو. سندن سوچ سڪاراتمڪ هو. اِهو ئي سبب آهي جو سندس ڪويتا ۾ آشاواد جي جهلڪ بخوبي بکي ٿي. زندگي جو مزو صرف پيارڻ ۽ پيئڻ ۾ ماڻڻ وارو آشاوادي ڪوي لکي ٿو.

”زندگي صرف پيارڻ ۽ پيئڻ ۾ آهي،
ويهي يارن سان وتڻ ۽ ڏيڻ ۾ آهي.
تو مونکي جڳهه ڏني ۽ مون سري توکي ڏني،
ٺهڪي ڦهڪي جي هلون، لطف جيئڻ ۾ آهي،
پيار جي موت گهرڻ، پيار ناهي دلگير
سو ناهي مزو وٺڻ ۾ جو ڏيڻ ۾ آهي.“[1]

ٻيوس هڪ هنڌ چيو آهي:

”ڪر دنيا ۾ دل وڏيري تون به رهه مان پيي رهان،
آڻ منِ ورتيءَ ۾ ڦيرو تون به رهه مان پيي رهان.“[2]

دلگير ٻيوس کي پنهنجو ڪوتا گرو ڪري مڃيو آهي. سندس شاعري کان متاثر ٿي ”دلگير“پنهنجي شاعريءَ ۾ موضوعن جي نواڻ ڪٽي آيو. ”وسُديو ڪٽمبڪم“ اِهو ڀارتيه سنسڪرتيءَ جو مکيه انگ آهي. جنهن ڪري ڀارتواسي سنسار کي به ڪٽنب سمجهي رهڻ چاهين ٿا. سندس شعر آشاواد تي ٻڌل ۽ عالمگير برادريءَ جي ٻنيرائيءَ ۾ چيل آهن هڪ هنڌ هندي شاعر به چيو آهي:

“किसीकी मुस्कराहटों पे हो निसार,
किसी का दर्द हो सके तो ले उठा,
किसी के वास्ते हो तेरे दिल में प्यार
जीना इसी का नाम है।”

١- رولو آواز - هري دلگير، ص.١۴.

٢- ٻيوس گيتانجلي - ٻيوس، ص.٧١

”ڇا هيءَ ڳالهہ خوشيءَ جي ناهي، آهہ بهار چمن ۾ آيو؟
اُجڙيل آکيري کي ساري، دل کي هاڻ نہ ڦٿبو سائين!“[١]

”پنهنجي دل جي در کي دلبر! مون لاءِ بند ڪندين ڇا ٿيندو
هڪڙو دروازو جي لٿبو، ٻيو دروازو پٽبو سائين!“[٢]

دلگير چنڊ تارن ۽ ڪڙڪبيتن جي سهاري ذريعي نراشا کان ڪنارو ڪرڻ جي صلاح ڏئي ٿو ۽ اِنسان کي آشا جو دامن پڪڙڻ لاءِ آمده ڪري ٿو.

” سڀي هر ڏينهن کان پوءِ، رات جو آهي انڌارو پر
اُنهيءَ ۾ ڪڙڪبيتا چنڊ تارا ٻيي مليا آهن.“[٣]

هڪ شاعر پنهنجي هڪ سرائڪي ڪلام ۾ هيئن چيو آهي.

”مئن ڏيوان، ڪوئي پيوي پيالا، عشق دا پر پر پر.“

اِن سائي نوع ۾ دلگير صاحب پنهنجو ڪتاب جيءُ جيءُ ڙي جيءُ لکيو.
سندس ئي اکرن ۾ دلگير لکي ٿو:
آشاوادي نظريو زندگي جي تلخ حقيقتن کان ڀاڄ (فراريت) يا ڪمزوري جو ڪرتب ناهي، پر مشڪلاتن کي مرڪندي منهن ڏيڻ جي ڪلا آهي.
دلگير چوي ٿو: آشاوادي نظريو سوروپرن جي سامرٿي آهي. منهنجي شاعري اڻڪل مني صديءَ جي جدا جدا دؤرن تي پکڙيل آهي. پر مان شاعري ڪندي اڃا ٿڪو ناهيان. مزي ۽ مستيءَ سان خوب لکان وينو ۽ آنند جي ساگر ۾ وينو ٽٻيون لڳايان.“
”جيءُ جيءُ ڙي جيءُ“ شاعري جي مجموعي ۾ دلگير وڌيڪ لکي ٿو.
شاعر هڪ فوٽوگرافر آهي، هڪ آئينو آهي، جيڪي بہ هو ڏسي ٿو، سو سنسار کي ڏيکاري ٿو تہ هيءَ آهي توهان جي بدصورتي يا خوبصورتي.
البت شاعر کي پنهنجي اظهار لاءِ ڏاتار جي ذات عطا ٿيل آهي. سندس داخلي دنيا يعنيٰ دل ۾ فڪر ۽ جذبات جا طوفان اُٿندا رهندا آهن. هن

١-٢- مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.٦٨
٣- رولو آواز - هري دلگير، ص.٦٨.

”ڪانچي پاڻهي ويندو، اِهو اوندهہ جو پهاڙ،
ويهي سمجهاءِ هِنيئن، رات گذر ٿي ويندي.“[١]

”وقت ڏيري ٿو چري ليڪن چري ٿو پيارا،
چو ٿو دلگير ٿئين، رات گذر ٿي ويندي.“[٢]

يعنيٰ دل جي سوچ ۽ ويچار هميشهہ تحرڪ ۾ آهن، جن ۾ غم، خوشي، غصو، ناراضپو، طنز جو پنهنجو پنهنجو انداز هوندو آهي. پر هر حالت ۾ هن کي ياد آهي تہ جسم فاني آهي ۽ روح لافاني آهي ڪشمڪش ۾ ئي سچي زندگي آهي.

”ٿي دير آ گهڻي، مگر تمام دير ناهہ،
ٻڌاءِ بخت سر بسر، ٿيو جو سو ٿيو.“[٣]

”هنئر بہ سج ۽ چنڊ ۾ چمڪ اڳوڻي آ،
انڌارو ناهہ سر بسر، ٿيو جو سو ٿيو.“[٤]

”اُميد جو ڏيو اجا اُجهامي ڪونہ ويو،
هنئر بہ تنهن ۾ تيل پِر، ٿيو جو سو ٿيو.“[٥]

دلگير ڪارين ٻاٽ اَنڌارين راهن کي آشا جي جوت سان جهمڳايو ۽ دنيا ڏنو تہ هن رڳو پنهنجي لاءِ نہ، پر سڀني لاءِ آشا جو اُجالو پکيڙيو ۽ پنهنجي عمل جي جوت سان جڳہ کي جرڪايو ۽ پنهنجين سڻن جو سهائو پکيڙيو. هيٺين شعرن ذريعي دلگير اِن ڳالهہ کي چٽي طرح واضع ڪيو آهي:

”ڪاري ڪاري ٻاٽ چٽن ڳهڙين جي واسطي،
نيٺ تہ چٽيندي چاٽ پورب مان پرڪاش جي.“[٦]

١-٢-٣- رولو آواز - هري دلگير، ص.٣٥
٤-٥- رولو آواز - هري دلگير، ص.٣٤
٦- مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.١٨

شاعر ايم. ڪمل صاحب اڳتي لکي ٿو:

”دلگير صاحب آشاوادي شاعر آهي. نراسائي نُڪتي کي ٻي آشا جي پوش ۾ پيش ڪري ٿو. هن رايي کي، مٿي ڏيڻ خاطر، صرف هن جو هڪ شعر پيش ڪندس، جو منهنجي ناقص فهم موجب، نه صرف هن جي انفرادي سوچ جي آئينيداري ڪري ٿو، پر سڄي قوم جو فڪري رويو پڻ نمودار ڪري ٿو:

”سنڌو جي ڪنني تي من ۾ گنگا لاءِ هئي پياس،
هاڻي سنڌو درشن لاءِ، گنگا تان ارداس.“[۱]

آشاوادي ۽ صوفي طبعيت دادا دلگير جو ايشور ۾ پڪو اعتقاد آهي ته پريو اڄ نه سڀاڻي ضرور درشن ڏيندو. پرماتما ۾ اٽل ۽ اٽوٽ وشواس دلگير جي دل ۽ دماغ جي خوراڪ آهي. دلگير هڪ غزل ۾ لکي ٿو:

”دل متان لاهين هلي هڪوار ليلائي ته ڏس،
هو سڄڻ آهي سخي پر پاند ڦهلائي ته ڏس.“[۲]

”هو ته تنهنجو سڏ سڻڻ واسطي وينو سڪي،
سڪ منجهان سڏڙو ڪري، هڪوار ٻاڏائي ته ڏس.“[۳]

”پيڪڙيل آهه، ناهي بند در دلدار جو،
قرب مان تنهنجو ڪڙو هڪوار کڙڪائي ته ڏس.“[۴]

”ڇڏ ڪنڊيون هن ڪاڪ جون، ويهي وٺيندئين ڪين تون،
راهه ۾ راڻي جي، مومل ! پاڻ اُڇلائي ته ڏس.“[۵]

”هڪ قدم هن ڏانهن کڻ، هوُ ڏهه قدم ايندو کڻي،
واٽ ٻي آ ويجهڙي، ليڪن تون واجهائي ته ڏس.“[۶]

۱- لهرن لک لباس - هري دلگير، ص.۱۵

۲-۳-۴-۵-۶- موج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.۸۰

جي نيڻن ۾ ڪي سپنا ترندا رهندا آهن، جن کي هو حقيقت جوروپ ڏيڻ چاهيندو آهي. هن وٽ خيالن جا خزانا ۽ لفظن جا ڀنڊار ڀريل پيا آهن، جن کي هو انوکي انداز ۾ پيش ڪري ٿو ۽ پُرلطف تشبيهن جي مدد سان شبد چتر ٺاهي اُنهن تي پنهنجي شخصيت جي ڇاپ ڇاپي ٿو. هر اِنسان کي تجربا، مشاهدا، حادثا ۽ واقعا پنهنجا پنهنجا هوندا آهن. اِنڪري هر شاعر کي به پنهنجو ڏانءُ ۽ روپ هوندو آهي.''

اڳتي دلگير لکي ٿو:

''هر هڪ گل کي پنهنجي خوشبوءِ هوندي آهي. پر شاعر گل نه، خوشبوءِ آهي. گل سڙي سُڪي ويندو آهي. تڏهن به اُن جي خوشبوءِ دل ۽ دماغ کي پئي تراوت بخشيندي آهي. مان ڪيترن سالن کان گوشي نشينيءَ ۾ پنهنجي پاڻ سان پيو روح رهاڻيون ڪندو آهيان. مان ڪبير ته ڪونه آهيان، پر مان هن وانگر محسوس ڪندو آهيان ته سنسار ۾ جن سان به منهنجو مڪاميلو ٿيو آهي، اُهي سڀ سنا، سدورا ۽ سياڻا آهن.'' تڏهن ته مون لکيو آهي:

''جي به چهرا ڏٺم دوستن جا هئا،
توڙي نالا مٿن دشمن جا هئا.''[1]

''جيءُ جيءُ ڙي جيءُ'' ڪوتا سنگره ۾ شري ايم.ڪمل لکي ٿو: هري دلگير صاحب، گيتن جو بڙ آهي، جنهنجي شاخن جي ڦهلاءُ جو دائرو جهجهو ۽ اُن جي ڇانو گهاٽي ۽ ٿڌي آهي. هي صاحب -ي-سخن، علم -ي-عروض ۽ ڇند ودِيا جو ڄاڻو آهي. شعر ۾ رواني ۽ سلاست کي روح جان تصور ڪري ٿو ... بنيادي طرح گيتڪار آهي ۽ هن سخن جي صنف کي نهايت سنجيدگي ۽ صداقت سان نباهيو آهي. اِن مان ئي هُن کي ذهني، جذباتي تسڪين ملي ٿي. هن صنف مان ئي سندس فڪر، فن ۽ جمال، مڪمل تاثير ۽ ڪيفيت مان ڀيڪي ٿو.

---

١ - صبح جو سهاڳ - هري دلگير، ص.٢٢

دلگير جي سک درسي نظريعي پنيان انگلنڊ جي مها ڪوي شيلي Shelley ۽ والٽ وٽمن جو بہ ڪافي اثر آهي. جن کي بہ دلگير ڪافي مطالع ڪيو آهي. مٿيون سٽون پڙهندي Shelley جو شعر ياد اچي ٿو جنهن ۾ شاعر چوي ٿو:

"If winter comes, can spring be far behind"

"سياري اچڻ سان بسنت جي رُت بہ ويجهي ايندي ٿي وڃي."

ڪوئل بهار جي مند ۾ ئي ڪوڪيندي آهي، پر دلگير جي آتما روپي ڪوئل، هر مند کي بهار سمجهي ٿي خوشيءَ جو نغمو سندس چپن تي لرزائيندو رهي ٿو ۽ هر وقت اِنسان کي "هلندو هل جي پريرڻا ڏئي ٿو."
"صبح جو سهاڳ" جي هيٺين غزلن ۾ دلگير جي زنده دلي بخوبي عيان آهي.

"آسان جي رنگ محنت سان عجب اسرار ٿي پوندو،
ڪبي ڪوشش تہ برپٽ پيي ڦري گلزار ٿي پوندو."[1]

"همت همراه ٿي پوندي، اُمنگ آذار ٿي پوندو،
اسان جي خون دل سان رنگ رونقدار ٿي پوندو."[2]

دلگير اِنسان جي همت افزائي ڪندي چوي ٿو:

"خواهشن کي تيز ڪر، جي جئڻ لاءِ شوق آ،
اِنسان آهہ لاش، جي دل ۾ نہ ذوق آ."[3]

"توڙي اُپ مان هيٺ نہ آٽين چنڊ ستارا ساڻ،
تہ بہ اُڏندو رهہ، ڳپ سان پيي تون ڪونہ پريندين پاڻ."[4]

١- صبح جو سهاڳ - هري دلگير، ص.١٨
٢- صبح جو سهاڳ - هري دلگير، ص.١٨
٣- صبح جو سهاڳ - هري دلگير، ص.٣٧
٤- صبح جو سهاڳ - هري دلگير، ص.٣٧

جيون ۾ اُتساهه تمام ضروري آهي ۽ اُتساهه کان سواءِ زندگي انڌڪارميه آهي. چوي ٿو:

”جيون، بنا اُتساهه جي، انڌڪار ئي آهه،
اُتساهه، بنا گيان جي، آزار ئي آهه،
۽ گيان، بنا ڪرم، اهنڪار ئي آهه،
جي ڪرم ۾ اُتساهه ته سو پيار ئي آهه.“[1]

شاعر کي پنهنجو پاڻ ۾ وشواس آهي ۽ اُن وشواس سان ئي ٻين کي جيئڻ جي صلاح ڏئي ٿو. آتم وشواس سان ئي اِنسان مشڪلاتن تي جيت پائي ٿو ۽ هر مشڪل جو حل ڪڍي وٺي ٿو. سڪدرسي ڪوي اِنسان جي حوصلا افزائي ڪندي همٿ ۽ آٿت ڏيندي اڳتي وڌڻ جي صلاح ڏئي ٿو هينئين ترائيل ۾ چوي ٿو:

”بس قدم باقي به ٽي، هاڻي پري منزل نه آهي،
ٿورو اڳتي تنهنجي لءِ منزل کي آهه انتظار،
پنڌ مشڪل ختم ٿيو، باقي رهيل مشڪل نه آهه،
بس قدم باقي به ٽي، هاڻي پري منزل نه آهه
جي به ٽي هٿڙا تون هڻندين دور ڪجهه ساحل نه آهه.
ٿورو اڳتي تُنهنجي لءِ ساحل کي آهي اِنتظار،
بس قدم به ٽي، هاڻي پري منزل نه آهه،
ٿورو اڳتي تنهنجي لءِ منزل کي آهي انتظار.“[2]

شاعر دلگير آشائن جو آشيانو ناهي اُن ۾ رهندو آهي ۽ مڌر ترانو ڳائيندو آهي ته:

”سروَ ۾ به ٿا گيت ڳايون بسنتي،
خزائون به آهن بهارن جي ويجهو.“[3]

۱- جيءُ جيءُ ڙي جيءُ - هري دلگير، ص.٧٩
٢- گاه ڪليا گس گس - هري دلگير، ص.٧٧
٣- مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.٧٣

سنڌالاجيءَ جي ايشوري جيوت بخشاڻي هال ۾ ٻارن کي سنڌيءَ ۾ پاس ٿيڻ جا سرٽفڪيٽ ڏيندي آشا سان ڀُر دلگير هيٺيان الفاظ چيا:

”مونکي وشواس آهي، سنڌي ٻولي نہ مرندي، انگريزي ساهت ۾ هڪ پکيءَ جو ذڪر آهي، ڪنقا پکي (Phoenix) اِهو پکي سج ڏانهن اُڏامڻ جي ڪندو آهي. سج جي تابش سهي نہ سگهندو آهي، آخر جلي خاڪ ٿي ويندو آهي. پر هن جي خصوصيت ڪهڙي آهي، جو هو اُن ساڳيءَ خاڪ مان وري جنم وٺندو آهي. ساڳيءَ طرح اَسان جي ٻولي آهي. اسين سنڌيءَ جي اُن ڪنقا پکيءَ وانگر، چاهي مٽيءَ ۾ چو نہ ملي وڃون، پر اُن مٽيءَ مان وري جنم وٺنداسين سنڌي ٻولي هميشه زنده رهندي.“

اڄ بہ دلگير چڻ ائين چئي رهيو آهي.”مان مٽيءَ ۾ ملي ويندس، پر وري جنم وٺندس....“ ڪنهن سنڌي ماءُ جي ڪُکہ مان وري جنم وٺندو شاعر هري ”دلگير“.

”اولهہ ۾ ٻُڏي سج وري اوڀر مان ٿو اُڀري،
اَرمان مرڻ تي بہ اسان ڪيئن ڪنداسين.“[1]

مطلب تہ آشاوادسان ڀُر شاعر دلگير موت کي بہ للڪاريندو رهي ٿو. ڪيس مرڻ جو ڪوبہ ارمان ڪونهي. ڇاڪاڻ تہ موت کان پوءِ بہ زندگي ختم نہ ٿي ٿئي. هڪ نئون ڪاروان نئين سِري سان شروع ٿئي ٿو. شرير جو ختم ٿيڻ ڪاروان جو ختم ٿيڻ ناهي. جيئن سج اولهہ مان است ٿيڻ کان پوءِ وري اُڀر مان اُڀري ٿو. اِهو ئي آهي اُميدن جو جهان جنهن ۾ دلگير جهڙو منوٻل وارو ماڻهو رهي ٿو. نشچنت ءِ مست ٻڻجي، ايشور ۾ پورڻ توڪل رکي، آتما جي امرتا کي ڌيان ۾ رکي همت ءِ ساهس کي ساڻ ڪري!

◆◆

ا- وڻ وڻ ۾ وايون - هري دلگير، ص۱۷۰

دلگير جي ڪوتا جي اِها خاص خوبي آهي تہ اُن ۾ نراشا ۽ اُداسي لاءِ ڪا جاءِ ڪانهي. دلگير ڪي زندگيءَ جي منڊ ۽ پڇاڙيءَ سان ڪو واسطو ڪونهي. هن جو واسطو رڳو زندگيءَ جي وچ يعنيٰ زمان حال سان آهي. زمان حال تہ دلگير لاءِ ماڻڻ جي شيءَ آهي. روئڻ يا ڳوڙها ڳاڙڻ جي نہ. اِنڪري دلگير پوري وشواس سان چوي ٿو تہ:

”جنهن کي وچ آهي رُڳو، مُنڊُ پڇاڙي ناهي،
آهيان دلگير اُهو عبرتي، افسانو مان.“[1]

”وڻ وڻ ۾ وايون“ هري دلگير جي غزلن جو مجموعو جيڪو سنڌس ديهانت کان پوءِ شايع ٿيو آهي. تنهن ۾ ڪيترائي غزل آشاوادي سنديش سان ڀريل آهن.

”دُکن جي گود ۾ سُک روُپ ٻار مشڪي ٿو،
سرؤ جي جهول ۾ ايندڙ بهار مشڪي ٿو.“[2]

”سرؤ کان اڳ بہ بهار ۽ سرؤ کان پوءِ بہ بهار،
چمن مرڻ کي ڏسي هوشيار مشڪي ٿو.“[3]

”پُٺي نراشا طرف، منهن ڪري مان آشا ڏي،
اوهانجو آئيندو، پڪ جوتمئہ بڻائيندس.“[4]

”وڃائي جا بجا مان ناد پنهنجي گيتن جو،
ستل جڳائي، جڳيل هوش سان هلائيندس.“[5]

”سک پرئي سنسار ۾ ناحق اسان،
سِر مٿان غم جون کڻون پوريون پيا.“[6]

آهڙي آشاواد جي پيغيمبر کي شت شت نمسڪار آهي. دلگيرجو سک درسي نظريو زندگيءَ جي آخرين گهڙيءَ تائين قائم رهيو (١١ اپريل ٢٠٠۴) دلگير صاحب هيءَ دنيا ڇڏڻ کان صرف بہ اڍائي ڪلاڪ اڳ

١- وڻ وڻ ۾ وايون - هري دلگير، غزل-٢٦
٢-٣- وڻ وڻ ۾ وايون - هري دلگير، ص.١٢
۴-۵-٦وڻ وڻ ۾ وايون - هري دلگير، ص.١۴

دلگير جي شعر ۾ جماليات

جماليات

دلگير جي شعر ۾ جماليات جو ذڪر ڪرڻ کان اول ڏسون تہ ”جماليات آهي ڇا؟“ جماليات کي سمجهڻ، محسوس ڪرڻ، خود ۾ هڪ حاصلات آهي. عشق، محبت ۽ پيار جي جذبي کي جماليات سڏيون. ڪنهن جي سونهن يا جوانيءَ کي اظهار ڏيندڙ بيان کي جماليات سڏيون. بيحد ڏکيو آهي جماليات جي احساس کي سمجهڻ اُن کي ماڻڻ تہ تهائين ڏکيو آهي.

”جمال“ معنيٰ سونهن يا حسن، جمالياتي معنيٰ سونهن يا حسن متعلق، جماليات ۾ حسن جي معنيٰ آهي ڪشش، يعنيٰ جماليات ۾ اُهائي چيز حسين آهي جنهن وٽ ڪشش آهي، پر اُها چيز ڪنهن کي ڏسڻ ۾ حسين نہ لڳي، بلڪ پر پوءِ اُها چيز ڏسڻ ۾ اچي يا نہ اچي. اِن ڪشش جا ذريعا آهن پنج حواس - ڏسڻ جو (ڪوبہ خوبصورت منظر) ٻڌڻ جو (سنگيت) ڇهڻ جو (تابش، تذاس) سنگهڻ جو (خوشبوءِ) ۽ چکڻ جو (سواد) ۽ اُن سان گڏ ڇهون احساس (instinct or feeling) يعنيٰ جمال پنجن ئي حواسن ۽ دل سان جڙيل آهي. جن ذريعي اسين انهن ڏانهن ڇڪجون ٿا. اِنهن حواسن جي رِل مِل جمال جو ضامن آهي ۽ جيتري رِل مِل ڪيميائي هوندي. اوتري وڌيڪ پُر ڪشش بڻبي آهي.

اَنگريزيءَ ۾ اِن اَحساس کي aesthetics چئون ٿا. ڪنهن سان جدائي، وڇوڙي يا ملڻ جي گهڙين کي سار يا سڏڪڻ کي، سونهن ۽ سڳنڌ جي ڇهاءَ کي جماليات سڏيون . اهڙي قسم جِي ڪنهن جذبي کي محسوس ڪرڻ جماليات آهي، جيڪو من کي ڪي گهڙيون بي قابو

باب چوٿون

هري دلگير جي شعر ۾ جماليات

پيڙيءَ جهرڪيءَ کي اِهو ڪتو راڪاس پاسيو هوندو ۽ سندس وات هڪ اونداهو کوه ... پوءِ بہ هوءِ مات ڪري ڪونہ ويني ... هڪ زبردست شڪتي جيڪا هن جي وجود ڪان گهٽي وڏي هئي، هن کان اِهو سڀ ڪرايو.[٢]

ڪتو ... ڪا پلڪ اواڪ بيٺو رهيو. هن جا پير ازخود بہ قدم پٺيان هليا ويا. هن بہ اُن ماتر شڪتيءَ کي سڃاتو هو. شڪاريءَ (شاعر) بہ شرڌا وچان پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو. ها، شرڌا اُن پکيءَ جي ساهس ۽ ڪروڌاميہ ماتر - پريم لاءِ. ها، ماتا جي پريم موٽ کي بہ مات ڪري ڇڏيو.

ڇا اِهو واقعو ۽ اُن جو ورتانت، جماليات جو احساس اُجاگر ڪري ٿو. دل کي ڇوري ٿو؟ جي ها، تہ ڇو؟ ماتا جهرڪيءَ جو قد ۽ بت، سندس پيار ۽ ساهس، قرباني ۽ بيوسي. اِهي سڀ ڳالهيون گڏجي دل تي تاثير ڇڏين ٿيون. پر جهرڪيءَ جي بدران ڪو وڏو پکي هجي ها تہ ڇا اِها گهٽنا من ۾ ايتري ڪروڻا يا همدردي پئدا ڪري سگهي ها؟ ها، ڪري ها پر شايد ايتري نہ.

اِها ڳالهہ واضع تي بيٺي تہ جڏهن بہ ورو ڏي جذبا گڏجي اُٿن تہ من ۾ ڪروڻا جاڳي ٿي اُٿي ۽ جماليات جو احساس ٿئي ٿو.

اِهو ئي سبب آهي جو هاٿيءَ جي اک ۾ ڪک، طوفان ۾ ٻرندڙ ديپڪ، ڪوئي جو شينهن جي ڄار کي پنهنجي ڏندن سان ڪٽي ڪيس آزاد ڪرائڻ واريون ڪهاڻيون يا حقيقتون من کي متاثر ڪن ٿيون. (جتي ٻين کي ڪا سونهن نظر نٿي اچي، اُتي شاعر جي تيزبين نگاهہ گهڻو ڪجهہ جهٽي وٺي ٿي. مثلاً: مسڪين جي ٽٽل ڦٽل جهوپڙي جو درشيہ ڏسي ڪوي ٻيوس نهايت دلڪش انداز ۾ پنهنجي ڪوتا ۾ چٽ چٽيو آهي ۽ قدرت جي حسن ڪمال ۽ جماليت جو هو بهو درشن ڪرايو آهي :-

”سچ، چنڊ واجهہ ٿو وجهي جنهن جي ونين منجهان ،
ترڪيو اچن ٿا ترورا، تارن ڪتين منجهان،
پڪان ڪندي پڇي هوا جنهن جي پتين منجهان،

---

١. تبصرو - ريٽا شهاڻي، ص. ٨٨

ٻڌائي ڇڏي، اِهو جذبو صرف ڪي گهڙيون محسوس ڪري سگهبو آهي.

جيون ۾ جماليات صرف محسوس ڪرڻ جي چيز آهي. اُن ڪي اظهارڻ هروڀرو ضرور ناهي توڙي اُن جو صحيح اظهار هر هڪ جي وس جي ڳالھ ناهي، پر ادب ۾ اُن جو پنهنجو خاص مقام آهي. ادب ۾ اهو ضروري ناهي تہ جماليات پري صورت حال صرف خوبصورت هجي. اُن ۾ ٻيا رس اچڻ جائز آهن. ڪجھ ڪروڌ، ڪجھ درد، ڪجھ ويدنا، گھٽن، مجبوري يا خوف جهڙن جذبن سان بہ جماليات حاصل ڪري سگهجي ٿي. اڪثر وروڌ اڀاس يا تضاد، جماليات جو جذبو اُڀارڻ ۾ مدد ڪندو آهي.

هتي هڪ مثال ذريعي اِن ڳالھ کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪنداسين. روسي ليکڪ ۽ شاعر ”آئون ترگنيو“ جي هڪ ڪوتا جو سنڌي ۾ تاتپرج پيش آهي؛

هڪ شڪاري (خود شاعر) کُلهي تي بندوق رکي جهنگل ۾ شڪار جي تلاش ۾ نڪتو آهي. سندس وڏو ڪتو اڳيان ڊوڙي رهيو آهي، هيڏانهن هوڏانهن نهاري، ناسون ڦوندارِي ۽ وري اڳتي هلي رهيو آهي. اوچتو وڻ جي ٽاريءَ تان، مٿان هڪ آکيڙي مان، هڪ جهرڪيءَ جو ننڍڙو ٻچڙو، هلڪي پيلي ڪنڌ وارو، ڪتي جي ٻن قدمن جي دُوريءَ تي ڪري پيو. ڪتي پنهنجو وات کوليو. پکيءَ جا ننڍڙا پر، بيوسي وچان ڦڙ ڦڙ ڪرڻ لڳا. ڪتو هن ڏانهن وڌڻ وارو ئي هو تہ اوچتو مٿان، وڻ تان هڪ ڪاريءَ ڳچي واري پيڙي جهرڪي هڪ پٿر جيان زور سان وڃي ڪتي جي ٻوٿ کي لڳي ۽ پوءِ هيٺ ڪري پيئي. ماتا جهرڪيءَ هلڪڙي پر دردناڪ چيخ سان ڪتي جي ڪليل وات تي وار ضرور ڪيو جيڪو ڪتي لاءِ صرف هڪ ٺونگي مثل هو ۽ پوءِ پنهنجي جگر جي ٽڪر جي پر ۾ ڪري پيئي. پيڙيءَ جهرڪيءَ جو سوڪيم سرير ڏپ وچان لرزڻ لڳو هو، هلڪڙيون چيخون ڪنڌ مان نڪري رهيون هيون ۽ پوءِ ... اِهي هوا ۾ گُم ٿي ويون ... چئني طرف خاموشي ! ماتا پنهنجي ٻچڙي مٿان پراڻ نڇاور ڪري ڇڏيا.

خوش احساس ڏئي ٿو. جئن :

”روني ٕ ٽڪرو چور اُڇلايو،
شوخ ڪتي پڇ لوڏيو چپ چپ.“[1]

مٿيون شعر هڪ پرشت نظام اڳيان ڪن شفي ملهن ڏانهن
فادار عناصرن جو گوڏا کوڙڻ بخوبي اُڀاري ٿو. ڳڏوڳڏ ٻوليءَ جي
باڪمال تز استعمال جو مثال پڻ آهي. ويچار کي ٻولي چئي ڪانہ ٿي
ڏائي پر موزون لفظن ذريعي اُڀاري ٿي . ٻولي کان ”چوڻ“ بجاءِ
”چوائڻ“ جو ڪم شاعريءَ کي وڏيڪ معنيٰ خيز ڪري ٿو ۽ اُن ذريعي
ي معنائن جا علحدا علحدا تهہ اُجاگر ٿين ٿا. ٻوليءَ جو اهڙو استعمال
شاعر جو ٻوليءَ تي قابض ضبط جو شاهد آهي.
هينيئن شعر ۾ ”وچڙيا“ لفظ جو اُپيوگہ ڏسو:

”ياڳہ ڏس منهنجو پڇيئہ مون کان ، ڪڇي مان نہ سگهيس،
وات ۾ لفظ اُمنگن کان ٿي وچڙيا منڙا.“[2]

هري دلگير ور ور ڪري سونهن کي ساراهيو آهي. پوءِ پلي اُها
قدرت جي هجي، اِنساني فطرت هجي يا استري جي هجي. هر شاعر نہ
فقط سونهن پسي ٿو، پر هو سونهن جو درشن پڙهندڙن کي بہ ڪرائي ٿو.
قدرت جي سونهن تہ هن وشال جڳت ۾ پکڙي پيئي آهي. نديون
۽ پهاڙسنگيتميہ جهرڻا، بادل ۽ برسات گل ڦل، وڻ ٽڻ ۽ ٻوٽا، پکي پرندا
سڀ سرشتيءَ جا لپائيندڙ انگہ آهن، جن مان دلگير نہ فقط پاڻ آنند ورتو
آهي. پر ٻين کي بہ وٺايو آهي. چوي ٿو:

”پک، بادلن ۾ ناچ نچي ٿي ڪا نازنين،
آيا ڪٿان هي ڪنوڻ ۾ جهلڪا شباب جا.“[3]

1- رولو آواز - هري دلگير، ص.٢٧
2- رولو آواز - هري دلگير، ص.٥
3- رولو آواز - هري دلگير، ص.٥٥

چڻڪار مينهن تو ڪري چڻڪي چتين منجهان،
قدرت سندي ڪمال صحت لاءِ سوڪڙي،
الا ! جُهري ۾ شال، غريبن جي جهوپڙي.''[1]

هاڻي دلگير جي ڪوتا ۾ جماليات جا ڪي مثال پيش ڪجن ٿا.

''هن پيچري تان آهہ لنگهي ڪاتہ گُل پري،
جت ڪٿ ويا، ڇائنجي پتا گلاب جا.''[2]

''ور ور پوي ٿو ياد سيان آهہ جنم ڏن،
ڪئنچيءَ سان ڪال ڪاٽي پيو پر شباب جا.''[3]

''مستيءَ جي لهر دل ۾ اچِيئي ڪيو لقاءُ،
''دلگير'' مفت چو ڪٿون تورا شراب جا.''[4]

''سُتو هوش آزاد، جاڳيس تہ قيدي،
بڻيو قيد ڪيئن آشيان، ڪئن چوان مان.''[5]

''لڏيس ٿي مان لامن تي، ليڪن ڪڏهن ڪان،
جلڻ ٿيو شروع گلستان، ڪئن چوان مان.''[6]

''مهرشي هرڪو گرو پير فقير،
ڪنهنجو ويساهہ رلي ويو آهي.''[7]

دلگير صاحب جو سڪہ درسي شاعر جي حيثيت ۾ جاتل آهي. پر اِها شاعر جي ايمانداري ئي ليکبي جا ڪيس انتهائي حد تائين ڪنهن فلسفي جي تائيد ڪندي بہ زندگيءَ جي ڪوڙاين ، نراشائن، وئرتتائن کي چٽڻ کان روڪي نٿي. اُتي هڪ شاعر جو فيلسوف مٿان غالب پوڻ

١. غريبن جي جهوپڙي - شعر بيوس، ص. ١۴

٢-٣-۴ - رولو آواز - هري دلگير، ص. ۵۵

۵-٦-٧ رولو آواز - هري دلگير، ص. ٦۴

رات جو رات ۾ ونس پهچي نٿي سگهي ۽ جئن تہ سندس پيءُ وٽ ڪنوات بہ ڪونهي، جنهن تي اَسُر ڏاري چڙهي، محبوب جي ننڊ مان اُٿڻ کان اڳ، ونس پهچي سندس حسن جو ديدار ڪري، اِنهيءَ ڪري کيس خيال آيو آهي تہ جيڪڏهن محبوب جو ديدار مان نٿي ڪري سگهان تہ منهنجو همراز چنڊ ئي سهين.

پروفيسر چينمل پرسرام پنهنجي هڪ مضمون ”سنڌي شاعرن جي حسن پرستيءَ“ ۾ لکي ٿو: ”سنڌي شاعرن واه جو حسن پرستي ڪئي آهي“. شاه هڪ هنڌ چيو آهي:

”وڃڻ تت پيوم، جت ملڻ ناه حسن ري.“ (شاه)

پليٽو (Plato) پنهنجي "banquet" (محفل) واري گفتگو ۾ جيڪا عشق ۽ حسن تي رهاڻ ڪئي آهي. سا ساڳي رهاڻ، سنڌ جي شاعرن خاص ڪري سُهڻي لال لطيف منجهہ خوب آهي. پليٽو دل سان گڏ گهڻي چڪ دماغ تي ٿو ڪري؛ مگر اسان جا شاعر دماغ سان گڏ گهڻي چڪ دل تي ٿا ڪن. خوب خوشيءَ ۽ موّج ۾ رنگ ٿا ڏسن. ڪي شايد پائيندا هوندا تہ خبر ناهي تہ هي شاعر الائي ڪهڙيون غئبي ڳالهيون ٿا ڪن، جي عام جي سمجهہ کان ٻاهر آهن ! پر ائين ناهي. وڏي خوبي اسان جي شاعرن ۾ آهيئي اِها، تہ جا ڳالهہ هوئن پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ نهايت ڏکيائي ٿئي، سا ڳالهہ هنن نهايت حسين زبان ۾ کولي آهي. سچ پچ هي سهڻا ڪوي ائين ڪونہ ٿا سمجهن تہ اللهہ ڪو ستن آسمانن جي پار آهي، هو چون ٿا تہ: يا ر آهي ”حسن“! محبوب ”جان جمال“ ”حسن ڪمال“ آهي. سچل ٿو چوي تہ هي سڀ ”سهڻي“ جو سينگار آهي:

”اِهو تا عشق حسن هر جاء آهي،
جٽي يار ويو ٻيو جٽي نہ جٽي.“[1]
(سچل)

سچل جو شعر آهي ”گل قل باغ بهار“. چنڊ، سج، درياه، جبل،

1- سچل جو چونڊ ڪلام - ساهتيہ اَڪادمي، ص.٨٠

شاعري صحيح معنيٰ ۾ حسن ۽ عشق جو سنگم آهي. جتي سندرتا آهي، اُتي شاعر سجدو ڪري ٿو. حقيقت ۾ حسنپرستي شاعر جو ڪاچ آهي ۽ شاعر جي نگاهه نرالي ۽ پرک علحدي هوندي آهي. اسانجو سرمور شاعر شاهه لطيف داخلي(subjective) ڪيفيتن جي اظهار ڪرڻ ۾ ۽ مشاهدو ماڻڻ ۾، تنهن ۾ به داخلي مشاهدو ماڻڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. پوءِ اُها چاهي قدرت جي نظارن جي خواهه اِنساني حسن جي ڳالهه هجي. مثال پيش آهي:

”اُڀر چنڊ ! پس پرين، تو اوڏا مون ڏور،
سڄڻ ستا ولهه ۾، چوٽا پري ڪپور،
پيرين آئون نه پڄڻي، پاڻُ ڏي نه پور،
جه تي چڙهي آسوُر، سنجهي سڄڻ سيئيان.“[1]
(شاهه)

شاهه جي شاعريءَ جي تاڃي پيٽي تي هندي ڪوتا ۽ ڪوين جو اثر پيل آهي. تاڃي جي لحاظ کان شاهه هنديءَ جي ماترڪ ڇندن ۾ شاعري ڪئي آهي؛ پيٽي جي لحاظ کان، مکيه ۾ مکيه اثر اِهو آهي ته هندي ڪوتا وانگر شاهه جي شاعريءَ ۾ عشق جو اظهار مڙد جي حق ۾ عورت ڪري ٿي. هن سلسلي ۾ اِها ڳالهه به ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته شاهه جي عاشق سورمين جا سورما عموما وڏ گهراڻا هار سينگار ڪندڙ سهڻا شهزادا يا راجڪمار آهن. مٿيئن جماليات سان پرپور شاعريءَ جي معنيٰ هن ريت آهي:

عاشق عورت ڪي ڪليءَ هوا ۾ تيل قليل ڪري ستل محبوب جي وارن مان، هڪ دوريءَ تان خوشبوءِ جو احساس ٿئي ٿو. اُن احساس ڪي ڪٽي هوءِ چاهي ٿي ته محبوب جي اُٿڻ کان اڳ، هوءِ ڪنهن طريقي وٽس پهچي ۽ تيل قليل ڪري ستل محبوب جو حسن ڏسي. پر جئن ته عورت کان سندس محبوب ايترو دور آهي جو پيرين پنڌ وڃڻ سان هوءِ

1- شاهه جو رسالو - شاهه لطيف، ص. ٢٣٧

دلگير جيءَ هنن غزلن ۾ جماليات جي انوکي نزاڪت آهي قدرت ۽ قادر جو پاڻ ۾ گهرو ناتو آهي اِنڪري ڪيترا دفعا شاعر قدرت جو بيان ڪندي قادر جو اظهار ڪرڻ تو لڳي. دلگير دوارا قادر جي کيل بيان ۾ هڪ ڳالهه ڏيان ڇڪائڻ جهڙي آهي. ائين تہ گهڻن ئي شاعرن لکيو آهي تہ هيءَ رچنا، اُن رچناڪار جي ليلا آهي؛ يا هو پاڻ پنهنجو تماشو ڏسڻ آيو آهي؛ پر دلگير جي خيال موجب خلقڻهار بہ پنهنجي اڪيلائيءَ مان تنگ ٿي پيو ان ڪري هن ٻين کي خلقيو، عجب جي ڳالهه اِها آهي تہ هن کي ٻين جي طلب هئي پر هاڻي تہ ٻيا سڀ سندس طلبگار ٿي پيا آهن.

دلگير جي هن شعر مان اِن ڳالهه جي تصديق ٿي ٿئي تہ اڪيلو رهڻ رڳو اِنسان لاءِ ئي ڏکيو ڪونهي؛ خود ايشور بہ اڪيلو رهي نٿو سگهي ! دلگير جي هن شعر مان فلاسافيءَ جي اِن نقطي کي هٿي ٿي ملي تہ اِنسان مول روپ ۾ سماجڪ پراڻي آهي.

اِنساني زندگيءَ ۾ سڀني حالتن ۽ حقيقتن کان وڌيڪ خوفناڪ آهي موت جو احساس يا موت جي ٿيڻ جو اتفاق؛ پر دلگير اُن جو خوف کان بہ بي نياز آهي. لکي ٿو:

”ڪنوار جيوت جي گهرڻ لاءِ گهوٽ مرتيو تو اچي،
زندگي ۽ مؤت جي بارات ۾ توکي پسان.“[1]

دلگير جي خيال کان هيءَ زندگي هڪ ڪنوار آهي جنهن کي وٺي وڃڻ لاءِ مؤت روپي گهوٽ اچي ٿو. زندگيءَ کي بي بقا چوڻ، يا مؤت جو مطلب چولو مٽائڻ جهڙا خيال گهڻائي دفعا مليا آهن؛ پر مؤت گهوٽ زندگيءَ جي ڪنوار وٺي وڃڻ لاءِ اچي ٿو، اِهو لاشڪ جماليات سان پُر نئون ۽ خوبصورت خيال آهي. ڪنهن بہ ڪنوار لاءِ گهوٽ جو اچڻ ۽ پاڻ سان وٺي وڃڻ جو خيال ئي حسرت ڀريو آهي؛ اُن ۾ ڊپ ۽ خوف لاءِ ڪاجهہ ئي ڪانهي. هينئين غزل ۾ دلگير جماليات جا ڪيترا اڇوتا ڇٽ ڇٽيا آهن.

1- وڻ وڻ ۾ وايون - هري دلگير، ص.٢٢.

جهنگل، شمع، پتنگ، اهڙي ڪهڙي شيءِ آهي جنهن تي سنڌ جي شاعرن حسن نہ ڪمايو آهي؟ جئن وردس ورٿ قدرت تي حسن ڪمايو. جئن برائوننگ ۾ ''اِنسان جي حق'' ۽ فيلسوفي وڏيڪ سمايل آهي، جئن ٽينيسن ۾ قدرت ۽ اِنسان جي عشق کان سواءِ، آڪاڻين منجهان باطني علم ظاهر ٿيل آهي. تيئن سنڌ جي شاعرن منجهہ پڻ حسن عشق ۽ معرفت جون موجون آهن. سچ پچ مشرق توڙي مغرب ۾، جتي جتي شاعرانہ دل جو ڪو گل کليو آهي، تہ اُتي اِهي ٽيئي خوبيون پنهنجي مهڪار ڏين ٿيون.

دلگير بہ سونهن جو پوڄاري آهي. مثال:

''ٿي پريان آئي، ذرا نظرون ملائيندي وئي،
اوچتو ئي پر وري چهرو ڇپائيندي وئي.''[1]

''يل ۾ ئي اکيون مون سان اٽڪائين ٿي ڇا جي لاءِ،
اٽڪائي وري منهن کي ڦيرائين ٿي ڇا جي لاءِ.''[2]

ڪوي جو ڪم سونهن کي وڏيڪ سوپياوان بڻائڻ آهي. دلگير خود بہ شاعريءَ لاءِ چوي ٿو:

''سونهن هئي، پر ايتري سهڻي نہ هئي،
سونهن کي سوپيا، ڪويءَ جي سوکڙي.''[3]

سانگيءَ غزل ۾ هڪ ٻئي هنڌ بہ چوي ٿو تہ:

''شاعري آ بيخودي جي سوکڙي،
بي خودي ڪنهن دل جي سوکڙي.''[4]

''صحبت نہ وڻيئہ پنهنجي تڏهن بيا بہ اُپايئہ،
طالب تون، مگر عام جو مطلوب ڏسان ٿو.''[5]

۱-۲- وڻ وڻ ۾ وايون - هري دلگير، ص.۵۹
۳-۴- وڻ وڻ ۾ وايون - هري دلگير، ص.۷۶
۵- وڻ وڻ ۾ وايون - هري دلگير، ص.۱۶

”زبان حال سي پانچون حواس بول اُٺي،
ڪئي ثبوت تري خوبئي بدن ڪي ملي.
جو سن سڪي ڪوئي هر عضوبات ڪرتا هئہ،
نظر نظر هئہ تڪلم ادا ادا گفتار.“

شاعر دلگير هڪ استريءَ جي سونهن جو بيان هيئن ٿو ڪري:

”ڪارن وارن جي ڪاراڻ،
چنڊ جي چانڊنيءَ ڪان سهڻي لڳندي.“[1]

”سرور ۾ ٿي سندري وهنجي، يا ٿو وهنجي چنڊ،
لهر لهر ۾ لاڏ ڪوڏ سان، چلڪي چمڪي چنڊ.“[2]

”چانڊني رات ۾ چڏ وار اُڪيلي پنهنجا،
چنڊ ڪان سهڻي آ ڪاراڻ، چئي سگهنداسين.“[3]

وري بي هڪ غزل ۾ جمالياتي شعرن ذريعي استريءَ جي پيار ۽ محبت،
آبوجهائيءَ جو ذڪر پڻ خوبصورت اَنداز ۾ پيش ٿيل آهي :

”هڪ دفعو تو ڪِلي ڪيڪاريو،
بس اِهائي وائي واتِ ٿي ويئي.“[4]

”نہ آنسن، نہ آهن ڪي سمجهي سگهين،
تہ چوٽو پيو ظاهري ڪجهہ نہ ڪجهہ.“[5]

”زماني جي گردش ۾، تنهنجو خيال،
اَنڌاري ۾ آ روشني ڪجهہ نہ ڪجهہ.“[6]

۱-۲- لهرن لڪہ لباس - هري دلگير، ص.۳۱
۳- نارائڻ شيام - خاص پرچو، ص.۱۰۰
۴-۵-٦ پل پل جو پرلاءُ - هري دلگير، ص.۸۱-۸۲

”ايترو زور سان پاڪر تہ مون کي پاءِ نہ تون،
ٿو منهنجو بدن ڏکي، ايترو ايذاءِ نہ تون،
رات جو توسان ليٽان ٿو تہ دل ڌانهي ٿي،
يا خدا پرہ ڦٽيءَ کي ترساءِ نہ تون،
جسم جهونو ٿي چُڪو، جسم کي چمڪاءِ نہ تون،
مون کي ڦٽڪاءِ نہ، ڦَسلاءِ نہ، للچاءِ نہ تون.“[1]

مٿيون غزل هڪ بيحد نئين ڍنگ جو لکيل غزل آهي. جنهن ۾ سرير جي ڪمزوري سبب پريميءَ کي، پنهنجي پريمڪا جو پيار ڪافي تڪليف ڏيندڙ ٿو لڳي.

جماليات جو وڌيڪ مثال ڏسو:

”مان تہ ننڍڙي جو رهيس ننڍڙو ئي،
منهنجو رڳو پاڇو ئي وڌندو هو.“[2]

اَڄ دنيا ۾ ڀاهريون مان شان ۽ ديکا ديکي رهجي ويئي آهي. سچ پچ انسان اُن ۾ ڀاڻ ئي پنهنجين نظرن ۾ پاڻ کي تُڇ سمجهي ٿو. پر ڀاهرئين ادمبر کي برقرار رکڻ ۾ پنهنجو مان شان محسوس ڪري ٿو. ڪجهہ اهڙو ئي دلگير اُنهن مغرور شخص لاءِ چيو آهي جن جي مهمانوازيءَ مان سندن هلڪڙائي ظاهر ٿيندي رهندي آهي.

”چا تہ مغرور آءِ ڀاءُ آهي،
سچ تہ گارين کان ڀي سو بدتر آ.“[3]

جمالياتي شاعر جسماني حسن کان نہ رڳو مجموعي طور متاثر ٿيندا آهن. پر اُن جي هر عضوي، هر انگ، هر رنگ ۽ ڪشش کان پڻ. جمالياتي شاعريءَ جي باري ۾ اِها ڳالهہ فراق گورکپوريءَ جي هيٺين ٻن شعرن ۾ واضع آهي:

---

١. وڻ وڻ ۾ وايون - هري دلگير، ص. ٥٤
٢. وڻ وڻ ۾ وايون - هري دلگير، ص. ٥٨
٣. وڻ وڻ ۾ وايون - هري دلگير، ص. ٥٩

ترائيل:

”گگن ساڻ گونگي ملاقات آهي،
نڪو سج سرو آ، نڪو چنڊ تارا،
نڪو ڏينهن آهي، نڪا رات آهي،
گگن ساڻ گونگي ملاقات آهي.
رڳو خال آ، خالِ جي ذات آهي،
نڪو نام يا روپ جا ڪي پسارا،
گگن ساڻ گونگي ملاقات آهي،
نڪو سج سرو آ، نڪو چنڊ تارا.“[١]

”ڪنهن ڏينهن جدا تي جي هتان هلنداسين،
مايوس نہ تي جو وري ملنداسين،
هاٺي نہ چئي سگهندس ڪٿن ڪِٿ ۽ ڪڏهن،
تہ بہ پڪ آ، هڪ ٻئي کي وري پسنداسين.“[٢]

”آد انت ڪو هن جو ناهي،
جُڳہ جُڳہ کان آ ساڳيو ئي جَڳہ،
هي جڳ پيدا ئي ٿيو ناهي،
آد انت ڪو هن جو ناهي.
ڪڏهن بہ هي جڳ مرٺو ناهي،
اڳ پڻ هي جڳ، پوءِ پڻ هي جڳ،
آد اَنت ڪو هن جو ناهي،
جُڳ جُڳ کان آ، ساڳيو ئي جڳ.“[٣]

زندگيءَ جو هڪ هڪ پل شاعر لاءِ هڪ نعمت آهي. وقت جي

١- گاه ڪليا گس گس - هري دلگير، ص.٥٠
٢- صبح جو سهاڳ - هري دلگير، ص.٥١
٣- گاه ڪليا گس گس - هري دلگير، ص.٥٥

”تنهنجي آڏو ٻہ چا ڳُهران دلگير؟
مونکي ڪل حاصلات ٿي ويئي.“[1]

دلگير جي نگاھ ۾ اِنسان ۽ ڪائنات جو سنٻنڌ دوستي ۽ پيار جو سنٻنڌ آهي. اِنسان جي قدرت جي جلال مٿان پنهنجو پيار لٽائي ٿو تہ قدرت بہ سندس رهنمائي ڪندي ڪيس صاف ۽ اُجلا سنديش ڏيندي ٿي رهي. اِهو قدرت جو نصيحت آموز اثر (educator influence) آهي.
مثال:

ترائيل

”دريءَ منجهان ٻاهر آڪاس،
اُڀ ڪيڏو ڦهليو پيو آهہ،
من ۾ اُڏرڻ جو احساس،
دريءَ منجهان ٻاهر آڪاس.
جسم جُهريل ۽ ڦوليل سواس،
تہ بہ اُڏرڻ تي من ٿيو آهہ،
دريءَ منجهان ٻاهر آڪاس
اُڀ ڪيڏو ڦهليو پيو آهہ.“[2]

انگريزي رومانوي شاعري جن ٻن تتون کان وڌ ۾ وڌ متاثر رهي آهي، اُهي ٻئي تتو دلگير جي شاعريءَ ۾ پڻ تاڪيدي جزن جي روپ ۾ موجود آهن. اُهي آهن سندرتا جو چاهہ (beauty) ۽ جگياسا جو ڀاو دلگير جي حسنپرستي جمالياتي حظ جي پيدائش آهي. درشيہ جگت هن جي دل ۾ اگيات ۽ ادرشيہ جي تحقيق لاءِ تڙپ ضرور پيدا ڪري ٿو پري اِهو ڪائنس ڪٿي بہ اگيات جي انڌ وشواس ڀري يا هلڪي تعريف ڪونہ ٿو ڪرائي. اسٿول کان جنهن سوکيم ڏانهن وڌيو آهي اُهو اِنساني آتما جي جهيٽن تهن ۾ سمايل آهي. رهسيہ لاءِ شاعر ڪي اڻ لکا اشارا ڏنا آهن:

۱- پل پل جو پرلاءُ - هري دلگير، ص.۸۱-۸۲
۲- گاھ ڪليا گس گس - هري دلگير، ص.۴۵

”دلگير جي شاعري بنديخانن ۾ ليئا پائي، قيدين جي حالت ڏسيو اچي، بلڪ قيديءَ جي اندر ۾ پيهي سندس جذبا پڻ ڪڍيو ٻاهر ڪري.“

”گهنٽيءَ سان هِت صبح ٿئي ٿو،
گهنٽيءَ سان هِت شام اچي ٿي،
وقت ڦري اطلاح ڏئي ٿو،
گهنٽي ڪيڏا رنگ رچي ٿي!
گهنٽي ننڊڙي، گهنٽي شاهي
پر دل ۾ هردم اونداهي،
اچ-وڃ، اچ - وڃ ڦيرئي واري، اونداهيءَ ۾ آ ٻڌان ٿو،
روشن آ، يا رات انڌاري، اُپ ڪي پورو ڪين ڏسان ٿو!“[1]

”اُف نيلي اُپ هيٺان ليٽڻ!
ياد ڪري اچ منهنجو تڙڦڻ.“[2]

تنوير عباسي ”اچوڪن شاعرن“ جديد شاعري ڪندڙ جديد شاعرن جي سٽ ۾ ”هري دلگير“ کي شامل ڪيو آهي ۽ گهڻي اهميت پڻ ڏني اٿائين. اِها هڪ حقيقت آهي تہ شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾ جيڪي بہ تجربا ڪري ٿو، سي پڻ ادبي ميدان ۾ گهڻي اهميت رکن ٿا ۽ شاعر جي شاعراڻي اهميت وڌائڻ جو ڪارڻ پڻ بڻجن ٿا. ’دلگير‘ پنهنجي شاعريءَ ۾ نون تجربن جي شروعات ١٩٥٥ع ڌاري ترائيل لکڻ سان ڪئي. ”اُهو ساز“ ۽ ”حسين موت“ هن جا اُهي ٻئي ”ترائيل“ مهراڻ ١٩٥٦ع ۾ شايع ٿيا. ”اُهو ساز“ (ترائيل) اَڄ بہ نئون ٿو لڳي:

”اَڄ هي ساز ڪٺي، گيت بہ ٽي چيڙي ڏس،
ڪل اٿي، ساز اِهو اڄ نہ سياڻي ٽٽندو!
ساهہ وجهہ صحرا ۾، نغمن جون ڪليون ٽيڙي ڏس-

١-٢- مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.١٢٢ ۽ ١٢٣

ڳتيءَ جو هو پوريءَ طرح استعمال ڪرڻ چاهي ٿو ۽ ٻين کي به اِهائي صلاح ڏئي ٿو تہ گذريل پل وري واپس موٽي نٿو اچي.

ترائيل:

”ماڻ هي ڏينهن وري ڪونہ اچڻ وارو آ،
ڏس تہ ڪِئن کِسڪندو هي ڏينهن وڃي ٿو گذري،
مُفت اچ توکي مليو ڏينهن سڄو سارو آ،
ماڻ هي ڏينهن وري ڪونہ اچڻ وارو آ،
اُکهہ اکيون، مُرڪ ۽ ڏس چا تہ سمو پيارو آ،
زور سان ٺهڪ بہ ٽي ڏي، تہ وڃن غم وسري،
ماڻِ هي ڏينهن وري ڪونہ اچڻ وارو آ،
ڏس تہ ڪِئن کسڪندو هي ڏينهن وڃي ٿو گذري.“[1]

دلگير جي هن غزل ۾ اجهل رواني آهي. خيال جي خوبصورتي ۽ بيان جي دلڪشي اِن غزل جي جان آهي ۽ اُن سدا جوانيءَ لاءِ پيار ۽ عشق ضروري آهي.

شاعر تنوير عباسي پنهنجي مضمون ”جديد سنڌي شاعري“ ۾ لکي ٿو:

”اڄوڪن شاعرن ”روايتي حسن“ ۽ مطالع جي سهارن کي ڇڏي، پنهنجي مشاهدي جي قوت کي تيز ڪيو آهي ۽ پنهنجو احساس وڌيڪ اونهو ڪيو اٿن. سنڌن شاعري سرنهن جي گلن جي سڳنڌ ڦهلايو ڇڏي، اونداهين راتين ۾ ٽانداڻا جهرمر لايو ڏين، ڪونجن جا ولر خيال جي اُفق تي ڦڙ ڦڙ ڪريو اُڏامن ۽ سنڌوءَ جون لهرون سنڌن احساسن ۾ اُٿل پٿل پيدا ڪري ڇڏين.“

اِن ساڳيءَ ڳالهہ کي تنوير عباسي ”هري دلگير“ جي نظم تائين کڻي وڃڻ لاءِ هنن لفظن ۾ continue رکي ٿو تہ:

---

١ - ڳاهہ ڪليا ڳس ڳس- هري دلگير، ص. ٢٨

اُن سانئي ”حسن ڪمال“ جو ذڪر دلگير پنهنجي غزل ۾ هن ريت ڪيو آهي:

”جڏهن آڪاش ۾ اَڇ چنڊ جي انداز کي سمجهيم،
تڏهن پاڳل چڪوري جي چرئي پرواز کي سمجهيم.

پرين توکي پسي، سنسار جي آغاز کي سمجهيم،
سمورو راز جيون جو، ڏنل اعزاز کي سمجهيم.

جڏهن منهنجي اکيان مُرڪي، مون کان ڪجهه دوُر ٿي بيٺين،
سڪڻ ۽ سونهن کي سمجهيم، نياز ۽ ناز کي سمجهيم.

سُڻي سنگيت جهرڻن جو، پکيئڙن، چنڊ تارن جو،
سرشٽيءَ ۾ سدا وڄندڙ سُريلي ساز کي سمجهيم.

ڪَيم کهڙو ثواب اهڙو ڪيئه مونکي ڪوي پنهنجو
پيو ”دلگير“ سڀ سمجهيم، نه پر هن راز کي سمجهيم.“[1]

عاشق جڏهن پنهنجي محبوب جي جماليات جو جلوو پسي ٿو، تڏهن هو بنه بيخوديءَ جي گرفت ۾ اچي خاموش ٿي وڃي ٿو. ايران جي مشهور شاعر حافظ شيرازيءَ پنهنجي محبوب جي حسن جي تعريف ڪندي بي زبان بڻجي پيو، ۽ سندس قلم اڳتي وڌڻ کان قاصر ٿي پيو ۽ چيائين:

”چوُن زبان آنجا رسيد، قلم دَرهم شڪست.“

يعنيٰ جڏهن زبان اُتي پهتي تڏهن قلم اڳتي وڌڻ کان اِنڪار ڪيو.

هن ڪُل ڪائنات جو سارو پسارو اُپاٽڻهار جي حسن ۽ هستيءَ جي ساک ڀري ٿو. صحيح معنيٰ ۾ اِهو ئي محبوب جو مشاهدو آهي.

بيوس پڻ پنهنجي هڪ شعر ۾ اِهو ساڳيو خيال قلم بند ڪيو آهي:

”حسن جي آئيني ۾ عڪس حقيقي گل جو،
آهه ديدار ۾ ڀي رونق رنگت گل جي !“

---

[1]- جيءُ جيءُ ڙي جيءُ - هري دلگير، ص.۴۹

اڄ تہ هي ساز ڪٽي، گيت بہ ٽي چيڙي ڏس.
جا بجا سُر ٽي پکڙيل، سي هينئر ميڙي ڏس،
پنهنجو آواز اِهو اڄ نہ سياٽي ٽٽندو،
اڄ تہ هي ساز ڪٽي، گيت بہ ٽي چيڙي ڏس.
ڪَل ٽي، ساز اِهو اڄ نہ سياٽي ٽٽندو !''¹

خليل جبران چوي ٿو: ''شاعر اُهو ورڪش آهي جو سندرتا جي شاهي لهر جو پاڻي پيئي ٿو... '' البت مشاهدي ماڻهن جي قوت سيني جي ساڳي ٿي نٿي سگهي. ڪائنات جي ڪٽي ڪٽي ۾ سونهن سمايل آهي. ستارا آسمان جي سونهن کي پل سرس ڪن ٿا پر روشن دل شاعر ادبي آڪاس جي حسن ۾ اضافو آڻين ٿا. شاعر اُن شمع مثل آهي جو پنهنجي شعر جي شماع سان ڪيترن جي راه روشن ڪري ٿو. شاعري اِلاهي بخشش آهي. شاعر اُنهيءَ برڪت سان قدرت جا غيبي اسرار کولي عام کي اُن جو ديدار ڪرائي ٿو. شاعر کي هڪ نہ پر انيڪ زبانون آهن، ڪيس بہ نہ پر بيشمار اکيون آهن. برهمانڊ ۾ انڻي پهر انحد شبد پيو وڃي. اِهو شبد ڪوي ڪيتري قدر ٻڌي سگهي ٿو ۽ ڪيترو پاڻ ۾ جذب ڪري سگهي ٿو. اِهو هر ڪنهن شاعر جي ذاتي تجربي ۽ منزل تي منحصر آهي. ڪوي جيئن جيئن اِهو مٺو ۽ حيرت ڀريو آلاپ ٻڌي ٿو، تيئن تيئن مٿس وجداني ڪيفيت طاري ٿئي ٿي ۽ شاعر بي خوديءَ جي عالم ۾ اچي ٿو وڃي. اِن بي خوديءَ جو بيان يعني ''حسن ڪمال'' جو ذڪر شاهه پنهنجي ڪلام ۾ هن ريت ڪيو آهي:

''ڪٽي نيڻ خمار مان، جا ڪيائون ناز نظر،
سورج شاخون جهڪيون، ڪوماڻو قمر،
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ڏيکيندي دلبر،
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين !''
(شاهه)

١- مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.٩٣

ڪري پڪ، تڙي شڪ، مڙئي لڪ لنگھياسين،
منگي ڪاند، اڳيان ڪاند، سچا پاند پرياسين.

ڪري جان ڪي قربان، نہ ارمان ڪياسين
پڇي ياڻ، ڇڏي پاڻ، سڄڻ ساڻ رهياسين.

عجب جوت سندي اوت، هلي هوت ڏٺاسين،
اکين هار، هنئين ٺارجان، ديدار پسياسين.

اڳيان يار، مڙئي بار ۽ آزار رکياسين،
هي سنسار تکو تار، ٽپي پار پياسين.''[1]

هتي شاعر هر قافئي سان خيال جي ڏور بلڪل پختي ٻڌي آهي. جنهن مان سندس انيو جي يڪوجودگيءَ جي ساک ملي ٿي.

◆◆

١- مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.٨٣

هائي دلگير جي هينئين غزل ۾ جمالياتي تاثر ڏسو:

”هر راتڙي حسين آ چڻ ڇوڪري حسين،
جو نيري چُني، ستارون مٿس، سانوري حسين.

اي چنڊ، بادلن سان لڪي تو ڪرين لقاءُ،
پردي پنيان اُهاءُ ٻه آ روشني حسين.

جيون سندي گلاب تي سڀ خار خوشنما،
سهڻي جي سنگ ۾ تو لڳي صحبتي حسين.

پيلن پنن ۾ سونهن سرءُ جي عجيب آ،
ڇم ڇم سان تن جو ناچ، سندن راڳڻي حسين.

هن زندگيءَ سان منهنجو لڳي ويو لقاءُ آ،
جو پي مليم تو، اُهو غم ۽ خوشي حسين.

”دلگير“ سونهن لاءِ نهارين تو دوُر ڇو،
دنيا سڄي حسين آ، تون پاڻ پي حسين.“[1]

هينئن غزل ۾ دلگير قافين جي استعمال ۾ پنهنجي سر هڪ نئين قسم جو تجربو ڪيو آهي، جنهن مان ازحد جمالياتي حظ حاصل ٿئي ٿو.

”ڇڏي پيوڳ سندو روڳ، وٺي جوڳ هلياسين،
ڇڏي چين سندي رين، هٽي سين وڌياسين.

وٺي پريت سندي ريت، ڪئين گيت رچياسين،
ڪٺي پيار ۽ وشواس جي، ارداس هلياسين.

ڇڏي ننگ، تڙي سنگ عجب رنگ رلياسين
ڇڏي موه ڇتو ڇوه، وٺي توه تڳياسين.

1- جيءُ جيءُ ڙي جيءُ - هري دلگير، ص.٤٣

دلگير قدرت جو قائل

سرشٽيءَ جي شروعات ۾ اکيون کوليندي، اِنسان خود کي قدرت جي گود ۾ ڏٺو. قدرت چوڌاري کيس گهيري پنهنجي خوبصورت ليلا پسائيندي رهي، سندس حياتيءَ کي پوتر، رس-پريوءَ ڪومل بڻائيندي رهي. قدرت هن سڄي برهمانڊ جي چيتنا شڪتيءَ جو هڪ اٽوٽ وهڪرو آهي، جنهن سان لڳاتار جڙ-چيتن جي روپ ۾ الڳ الڳ جڙاوَ روپ اِختيار ڪندا ٿا رهن . اِهي صورتون ٻاهرينءَ طرح ڀلي اسانکي هڪ ٻئي کان الڳ لڳن، در حقيقت هڪ واحد سچ جي نمائندگي ڪن ٿيون. جن مان ئي اِنسان ۽ باقي فطرت جيسنٻنڌ جا سلا ڦٽن ٿا. قدرت لاءِ اِنسان جي دل ۾ ڪشش سڀاويڪ آهي. ننڍڙو ٻار بہ چنڊ ڏانهن پنهنجا ننڍڙا هٿ ڦهلائي، کيس ڀاڪر ۾ ڀرڻ چاهيندو آهي. قدرت لاءِ اِها ڪشش جنم جات آهي. پل پل ۾ بدلجندڙ مختلف روپن سان، مختلف آوازن سان، سروبار قدرتي منظر ڏسي، اِنسان نہ رڳو عجب ۾ پوي ٿو، پر هڪ اڻ ڇاتل جگياسا من ۾ رکي، سوالي نگاهون کڻي چوطرف نهاري ٿو. قدرت لاءِ پوڄا جو جذبو شايد اِن ڪريئي اِنسان جي ذهن ۾ جڳهہ پائي ٿو. هو قدرت جي اِنهن روپن مان ڪڏهن آنند حاصل ڪري ٿو، ڪڏهن دهشت محسوسي ٿو.

هن ڀاسندڙ سموري جڳت کي پراڻيءَ پرڪرتي بن ڀاڱن ۾ ورهايو وڃي ٿو. ايشور يا برهم سموري سنسار ۾ موجود آهي. پراڻي اُن ورات چيتن شڪتي جو پسارو آهي. تاتوِڪ نظرئي سان قدرت بہ آهي، جيو ست ۽ چت آهي ۽ ايشور ست چت ۽ آنند جو روپ آهي.

ائين تہ اِنسان بہ پنهنجي ست روپ ۾ قدرت جو ئي هڪ روپ آهي، پر هو خود کي قدرت کان الڳ ڪري ڏسي ٿو. اِن هوندي بہ هو

باب پنجون

هري دلگير قدرت جو قائل

انگريزيءَ ۾ قدرت اِسم جي روپ ۾ ڪم آڻي، اُن لاءِ
بچر(nature) لفظ ڪتب آندو ويو آهي، جنهن جو لاڳاپو اُن پرم شڪتيءَ
ان آهي، جا سنسار جي رچنا ڪري اُن کي هلائي ٿي، جنهن کي
ڪتي، الوڪڪ شڪتي(divine power) يا جا اِنسان جي جڙيل نه هجي
(not produced by man) وغيره نالن سان سڏيو ويو آهي. ڪٿي ڪٿي
، قدرت کي نهايت وسيع نموني پيش ڪيو ويو آهي. جڳت رچنا ڪرڻ
اري بنيادي طاقت، جا مڙني ڪمن ۽ ڪارڻن جو آڌار آهي، جنهن سان
سمورا جيو ۽ پدارٿ وجود حاصل ڪن ٿا، واڌارو ڪن ٿا ۽ آخر ۾ ناس ٿين
ا. يعني قدرت جو مطلب اُن شيءِ يا حالت سان سمجهجي، جا ڪنهن
رم شڪتيءَ ئي جوڙي هجي ۽ اِنسان جي وس کان ٻاهر هجي.[1]

ڀارتيه عالمن موجب قدرت

ڀارتيه فلاسافيءَ جي روايت قديم ۽ وسيع آهي. وئدڪ ڪال کان
قدرت جو سوال رهسيه - ڀاونا تان هٽي، وشو جي روپ ۾ ظاهر ٿيو. انيڪ
وڪن جا انيڪ ديوتائون هوندي به دنيا هڪ ئي آهي. وحدت ۾ ڪثرت
جو اِهو وشواس رشين کي هڪ پرم سچ ڏانهن وٺي ويو.

پرڪرتي لفظ جن مختلف نمونن ۾ استعمال ٿيو آهي، تن مان
ڪي خاص هن ريت آهن:

سانکيه درشن موجب پرڪرتي لفظ سرشٽيءَ جي روپ ۾ مڃيو
ويو آهي.[2]

گيتا موجب قدرت مايا جو روپ آهي.

''سمورا ڪرم قدرتي خصوصتين ذريعي ڪيل آهن.''

''प्रकृते: क्रियमाणानि गुणै : कर्माणि सर्वश:।''[3]

---

१. मानक हिन्दी कोष - तीसरा खण्ड : प्रकृति - (स्त्री सं. प्र. कृ + कितन).

۱- حوالو :- سنڌي شعر ۾ قدرت جو چٽ - ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي، ص.۱۷

२. डॉ. बलदेव: भारतीय दर्शन (सांख्य दर्शन) पृ-३३५

३- गीता : ३-२७

قدرت کان الڳ ڪونهي. سرشٽيءَ جي شروعات کان قدرت سان اِنسان جو اٽوٽ لاڳاپو رهيو آهي. قدرتي عناصرن ذريعي جتي سمورا جيو پروَرش پائين ٿا، اُتي اِنسان کي پنهنجي احساسن جي سرجڻ لاءِ املھ موضوع، تخيل ۽ چنتن جي مختلف دشائن لاءِ اُهڃاڻ ملن ٿا. قدرت اِنساني جذبات سان جڙيل آهي ۽ سندس احساسن کي ٻل ڏيندي رهي آهي. ڪوي يا رچناڪار جي سنويدنا شڪتي، رواجي اِنسان کان مٿاهين جاءِ والاري ٿي ، اِنڪري هرهڪ ٻوليءَ جي شعر ۾ قدرت جو وستار سان بيان ملي ٿو.

اڄڪلھ ماحول تي حاوي ٿيندڙ غلاظتون، تکڙي رفتار سان پردوشڻ جي مسئلي کي اسانجي آڏو آڻي رهيون آهن. عالمي سطح تي اِن مسئلي جا حل ڳولهڻ جون ڪوششون جاري آهن. قدرت کان فرد جي دوري هڪ وڏي سوال جي نشاني ڪٽي، چنتڪ ۽ ويچارن آڏو اچي رهي آهي. اِن حالت ۾ قدرت جي اهميت وڌي ويئي آهي.

سنڌي شعر ۾ دلگير ڪهڙي نموني قدرت جو روپ نمودار ڪيو آهي، اِهو سمجھڻ لاءِ ضروري آهي تہ اول قدرت جي باري ۾ مڪمل ڄاڻ حاصل ڪئي وڃي. ڪويتا جي حد بنديءَ ۾ جنهن قدرت جو بيان ڪيو ويندو آهي اُهو ڇا آهي؟ وسيع نظريئي سان قدرت جو مطلب ڇا آهي؟ مختلف عالمن ، ٻولين ۽ وقتن ۾ قدرت کي ڪهڙي نموني پيش ڪيو ويو آهي.

ڌاتو مطلب

هنديءَ ۾ قدرت کي ''پرڪرتي'' چئبو آهي. ''پر'' (प्र) اڳياڙي ''ڪرِ'' (कृ) ڌاتوءَ کان پوءِ ''ڪتن'' (क्तिन) پڇاڙيءَ جي ميلاپ سان جڙيل آهي، جنهن جو مطلب آهي ''پرڪرڻ'' (प्रकरण) يا ''سندرڀ'' (संदर्भ) ، پر رواجي طرح قدرت جو مطلب ''سندرڀ'' سان نہ ڪٽي، وڻ-ٽڻ، جانور- پکي، نديون- سمنڊ، آڪاشي عناصر وغيره پاسجندڙ شين سان سمجھيو ويندو آهي.

سڀاويڪتا آهي.

”رس - ميمانسا“ ۾ هو صاف لکي ٿو تہ قدرت لاءِ قرب اسانجي انتهڪرڻ ۾ موجود آهي. اُن جي درشن يا ڪويتا سان اسانجي اندروني پرڪرتيءَ ۾ جيڪو آنند عطا ٿئي ٿو، اُن کي ناڪاري نٿو سگهجي.

“प्राकृतिक वस्तुओं के प्रति प्रेम भाव पूर्व साहचर्य के प्रभाव से संस्कार या वासना के रूप में हमारे अंत:करण में निहित है। उनके दर्शन या काव्य से हमारी भीतरी प्रकृति का जो अनुरंजन होता है, वह अस्वीकृत नहीं किया जा सकता ।”[१]

هندي ڪوي سُمترا نندن پنت قدرت کي ساڪار ستا رکندڙ ناريءَ جي روپ ۾ ڏٺو آهي.

“प्रकृति को मैंने अपने से अलग सजीव सत्ता रखने वाली नारी के रूप में देखा है।”[२]

حقيقت ۾ ڇايا وادي ڪوين پرساد، پنت، نرالا، مهاديوي وغيره. هندي ڪوين قدرت جي هر منظر کي هر حواس سان ماڻيو. جيءَ شنڪر پرساد بہ قدرت کي اِنساني روپ ڏيندي، سرشٽيءَ جي نو-رچنا جو منظر ڪويتا ذريعي اظهاريندي اُن کي شرمائيندڙ نئين ڪنوار جي روپ ۾ ڏٺو، جا پرلئہ رات جي روپ ۾ مان ڪري ويٺي آهي.

“सिन्धु सेज पर धरा वधु अब, तनिक संकुचित बैठीसी,
प्रलय - निशा की हलचल स्मृति में, मान किये सी ऐंठीसी ।”[३]

مغربي عالمن موجب قدرت

مشهور فلاسافر ”هيگل“ موجب اهم ترين موضوع اِنسان آهي، ڇاڪاڻ تہ اُن جي اندر مانسڪ طاقت موجود آهي، جنهن جي ٻل سان هو ڪنهن بہ منظر کي ڏسي اُن کي سهڻي روپ ۾ اِظهاري سگهي ٿو. رواجي ماڻهوءَ جي ذهنيت اڏوڳابري ٿيندي آهي، پر ڪويءَ جي ٿاپيل

१. आचार्य रामचंद्र शुक्ल : रस-मीमांसा - पृ. ८९
२. सुमित्रा नन्दन पन्त : आधुनिक कवि - पृ - ९
३. जय शंकर प्रसाद : कामायनी - पृ. २४

”ميگهدوت“ ۾ وري ڪاليداس پرڪرتيءَ کي وچار-شونيہ مڃيو آهي.

“कामार्ता हि प्रकृतिकृपणाश्चेतनाचेतनेषु ।”[१]

”پرتر هري موجب پرڪتي سياءَ جي روپ ۾ نظر اچي ٿي.“

“प्रकृति सिध्दमिदं हि महात्मनाम्।”[२]

”شريمد ڀاڳوت“ موجب قدرت اُها جنس مذڪر آهي. جنهن تي يوڳ جي ٻل سان آديڪار ڪري سگهجي ٿو.

قدرت کي ”سرشٽي“ روپ مڃڻ تي اُن جو دائرو نهايت وسيع ٿي وڃي ٿو. اِن حالت ۾ برهمانڊ ۾ سموريت سان قدرت جو ئي راڄ ٿيندو. جڏهن اِنسان قدرت جي وسيع دائري جو عجب ۾ پئجي ديدار ڪندي قدرت جي ”شِوَ“ روپ ڏانهن مخاطب ٿيو ته بادل امرت جهڙو جل وسائي، وڻن ۾ نئون روح ڦوڪيو. سڄ ضرورت مطابق سرشٽيءَ جي پدارٿن جي پرورش ڪئي. سمنڊ انڻ-ڳڻيا رتن عطا ڪيا. چنڊ جي چاندوڪيءَ انڌڪار کي شڪست ڏني. هوا جيئاپي جو سهارو بڻي ۽ قدرت سيني کي پنهنجي ممتا مئي گود ۾ جڳهه ڏني. اِهڙي ريت اِنساني ذهن جي وِڪست چيتنا ذريعي قدرت لاءِ پوڄا جي جذبي جنم ورتو ۽ اِنسان قدرتي عناصرن کي ديوتا مڃڻ لڳو. (هوا، پاڻي، اگني، آڪاش، ڌرتي) کيس موجود اکنڊ چيتنا جو احساس ٿيو. سندس ويچار موجب جڙ ۽ چيتن، چر ۽ اچر، مڙني ۾ اُها انڻ ڄاتل شڪتي ڪم ڪري رهي آهي.

هندي ساهتيہ ۾ ”آچاريہ رامچندر شڪل“ پنهنجي مضمون ”ڪاويہ ۾ پراڪرتڪ درشيہ“ ۾ لکي ٿو: ”وڻندڙ گلاب جو ذڪر ڪرڻ اوترو سوڀاويڪ ڪونهي جيترو ڳپ واري تلاءَ جي وچ ۾ جپ ڪڍي ويٺل سهڪندڙ ڪُتي جو ذڪر پراڪرتڪ آهي.“ ساڳيءَ طرح سياري جي مند ۾ ڪچيءَ ڇت تي ويني، پنهنجو پاڻ کي چٽيندڙ ٻليءَ ۾ وڏيڪ

१.कालिदास : मेघदूत (पूर्वमेघ) श्लोक - ५.

२- नीतिशतक, भर्तृहरि, श्लोक - ६३

١-٢- حوالو :-سنڌي شعر ۾ قدرت جو چٽ-ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي، ص.٢٠-١٩

”آيامن کان اِنسان اِهوئي سوچيندو آيو آهي تہ هوُ قدرت جي مڙني ڳجهارتن کان واقف آهي. هن کي اِها خوشفهمي آهي تہ قدرت هن جي وجود جي خوشيءَ ۽ واڌاري لاءِ آهي. پر اِنسان مٽيءَ ۾ ملي وڃي ٿو. جڏهن تہ قدرت اکنڊ ۽ دائما ياو سان موُجود رهي ٿي.“

ٽينيسن پڻ لکي ٿو:

"For, man may come and man may go, but I will go on for ever." (Tennyson)

اِنسان جي جيون ياترا شروع ٿيندي رهندي، ختم ٿيندي رهندي- هو ايندو ۽ ويندو- پر منهنجي ڌارا ياترا اننت آهي، دائما آهي.“

”قدرت ايشور جي ڪلا آهي.“ (دانتي)

”قدرت ۽ وويڪ سدائين هڪ ئي ڳالهہ چوندا آهن.“ (جبنئل)

مشهور مغربي شاعر ايس. ٽي. ڪالرج جي رچنائن تي قدرت جو گهرو اثر آهي. ڪالرج کي وليم بائيس جي رچنائن مان تمام گهڻي پريرڻا ملي. بائيس قدرتي ويچارن ۽ قدرت ۾ ٿيندڙ ڳالهين جو لاڳاپو جوڙي لکندو هو. هن دل ۽ دماغ جو لاڳاپو سڄاتو هو. ڪالرج لکي ٿو، ”جڏهن مان گهر جي جهروکي مان چنڊ کي ڏسندو آهيان تہ اِهو محسوس ٿيندو اٿم تہ هن مان اُهو ڪجهہ چوڻ جي پريرڻا ملي ٿي جو اول ئي منهنجي اندر ۾ موجود آهي، پر مان اُن کي برابر ڳولهي نہ سگهيو آهيان ڪجهہ نہ ڪجهہ لڪل يا دٻيل رهجي ويندو آهي.“[1]

ارسطوءَ ڪاويہ ۽ ڪلا کي انوُڪرڻ جي روپ ۾ قبوليو آهي. اِهو انوُڪرڻ قدرت جي منظرن سان واسطو رکي ٿو. پر حقيقت ۾ اُن جو مطلب مانسڪ انوُڪرڻ آهي.

سنڌي عالمن موجب قدرت

دنيا جا عظيم شاعر اول پنهنجيءَ ڌرتيءَ جا عظيم شاعر آهن.

1- سنڌي شعر ۾ قدرت جو چٽ - ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي، ص.٢٩-٣٠

قدرت جي سونهن ڪري ، قدرتي منظر جو بيان هن لاءِ وڏيڪ وڻندڙ ۽ سهڻا ٿي پون ٿا.

مغربي ڪوي ورڊس ورٿ قدرت کي هڪ اکنڊ ۽ جاندار شيءِ محسوسي، اُن جو ساڪياتڪار ڪيو . لکي ٿو:

"From Nature and her over flowing Soul, I have received so much that all my thoughts were steeped in feeling. I was only then contended when with bliss ineffable. I felt that sentiment of being spread over all that seemeth still."[1]

”قدرت مان ۽ اُن جي هر جڳهہ تي آنندت آتما مان مون ايترو گهڻو حاصل ڪيو آهي جو منهنجا سمورا سمورا حواس ڀاونا سان سروبار آهن. جڏهن هڪ الوڪڪ آنند سان مون محسوس ڪيو تہ هڪ جذبات سان ڀرُ طاقت مڙني شين مٿان، جيڪي هلي رهيو آهي ۽ جيڪو عجب ۾ وجهندڙ آهي، پکڙيل آهي. اُن وقت مونکي آٿت مليو.“

ورڊس ورٿ ”قدرت کي اهميت ڏني آهي، جڏهن تہ هيگل ”اِنسان“ کي. اِنسان پنهنجي چاهنا شڪتيءَ سان قدرت کي ڏسي ٿو. ورڊس ورٿ تي ڪنهن حد تائين فرانس جي فيلسوف روسو جو اثر پيو.

شئليءَ جي نظر ۾ قدرت ان پرماتما جو راز ڀريو اظهار آهي، جنهن ۾ قدرت جا مختلف پدرات وحدانيت جو احساس ڪرائين ٿا.“

”بائرن - (Byron) کي قدرت ۾ آنند ڏيندڙ اُها آزادي نظر اچي ٿي، جنهن کان اِنسان کي سندس حالتن محروم ڪري رکيو آهي.“

مها ڪوي ”هومر“ جي ويچار موجب، ”قدرت جهنگل جي وڻ مثل اٽل ۽ دائمي آهي ۽ اِنسان اُن تي پئدا ٿيندڙ ۽ ٿوري دير بعد ڇڻي ويندڙ پنن مثل آهي.“

مها ڪوي ارنالڊ چوي ٿو:

"Race after race, man after man, have thought that my secrets are theirs, have dreamt that I lived for them, that they were my glory and my joy. They are dust, they are changed, they are gone. I remain."
(Arnold)

---

1. Wordsworth : The Prelude - 11, 397 - 402

تہ ائين چو آهي دؤر قديم کان وٺي اڄ تائين چنڊ کي حسين سمجهيو ويو آهي؟ اهڙو ڪوئي بہ دؤر ۽ اهڙي ڪائي بہ جاءِ ناهي، جتي اِنسان چنڊ کي حسين نہ سمجهيو هجي. اِن ۾ اهو ڇا آهي جنهن کي اسين حسن چئون ٿا؟ ۽ اِنسان ۾ اِهو ڇا آهي جو اُن جي حسن کان هڪدم متاثر ٿي وڃي ٿو؟ انهن ٻن سوالن جو جواب مون لاءِ خودشناسيءَ جو درجو رکي ٿو. چو تہ اِن کان پوءِ ئي مان سمجهي سگهندس تہ مان شاعر ڇو آهيان.''[1]

تيرٿ وسنت لکيو آهي: اڪثر ساهتيڪار تہ هونئن ئي پورالا ۽ سودائي ٿيندا آهن پر پرڪرتي پوڄڪ ڇئي ڪٽي بس ڪر. ڪو هنن جو خفت خفتان قلم بند ڪري تہ ڇمار آڱرين جي وٿين مان وهي ويندس. سندس ڇوڇ ۽ چرٻتايون ۽ خفت خوض ڪين هردلعزيز بڻائين ٿا. يلي ڪو پنهنجي فطرت گاهہ ۾ ڇُميون ڏيئي چاهہ سان گلي لڳائين.[2]

ڪيس قدرت سان ايترو موهہ آهي جو خود ئي لکي ٿو- ''هونئن بہ هيءُ ياتري روح پتين، ڇتين اندر اُسريو ئي ڪونهي. ٻيو تہ ڇريا جئن ٿڌ ٿئين وڌ. پانيان تہ گرم ڪپڙا پائي، هيٺ لهندي ٻہ ٻہ ڏاڪا ٽپندو، ڇت ۾ ڪا اڌوري تڪ اونائيندو، ٻگل تي سرد هوا جون ڦڦڙيون سهندو. آلي گاهہ تي ٻرانگون پريندو، ٽينگ ڏيئي ٻارڙن جهڙو ٿي پوان.''[3]

اڳتي لکي ٿو: هڪ دفعي داس باغ جي ڏياوان وڻ سان دل ٻجهي ويئي. سمجهندو هوس تہ منهنجو ڪو ابو ڏاڏو اِهو ويس ڏاري آيو آهي. آءُ آهيان چلتو پرزو پوٽو ۽ هو آهي ڪيپ ڪتل پتا مہ. روزانو اُن جي ٿڙ کي ياڪر پائي، شفق جو رنگين شعاءُ ڏسندو هوس. هڪ دفعي ٻنهي ڦوٽو بہ ڪڍايوسين جو اڄ تائين سانديندو اچان، ليڪن ٻتواري اِهو معصوم آرزو بہ ڪسي ورتو. اِن پڄاڻا ڪنهن وڻ سان ياري ڪندي ڪيٻائيندو آهيان.[4]

پوپٽي هيرانندائي تہ اڄ اِنسان ۾ گهر ڪري ويل جسماني ڪمزورين جو سڄو ڏوهہ قدرت کان دور رهڻ جي مجبوريءَ تي مڙهيو

---

١. جي ڪاڪ ڪکوريا ڪاپڙي -شيخ اياز، ص.١٨١

٢-٣. خوشبوءِ - تيرٿ وسنت، ص. ٦ ۽ ١٠

٤- خوشبوءِ - تيرٿ وسنت، ص.٣٥

امريڪا جي قومي شاعر والٽ وٽمئن جي شاعريءَ ۾ امريڪا کان سواءِ ڪجھ بہ ڪونھي . شيڪسپيئر وٽ انگلنڊ ايتري قدر آهي جو انگريز انگلنڊ کي ڇڏڻ لاءِ تيار ٿي ويندا پر شيڪسپيئر کي نہ. شاهہ لطيف جو لفظ لفظ سنڌ جي ڌرتيءَ جي ڪڻ ڪڻ سان اوتيو پيو آهي. اهڙا شاعر پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ ملڪ جو سمورو شان سمائي ڇڏيندا آهن. ڪنهن شاعر کي اِنساني جذبا سڌيءَ طرح پنهنجي آس پاس جي ماحول مان ئي حاصل ٿين ٿا. ذات ۽ ڌاهپ جا سرچشما ڪنهن بہ ملڪ جي ڪنهن بہ ڪنڊ مان اُن جي زبان مان ئي ڦٽي سگھن ٿا. رويندر ناٿ ٽئگور انگريزي، عربي، اسپيني يا فرينچ ٻولين ۾ لکي نوبل پرائيز حاصل نہ ڪيو هو.

سنڌ جي سرمور شاعر شاهہ عبدل لطيف لاءِ فطرت ائين ضروري آهي، جئن سڄر ۽ صاف هوا ڦڦڙن لاءِ ضروري هجي اِنڪري شاهہ آڏو ڪائنات جي ڌنل وائنل شين جي اهميت اُنهن جي رواجي حيثيتن کان وڌيڪ ٿيو وڃي.

ليکراج عزيز لاءِ قدرت رچناڪار واسطي پريرڻا جو ذريعو آهي. ”هن قدرت جي ڪارخاني جون ڪرشمي سازيون شاعر جي احساس واري آگ تي تيل جو ڪم ڏين ٿيون ۽ جيتري قدر شاعراڻي جذبي کي اُڀاريندين تيتري قدر باهہ جو ڀنيت ٻرندو. وري جھڙي باهہ جي ڄيي هوندي تهڙو سيڪ ايندو.'[1]

شيخ اياز ڪائنات جي گوناگون نظارن ۾ بيحد اونهو وڃي اُنهن کي ڪويتا ذريعي ساپيان ڪيو آهي. هڪ ئي عناصر چنڊ لاءِ سندس ويچار هن ريت آهي:

”مان ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان تہ چنڊ اکين کي ايترو ڇو ٿو وڻي؟ اُن ۾ اِهو ڇا آهي، جنهن کي اسان حسن چئون ٿا؟ مادي فلسفي ۾ اعتبار رکندڙ چون ٿا تہ حسن ڪوئي دائمي قدر ناهي، اُن جي تصور ۾ زمان ۽ مڪان جي فاصلي سبب ڪيترو ئي اختلاف آهي. پر مان پڇان ٿو

---

1. ليکراج عزيز - ادبي آئينو، ص.٣٠

ساڳيو ڪونہ رهيو آهي (اُنهن جا مختلف سبب آهن) پر اِهو بہ سچ آهي تہ ڪويتا جو قدرت سان رشتو ڪڏهن ننڍڙو وارو ڪونهي. اِهو تڏهن بہ نہ هو، جڏهن خود قدرت نہ رهندي (اڇوڪن ارٿن ۾). اِهو هڪ سناتن سنبنڌ آهي بلڪ ڪويتا جي اوچائي جو هڪ ماڻ پڻ آهي.''[1]

دلگير جي ڪوتا ۾ قدرت کي سمجهڻ لاءِ خود دلگير کي سمجهڻ ضروري آهي. اِها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ شعر جو قدرت سان اِٽوٽ رشتو آهي. دلگير جي جذبات کي پڙڪائڻ ۾ قدرت جو وڏو هٿ آهي. هو دل کولي پرڪرتيءَ کي پيار ڪري ٿو ۽ اُن جي گود ۾ ليٽي من کي مفرح ڪري ٿو ۽ تن کي تراوت ڏئي ٿو. هن جي شعر ۾ برائوننگ جي فيلسوفي ۽ شيليءَ جو سڪہ درسي نظريو موجود آهي. دلگير جي طبيعت عاشقنہ نہ پر معشوقانہ پڻ آهي. هو عاشق وانگر اُبهرو نہ پر معشوق وانگر لڄارو بہ آهي. پروفيسر لعلسنگهہ اجواڻي دلگير جي پهرئين ڪتاب ''ڪوڏ'' جي مهاڳہ ۾ لکيو آهي: هري دلگير جون ڪوتائون پڙهي، پڙهندڙ ۾ مشڪ ۽ ڪوملتا نہ آئي تہ ڏوهہ چئبو اُن موڳي پڙهندڙ، سنگدل جانور ۽ ديد دل جو، نہ هري درياني جو.

نارائڻ شيام دلگير جو ويجهو دوست هو. هن دلگير جي ڪوتا بابت لکيو:

''آهہ شعر اياز جو اوجل پوُنم رات،
۽ ڪوتا دلگير جي رنگ رتي پربات.''

دلگير اصل کان قدرت جو شاعر

دلگير ''اڪيلو چنڊ'' ڪوتا سنگرهہ ۾ لکي ٿو: ''مان قدرت کي پيار ڪندو آهيان. پرڪرتي منهنجي پريتما آهي، منهنجي سيني ۾ همدردر دل آهي، جا پرائي دک کي پنهنجو دک ڪري سمجهندي آهي. اهڙيءَ طرح پنهنجو دک پلائي چڏيندو آهيان. توڙي مان باغي

[1] - چاليهہ چوُراسي - هريش واسواڻي، ص.٩٩ ۽ ١٠٠

آهي. ”ويچاري قدرت ! هوءَ ته اسان جي ويجهو اچڻ لاءِ وڏا وس ٽي ڪري گهٽا واجهه ٽي وجهي، سانت سوڻ جي روپ ۾ شيءِ موقعي تي انب جا پن، مرتيو سنسڪار ۾ ڏيکٽن ۾ ڪٽڪ جا سلا، ڌرم - وڌيءَ ۾ تلسي ۽ ڪيوڙو، سونهن وڌائڻ ۾ گلاب ۽ موتيو، وندر ڏيڻ لاءِ برٽيءَ ۾ مڇيون ٻڌجي پيئي لياڪا پائي، پيئي اسان ڏانهن نهاري ، پر اسين سانڊس پريت رکون ئي ڪين. مترتا جوڙيون ئي ڪين. مٿي مائٽي ڳنڍيون ئي ڪين.[1]

تنوير عباسيءَ جو وري چوڻ آهي ته: هڪ عظيم شاعر ۽ فنڪار ڪائنات کي عام ماڻهوءَ کان ٻيءَ طرح ٿو محسوس ڪري. هو ڪائنات جي ڳوڙهي مشاهدي مان پنهنجي تيز حسن سان اهڙا ته تجربا ٿو حاصل ڪري جو اُنهن کي عام ماڻهو هوندي ته پهچي نه سگهي، پر شاعر جي بيان جي طاقت ۽ اُنهن تجربن جي ٻيهر تخليق ڪرڻ جي قوت ئي آهي جيڪا عام پڙهندڙ يا ٻڌندڙ کي شاعر جي اِها عام ماڻهوءَ لاءِ اڻ ڏٺل ۽ اڻ ٻڌل، اڻ ڇهيل ۽ اڻ محسوس ڪيل دنيا ٿي ڏيکاري ۽ محسوس ڪرائي ۽ هو شاعر سان گڏوگڏ ان دنيا کي محسوس ڪندو ۽ اُن دنيا جو مزو ماڻيندو ٿو هلي.[2]

هريش واسواڻي رچناڪار لاءِ قدرت جي اهميت کي هنن لفظن ۾ اظهار ڏئي ٿو- ”شعر جو اِتهاس اِن ڳالهه جو ساکي آهي ته جي شاعر آهن، اُنهن انوڀوتيءَ جي سوکيم ڏور سان پنهنجي چوگرد جي برهماند کي پاڻ سان ٻڌل ڄاتو آهي، جنهن جي روپ هر بار اُنهن کي نئون روپ ڏنو آهي. ڪڏهن سندر جي تلاش، ڪڏهن سچ جي تلاش، ڪڏهن آنند جي تلاش. اُنهن کي هن جڙجڳت جي گوناگون وادين ۾ پئي پڪاريو آهي. جتان ڪڏهن اُهي نيئي ڳولهي سگهيا آهن، ڪڏهن نيئي وڃائي سگهيا آهن. پر باوجود اُن جي، اُنهن جي چيتنا کي وسيع سُمتيون اُتان ئي پئي مليون. اِهو صحيح آهي. ته هر دؤر ۾ قدرت ۽ ڪويتا جو رشتو

١- هڪ پشپ پندرهن پنکڙيون - پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي، ص.٨٧

٢- شاهه لطيف جي شاعري - تنوير عباسي، ص.٧٠

همراز بڻجي ڳوڙها اُگهي ٿي. ڪوي ته راوجي اِنسان کان گهڻو حساس ٿئي ٿو، اِنڪري قدرت ڪويءَ جي جذبات جي نمائندگي ڪرڻ ۾ سندس آنڌ مانڌ کي آواز ڏيڻ ۾ سندس لوچ کي لفظي جامو پهرائڻ ۾ ڪامياب واهڻ بڻجي ٿي.

قدرت نه صرف سيپتڪ ڪلائون ۽ شڪتين کي اظهار ڪيو آهي. پر ڪوين کي اديت پريرٽا ڏيئي اُنهن جي اندرئين شاعر کي سجاڳه ۽ سچاڻ رکي، کين شعر ڳوئي ڪرڻ لاءِ آماده پئي ڪيو آهي. هونئن به قدرت جو هر پراڻي لاءِ اهم پارٽ ادا ٿيل آهي، قدرت جو مطلب پوري پرڪرتي آهي؛ پر گهڻو ڪري وڻ -ٽڻ، جانور- پکي، نديون-سمنڊ، آڪاش عناصر ئي اُن ۾ پرڌان آهن، جن کان متاثر ٿي اِنسان سرجن شڪتي حاصل ڪري ٿو. ڪوي پڻ پنهنجي اظهار لاءِ قدرت مان مواد حاصل ڪري ٿو. قدرت جي اهميت هر ڪنهن شاعر لاءِ الڳه الڳه آهي. اِهو شاعر جي نظريي تي منحصر آهي ته هو پنهنجي لوچ کي ڪهڙو لباس ٿو پهرائي. الڳه الڳه حالتن هيٺ دلگير من جي اِستٿيءَ موجب جذبات جو ذڪر ڪيو آهي. هن جون رچنائون نه صرف مڌر مڌر سپنا ٿيون ڏيکارين پر پاٺڪ جي دلين تي گهرو اثر به ڇڏين ٿيون.

دلگير جي ڪوتا ۾ قدرت جا مختلف نظارا پسڻ لاءِ سندس قدرت سان وابسته شعرن کي سهوليت موجب هيٺيئن نموني سلسليوار ورهائي سگهجي ٿو.

(i) آڪاشي عناصر

(ii) مندن کان متاثر رچنائون

(iii) ونسپتي يعنيٰ نباتاتي عناصرن بنسبت دلگير جون ڪويتائون

(iv) باغ باغيچا

(v) دلگير جي ڪوتا ۾ پسون پکي

(vi) نديون ۽ سمنڊ

(vii) گڏيل عناصر

بغاوتي ناهيان، پر انياءَ ۽ اتياچار خلاف، دل ۾ بغاوت جي باھ ٻري پونديءَ آهي. مان پنهنجي دل کي آس جي اُجالي سان روشن ڪري وٺو آهيان ۽ خاطري اٿم تہ اسانجو آئيندو روشن آهي. منهنجون ڪوتائون خود منهنجي موج مستيءَ لاءِ آهن، پر ٻيو ڪوبہ اُن مان پنهنجي دکي دل کي ڍير ڏيڻ چاهي تہ شايد ڪجهہ دلاسو يا آٿت ملي ويندس. جي گهر ۾ آرام ڪرسيءَ تي ليٽي، منهنجي ڪوتا پڙهي، قدرت جي سونهن جي سرڪيون پرڻ چاهي تہ شايد پرڪرتيءَ جون سهڻيون تصويرون سندس اکين اڳيان اُڀري بيهنديون ۽ سندس دل کي گدگدائينديون. جيڪڏهن ڪن پاڻکن کي منهنجي ڪوتا مان ڪو اُتساهہ يا اُمنگ يا ڪائي مؤج مستي ملي سگهي تہ منهنجي روح کي راحت ملندي.''

دلگير اصل کان قدرت جو شاعر آهي. پرڪرتي هن جي پريہ متر ۽ پريمڪابہ آهي تہ ماتا ۽ پوڄا يوگيہ گرو بہ آهي. هو قدرت وٽان قيمتي نصيحتون، آدرش ۽ اعليٰ اُصول بہ حاصل ڪري ٿو. انگلنڊ جي مشهور شاعر ورڊسورٿ کي قدرت جو مهاڪوي ڪري مڃيو وڃي ٿو. دلگير سنڌيءَ جو ورڊ سورٿ شاعر آهي. اِها ٻي ڳالهہ آهي تہ اِن سان گڏ هن وٽ شاعر شئليءَ جو سڪہ درسي نظريو ۽ ڪوي براٺوننگ جا فيلسوفانہ نڪتا بہ آهن پر اِن ۾ شڪ ناهي تہ مکيہ طور هو قدرت جو شاعر آهي.

هن جي اهميت هندي ڪوين سُمترا نندن پنت، پرساد، نرالا، مهاديوي ورما وغيره کان ڪنهن بہ طرح سان گهٽ ڪانهي. هن وٽ دهشت دم درياھ نہ آهن پر وٽس آهن سيتل سرور جنهن ۾ ڪنول جا اکيچار گل ٽا ٽڙن. هن وٽ سج جي تابش بدران چنڊ جي سيتلتا آهي. وٽس وڏ ڦڙا وسڪارا نہ پر بوندن جي رم جهم آهي.[1]

مٿين وصفن مان ظاهر آهي تہ ڪويتا لاءِ قدرت جي اهميت هر ٻوليءَ ۾ هر ڪنهن هر وقت پنهنجي پنهنجي نموني قبول ڪئي آهي. رواجي شخص کي قدرت ماءُ جي ممتا، پتا جو پيار ۽ دوست جي دلداري عطا ڪري، سندس خوشين ۽ اُمنگن ۾ اِضافو آڻي ٿي، سندس درد جي

1- هري دلگير هڪ اڀياس - پگوان نردوش، ص.٢٢

جهڙيءَ طرح شاه اسان کي ڪاري رات جي خوف جو چتر پسايو
آهي. دلگير اُتي انڌيري رات ۾ تارن جو وجود انڌيري تي حاوي پئجي
رهيو آهي. اهڙيءَ طرح زندگيءَ جي ڪابہ نراشا آشا روپي تارن کي
ڍڪائي نٿي سگهي.

اهڙو ئي آشاوادي خيال هئي هنڌ هيئن ٿو پيش ڪري.

”چنڊ ستارن جي هٿان، اچن روز پيغام،
اچڻي هن سنسار ۾، اونده ناهہ قيام.“[1]

سنجوڳ وقت سک ۾ اِضافو:

پريمي پريميڪا جي ميلاپ وقت ڪين خوشي ٿيندي آهي، اُن
سان قدرت جو ڪڻ ڪڻ بہ همشريڪ هوندو آهي، جنهن ڪري قدرت
سندس سک ۾ اِضافو آڻي ٿي، ايتري قدر جو ڪنڊن مان گل، انڌڪار
مان چانڊوڪيءَ جو احساس ٿيندو اٿن. پر ڇوٽي آهي تہ سک جون
گهڙيون ساعت ۾ گذريو وڃن ۽ ڏک جا لمحا صدين کان بہ
ڊگها ٿيو پون.

دلگير سان بہ ساجن سات آهي تہ وقت ڏڪندو وڃي ٿو:

”ساجن مون سان سيج تي تارن واري رات،
اکڙين ۾ ڪاٽي ڇڏيم پياري پياري رات.“[2]

ونجوڳ اوسٿا ۽ قدرت:

جتي قدرتي عناصر سنجوڳ وقت سک ۾ اضافو آڻين ٿا. اُتي وڇوڙي
جي اوسٿا وقت قدرت جو ڪڻ - ڪڻ پرينءَ جي ياد ڏياري ٿو. اکڙيون
راتين جا اوجاڳا ڪن ٿيون، برسات ۽ بسنت ملڻ جي پياس وڌائين ٿا،
ونسپتي جڳت جي ساوڪ زرد ٿي وڃي ٿي، ڪويل جي ڪوڪ، پونئر جي
گونجار پرينءَ سان ملڻ جي جذبي کي شدت سان پڙڪائي ٿي. مطلب تہ

١. مؤج ڪئي مهراڻ- هري دلگير، ص. ١١
٢. مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.١٢٠

(i) آڪاشي عناصر: دنيا جي سيني ڪوين تي سج، چنڊ، تارا چانڊوڪي ۽ اونداهي رات، سج جو اُڀرڻ ۽ لهڻ پنهنجو ڀرپور اثر ڇڏيندا آهن.

شاهه لطيف سر سهڻيءَ ۾ سنجها ۽ ڪاري رات جو هوبهو چٽر چٽيو آهي. اُٺتهين تاريخ جي اونداهي رات آهي ۽ سهڻي کي ڪچو دلو ساڻ آهي. چنڊ جو ڪو نالو نشان ڪونهي ۽ درياهه به پنهنجي قوه جوانيءَ ۾ آهي. نهايت گجگوڙ پيئي تي پوي. سهڻي ساهڙ ڪاڻ آڌيءَ رات درياهه ۾ آئي آهي. اِها سڀ خدا جي رضا هئي نه ته ڪير جيڪر جان جو جوکو کڻي کُنن ۾ ڪاهي؟

”ڪاري رات ڪچو گهڙو اُٺتيهه اونداهي،
چنڊ نالو ناهه ڪو، درياهه دڙ لائي،
ساهڙ ڪارڻ سهڻي،آڌيءَ تي آئي،
اي ڪم اِلاهي، نات کُنن ۾ ڪير گهڙي؟“[1]

سهڻي هاڻي بلڪل نٽي ترسي. سهڻي ميهار جي خاطر پاڻ کي درياهه جي حوالي ڪري تي ڇڏي محبت اڳيان درياهه به سڪي ميدان ٿي پيو.

”ڪاري رات ڪچو گهڙو ، نڪا سيڻهه ساڻ،
وجهي ويرم نه ڪري پرياڻ ڪارڻ پاڻ،
محبت جي مهراڻ، سُڪي سڀ پٽ ٿيو.“[2]

ساڳيءَ طرح دلگير زندگيءَ جي نراشا روپي انڌڪار کي آشا روپي تارن ڀري رات سان ڀيٽيندي لکي ٿو:

”جهڪو ئي ڪجهه ته مگر آهي تاب تارن جو،
سمورو ڏيل ڏکي آهه ويو انڌارن جو.“[3]

۱.۲. شاهه جو رسالو - شاهه لطيف، ص.۱۱۰

۳. رولو آواز - هري دلگير، ص. ۳۰

دلگير آسمان ۾ سج کان پوءِ چنڊ جو تصور ڪري ٿو. هن جو ڪلئي آڪاش ۾ چنڊ تارن ڪشادن ميدانن سان خاص پيار آهي. چنڊ پنيان تہ جنسي چريو آهي. چنڊ کي ڏسندي دلگير کي چندرمکي محبوب جي ياد اچي ٿي.

”چوڏهين جي چانڊاڻ، راٽي تنهنجي روپ ۾،
جي تون مون سان ساڻ، اونده اُجلي ٿي پوي.“[1]

”جل سانوري ۾ چندرمکيَ جي پئي جهلڪ،
پاڻيءَ ۾ چڻ تہ چنڊ جو اُيريو نکار هو.“[2]

نيري اُپ مان سونهن هيٺ ڪُڏ تي ليٽيل ڪويءَ سان اچي رهاڻيون ٿي ڪري.

”اُپ مان اُتري ڪڏ تان آئي، ڪائي سوکيم سونهن،
ياڪر پائي خوب ڪيائين ساري رات ورونهن.“[3]

شاعر جي تخيل ڪيس هميشه ڌرتي ۽ آڪاس جا سئر ڪرائيندي ٿي رهي. تڏهن تہ دلگير لکي ٿو :

”ٻنجي ستارو آس جي آڪاس تي چڙهي،
روشن منار تان مان نهاريان ٿي تنهنجي لاءِ.“[4]

شاعر جا خيال آسمان جي ايڏي تہ اوچائي ۽ گهرائيءَ کي ڇُهي رهيا آهن. آسمان جو پولار بہ سوڙهو ٿو نظر اچي ، چوي ٿو:

”اُمنگن جو پکيئڙو ايترو اوچو اُڏامي ٿو،
نهايت تنگ هاٿي عرش جو پولار سمجهان ٿو.“[5]

”چانڊني راتين ۾ ڪيڏو ياد ايندي آنهہ تون،
پيار جو سنسار سپنن سان پريندي آنهہ تون،

۱.۲. رولو آواز- هري دلگير، ص. ٦٥
۳. لهرن لکہ لباس - هري دلگير، ص. ۳۵
۴. وڻ وڻ ۾ وايون - هري دلگير، ص.١٦
۵. وڻ وڻ ۾ وايون- هري دلگير، ص.۲۸ ۽ ۴۰

هر عناصر يا پرينءَ سان گڏ گهاريل ڏينهن ياد ڏياري ٿو يا پرينءَ سان ملڻ جي پياس وڌائي ٿو.

چؤطرف سونهن، مست واءُ ۽ رات جي گيت چوڻ وقت پريميءَ جي جدائي ڪويءَ کي انياءُ ڀاسي ٿي.

”مست مست واءُ آ حيرتي هڳاءُ آ،
رات گيت ٿي چوي چنڊ جو اُهاءُ آ،
اڄ تہ چانڊني پيون دم ۾ تاس تاءُ آ،
هن سمي اسين جدا، ڇا اِهو بہ نياءُ آهي؟“[1]

شاعر ڌرتيءَ کان مٿي اُڏامي اِنڊلٺ جي اُڏند ڪٽوليءَ تي سير ڪرڻ ٿو چاهي لکي ٿو:

”ڪنهن اِنڊلٺ تي سير ڪري دل لڀائجي،
رنگن جي ڊوپ ڇانو جي دولت لٽائجي.“[2]

شاعر جڏهن سچ جو درشن ٿو ڪري تڏهن هو محسوس ٿو ڪري تہ اِهو سچ ئي آهي جو سرشٽيءَ کي منور ٿو ڪري سورج بنا جيڪر جڳت ۾ اونده انڌڪار هجي ها ! جنهن بنا چنڊ، ڪتيون، تارا، گره وغيره ۾ روشني نہ هجي ها !

لکيو اٿس:

”ڪتيون تارا سداءِ جوت پنهنجيءَ سان تون جرڪائين،
تون پنهنجي ڇهري جي چمڪات سان ٿو چنڊ چمڪائين،
وجهي پاڻيءَ ۾ پنهنجا اولڙا، تنهن کي ٿو ڀڪائين،
سرشٽيءَ کي سراپا نور جي چادر ٿو پهرائين،
تجلي تنهنجي جو ذرو، جي مون ۾ ٿئي عيان هيڪر،
پري مان پنهنجي جلوي سان، ڇڏيان سارو جهان جيڪر.“[3]

---

١. پل پل جو پرلاءُ- هري دلگير، ص. ٨۴
٢. رولو آواز - هري دلگير، ص. ١٦
٣. ڪوڏ - هري دلگير، ص.٨٠

مطلب تہ آڪاشي عناصر دلگير جي آشاوادي سنديش، وقت جي مجبوري، شرنگار جي سنجوڳ ۽ ويوگ پڪش جي ترجماني ڪن ٿا.

(ii) مندن کان متاثر رچنائون :

قدرت جي بيان ۾ مندن جي تبديلي اهم جڳهہ والاري ٿي. اِن ڏس ۾ ڪاليداس جي رچنا ”رُت سينگار“ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. اِن کان سواءِ شاهہ جو سر سارنگ تہ سمورو قدرت جي هن بيان جو سهڻو مثال آهي. نہ رڳو ڪڪرن جا ڪارا ويس، وڄن جا لعل ويس لبيس، پر برسات بعد پلر جي پالوٽ سان پٽن جو پاهہ جهلڻ، ڳسن مٿي ڳاهہ ٿيڻ، سنگهارن جو ڏڻ چارڻ جو نهايت دلڪش نموني چٽ چٽيل آهي. نتيجن سارنگ ڪي ماڙهو، مينهون، مرگهہ، آڙيون، تارا، سمنڊ جون سپون، مطلب تہ سارو عالم ٿو ساري.

”سارنگ ڪي سارين، ماڙهو مرگهہ مينهون،
آڙيون، اَبر آسري، تاڙا تنوارين،
سپون سمنڊ ۾، نئين سڄ نهارين،
پلر پيارين، تہ سنگهارن سک ٿئي.“[1]

سنڌ دلگير جي هردي تي هردم رم جهم - رم جهم رنگ لايو ”سر سارنگ“ جا سارا سُر سمايو، هن جي شاعريءَ ۾ نوان رنگ اُتپن ڪندي هئي. هو جڏهن جڏهن بہ سنڌ ڪي ساريندو هو، تڏهن تڏهن شاهہ جو رسالو هن جي ۽ سنڌ جي وچ ۾ ڳانڍاپي جي اڪيلي پُل بڻجندو هو، ۽ هوُ آديپور ۾ آسمان ۾ رم جهم وارا نظارا پسي، بي اختيار شاهہ جو ”سر سارنگ“ کوليندو هو.

”سارنگ“ لاءِ شاهہ چوي ٿو:

”موتي مانداڻ جي ڄَڙي ڪيائين جوڙ،

1. شاهہ جو رسالو - شاهہ لطيف، ص.٣٣٣-٣٤١

چنڊ جي ڪرڻن وسيلي، دل جي ڪمري گهڙي،
چپ چپاتي مون سان هم آغوش ٿيندي آنهه تون.“[1]

ڪوي ۽ ڪي رات سان خاص پيار آهي هوءَ هن جي محبوبا آهي. رات جو وقت آهي ۽ تذڪار بہ زبردست آهي پوءِ بہ ڪوي اُن جو لطف ماڻڻ چاهي ٿو:

”تارن جي سرد روشني، ڏڪ ڏڪ ٿو هوُ ڪري،
تارا تہ ڪيس ڪونہ ٿا اوچڻ ڏيئي سگهن،
ڌرتيءَ جي بستري تي ٿڌي آهہ ٿو ڀري،
تارن جي سرد روشني، ڏڪ ڏڪ ٿو هوُ ڪري،
چپ چاپ ڪيس رات ٿي ويڙهي هري هري،
همدرد لفظ بہ نہ ٿا تارا چئي سگهن،
تارن جي سرد روشني، ڏڪ ڏڪ ٿو هوُ ڪري،
تارا تہ ڪيس ڪونہ ٿا اوچڻ ڏيئي سگهن.“[2]

متي چئي آيا آهيون تہ دلگير چنڊ جو عاشق آهي ۽ پريت جو گيت ڳائيندي لکي ٿو:

”وئي روشني اوندهہ مڙي،
تون آءُ گلشن ۾ گهڙي، اُلڪو ڇڏي، وشواس ۾،
دل جو ڪنول پوندو ٽڙي.
پڻ چندرما پوندو ڪڙي، تو مون مٿان آڪاس ۾،
”دلگير“ هير آهي ٿڪل،
گلڙن جي خوشبوءِ ۾ ڀنل، مڌ ماڪ جي آلاڻ ۾،
آ گلستان سارو سُتل،
آ پيار چورن جيان لڪل، سرهاڻ ۾ چانڊاڻ ۾.“[3]

---

١. وڻ وڻ ۾ وايون- هري دلگير، ص.٢٨ ۽ ٤٠
٢. گاهہ ڪليا گس گس - هري دلگير، ص.٧٢
٣. جيءَ جيءَ ڙي جيءَ - هري دلگير، ص.١٣٧

فن ۾ ماهر آهي تہ ڪھڙو لفظ ڪٿي رکجي جيئن اُچارڻ سان وٽي ۽ معنيٰ بہ سهڻيءَ ريت ظاهر ڪري.

دلگير فطرت جو شاعر آهي. (poet of nature) هن جي شاعريءَ ۾ بادلن جو، پوپٽن جو، سورج-چنڊ جو، ستارن جو مڌرين هوائن ۽ سانوڻي گهٽائن جا سهسين روپ - سروپ ملندا.

''او سانوڻي گهٽائون !
او بادلن جو ٽوليون، او مڌ ڀريون هوائون!
او مست مست بوندون، برسات جون فضائون،
ايندا ڪڏهن ڀرين هت، پيغام ڪو مُڪائون؟
يا مرڳوئي دل تان لاهي ڇڏيائون؟
او سانوڻي گهٽائون !''[1]

شاعريءَ جو فن رڳو لکڻ سان نہ، پر پڙهڻ سان بہ واسطو رکي ردم جو احساس ڪرائي ٿو. دلگير جي برسات جو بيان رِدم جو سهڻو مثال آهي.

''ڊنڊون ڊوران، ڦوڪيا ڦاٽيا جڳ جلمئہ ٿيو ساروري،
ڪچڙا گهرڙا خوب ڪرن ٿا، ڦهُ ڦهہ ۽ ڦهڪار وري.''![2]

تجنيس حرفيءَ جو النڪار استعمال ڪري دلگير مٿين مصراڪن ۾ نئون روح ڦوڪيو آهي. ڊنڊون ڊوران، ڦوڪيا ڦاٽيا، ڦهُ ڦهُ ۽ ڦهڪارو اِسم تصغير جو استعمال پڻ بين مصرع ۾ جادوءَ جو اثر ڪيو آهي.

دلگير پنهنجي شعر ذريعي وقت بہ ڦت زمان حال ۾ جيئڻ جي تائيد ڪري ٿو. زمان حال زندگيءَ لاءِ ماڻڻ جي شيءِ آهي. روئڻ يا ڀُوڙها ڳارڻ جي نہ اِنڪري جو اڄ آهي سو ماڻي ونجي. سڀاڻي جي ڪنهن کي خبر اِن ڪري دلگير هن غزل ۾ لکي ٿو:

---

١. مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص. ١١٨

٢- ماڪ ڦڙا - هري دلگير، ص.٨٨

وڃون وسڻ آئيون، ٻه ٻه ٻڌائون ٻوڙ،
اَنن جا عالم ۾، لکين تيا کوڙ،
سارنگ لاٿي سوڙهه، سانده سهائو ٿيو.“[1]

شاهه جو شيدائي دلگير آديپور (ڪڇ) ۾ سارنگ جي مُند ۾ شاهه جي رسالي مان ”سر سارنگ“ پڙهي ”سنڌ جيڪا سندس جند هئي“ اُن جي ٿَڌل تند کي جوڙيندي چوي ٿو:

”اُپ تي رم - جهم رنگ،
اڄ ته رسالو شاهه جو،
پڙهبو سر سارنگ.“[2]

”رم جهم ميگهه ملهار
ڇڻ ٻن ۾ ڪنهن سندريءَ
ڇيڙي آهه ستار.“[3]

دلگير جي ڪوتا ۾ مُندن جي ڇٽيل ڇٽ مان نه رڳو ظاهري معنيٰ جي معلومات ملي ٿي مگر سندس جيون درشٽيءَ جي به ڄاڻ پوي ٿي. بادل جي برسڻ سان اِنسان سان گڏوگڏ سپن تي پوندڙ اثر جو ڇٽ دلگير هن ريت ڇٽيو آهي:

”برڪت ڪٺي بادل مٿان برسڻ آيو،
ساگر مان سون سپن مٿي واڇايو،
هڪ ٻن کي مگر بوند نصيبن ۾ هئي،
جن موتي ڪڍي جهان کي جرڪايو.“[4]

شاعريءَ جي فن ۾ آواز جو اهم حصو آهي. هو ٻڌل آواز جو ذڪر اهڙيءَ ريت ڪندو آهي جو اُهو ٻيهر ڪنن ۾ ٻڌڻ لڳندو آهي. دلگير اِن

---

1. شاهه جو رسالو - شاهه لطيف، ص. ۲۳۲-۲۴۱
۲-۳- لهرن لڪ لباس - هري دلگير، ص. ٦٩.
۴. پل پل جو پرلاءُ - هري دلگير، ص. ۷۰

ڪري. بسنت جي رُت ۾ شاعر لکي ٿو تہ مُرڪي اُن جو آءُ ياءُ ڪجي.

”رُسڻي ڏکڻي مُند بسنتي، هن تي ناهہ بقاءُ،
موٽي ويندي جي نہ ڪندين تون، مُرڪي آدر ياءُ.“[1]

وري جڏهن ڪتي ڪاهي ٿي اچي ۽ خزان جو خوف گلستان تي ڇائنجي ٿو وڃي تہ سک درسي شاعر لکي ٿو:

”ڏُکن جي گود ۾ سکہ روپ بار مُشڪي ٿو،
سرؤ جي جهول ۾ ايندڙ بهار مشڪي ٿو،
گلن ٽڙڻ جو تہ آهي وڏو ئي وقت مگر،
عيوض اُنهن جي، هنئر خار خار مُشڪي ٿو.“[2]

برسات جي آوازن کي دلگير آنند سان محسوس ڪيو آهي ڪيئن لڳي ٿو گويا ڪا پڙي بادلن مان بين، چنگ، مِردنگ ۽ سوين ساز وڄائي، پنهنجي جادوءَ سان ڪلين کي گل بڻائي فرش تي سبز غاليچا وڇائي ٿڌي هير سان فضا ۾ عطر اوتي رهي آهي. نتيجي رڻ پٽ ۾ ساهہ اچيو پوي. وڻ وڻ وٽڻ لڳي ٿو. پن پن مشڪي ٿو، وڻ ٻچون ڏارون ائين ٽيون لڳن جڻ چيچ هٽي رهيون آهن. ڪويل جي ڪوڪ ۽ پپيهي جي پڪار سان بلبل جي لات لنوڻ ڏسي جهنگ جا جهانگي بہ ڪن تي هٿ رکي جهونگارن ٿا. زمين جي آلاڻ مان عجيب سُرهاڻ اچي رهي آهي.

برساتي بوندا باندي ۽ انڊلٺ ڏسي دلگير کي محبوب جي ياد آئي آهي ۽ ان نفيس خيال کي هن تيزوءَ ذريعي خوبصورتيءَ سان نڀايو آهي:

”هيءُ ٽِڙڪو، هيءُ بوند،
اُڀ ۾ مُشڪي انڊلٺ،
تون بہ هجين ها هوند.“[3]

١- مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.٤٧
٢- وڻ وڻ ۾ وايون - هري دلگير، ص.١٣
٣- پل پل جو پرلاءُ - هري دلگير، ص.٦٢

”اَڄ تہ پوپٽ ٻٽي اُپ ۾ اُڏرون،
روپ، رس، رنگ گلن جو ماڻيون،
اڄ تہ هڪ ٻئي سان ملون دل کولي،
ڪنهن کي ڪل، پوءِ ملون يا نہ ملون،
جو هتي نيٺ ڇڏي وڃڻو آ،
تنهن پُنيان مُفت ڀلا ڇو ڊوڙون،
جو بہ اڄ آهہ سو ماڻي وٺجي،
سُڀان ”دلگير“ هجون يا نہ هجون.“[1]

دلگير جي شعر ۾ قدرت سان پيار ۽ جذبن جا انيڪ رنگ نظر ايندا.

”صبح جو ڪوئل ڪوڪ تي ڪري مونکي جاڳائي،
جُڳهتن مان بلبل ڳائي، جيءُ منهنجو بهلائي،
هير ڪري تي ڪن منهنجي ۾ ٻاراڻي ٻولي، مان قدرت جي راڻي.“[2]

دلگير ڪلپنا کي پنهنجو ميت بڻائي، آڪاس ۾ ٿي پرواز نٿو ڪري، هو هن ڌرتيءَ تي بہ لهي ٿو. ٢٦ جنوري ٢٠٠١ تي ، ڪڇ ۾ زبردست زلزلو آيو، جنهن ۾ هزارين ماڻهو مئا ۽ لکين ماڻهو بي گهر ٿيا. شاعر اکين ڏٺو حال هڪ نظم ۾ بند ڪيو آهي.

”ڌرتيءَ جي ڌوڌن منجهان، پاتالي گجگوڙ،
ڇڻ تہ هئي آڪاس ۾ راڪاسي ڊڪ ڊوڙ،
شِوَ جو تانڊو ناچ هو، جنهن جو انت نہ توڙ،
پٽ پٽ مان اُڏرڻ لڳا، پٿر لکہ ڪروڙ،
هاڻي ڪريو جاڪوڙ، ملبن مان ماڻهو ڪڍو.“[3]

هري دلگير بهار جو سواگت ٿو ڪري تہ سرءُ جو بہ ستڪار ٿو

١- جيءُ جيءُ ڙي جيءُ - هري دلگير، ص.٣٨
٢- ڪوڏ - هري دلگير، ص.٤٤
٣- صبح جو سهاڳ - هري دلگير، ص.٦٣

ڪري. بسنت جي رُت ۾ شاعر لکي ٿو تہ مُرڪي اُن جو آءُ ياءُ ڪجي.

”رُسڻي ڏکڻي مُند بسنتي، هن تي ناھ بقاءُ،
موٽي ويندي جي نہ ڪندين تون، مُرڪي آدر ياءُ.“[1]

وري جڏهن ڪتي ڪاهي ٿي اچي ۽ خزان جو خوف گلستان تي ڇائنجي ٿو وڃي تہ سڪ درسي شاعر لکي ٿو:

”ڏُکن جي گود ۾ سک روپ پار مُشڪي ٿو،
سرؤ جي جهول ۾ ايندڙ بهار مشڪي ٿو،
گلن ٽڙڻ جو تہ آهي وڏو ئي وقت مگر،
عيوض اُنهن جي، هنئر خار خار مُشڪي ٿو.“[2]

برسات جي آوازن کي دلگير آنند سان محسوس ڪيو آهي ڪينس لڳي ٿو گويا ڪا پڙي بادلن مان بين، چنگ، مِردنگ ۽ سوين ساز وڄائي، پنهنجي جادوءَ سان ڪلين کي گل بڻائي فرش تي سبز غاليچا وڇائي ٿڌي هير سان فضا ۾ عطر اوتي رهي آهي. نتيجن رڻ پٽ ۾ ساھہ اچيو پوي. وڻ وڻ وڻ لڳي ٿو. پن پن مشڪي ٿو، وڻ ڄڻ ڏارون ائين ٿيون لڳن ڄڻ چيچ هٿي رهيون آهن. ڪويل جي ڪوڪ ۽ پپيهي جي پڪار سان بلبل جي لات لنوڻ ڏسي جهنگ جا جهانگي بہ ڪن تي هٿ رکي جهونگارن ٿا. زمين جي آلاڻ مان عجيب سُرهاڻ اچي رهي آهي.

برساتي بوندا باندي ۽ انڊلٺ ڏسي دلگير کي محبوب جي ياد آئي آهي ۽ ان نفيس خيال کي هن تيزوءَ ذريعي خوبصورتيءَ سان نهڪايو آهي:

”هيءُ ٽِڙڪو، هيءَ بوند،
اُڀ ۾ مُشڪي انڊلٺ،
تون بہ هجين ها هوند.“[3]

۱- مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.۴۷
۲- وڻ وڻ ۾ وايون - هري دلگير، ص.۱۳
۳- پل پل جو پرلاءُ - هري دلگير، ص.۶۲

”اَڄ تہ پوپٽ بڻي اُپ ۾ اُڏرون،
روپ، رس، رنگ گلن جو ماڻيون،
اڄ تہ هڪ ٻئي سان ملون دل کولي،
ڪنهن کي ڪل، پوءِ مِلون يا نہ مِلون،
جو هِتي نيڻ چڱي وچڙو آ،
تنهن پُنيان مُفت پلا ڇو ٻوڙون،
جو بہ اڄ آهہ سو ماڻي وٺجي،
سُپيان ”دلگير“ هجون يا نہ هجون.“[1]

دلگير جي شعر ۾ قدرت سان پيار ۽ جذبن جا انيڪ رنگ نظر ايندا.

”صبح جو ڪوئل ڪوڪ تي ڪري مونکي جاڳائي،
جُهڳهتن مان بلبل ڳائي، جيءُ منهنجو بهلائي،
هير ڪري تي ڪن منهنجي ۾ ٻاراڻي ٻولي، مان قدرت جي راڻي.“[2]

دلگير ڪلپنا کي پنهنجو ميت بڻائي، آڪاس ۾ ئي پرواز نٿو ڪري، هو هن ڌرتيءَ تي بہ لهي ٿو. ٢٦ جنوري ٢٠٠١ تي ، ڪڇ ۾ زبردست زلزلو آيو، جنهن ۾ هزارين ماڻهو مئا ۽ لکين ماڻهو بي گهر ٿيا. شاعر اکين ڏٺو حال هڪ نظم ۾ بند ڪيو آهي.

”ڌرتيءَ جي ڌوڏن منجهان، پاتالي گجگوڙ،
ڇڻ تہ هئي آڪاس ۾ راڪاسي ڊڪ ڊوڙ،
شِوَ جو تاندو ناچ هو، جنهن جو انت نہ توڙ،
پٽ پٽ مان اُڏرڻ لڳا، پٿر لکہ ڪروڙ،
هاڻي ڪريو حاڪوڙ، ملبن مان ماڻهو ڪڍو.“[3]

هري دلگير بهار جو سواگت ٿو ڪري تہ سرءُ جو بہ ستڪار ٿو

١- جيءُ جيءُ ڙي جيءُ - هري دلگير، ص.٣٨
٢- ڪوڏ - هري دلگير، ص.٤٤
٣- صبح جو سهاڳ - هري دلگير، ص.٦٢

قدرت هر قدم تي شاعر جي دل تي اثر پذير ٿئي ٿي ۽ خود دلگير بہ اِن اثر کان آجو نٿو رهي سگهي، ۽ پنهنجي ڪلپنا دوران قدرت جي هڪ عناصر کي عيوضي بڻائي مختلف عناصرن لاءِ نياپا موڪلي ٿو. مثلا سورج پرڀاتي ڪرڻن ذريعي هيئنيان سنديش ڏئي ٿو:

”اي ڪويل جاڳ، ڪُوڪُو ڪر وڃي تون سير برڇن ۾،
اُٿي گل ماڪ سان منهن ڌوءُ، وڃي تون ٻهڪ ٻوٽن ۾،
اي بندا، بندگي ڪر، ڇا اجان تون رهندين سُپنن ۾.“[1]

قادر جي قدرت اپار آهي. ڪُل ڪائنات ۾ سک جو سنديش پريو پيو آهي. قدرتي عناصر هر قدم تي اسان کي سکيا ڏين ٿا . مثلا گل ڪومائجڻ جي بعد بہ سرهاڻ ڏئي ٿو. چنڊ اونده ۾ رهي بہ ٻين کي روشني ڏئي ٿو. ساڳيءَ طرح اِنسان کي بہ ٻين لاءِ جيئڻ جو سنديش ڏيندي دلگير چوي ٿو:

”جو پيئارڻ ۾ مزو، سو پيئڻ ۾ نہ آهي،
لطف خود لاءِ نہ، ٻين لاءِ جيئڻ ۾ آهي،
دل ٽٽڻ سان بہ گل تہ ڏئي ٿو سرهاڻ،
سو مزو ناهي وٺڻ ۾، جو ڏيڻ ۾ آهي.“[2]

ساڳي سکيا ڏيڻ لاءِ دلگير اِنسان کي مشڪلاتن سان مقابلو ڪري زندگيءَ ۾ نکار حاصل ڪرڻ جي صلاح ڏئي ٿو:

”تئن تئن خوشبوءِ ڏيندو ويو جئن جئن چندن گهندا ويا.“

باغ باغيچا رنگ برنگي گل وغيره شاعر جي دل کي ڪشش ڪن ٿا. دلگير اُنهن تي عاشق آهي. ”ڪنول جو گل“ لاءِ چوي ٿو:

”پيارا پيارا ڦوُل منوهر ! تو ڇا مؤج مچائي،
ساڻ سرشٽيءَ ۾ آندي تو، سندرتا سرهائي.

١- مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.٤٣
٢- لهرن لڪ لباس - هري دلگير، ص.٨٨

ونسپتي: (ونسپتي يعني نباتاتي عناصرن بنسبت دلگير جون ڪوتائون)

هر شاعر حسن پرست ٿئي ٿو. قدرت جا نظارا هن کي موهين ٿا. ونسپتيءَ ۾ جتي جهنگ جا وڻ، ٻوٽا، ڪنڊا ۽ جهاڙيون ذڪر هيٺ اچن ٿا. جي پنهنجو پاڻ ئي وجود حاصل ڪن ٿا، اُن لاءِ اِنسان کي ڪابه محنت نٿي ڪرڻي پوي، ته ٻئي پاسي باغ - باغيچا، رنگ برنگي گل ڦل ۽ وڻ ٻوٽا اچن ٿا، جي اِنسان پنهنجن هٿن سان پوکي، پرورش ڏيئي اُنهن مان فائدو حاصل ڪري ٿو. دلگير جي شعر ۾ گل ڦل، وڻ ولين، زرد پن ۽ ڪليون جابجا لياڪا پائيندا نظر اچن ٿا. گلاب جي گل جي سونهن پيار ڪرڻ لاءِ آماده ڪندي آهي ته اِهو ڏپ پڻ ستائيندو آهي ته سياٽي گل جون مکڙيون زرد ٿي ڪري نه پون، ساڳئيءَ ريت پريميڪا جي عارضي حسن کي پيار ڪرڻ جي جذبي کي ڪويءَ گل ذريعي ڏيکاريو آهي.

”دل ٿي چوي ته ڪيس چني، پيار اچ ڪريان،
ڪرندا سياٽي زرد ٿي پتا گلاب جا.“[١]

مٿيئن خيال جي برعڪس شاعر جي دل جڏهن دکي ۽ غم زده آهي، تڏهن اِهي بهاري گل ڦل به هن جي دل کي ڪا تسڪين نٿا بخشين.

”پن پن ناچ نچي پيو، گل ڦل ڏئي سرُهاڻ،
رس نه ڏين سي روح کي من ۾ جي مانڌاڻ.“[٢]

ڪاش اِنسان کي اُها اک هجي جو قدرت جي ڪَٽي ڪَٽي مان عبرت حاصل ڪري، ٽپي ٽپي تي قدرت اسان کي سکياداءِڪ سنديش ڏئي ٿي مگر اسان جو منحوس من اِن نصيحت کي اورانگهي ٿو وڃي. دلگير جي دل ۾ اِهو سڪه درسي جذبو جاڳي ٿو:

”ڪاش هجي ها رستي تي هڪ درخت ڇايادار،
سيتل ڇايا، مٺڙا ميوا، سيني لاءِ هزار.“[٣]

---

١ - رولو آواز - هري دلگير، ص.٢٧

٢. مؤج ڪئي مهراڻ- هري دلگير، ص.٧٠

٣. پل پل جو پرلاءُ - هري دلگير، ص.٤٨

دلگير جو مڃيون شعر سدا جوانيءَ جو ذڪر ڪري ٿو ۽ اُن سدا جوانيءَ لاءِ پيار، عشق ضروري آهي سچل وانگي.

سَچو عشق پُڌا نا ٿيوي،
توڙي چَنڙي هوويس ڏاڙهي ! (سچل)

وطن ۽ ٻوٽن سان دلگير جو خاص پيار آهي. جڏهن ٻه ڪٿي ڪوئي وڻ ڪاٽبو ڏسي ٿو ته سندس دل دانهن ڪري اُٿي ٿي:

”جو جهاڙ هو شاهي، ٻٽي بيدرد ڪٽيائون،
ڪپندي هئي ڪين ڪا تيلي يا ٻه تيليون.“[1]

”تهٽي آ نئين سڙڪ ڇيائون،
سر سبز وٽن ڪي ٽي وڍيائون.“[2]

دلگير پنهنجي پيٽ هڪ شاهي وڻ سان ٿو ڪري:

”مان آهيان هڪ شاهي وڻ،
پاڙون ڌرتيءَ ۾ ڊيپل آهن،
پر ٽاريون آهن آڪاس سان ملڻ لاءِ اُتاوليون،
منهنجي ڏار ڏار تي آهن اڏيل،
آرزن جي پکين جا آکيرا.“[3]

ڀارت ۾ سنڌي ساهتيڪارن جو پورو قدر نه ٿيندو ڏسي دلگير دکي ٿي پوي ٿو. سنڌي اديبن جي ڀيٽ ميويدار وڻن ، جابلو جهرڻو ۽ خوشبودار گلن سان النڪار تشبيهه دواران ڪري، پاڻ سميت سيني اديبن جي اندر ۾ لڪل پيڙا جو اظهار اهڙيءَ طرح ڪيو آهي. جيڪو سچ پچ هر سنڌيءَ کي سوچڻ لاءِ مجبور ڪندو جنهن کي پنهنجي ٻوليءَ لاءِ ٿورو به پيار آهي چوي ٿو:

١-٢- رولو آواز - هري دلگير، ص.٥٧
٣- جهنگلي گل - هري دلگير، ص.٣٨

سيتل هيرِ ڳُهلي پرڀاتي، ڳلي ملڻ لاءِ آئي،
سپرش ساڻ ڪري سُرهي سا، تو ٻي سُرت ٻڌائي،
نيرو نير، ڳگن ۾ نيرو، وچ ۾ صاف سفيدي،
سندر دنيا ۾ تو سندر رم جهم راس رچائي،
وايوُ هٿ پنهنجي سان پيارا، تنهنجو جهوُلو جهوُلي،
جهوُلي جهوُلي، هردي ۾ تو چنچل لهر لڳائي.''[1]

دلگير ''ڌرتيءَ کي گلزار ڪرڻ'' ۽ ''خوشبوءِ سان سنسار واسڻ'' واري شاعر جي فرض کان پليءَ پيت واقف هو. نه رڳو اُن کان واقف هو، پر هن اِن کي سُهڻائيءَ سان نڀايو به:

''جان جان هئي جيئري، وِرچي نه ويٺي،
وچي پوُنءِ پيٺي، سارينديء سڄڻين.''

دلگير جو لکيل هي بي-قافيه نظم جو بيحد خوبصورت ۽ بنه مختلف نظم آهي ۽ هن جي شاعري ''سدا جوان'' هجڻ جو اُهڃاڻ آهي:

''مان هِن - جيون ڦلواڙيءَ کي،
پوپٽ وانگر پيار ڪريان ٿو،
سونهن ڏسان ٿو، رس به چکان ٿو،
ليڪن اَنکي کونه ڀِهان ٿو،
اَنکڻ عيب ڀِداپي جو آ،
آءٌ سمي سان قدم مِلائي،
تکڙو - تکڙو هلندو آهيان،
۽ ڪانئُس اڳ ڪِڍندو آهيان،
پوڙهو هوندين تون ئي پاڻ
آءٌ ته آهيان سدا جوان !''[2]

۱- موڄ ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.۱۰۵
۲- پل پل جو پرلاءُ - هري دلگير، ص.۱۲۸

آهي، اُن جي ستا کي باطني حواسن سان محسوس ڪري سگهجي ٿو ۽ نہ ظاهري حواسن ذريعي دلگير هتي عاجز بڻجي مالڪ لاءِ چوي ٿو:

”اِندلٺ ۾ ڏنم توکي، تون رنگين آهين،
گل گل ۾ ڏنم شاه، تون شوقين آهين،
دل ساڻ ڏنم توکي هزارين پيرا،
هڪ پيرو بہ اک تي تون چڙهيو ڪين آهين.“[1]

باغ باغيچا:

مطلب تہ دلگير قدرتي نظارن، ندين، پهاڙن ۽ باغيچن باغن گلن ڦلن جو شائق آهي. لکي ٿو:

”ڪنول ڪڏهن سرور ۾ مشڪيو، ڪل ئي ڪانہ پيم،
مکڙيءَ جو شرميلو مکڙو، ڪيئن ڪڏهن ٻهڪيو، ڪل ئي...
مڌر سڳنڌيءَ جو رس پيالو ڇلڪ ڇلڪ ڇلڪيو، ڪل ئي...
امرت رس چوسڻ ماڻڻ لاءِ، ڀونئر ڀونئر ڦڙڪيو، ڪل ئي...
دوُر دوُر سرهاڻ ڪٿجي وئي، سارو جڳ مهڪيو، ڪل ئي...
گونگي موُج اُتي من من ۾، هر هردو ڌڙڪيو، ڪل ئي...
درسن لاءِ دلگير دلين ۾، چاهہ چنڊ چمڪيو، ڪل ئي...“[2]

هڪ راتڙيءَ جي ڳالهہ:

”بلبل جي بات ٿئي ٿي، نہ کلي منهن گلاب جو،
چپ تي اچي ڪري ٿو ڪٽورو شراب جو،
چولي ڇُلي ٿي، موت جي سنسار - سمنڊ ۾،
اُن تي عجيب ناچ حياتيءَ شباب جو،
هن عمر بي بقاتي ڀروسو نہ آهہ ڪو،
گل جي پتي تي ماڪ جو نازڪ ڦڙو پسو.“[3]

١- پل پل جو پرلاءُ - هري دلگير، ص.٢٩

٢- جيءُ جيءُ ڙي جيءُ - هري دلگير، ص.٧٥

٣- جيءُ جيءُ ڙي جيءُ - هري دلگير، ص.١٠٨

”هند ۾ سنڌي ڪوي ائين آهي،
جئن هڪ ميويدار وڻ،
پر ميوي کائڻ وارو ڪوبہ ڪونهي.
جئن ڪو جابلو جهرڻو جو ڪنهن بہ،
پياسيءَ جي پهچ کان پري آهي،
جئن هڪ خوشبوئدار گل جنهن کي،
پڻ سنگهڻ ۽ ڇهڻ وارو ڪوبہ ڪونهي.“[1]

جڳت ۾ ڪابہ استرتا ناهي - هر نئين مؤسم اَچي ٿي وڃي ٿي، مؤسم جي اچ وڃ سان ڏينهن، هفتا، مهينا سالن ۾ بدلجندا رهن ٿا ۽ ائين اِنسان جي زندگي گذرندي رهي ٿي. وڻن جي پنن وانگر. وڻن جي پنن ڇڻجڻ وانگر جڳت جا جيو بہ اگم جي ديس ڏانهن ويندا رهن. پاڻيءَ جي ٻُڌي ٻُڌي وانگر اِنسان جي زندگي هڪ ڪِن آهي تہ بيءَ ڪِن اُن جو ڪو نالو نشان بہ ڪونهي. هن ترائيل ۾ شاعر چوي ٿو:

”وڻن منجهان ڇڻ ڇڻ ڪندا ٿا پن ڪرن،
صرف موسم آهہ، ڪو طوفان ناهہ،
ڏينهن هفتا سال ٿا گذري وڃن
وڻ منجهان ڇڻ ڇڻ ڪندا ٿا پن ڪِرن،
جيوَ جڳ جا ٿا سدا ويندا رهن،
هاڻ آهن، هاڻ ڪو نيشان ناهہ،
وڻ منجهان ڇڻ ڇڻ ڪندا ٿا پن ڪرن،
صرف موسم آهہ، ڪو طوفان ناهہ.“[2]

ايشوري شڪتي (unseen power) آهي جا ظاهري حواسن جي پهچ کان پري آهي. ڀڳتي مارگ جا پانديئڙا "Personal God" ۾ اعتقاد رکن ٿا. اُن ڪري هو مورتيءَ پوڄا ڪن ٿا، مگر گيان مارگ جا پانديئڙا "Impersonal God" ۾ وشواس رکن ٿا يعنيٰ هو سمجهن ٿا تہ ايشور ادرشيہ

1- پل پل جو پرلاءُ - هري دلگير، ص.٩٦
2- جيءُ جيءُ ڙي جيءُ - هري دلگير، ص.٦٠

ڪوي جڏهن ڪلاتمڪ نموني ڪويتا سرجڻ ڪري ٿو تہ ڪيس هڪ اَچاتل بيان ڪان پري سگهہ حاصل ٿئي ٿو:

”ماڻهو پربت وڻ،
جيت جانور ۽ پکي،
آهہ ڪويتا چڱ.“[1]

”ساوڪ ۽ سرهاڻ
اسر سمي ايڪانت ۾،
گيت رچيان توِ ڪاڻ.“[2]

”آنسو اک ۾ ائين،
رانديڪن تي ٻارڙو،
اَٽڪيل آهي جيئن.“[3]

”ٻالڪ جي ٻاڪار،
ڪنهن اڻ واقف راھ تي،
ماتا لاءِ پڪار.“[4]

هن هائڪو ۾ دلگير جي جاچنا شڪتيءَ تي غور ڪريو:

”گل هڪڙو ٻيو ناھ،
پر هر هڪ ڪنڊي مٿان
اَٽڪيل شبنم آهہ.“[5]

جهنگل ۾ دلگير جي نظر ٻڙ جي وڻ تي پوي ٿي ۽ لکي ٿو:

”اُڀ ڏي نائي نيڻ،
نوڙهو وڻ چڻ ٿو ڏئي،
گونگا گونگا ويڻ.“[6]

۱-۲-۳-۴ صبح جو سهاڳ - هري دلگير، ص.۴۴ ۽ ۴۵
۵-لهرن لک لباس - هري دلگير، ص.٦۴
٦- لهرن لک لباس - هري دلگير، ص.۴٦ ۽ ٦۴

”رات سموري، گاهه گلن تي ، خوب پئي آ ماڪ،
پشپ پيالين ۾ هيءَ مذرا، پيئندا هاڻ پيباڪ.“[1]

”رجني راڻي اُڇلائي وئي، موتين پريو پلاند،
موتيءَ موتيءَ کي ميڙيندو، سورج وچڙيل ڪاند.“[2]

”گلستان ۾ گلن کي سونهن جو سينگار سمجهان ٿو،
مگر ڪنڊن کي پڻ تن جي هيئين جو هار سمجهان ٿو.“[3]

”گهٽن جو رازدان آهيان، گهٽا ئي رازدان منهنجا،
ستارن آبشارن کي مان پنهنجو پيار سمجهان ٿو.“[4]

”آکين منهنجين ۾ ڪوئي روُپ سهڻو ٿو رهي هردم،
تہ هي سنسار جوتي مئہ ۽ جلويدار سمجهان ٿو.“[5]

دلگير شاعري رچڻ جو ۽ گيت رچڻ جو ايترو تہ عادي هو جيترو اِنسان ساهہ کڻڻ جو عادي هوندو آهي. اِنڪري ڪيس ماڻهو، پربت، وڻ ڇڻ سڀ ڪائنات ڪويتا پيئي لڳي هيٺئين تيڙو ۾ اهو خيال چٽيءَ طرح واضع ٿئي ٿو.

”ڏس ڪونديءَ ۾ گل،
خوابي گلشن کان اِهو،
سندر آ بلڪل.“[6]

”ٻڙ جو شاهي وڻ،
چپ چپ ڪڙو مساڻ ۾،
ڪو ويراڳي ڇڻ.“[7]

١- لهرن لڪ لباس - هري دلگير، ص.٣٠
٢- لهرن لڪ لباس - هري دلگير، ص.٣٦
٣-٤-٥- وڻ وڻ جون وايون - هري دلگير، ص.٢٨
٦-٧- صبح جو سهاڳ - هري دلگير، ص.٤١

شاعر جي تيز نظر ڏسي ٿي تہ مور کي ڪنين تي اَکيون ڇپيل آهن ۽ ڪيس ياد اَچي ٿو تہ اَڌورو علم جنهن ۾ علم تہ آهي پر گيان جي روشني ناهي. مور کي نچندو ڏسي ٿو تہ هوُ سوچي ٿو، مان مور وانگر ڪيئن نچي سگهندس، ڇو تہ منهنجي نس نس ۾ آهي ناسور - اَهم، علم ۽ عقل جو، پيرن ۾ آهن ڪڙيون رسمن ۽ رواجن جون. مطلب تہ پرڪرتيءَ جي گود ۾ ڪيس پنهنجي اَپورڻتا جو اَحساس ٿو ٿئي تہ هو پاڻ بہ قدرت وانگر ڪامل ڇو نٿو ٿي سگهي.

دلگير اِنسان جي پيٽ ڇبري سان ڪئي آهي. ڇبرو اونده جو عاشق آهي. دلگير اڄ جي اِنسان جي حالت جو جائزو وٺندي لکي ٿو تہ اڄ اِنسان روشنيءَ کي ڇڏي اونده ۾ رهڻ پسند ٿو ڪري.

”اِنسان بہ اڄ ڪلهہ آهہ ائين،
شڪ گهبراهٽ جي اوندهہ ۾،
هڪ ڇبري وانگر اُڏندو آ،
جت پيار، سچائي ۽ آشا،
جت آتم گيان سندي ڀاشا،
جت جلوو پاڻ پسائي ٿو،
اِنسان اُتي گهبرائي ٿو،
اونده جي آڙ ۾ لڪندو آ،
اونده سان هڪ ٿي ويندو آ.“[1]

شاعر آڪاش ۾ چنڊ کي ڏسي، چڪور کي ياد ٿو ڪري ۽ چنڊ کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

”آڪاش مان اي چنڊ اِشارا نہ ڏي ائين،
ٻڌجي چڪور چاه مان نڪري پوان مان.“[2]

نڪر جي پاٽ ۾ ان ڏسي ڪانون ۽ جهرڪين جي ميڙ کي ڏسي

۱- پل پل جو پرلاءُ - هري دلگير، ص.۲۴

۲- رولو آواز - هري دلگير، ص.۵۰

”ٻڙ جو پيڙو وڻ،
جهڪي پيو آ هڪ طرف،
ڪري بندگي چڻ.“[1]

دلگير جي ڪوتا ۾ پسون پکي :-

دلگير جي درشٽيءَ قدرت جي انيڪ عناصرن ۽ پدارٿن تي ٻه پئي آهي، جهڙوڪ: جهرڪي، ڪانو، ڪتو، ڇيرو، گهوڙو، مور وغيره. اِنهن پکين پسن مان ٻه ڪيس ڪانه ڪا پريرڻا حاصل ٿئي ٿي ۽ اُنهن جي زندگيءَ مان ڪي نصحيت آميز نقطا پڻ پنهنجي ڪوتا ۾ قلم بند ڪيا آهن. شاعر ڪي جڏهن پنهنجي اَڌوري علم جو اَحساس ٿيو آهي تڏهن ڪيس لڳي ٿو منهنجو علم، علم ناهي مگر اَگيان آهي. چوي ٿو :

”پڙهيم سڀ پوٿيون، ويد قران،
پڙهيم گوتم ، گانڌي، گنيير،
ارسطو، عيسيٰ، شاهه ، ڪبير،
تڏهن ٻه مان ساڳيو نادان،
پڙهيم سڀ پوٿيون، ويد قران.
ڄاڻ مونکي اها رڳي آهي،
ڄاڻ مونکي نه ڪائي ٻي آهي.“[2]

اَڪثر شاعرن مورن جي ناچ ۽ رنگبرنگي کنڀن بابت لکيو آهي، پر دلگير لکي ٿو :

”منهنجو علم مور جي کنڀن وانگر آهي،
هرهڪ کنڀ تي چٽيل آهن رنگبرنگي اَکيون،
پر روشني هڪ ۾ ٻه ڪانهي.“[3]

١- لهرن لڪ لباس - هري دلگير، ص.٤٦ ۽ ٦٤
٢- مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.٣٥
٣- رولو آواز - هري دلگير، ص.٥١

جهليانس ٿو، تہ ٿو منهنجي مٿان ڇلانگ پري،
نصيحتن جا نڪر ڏيئي، آءُ للچايانس،
ڪتو وويڪ جو ڏاڍي ٿو پوئنڪ پوئنڪ ڪري،
ستيانس ڦوڙ ٿو لالچ جا، خوب ڀيچاريانس.“[1]

هيئيئن پنجڪڙي ۾ وري دلگير اِنسان جي وويڪ جي ڀيٽ گهوڙي سان ٿو ڪري. جنهن ۾ شاعر وويڪ روپي گهوڙي جو لغام پختائي سان جهلڻ جي صلاح ڏئي ٿو:

”ڇڏج گهوڙي کي ڇيڪ نہ موڙ،
ڪريل هي گهوڙو آهہ تمام،
بہ ٽي هڻ ڇهبڪ، کينچ لغام،
وڃي نہ تہ ڪڏ ۾ هڻندءِ دوڙ،
ڇڏج گهوڙي کي ڇيڪ نہ موڙ.“[2]

اڄ ڪلهہ وڏيل ڇڙواڳيءَ جي ماحول ۾، هيءُ خوبصورت شعر پڙهڻ جهڙو آهي.

”ڇيڪ ڇڏيل من جا گهوڙا،
هسوارن جي آهہ ڪمي.“[2]

هن نثري نظم ۾ دلگير اڄ جي ڀرشٽ حڪومت جو هوبهو چٽ چٽيو آهي. جنهن ۾ هن اڄ جي حڪمرانن جي ڀيٽ ڪانوَن سان ڪئي آهي:

”ڪانوَن جي پارليامينٽ ۾،
ڪانو حڪمران، ڪانو مخالف،
ڪان ڪان ئي ڪان ڪان آهي،
ڪان ڪان بنا ٻيوڪجهہ بہ ناهي،

١- آڪيلو چنڊ - هري دلگير، ص.٣٣
١- آڪيلو چنڊ - هري دلگير، ص.٣۴
٢- وڻ وڻ ۾ وايون - هري دلگير، ص.۴٩

شاعر ڪهڙي نہ منظر ڪشي ڪئي آهي:

”تي جهرڪيون هڪ ڪانءُ،
ڪانءُ ڏسي جهرڪيون ڀڄن
اَن پريل هڪ ٿانو.“[1]

دلگير هن شرير کي پراڻو ”پڃرو“ ۽ سواسن جي پکيءَ سان ڀيٽ ڪئي آهي چوي ٿو:

”پراڻو پڃرو ٿيو آ هاڻ،
اِجهو ٿئي اِهو ٽٽڻ تي آهہ،
پکيئڙا، بند ڇٽڻ تي آهہ،
مگر توکي ڏک پڃري ڪاڻ،
پراڻو پڃرو ٿيو آ هاڻ.“[2]

”اَڙي هي پڃرو ۽ هي لوهہ،
پکيئڙا، ڪُسجي ويا ٿي ڪنپ،
سهين پيو پڃري جا نت ڏنپ،
تڏهن ٻي توکي هن سان موهہ،
اَڙي هي پڃرو ۽ هي لوهہ.“[3]

دلگير هيٺين ترائيل ۾ وويڪ جي ڀيٽ ڪتي سان ڪئي آهي. چوي ٿو:

”ڪتو وويڪ جو ڏاڍي ٿو ڀوئنڪ ڪري،
ستيانس ڦوڙ ٿو لالچ جا، خوب ڊيڄاريانس،
ڀڄي وڃي ٿو، مگر پوئتي بہ ترت وري،
ڪتو وويڪ جو ڏاڍي ٿو ڀوئنڪ ڀوئنڪ ڪري،

---

۱ - لهرن لڪ لباس - هري دلگير، ص.۳۲
۲-۳ جيءُ جيءُ ڙي جيءُ - .هري دلگير، ص.۸۰

دلگير جو اِهو خيال ته اٿاهه جل مان پاڻي پيئڻ لاءِ هڪ بوند به نٿي ملي، انيڪ ارٿ ڪٿي پانڪ جي آڏو اچي ٿو.

مهراڻ جي مؤج ۾ دلگير ايترو لين ٿي ويو آهي جو وڻندڙ سهڻن لفظن جي چونڊ مان پاٺڪ کي آنند مگن ڪري سنڌوءَ جو نظارو اکين آڏو آندو آهي. لفظ ڳويا ڪويءَ جي هٿن ۾ راند ڪري رهيا آهن.

"ٺهہ ٺهہ ڪندي، ڦهہ ڦهہ ڪندي، ڀهہ ڀهہ ڪندي، ڇهہ ڇهہ ڪندي،
گڙ گڙ ڪندي، ٻڙ ٻڙ ڪندي، نت ڦرڪندي ، نت ڀڙڪندي،
هئن رعد وانگر رڙ ڪندي، هئن برق وانگر ڪڙڪندي،
گهوگهاٽ سان، سوساٽ سان، سرڙاٽ مان، ڦرڙاٽ سان،
وڻ ٽڻ اُکيڙيندي اچي، پٿرن کي ٽيڙيندي اچي،
وحشت پکيڙيندي اچي، ٽڪرن کي ٽوڙيندي اچي."[1]

اڳتي وڌڻ جو اُتساهه ۽ اُمنگ درياهه جي لهرن مان ڪويءَ کي هن ريت ملي ٿو:

"بنا عمل ۽ اُمنگ ڌاران به زندگي ڪا؟
نه چوهه جنهن ۾، نه جنهن ۾ چولي، اُهو به درياهه؟"[2]

دلگير جي مهراڻ سان محبت آهي. مهراڻ جي مؤجن هن جي من کي موهي ڇڏيو آهي. اِهوئي ڪارڻ آهي جو هن پنهنجي شعر جي هڪ مجموعي جو عنوان به "مؤج ڪئي مهراڻ" رکيو آهي. ندي ۽ ساگر دلگير جا گرو آهن. ٽپ ٽپ تي هوُ اُنهن مان جيون جو اُتساهه ۽ من جي مؤج ماڻي ٿو.

"منهنجي من ۾ چلڪي پيو آ مستيءَ جو مهراڻ،
ڪاش سيني کي موج وٺايان، اندر گهلي ساڻ،
شور سطح تي ڦيڻ ۽ ڦوٽا، لهرن جي ڊڪ ڊوڙ،
هيٺ تري ۾ چپ ئي چپ موتي موتي ڪوڙ."[3]

ا- مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.١٢٥

٢- رولو آواز - هري دلگير، ص.٣٩

٣- رولو آواز - هري دلگير، ص.٤٣

هڪ اڏ بلبل ڪوئل آهي،
شايد هڪ اڏ مور بہ هوندو،
پر مڙئي ساٿي ڪانوَن جا،
سڀ هڪ ٻولي ٻولن ٿا،
ڪان ڪان ڪان ڪان.''[1]

نديون ۽ سمنڊ

گهڻو تڻو سيني سنڌي شاعرن جو سنڌو ساگر سان جذباتي ناتو هئڻ ۽ بي پناه محبت هئڻ ڪري پنهنجين رچنائن ۾ پنهنجا جذبا اوتيا آهن. سمنڊ جو گهڻو ڪري هيبتناڪ روپ شاه جي شعر ۾ نظر اچي ٿو. پر جڏهن مهراڻ سُڪي تر وڃي جهليو، سندس ڪناري تي ڪک اُڀري آيا. نهر ۾ ساڳيو پاڻي موٽي نہ آيو. تڏهن بہ شاه جي باريڪ نگاهہ اُن جي هن ريت منظرڪشي ڪئي:

''سُڪي ڍور ڍيون ٿيو، ڪنڌيءَ ڏنو ڪائو،
سو پاڻي پنيهل ۾، اَڳيون نہ آيو،
ماڙهن ميڙائو، ڪنهين پيٽئين.''[2]

سمنڊ جي ويڇڙائي دلگير جي دل ۾ لهرن وانگر ولولا پيدا ڪيا آهن. سمنڊ جي ويڇهو وڃي دلگير نہ رهيو اُن جي سرگرمين جو هوبهو چٽ چٽيو آهي پر ڪنجوس اميرن جي ديا ڪان خالي دل جي ترجماني ڪئي آهي. ساگر جو کارو پاڻي پيئڻ جي قابل ناهي. دلگير جي شعر ۾ چوڌاري پاڻي هوندي بہ پيئڻ لاءِ بوند نہ هجڻ جي مجبوريءَ جو اظهار هن تصوير مان نمايان آهي.

''جيڏي هستي هوند آ، تيڏي آ اڻ هوند،
کارو سارو سمنڊ آ، ڪانہ ملي هڪ بوند.''[3]

۱- صبح جو سهاڳ - هري دلگير، ص.۱۰۸
۲- شاهہ جو رسالو - شاه لطيف، ص.۴۴۸
۳- موج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.۱۲

رهاڻيون ڪري. خاص ڪري سنڌ کان دور رهندي بہ ڪلپنا دواران سج جي ترورن ذريعي سنڌ وارن جو خيال دل مان نہ هٽائي سگهيو آهي.

”جيئن اُفق تي نئين سج جو ترورو پهريون،
تيئن خيال اچي دل تي ، سنڌ وارن جو!“[1]

قدرت جو شاعر سنڌيءَ ۾ فقط دلگير ئي ٿي سگهي ٿو ڇو تہ دلگير جي هر مجموعي ۾ قدرت سان وابسطہ ڪي نہ ڪي شعر ضرور ملندا. سندس لکيل ٢۴ ڪتابن مان ١٠ جا تہ نالا ئي قدرت سان واسطو رکندڙ آهن. ڪوڏ، ماڪ ڦڙا، موڄ ڪئي مهراڻ، گيت گلابي، جهنگلي گل، گاهہ ڪليا گس گس، وڻ وڻ ۾ وايون، لهرن لک لباس، صبح جو سهاڳہ، اڪيلو چنڊ ، دلگير ڪي ڪي بہ قدرتي عناصر سنڌ کان سواءِ آنند نٿا ڏين.

”نہ ڪيتن جو سينگار سرهاڻ، ساوڪ،
نہ هلڪين هوائن جا جهرٽا ئي جهمڪن،
هتي ماڪ جي مئہ نہ مستي ڏئي ٿي،
هتي چانديءَ ۾ نٿا روح جرڪن.“[2]

حوصلا افزائيءَ جو جذبو ئي ڪويءَ کي آشاوادي بڻائڻ جي پريرڻا ڏيندو آهي. حياتيءَ جي آزمودي مان ڪويءَ کي اهڙا ڪيئي مثال مليا آهن:

”ڇوين ٿو سچ تہ طوفانن ۾ ڪيڏا ويا ٻڏي هوندا،
پتو آهيم، پر ڪن کي ڪنارا پيي مليا آهن.“[3]

هيٺ بيان ڪيل هڪ شعر ۾ اِنسان کي مختلف عناصرن کان مختلف گڻ سکڻ جا ڪيترائي مثال پيش ڪيل آهن. دلگير قدرتي عناصرن مان هي اُپديش حاصل ڪيا آهن:

١- رولو آواز - هري دلگير، ص.١
٢- موڄ ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.١٠٩
٣- رولو آواز - هري دلگير، ص.١٦٨

جيئن ته دلگير جي جواني وارو عرصو سنڌ ۾ ئي گذريو آهي ۽ اِنجنير هئڻ جي حيثيت ۾ سندس وقت اڪثر ڪري سنڌو نديءَ اُن مان نڪرندڙ واهن تي گذريو آهي. اِن ڪري سندس ڪنن ۾ سنڌو جي گَڙگَڙاهٽ جا آواز ايندا رهن ٿا ۽ آخر ۾ هو نديءَ جي چلڪندڙ ڇاتيءَ تي پنهنجي ٻيڙي تاري، ساگر ۾ سمائجي وڃڻ ٿو چاهي.

”سانتيڪو گنڀير سمندر، دل جي تار ڇڏيندو ڇيڙي،
جنهن جي مؤج مؤج ۾ موتي، جن موتين کي ڪوڪو ميڙي.
تنهن ساگر مان آدي گهر مان،
سڏڙو ٿيو آ، هلڻو پيو آ،
هاڻ سگهان ڪيئن هن گهر گهاري؟
ساگر ڏي هل تون هاڪاري،
او منڙي او پياري جيجل،
او ڀهڳڻ ٻاجهاري سنڌو!
تنهنجي چلندڙ ڇاتيءَ تي مون،
پنهنجي ٻيڙي تاري سنڌو.“[1]

گڏيل عناصر:

قادر ۽ قدرت جي ساراهه ۾ چيل شعر يا قدرتي نظارن جي ڪشش کان متاثر ٿي لکيل شعر گهٽيئي آهن. پر دلگير تشبيهن داواران انيڪ قدرتي سونهن جا نظارا خلقيا آهن. خاص ڪري تشبيهه ڏيڻ ۾ دلگير ساونڻ کي راجا ۽ برسات کي اپسرا مڃيو آهي ته ٻيرن جي وڻ کي جوڳي. مڪڙي، ڪمل جو گل، پريات، نديءَ جي لهر، طوطي، ڪانو، پوپٽ، تارو، پونئرو وغيرهه کي سياويڪ نموني مانيويڪرڻ ڪيو آهي. ڪويتائون پڙهندي ڪڏهن نيڻن ۾ نرمل نور واري جوڀن سان ٽمٽار، ڇپن تي پياري مرڪ ڌاري، سندرتا کان به سوپياوان، نشيلي ۽ شرميلي نار اچيو

---

[1] ۱- مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.۵۹

جهولايان اندلٺ جهولي ۾،
دنيا کي جهومايان آنءُ،
شاعر ”منهنجو نانءُ.“[1]

ماديت ۽ مشغولين اِنسان کي ايترو منجهائي ڇڏيو آهي، جو پنهنجا نفيس جذبا ڪيس قربان ڪرڻا ٿا پون. چنڊ جي چانڊاڻ، گل جي سرهاڻ، هير جي هلڪاڻ، آب جي آلاڻ گڏ ڏسي ڪوي ۽ جي حساس دل پريميڪا سان گڏ رهڻ چاهي ٿي، پر ڪيس فرصت نہ هئڻ ڪري من مارڻو پويس ٿو:

مثال:

”چنڊ سان چانڊاڻ گڏ، جئن ڦول سان سرهاڻ گڏ،
هير سان هلڪاڻ گڏ، جئن آب سان آلاڻ گڏ،
دل چوي ٿي مان بہ توسان سدا گڏجي رهان،
پل بہ هڪڙو ڪينڪي ٿيان ڌار، پر فرصت نہ آهہ.“[2]

”جهوم ۾ آ صبا، موسم بهاري جهوم ۾،
ڦول خود آ جهوم ۾ ۽ ٿاري ٿاري جهوم ۾،
مان بہ تنهنجي ”ناچ گهر“ ۾ جهومندو نچندو رهان،
سونهن تنهنجي سان رهان سرشار، پر فرصت نہ آهہ.“[3]

يارت جو سچو سنت ساهت ۽ ويدانت جو گيان اِهوئي سيکاري ٿو تہ رهہ دنيا ۾ ديهہ سودو پر دنيا کي دل نہ ڏي. دنيا ۾ اهڙي مسافر وانگر رهجي، جنهن کي دنيا جي طلب نہ هجي. سنسار جي موهہ جار ۾ ڦاسي اِنسان دکي ٿئي ٿو اِنکري سنسار کان نرليپ رهڻ جو اُپديش ڪمل گل ذريعي ڪوي هن ريت ڏئي ٿو:

ا- ماڪ ڦڙا - هري دلگير، ص.٣

٢-٣- ماڪ ڦڙا - هري دلگير، ص.٨٣ ۽ ٨٤

”جفاڪشي نديءَ جهڙي جريت ڪپي،
ڪڪر مثل شاهاڻي شوڪت ڪپي،
عجب ڦول جي نيڪ خصلت ڪپي،
پکيئڙي جي آزاد عادت ڪپي،
ڏنم ڪير آڏو، ٻڌم يا پڙاڏو،
ڪئي مات قدرت ڪٿي پنهنجي فطرت،
ڪيم غور ويهي وري ۽ وري،
اِها زندگي آهه راحت ڀري.“[1]

قدرت جا مختلف عناصر الڳ الڳ حالتن ۽ روپن ۾ ڪويءَ کي پريميءَ جي ياد ڏيارين ٿا. پر ڪڏهن ڪڏهن ڪيس ياد جو شديد جذبو ايترو ستائيندو آهي. جو مڙئي عناصر گڏجي ڪيس پرينءَ جي ياد ڏياريندا آهن. هن نموني جي اظهار ۾ گهرائي ۽ وچوڙي جي ڀوڳيل لمحن جي تڙپ گهٽ هوندي آهي. روايتي نموني شعر لکڻ جي خواهش وڌيڪ.

تارن جو جادو، چنڊ جي سيتلتا، گلن جي خوشبوءِ، مور جو ناچ، ڪڪرن جي مشڪ، اِندلٺي سونهن وغيره اِن لاءِ آهن جيئن ڪويءَ جي جذبات ۾ اضافو آڻي ڪيس ڪويتا لکڻ لاءِ آماده ڪن. جنهن سان هو جڳ کي جهومائي سگهي.

مثال:

”تارن ۾ جادو مون لَي،
چنڊ بڻيو سيتل مون لَي،
ڦولن ۾ خوشبوءِ مون لَي،
ناچ نچن جل ٿل مون لَي،
مشڪايان ٿو ڪڪرن کَي،

١- ڪوڏ - هري دلگير، ص.٥١

پوري ڪانہ ٿي آهي ۽ چوي ٿو:

''ايترو پيتو اٿم جو نہ حساب آهي ڪو،
جام راحت جاہ ٿي پيا بہ پيئڻ چاهيان ٿو.''[1]

آخر ۾ دلگير جي ئي لفظن ۾:

''مون کي جيڪي چوڻو آهي،
چوان پيو، چوندو رهندس،
شايد اڄ منهنجي ٻولي سمجھہ ۾ نہ اچيئي،
پر سياڻي ضرور سمجھندين،
۽ پرهين ۾ مونکي گهڻو ياد ڪندين،
شايد تون ٻولي سمجھين ٿو،
پر ڪن لاتار ڪري ٿو ڇڏين،
تون ڀلي نہ ٻڌ،
مان ٻڌائيندو رهنديس،
۽ منهنجو آواز،
اڄ نہ سڀاڻ،
تو وٽ پهچيئي ويندو.''[2]

◆◆

١- رولو آواز - هري دلگير، ص.٥٦
٢- جهنگلي گُل - هري دلگير، ص.٢٩

مثال:

”جل ۾ جائين، جل ۾ آهين، جل ۾ تہ بہ تون ناهين،
جڳ وارن کي جڳ ۾ جاڻ جي تو ريت بتائي.
پيارا پيارا قول منوهر ! تو ڇا موج مچائي،
ساڻ سرشٽيءَ جي آندي تو سندرتا سرهائي.“[1]

دلگير جي ديهانت کان پوءِ ڇپيل سندس ڪتاب ”وڻ وڻ ۾ وايون“ غزلن جو مجموعو آهي جنهن ۾ مشڪل سان ڪو اهڙو غزل هوندو جنهن ۾ قدرت جي ڪنهن نہ ڪنهن عناصر جو بيان نہ هجي. هنن غزلن ۾ ڪليون مرڪن ٿيون، گل ٽڙن ٿا. پونئرا پوُ پوُ ڪن ٿا، پوپٽ گلن تي مڙن ٿا، هوا هيڄ مان هلي ٿي، ڪويل ڪوڪي ٿي، چنڊ چمڪي ٿو. تارا ٽمڪن ٿا، مطلب تہ قدرت پنهنجي سونهن سان هرهنڌ موجود آهي. ڪتاب جو مهاڳ ڊاڪٽر ستيش روهڙا لکيو آهي. جنهن مهاڳ کي عنوان ئي ڏنو آهي، ”سونهن ۽ سرهاڻ جو شاعر دلگير“

دلگير سنڌيءَ شاعريءَ جي هر صنف تي قلم آزمايو آهي ۽ هر هڪ صنف ۾ ڪٿي نہ ڪٿي، ڪي نہ ڪي قدرتي نظارا ذڪر هيٺ آيل آهن جيئن تہ: نظمون، ٽيڙو، رباعيون، وايون، گيت، للت پد، بيت، غزل، نظماڻ نثر ۽ نثري نظم وغيره ”رولو آواز“ جي اڳياڙيءَ جا هي لفظ خود دلگير لکي ٿو:

”منهنجا خيال ڌرتيءَ کان اُپ تائين، هِتي هُتي گُهمي ڦري، پينيورين وانگر اُڏامي رهيا آهن. منهنجي اَندر جا آواز گلستان کان بيابانن تائين، درياهن ۽ پهاڙن ۾ رُلي رهيا آهن، پر مان هڪ هنڌ اَچل ۽ اَڏول ويٺو آهيان. اُنهن جي گونج منهنجي دل ۾ سمائجي رهي آهي ۽ مان اُنهن رولو آوازن کي ڪوتا جو روپ ڏئي رهيو آهيان.“

دلگير پرڪرتيءَ جا پيالا پِري پِري پيتا آهن، پر سندس پياس

١- موج ڪئي مهراڻ - هري دلگير، ص.١٠٥

دلگير جي شعر ۾ عورت

١٩ صدي جي موڙ ۽ ويهين صدي جي شروع ۾ بيوس کان ڳچ سمو اڳ سندس همعصر شاعر مسلمان چاهي هندو، ايراني شاعرن جي هوبهو تقليد ڪندا هئا. پنهنجا شعر فارسي آميز ٻوليءَ ۾ لکندا هئا. اُهي ئي فارسي ءَ واريون ترڪيبون ۽ بندشون، اُهي ئي ايراني زمين مان پيدا ٿيل محاورا، اصطلاح، تشبيهون ۽ استعارا، اُهي ئي ايران جا عاشقي، داستان، يوسف زليخا، شيرين- فرهاد ۽ عربستان جي ليلا - مجنوءَ جا قصا پيا ڪُتيندا هئا. پراڻيون، پاروٿيون ۽ پٽيون ڳالهيون ، جيڪي شاعر رڳو پڙهيون هيون، پر ڏٺيون نہ هيون، سي پيا پنهنجن شعرن ۾ دهرائيندا هئا. سندن شعرن ۾ لکنوءَ جي رقص گهرن يا ايران جي ميخانن جا ذڪر پيريل هوندا هئا. سندن شعر و شاعريءَ جو انداز لڳ ڀڳ هن ريت هو:

”يار جي لال لب تي خال آهي،
حوض ڪوثر تي ڄڻ ٻلال آهي.“

”گل محمد گل“.کان وٺي بيوس جي جنم تائين جيڪي بہ سنڌي شاعر فارسي علم عروض تي سنڌيءَ ۾ شعر لکندا هئا، اُنهن پنهنجي نقط نظر کان عورت جي حُسن جو بيان ڪيو هو. ڪن عورت جي واسينگي وارن، ڪاڪلن ۽ حلقن، نيم باز اکڙين، سرخ رخسارن، ياقوتي چپن، پتلي ڪمر، اُيريل ڇاتين ۽ سندس ناز نخري جوئي تفصليوار ذڪر ڪيو آهي.اهڙي ماحول جي شاهدي ڏيندي سرڳواسي سڳن آهوجا پنهنجي هڪ شعر ۾ هن ريت چيو آهي:

باب ڇهون

هري دلگير جي شعر ۾ عورت

ڏيو خزانو من زنانو، عشق جي اسرار جو،
پريم -جل اوُجل مٿان، نرمل ڪنول جو گل رهي،
دل پنل مان واس ڏئي نت، حب جي هبڪار جو.''[1]

بيوس ۽ سندس منڊليءَ جي شاعرن کي اِهو شرف آهي تہ هنن استريءَ کي ڪوٺن، ميخانن ۽ محفلن مان ڪڍي ٻاهر آندو ۽ نقاب بدران هن کي گهونگهٽ پهرايو. استريءَ کي اهڙو مان مرتبو ڏيڻ وارن شاعرن ۾ هري دلگير اهم ۽ نهايت مثالي ڪردار ادا ڪيو.[2]

بيوس جي سنگ ۾ رهي دلگير بہ اُهو ئي شاعريءَ جو نج سنڌي لهجو ۽ آشاوادي نظريو پرايو ۽ سندس شاعريءَ جو لهجو بيوس کان بہ وڌيڪ نکريل سليس ۽ منو ٻڌجي پيو. سرڳواسي برک شاعر نارائڻ شيام، هري دلگير لاءِ لکيو آهي:

''مونکي چوندي ڪابہ جهجهڪ ڪانهي تہ سندس شاعريءَ ۾ اظهاريل ناريءَ جي روپ ۽ سندس منيءَ ٻوليءَ جو منهنجي شاعريءَ جي موجوده - روپ ريکا ۽ ٻوليءَ تي وڏو اثر آهي. سندس شاعريءَ جي تاڃي پيٽي ۾ هڪ فلسفو اوس آهي. سڪ درستا جو ڪارڻ بہ منهنجي سمجهہ پٽاندڙ گيتا ۽ گرواڻي آهي.''

دلگير گوپي ۽ راڌا جي تصوير پيش ڪئي ۽ استريءَ کي ماءُ، ڀيڻ، پتنيءَ، پريتما جي روپ ۾ چٽي، سماج ۾ مان مريادا ڀري حيثيت ڏني ۽ هڪ شيرني جي روپ ۾ اُڀاريو. نہ صرف ايترو، بلڪ اڳتي هلي سماج جي ڏاڍائي ۽ بي انصافيءَ خلاف استريءَ جي بغاوت جو آواز پڻ سندس شاعريءَ ۾ شانائتي نموني ۾ نرم لهجي ۾ ٻڌڻ لاءِ ملي ٿو. دلگير جي نظر ۾ عورت ئي آهي جا قدرت کي رنگين ۽ ڪائنات کي خوبصورت بڻائي ٿي.

دلگير استريءَ جي آجيان هينئين شبدن ۾ ڪئي آهي:

---

١. سڏ پڙاڏو ساڳيو - شعر بيوس، ص. ٣٥-٣٦

٢. هري دلگير هڪ اڀياس - ڀڳوان نردوش، ص. ٤٧

”فن شعر ڪيل قيد هو، نچڻين جي لبن ۾،
صوفين جي سماڳم ۽ اميرن جي گهرن ۾،
”بيوس“ ئي اچي تنهن کي هو آزاد ڪرايو،
جنتا جي گهرن - گهرج جو اظهار بڻايو.“[1]

جڏهن سنڌ ۾ سنڌي شاعريءَ تي پارسيءَ جو تمام گهڻو اثر هو، اُن وقت پارسي شاعريءَ کان ڪنارو ڪرڻ جو ساهس، سڀ کان پهرين سائين بيوس ئي ڪيو، پنهنجي شعوري ڪوشش سان جنهن ۾ کيس يڪسان ڪاميابي ملي ۽ سندس شاعريءَ کي پنهنجو نج سنڌي ويس مليو، جنهن ڪري بيوس سنڌي شاعريءَ جو وهائو تارو ليکجڻ ۾ آيو.

ڪلاڪار پوءِ چاهي هو سنگيتڪار هجي يا چترڪار، سنگتراش هجي يا ساهتيڪار استري جو تن من چٽڻ ۾ پنهنجو شان سمجهندو آهي. سنگيتڪار کي ٻڌندڙ، چتر کي پسندڙ ۽ ساهتيه کي پڙهندڙ پڻ اُنهن مان اهڙي اُميد رکندو آهي. عظيم فنڪار به اُهو ئي مچيو ويندو آهي، جنهن جي استري ڪردار جي تن مان هن جو من جهلڪندو هجي ۽ من مان سندس تن جو اُجالو پکڙجندو هجي.

بيوس سندرتا جو پوڄاري هو. هن جي ڪڻ ڪڻ ۾ ڪلاڪار سمايل هو، پر بيوس ڪڏهن به هلڪڙو شعر نه لکيو. ٻيا شاعر پنهنجي نازڪ خيالي، جسماني حسن جي بيان ۾ ظاهر ڪندا هئا. بيوس اِستريءَ کي همشه پوتر درشٽيءَ سان ڏسڻ جو اُپديش ڏنو. بيوس سندرم ۾ ستيم ۽ شوم جو درشن ڪيو:

”سونهن جي سوني مٺئي ۾، مرم جو موتي جڙيو،
ڪم نزاڪتدار ٿي ويو، وصل جي وينجهار جو،
ٿي نسيمي هير جاري، محبتي مڪڙيون ٽڙيون،
وصل جو وارو وريو، ٿيو سلسلو سنسار جو،
پلئجي پيو پرت جو، پيپو زياده هڪ طرف،

---

1. ڪشنچند بيوس- هري دلگير، ص. ٨٧

حقيقت ۾ هندستاني زال جو درجو گهٽو پوءِ هيٺ ڪريو آهي. هندستان تي چوٿين صديءَ بعد انيڪ ڌارين ملڪن ڪاهون ڪيون. گريڪ، هُڻ، ترڪ، عرب مغل وغيره وغيره جاتين هندستان تي ڪاه ڪئي هئي جنهن ڪري زال جي حالت وڃي رساتل تي پهتي !

پر اڄ وري وگيان جي يگ ۾ ناري ۽ پرش ۾ ڪو فرق ئي نہ رهيو آهي. يورپ ۽ آمريڪا ۾ اڪثر عورت ۽ مرد جو درجو هڪ جهڙو مڃيو ويندو آهي، پر دلگير جا ويچار ٻيا ڪي آهن. هو تہ اِهو بہ سوال ٿو ڪري تہ شاديءَ بعد اِستري ڪي پنهنجو گهر ڇڏي، پرش جي ذات (surname) اپنائڻي ٿو پوي. ٻار نڪري اِستريءَ جي گرڀ مان، پر سڏائي پرش جو پٽ، ڇا اِهائي آهي مرد ۽ عورت جي برابري؟

اڄڪلهہ شهرن ۾ استريون بہ مردن وانگر نوڪري ڪيون ڪن، پر تہ بہ بورچيخاني جي جوابداري استرين تي ئي ڇو آهي؟ ايشور تہ نہ نر آهي، نہ ناري. هو تہ اروپ آهي ۽ پوءِ بہ پرش چترڪار هن کي پرش جا وستر پهرائي، پرش جي روپ ۾ ئي پڌرو ڪيو آهي. اِهو انياءُ نہ آهي تہ ڇا آهي؟

سنسار جي بلند پايہ وارن شاعرن شاه عبداللطيف ۽ شيڪسپيئر، ٻنهي پنهنجين تصنيفن ۾ نائڪن کان وڌيڪ نائڪائن کي اُڀاريو آهي.[1]

شاه جي شعر ۾ استريءَ جو ورنن ڏاڍي پيار ۽ دلار سان ڪيل آهي. شاعر پنهنجين سورمين کي بيحد گهٽو ٿو چاهي، اِنهيءَ ڪري هو ٽپ ٽپ تي کين سمجهاڻيون ٿو ڏئي، قدم قدم تي کين ڏڍ ۽ دلاسا ڏئي ٿو ۽ همت ٻڌائي کين اڳتي وڌڻ لاءِ آمده ڪري ٿو ۽ چوڪ ڪرڻ تي کين چنيي ٿو. شاه پنهنجين سورمين کي نہ رڳو پيار ڪيو آهي پر هو هڪ هڪ سورميءَ سان ملي هڪ ٿي ويو آهي ! ائين هو جڻ پاڻ کي پيو سمجهائي ۽ سيکاري ! اِن طرح شاه پنهنجي جيءَ جو عڪس پسائڻ لاءِ ۽ پنهنجيءَ دل جي دڙڪڻ ٻڌائڻ لاءِ ”زال“ ئي ڪنئي آهي ۽ نہ ’مرد.“

اِن جو بنيادي سبب هيءُ آهي تہ سنسار جي سيني پراڻين ۾

ا. ڏاهي مَ ٿيان - پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي، ص. ١٨

”تنهنجي آمد جي خوشيءَ کان ڦول لهرائڻ لڳا،
هير جو ٿيو ناچ جاري ۽ پکي ڳائڻ لڳا،
تنهنجي صورت کي پسي سچ چنڊ شرمائڻ لڳا،
تنهنجي قدمن ۾ ککر موتين کي برسائڻ لڳا،
تو ڪئي رنگين قدرت، خوبصورت ڪائنات،
زندگيءَ جي زيب تون ، توکان مڪمل ٿي حيات.“[1]

دلگير جي شاعريءَ ۾ ناريءَ جو ورنن بلڪل علحدي نموني ڪيل آهي. دلگير ناريءَ کي ”ناري تون نارائڻي“ واري اصول کي اڳيان رکي تمام اوچو درجو ڏنو آهي. پراچين ويدن ۽ پراڻن ۾ به ناريءَ جو درجو سماج ۾ اوچو پئي رهيو آهي. ويدن جي زماني ۾ زال ايتري قدر پڙهيل ۽ سمجهو هئي جو ويدن جون ڪيتريون رچنائون (hymns) زالن ئي رچيون هيون. اُن زماني ۾ مئتري ۽ گارگيءَ جهڙيون ودوان زالون به هيون جي آتم ودِيا يا برهم ودِيا جي ڄاڻ رکنديون هيون. ائين جو چيو وڃي ٿو ته زالن کي ويد پڙهڻ جو اڌڪار ئي ڪين هو ۽ کين برهم ودِيا حاصل ڪرڻ جو حق مليل ئي ڪين هو، اِهي ٻئي ويچار به صحيح نه آهن. ڇاڪاڻ ته جڏهن ويد رچيندڙ ئي زالون پاڻ آهن تڏهن ائين ڪيئن چئبو ته کين ويد پڙهڻ ڪين ڏنو ويندو هو. سچ ته اِهو آهي ته لوپا مُدرا ۽ وسو وارا جهڙين زالن ويدن جون رچنائون رچيون هيون ۽ مئتري ۽ گارگيءَ جهڙيون زالون مردن جي ميڙ ۾ ويهي راجا جنڪ جهڙي ودوان سان آتم گيان تي بحث مباحثو ڪنديون هيون. ويدن جي زماني ۾ استريءَ کي پنهنجو پتي پاڻ خود چونڊڻ جو حق هو ۽ وڏوا ٿيڻ تي ٻيهر وري وواهه ڪري سگهندي هئي. سوامي ديانند سرسوتي ۽ ڊاڪٽر ائني بيسنت ثابتين ۽ ڊاڪيومينٽري حوالن سان ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته ويدن جي زماني ۾ ڀارتيه استريءَ جو درجو اوچو ئي هو. اِن ڪري ئي اُن وقت کي هندستان جو سونهري زمانو ڪري سڏيو ويندو هو.[2]

---

۱. مؤج ڪئي مهراڻ -هري دلگير، ص. ١٢٦

٢. ڏاهي مَ ٿيان - پروفيسر پوپٽي هيرانندائڻي، ص. ۵

حال ڏئي ڪيئن دل جو ويچاري،
خط جي ڄڻ نہ سمرتي ساري،
هنڪي هنڪي ڪئي تياري،
پر لڙڪن ۾ پتر پسي پيو، چا تي حال اُتاري.''[1]

ناريءَ جي نازڪ ڀاون کي بخوبي ڄاڻندڙ دلگير، ناريءَ تي اتياچار ۽ سماج جا ڏيندڙ ظلم ۽ ستم ڪيئن سهي سگھندو. اِن ڪري هو اهڙين بي اِنصافين خلاف وڏي ۾ وڏو وکيل بڻجي پوي ٿو:

ماڪ ڦڙا (١٩٥٣ ۾) هن وشيہ تي ڪيتريون اهم ڪوتائون آهن. اُن وقت اِستريءَ کي ايڏي آزادي ڪانہ هئي جيتري هاڻي آهي. طلاق جو قانون گهڻو پوءِ پاس ٿيو. ورهاڱي کان اڳ عام طور هندو استريون گهرن ۾ ۽ وڏن يا ڏارين اڳيان گهونگهٽ ڍڪينديون هيون. اهڙي پوسائيندڙ وايو منڊل ۾ جڏهن هي ڪوتائون شايع ٿيون هيون، تہ تنگدل پرش سماج ۾ ٿرٿلو مچي ويو هو. اِنڪري استريءَ جي آزاديءَ لاءِ هي ڪوِتائون گويا بنيادي پٿر آهن. جنهن وقت وڌوا وواهہ جو قائدو پاس نہ ٿيو هو، اُن وقت جوانڙي وڌوا جي قياس جوڳي حالت جو ڪهڙو نہ سوز ڀريو ورنن ڪيو آهي، ''ننڍڙي وڌوا'' ڪويتا ۾ ! اهڙي عورت کي اُن پشپ مالا سان ڀيٽيو آهي جنهن کي هر ڪنهن جا پير لتاڙيندا رهن ٿا. اهڙي وڌوا چڻ تہ ستار جي هڪ ٽٽل تار آهي ننڍيءَ عمر ۾ شادي ڪيل نينگر کي پنهنجي سرڳواس ٿيل پتيءَ جي شڪل بہ ياد ڪونهي نڪو ڪيس خبر آهي تہ هوُ ڪير هو؟ اهڙيءَ وڌوا کي سماج نربل، نرآڌر ۽ نرڀاڳہ وڌوا ڪوٺي ٿو.

وڌوا مٿان ظلم ڪرڻ جو مکيہ سبب اِهو آهي تہ هندو سماج جا نيم مقرر ڪرڻ واري منوءَ چيو آهي تہ:'وڌوا کي سندس موئت تائين سچي جيون ڏک ۽ تڪليفون سهڻ گهرجن. ڪنهن بہ چوُن چرا ڪرڻ کان سواءِ گهڻي صبر سان هن کي سڀ ڪجهہ سهي وڃڻ گهرجي. هوءَ صرف

---

١. ڪوڏ - هري دلگير، ص. ١٩

اِنسان اشرف المخلوقات بڻجي دل ۽ دماغ جو مالڪ بڻيل آهي. اِها مالڪي ورهايل نموني ۾ استريءَ ۽ پرش کي عطا ٿيل آهي. پرش مستڪ پرڌان جيو آهي ۽ استري هرديہ پرڌان. ٻنهي کي مستڪ ۽ هرديہ مليل آهي پر هڪ ۾ مستڪ زوراور آهي ۽ ٻيءَ ۾ هرديہ. شاه دل جي دنيا جو سئر ڪرايو آهي. اِنڪري هن ''زال'' جي اندرين دنيا جا تفصيل ڏنا آهن.

شاه جي رسالي ۾ جدا جدا سُرن ۾ استري جيون جا جدا جدا پهلو ملندا. شاه جي رسالي ۾ استريءَ جو سمپورڻ روپ ڏسڻ لاءِ ملي ٿو. پر ائين جيئن جدا جدا ڏينهن تي چندرما جي هڪ هڪ ڪلا اِن ۾ شامل ٿيندي پيئي وڃيءَ سڀني ڪلائن جي ملڻ سان چندرما بڻجي ويو هجي. تيئن سڀني سُرن ۾ عورت جي جسم ۽ جان جا جدا جدا قسم چترت ٿيل آهن. اُنهن کي پاڻ ۾ ملائجي تہ استريءَ جو عالمگير روپ چٽجي ويندو.[1]

دلگير ناريءَ سان ٿيندڙ ظلم ۽ انياءَ کي اگهاڙو ڪندي ناريءَ جي پيار پرئي هردي ۾ خوب جهانڪيون پاتيون آهن. نہ رڳو ايترو پر هن شاه صاحب وانگر، پاڻ کي ناري روپ ڏيئي، ناريءَ جي نازڪ هردي ۾ جي پيار جا ترنگہ اُيرن ٿا اُنهن جو بہ سهڻي نموني ورنن ڪيو آهي. دلگير جي پهرئين ڪتاب ڪوڏ (١٩٤٢) ۾ ''اوسيڙو'' ۾ جي ڀاو آهن، اُهي هن بيان جي ثابتي آهن. ويهين صديءَ جي ٽئين يا چوٿين ڏهاڪي جي ورهہ ويوڳڻ استريءَ جي اُڌمن جو چٽر هيئن ٿو چٽي:

''اوسيڙو'' ڪندڙ ويوڳي ناريءَ جو چٽر پيش آهي:

''هاءِ! ڏيئي جي جوت اُجهاڻي
اوسيڙي ۾ ويل وِهاڻي
روئي روئي دل تي ساڻي،
ٿڪجي پيئي ديد نماڻي؛
داسي تنهنجي درس جي پياسي، ويني واٽ نهاري!
نرت لچاري، شرم جي ماري،

---

١. ڏاهي مَ ٿيان - پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي، ص. ٢٢

موت جي مندر جي پوڄارڻ، نراشا آنهه تون،
چوُچڙي جان تي جلائي جنهن کي چنتا، آنهه تون،
ڇو تہ نربل ۽ نڏر، نرياڳہ وڏوا آهين تون.''

''ڇو نہين سيکجهہ اهو؟ تنهنجو ڪٿي سومان آهہ؟
استري جاتيءَ جو ڪٿ سو آتمڪ ايمان آهہ؟
مرد بجلي آهہ، جي تو ۾ لڪل طوفان آهہ،
مرد جي فولاد، تو ۾ آگ جو جولان آهہ،
پيچ تون بندش مرد جي، بيباڪ درياہ آنهہ تون،
ڪانہ نربل ۽ نڏر، نرياڳہ وڏوا آنهہ تون!''[1]

انگريز جتي جتي راڄ ڪندا هئا اُتي جي ماڻهن جي زندگي، وهنوار، ريتين رسمن وغيره تي ڪتاب لکندا هئا. هندستاني زالن جي حالت تي گهڻن ئي انگريزن ڪتاب لکيا. سروَ شري ڪئري، وارڊ، الينگزينڊر، ڊف وغيره هندن بابت ائين لکيو تہ اُهي پنهنجين زالن کي جانورن کان بہ بدتر نموني هلائيندا آهن. اُنهن لکيو تہ :- ''پنهنجي پتيءَ جي پنيان ستن قدمن جي مفاصلي تي هلندڙ، بيوس ۽ لاچار زالون، پنهنجيون سنهيون بانهون تنگون پردي يا چادر سان لڪائي اڌ بار ۽ اڌ زالون بڻجي هر ڪنهن قسم جي اتياچار کي چپ چاپ سهن ٿيون. هندستاني زالون پنهنجي ماترڀاشا جو هڪ بہ لفظ لکي پڙهي نہ ٿيون ڄاڻن ! ساري زندگي اڻڄاڻائيءَ ۽ جهاليت ۾ گذاري اُهي اڌوري اِنسان يا اوکست اِنسان بڻجي جيئن ٿيون.''[2]

پر اهڙي انڌڪار ۾ پڻ ڪي ٽمڪ ٽمڪ ڪندڙ ڏيئا ضرور هئا. چاڪاڻ تہ سماجڪ اوٽاين جا دل دهڪائيندڙ نظارا ڏسي ڪي سماجڪ سڌارڪ يا ڌارمڪ منورتي رکندڙ اِنسان پئدا ٿيا هئا جي پنهنجن سنن ويچارن روپي ڏيئا ڪٽي مئدان ۾ لهي پيا هئا.

---

١. ماڪ ڦڙا - هري دلگير، ص. ٥٢
٢- ڏاهي مَ ٿيان - پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي، ص.٨٠

وڻن جون ٽارُون، گلن جا قسم ۽ ميوو ڪائي پاڻ کي شڪل سڙيل بدن واري ڪري رکي. هوءَ پتي جي سرڳواس ٿيڻ بعد ڪنهن به ٻئي مرد جو نالو نٿي وٺي سگهي.

هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته منو پاڻ پرش آهي اِن ڪري هن زال کي ڪنهن به نموني هستي نه مڃي هنکي پروس ۽ لاچار بڻائي، پرش جي اَڌين ڪري ڇڏيو آهي! ٻئي هنڌ به منو مهراج چيو آهي ته جڏهن زال ڏيءَ آهي تڏهن پيءُ جي اَڌين رهي، جڏهين شادي ڪيل آهي تڏهين سندس مالڪ پتي آهي ۽ جڏهين هوءَ وڌوا بڻجي وڃي تڏهن هوءَ پٽ جو ئي آڌار وٺي هلي.“

منو مهراج جي اُبتڙ دلگير پنهنجين ڪويتائن ذريعي زال جو هردو ڇٽي، سيني پڙهندڙن جو استريءَ جي دردشا ڏانهن ڌيان ڇڪايو ۽ ماڻهن کي ٻڌايو ته استري هڪ اِنسان جيئان ارمان ۽ اُمنگ رکي ٿي ۽ پنهنجي دل ۾ احساس ڌاري ٿي. چو اڻ ڏٺل پتيءَ جي ڪيس پوڄا ڪرڻي پوي ٿي جنهن جي شڪل به ڪيس ياد ناهي. دلگير اهڙي وڌوا کي پڙڪائي ٿو، آتم اپيمان ۽ سؤمان جو قسم ڏيئي ڪيس اهڙي هتياري سماج جي بندشن کي ٽوڙڻ لاءِ آماده ڪري ٿو ۽ ڪيس چوي ٿو ته هوءَ نر آڌار ۽ نبل هرگز ڪانه آهي.

ٻئي پاسي مرد تي طنز ڪندي چوي ٿو ته هو ڏهه شاديون ڪري، بد بازار ۾ پنڪي ٿو، پر وڌوا عورت جي شاديءَ جو ٻڌي تڪرار ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. سماج ۽ شاستر جو ڇار وڇائي مرد ڌرم ۽ مرم جو ٺاهوڪو ٺيڪيدار بڻجي وينو آهي. اِنڪري ناريءَ کي للڪاريندي دلگير کي لکڻو پيو ته ڇو سهين سڀ ڪجهه آهو؟ تنهنجو ڪٿي سؤمان آ؟ ”نِنڌڙي وڌوا“ ڪويتا جا ڪجهه بند پيش آهن.

”ننڍڙي وڌوا“

”تار تار آهي ٽٽل جنهنجي، سا وينا آنهه تون،
ٿا لتاڙين پير جنهن کي، پشپ-مالا آنهه تون،
جيو يا جيون بنا، برباد دنيا آنهه تون،

رسم تهذيب جي وحشت جي ستايل آهين،
توکي بد راه طرف ڳهلي ٿي زوريءَ دنيا،
تنهنجي در ڏانهن تکي ته به پئي چوريءَ دنيا !
پر زماني جي نه هلندي اِها رفتار سدا،
ٿيندو رهندو نه هي اِنسان به بدڪار سدا،
بي حيائي جي ڪليل هوندي نه بازار سدا،
جسم اِنسان جو هلندو نه هي واپار سدا؛
ڇو ته اِنسان جو آهي، اُهو انسان ٿيندو،
ٿيندو ڪجهه وقت لاءِ، هر وقت نه شيطان ٿيندو.

ختم دنيا مٿان شيطاني حڪومت ٿيندي،
نيٺ اِنسان کي اِنساني طبيعت ٿيندي،
عام کي عام مٿان عام لاءِ طاقت ٿيندي،
دل دکائڻ لاءِ ڪڏهن ڪنهن کي نه جريت ٿيندي،
ذات عورت تي تڏهن هرڪو ڪندو ناز غرور،
پيڻ ”دلگير“ نه ٿي، اهڙو سمو آهه نه دور.“[1]

مؤج ڪئي مهراڻ جي هڪ نظم ”پيڻ“ ۾ دلگير هڪ اهڙي عورت جو ذڪر ڪيو آهي جنهن کي هن پرش پرڌان سماج ۾ هرڪو محبوب ۽ معشوق ته سڏي ٿو ۽ سندس مشتاق هي سڄو عالم آهي پر ڪيس سڄي دنيا ۾ ڪوبه ياءُ ڪونهي. لکي ٿو:

”هرڪو محبوب ۽ معشوق سڏي ٿو مونکي،
جو ڏسان، مون سان اچي عارضي سودا ڪري،
جو اچي روپ جوانيءَ جي تقاضا تو ڪري،
مونکي آغوش ۾ آڻڻ جي تمنا تو ڪري.

مان هي برداشت ڪريان ٿي، جو غريب آهيان مان،
نيڪ دل منهنجيءَ ۾ سوداءُ اهوئي آهي،

1. ماڪ ڦڙا - هري دلگير، ص. ٤٣-٤٤

بينگال ۾ پنڊت ايشور چندر وديا ساگر پئدا ٿيو جنهن وڌوا جي دُرگتي ڏسي پنهنجو پاڻ سان پرڻ ڪيو ته مان وڌوا شادي جو هڪ زبردست تحرڪ هلائيندس. هن پنهنجن ششن ۽ شاگردن کي اُپديش ڏيئي ڪائن وڌوا وواهه جي فائدي ۾ هلچل هلارائي.

راجا رام موهن راءِ جڏهن پنهنجي ڀاڄائيءَ جي دردشا ڏٺي ته سندس ڀاءُ جي مري وڃڻ تي سندس ڀاڄائيءَ کي ٻرندڙ ڪاٺين جي وچ ۾ ويهاري ساڙيو ٿو وڃي ۽ هوءَ واڪا ڪري ٻاهر ٿي اچي ته ڪيس لٺين سان ماري ماري باهه ۾ ڌڪيو ٿو وڃي. تڏهن هو ڏاڍو دکي ٿيو ! ان واقعي ڪيس اهڙو ڌڏڪو رسايو جو هن لارڊ وليم بينٽنگ تي زور آڻي ستي لڪڙيءَ جو رواج قانوني طرح بند ڪرايو ۽ ائين ظاهر ڪرايو ته ستي لڪڙيءَ جي رواج مؤجب مصعوم زالن جو خون ڪيو ٿو وڃي! بينگال جي ليکڪن پنهنجا قلم تکا ڪيا ٽئگور پنهنجين آکاڻين دئاران ۽ شرت چندر چٽرجي پنهنجن ناولن دئاران استريءَ کي نائڪا بڻائي استرين جي هلت ۽ وهنوار جي ڪارڻ کي ڪيندرت ڪري عوام کي واقف ڪيو ته استري به دل ۾ اُمنگ ۽ ارمان رکي ٿي. اسانجو انيوي اک وارو ماهر ۽ فني قوتن جو مالڪ شاعر دلگير اُن دؤر جي سماج سڌارڪ ڪويءَ جو رول پڻ ادا ڪيو. اِها ڳالهه سنڌي قوم لاءِ فخر جو باعث آهي.

”بازاري عورت“ جنهن کي دلگير رسم، تهذيب جي دهشت جي ستايل عورت ڪوٺيو آهي. جنهن کي دنيا زوريءَ بد راهه تي گهيلو آهي ۽ اُن بازاري عورت جو در اُهائي دنيا چوريءَ تڪيندي رهي ٿي. هن وٽ قوم جا ٺيڪا، دين ڌرم ۽ تهذيب جا ابا، پاچن مثل لڪي اچن ٿا.

بازاري- عورت

”مونکي ڪل آهه، تون قسمت جي ستايل آهين،
پنهنجي ئي حسن جي شامت جي ستايل آهين،
ڪنهن جي شيطان محبت جي ستايل آهين،

حسن تنهنجي کي حيا ۽ مرم چمڪائڻ لڳا،
چڻ تہ موتي سون جي منڊيءَ کي جرڪائڻ لڳا.“[1]

”پنهنجي لاثاني ڏيا جو تي ڏئين ڏيکاءُ تون،
مامتا واري پوين ٻڻجي تي بعضي ماءُ تون،
پينڙي ٻڻجي ڪڏهن ڪنهن کي ٻڌائين پاءُ تون،
آنهہ بعضي ڏيءُ، ساهيڙيءَ جو بعضي ساءُ تون،
دلربا دلدار تي دل کي ڏتاري تي ڇڏين،
جان تي جذبات جي، دل کي اُپاري تي ڇڏين.“[2]

اُهائي استري ٻالپڻ کان ٻڍاپي تائين اِنسان جو همسفر تي رهي. ماءُ جي ڪردار ۾ ٻار جو همسفر تي رهي تي. سندس هندوري کي هلائي تي، پر اٿر لولي ڳائي کيس سمهاري ڇڏي تي. نوُجوانيءَ ۾ پنهنجي پتيءَ کي محبت جا مٺا ميوا کارائي تي ۽ ٻڍاپي ۾ ٻہ پنهنجي سيوا جا انمول موتي پيٽ ڪري تي. استريءَ جي مهانتا کان دلگير بخوبي واقف آهي.

دلگير اِستريءَ جي ڪومل هردي جي ڪومل پاون کي منڙن منڙن لفظن ۾ پوئي پيڻ، سهاڳڻ، ماءُ، همسفر، بازاري عورت، وڌوا ۽ سونهن جا الڳہ الڳہ چتر چٽي سنڌي شاعريءَ جي ڳلي جو چمڪندڙ هار ٺايو آهي.

پيڻ: رکڙيءَ دواران پاءُ ۽ پيڻ جي ٻنڌن ۾ ٻڌجڻ جي روايت پارت ۾ صدين کان هلندڙ آهي. رکڙي پيڻ جي بي-غرض پيار ۽ پاءُ جي قربانيءَ جي جذبي جو اظهار آهي.

”ٻانهن ۾ منهنجي ٻڌو، رکڙيءَ جو ٻنڌن پيڻ تو،
آهي جا جادوءَ پريل، ريشم جي سنهڙي تار ۾ تو،

---

١. مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير - ص. ١٢٦

٢. مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير - ص. ١٢٧

منهنجو مشتاق تہ عالم هي سڄوئي آهي،
مونکي دنيا ۾ مگر ياءُ نہ ڪوئي آهي.''[1]

''موج ڪئي مهراڻ'' ۾ دلگير ناريءَ جي ساري جيون جو نقشو نهايت دلپذير نموني ۾ ''استري'' جي عنوان سان قلم بند ڪيو آهي جنهن ۾ هن جي ٻال اوستا کان وٺي ويندي ٻڍاپي تائين طرحين طرحين جون تمثيلون ڏيئي اُنهن جي الڳہ الڳہ روپن جو اظهار ڪيو آهي. خاص طرح عورت ذات مان بي علميءَ کي دور ڪرڻ لاءِ زناني تعليم تي زور ڏنو آهي. ڏيتي ليتيءَ جي ٻرندڙ مسئلي سماج ۾ ڏاڍا راڙا ڪيا آهن. ايتري قدر جو استري جاتيءَ کي جيئري جلايو ويو آهي. نہ صرف ايترو پر اِن نقط نگاہ کان گرهِ اوستا ۾ گرهِ پات ڪرائي جنس مونث کي نگو سار ڪيو ويو آهي.

دلگير عورت جي زندگيءَ ۾ ماتاپڻي جي درجي کي اهم سمجهيو آهي. ماتا پڙهيل ڳڙهيل ۽ سياڻي هوندي تہ اُن جي اؤلاد ۾ بہ اڪثر ڪري اُهي ئي سنسڪار ايندا. اِها ماءُ ئي آهي جا ٻارن جون حياتيون ٺاهي يا ڊاهي ٿي. اِن ڪري ''دلگير'' عورت ۾ علميت جي شدت سان ضرورت محسوس ڪئي آهي ۽ سمجهي ٿو تہ اِها کهڙي نہ ناداني چئبي جو زال ذات کي وديا کان محروم رکجي جا اُن جي زندگيءَ ۾ ذلت پئدا ڪري. هڪ ئي نظم ۾ ''دلگير'' استريءَ جي ثنا ۾ انيڪ اُپمائون ۽ النڪارون پيش ڪري پنهنجي شاعريءَ جو شعور ثابت ڪيو آهي. هن ڪوتا جا ڪي بند نموني طور هيٺ پيش ڪجن ٿا.

اِستري

''زندگيءَ جي چنڊ جي چانڊاڻ تون ٻڌجي پئينءَ،
سونهن جي گلزار جي سرهاڻ تون ٻڌجي پئينءَ،
پريم جي آڪاس جي نيلاڻ تون ٻڌجي پئينءَ،
مرد جي لاءِ موج، موتين - کاڻ تون ٻڌجي پئينءَ،

---

1. موج ڪئي مهراڻ - هري دلگير - ص. ١٠٤

س سهري، ڏيرن-ڏيراڻين ۽ نراڻن جون اکيون، سندس هر چال جو
ڇو ڪن ٿيون گستاخ هوا سندس پوتيءَ کي اُڏائي سهري اڳيان سندس
ورو، لڄارو مکڙو پڌرو ڪيو ڇڏي. قدم کڻڻ سان سندس نازڪ پيرن جي
ير جو آواز ، رُن - جُهن گونجي اُٿي تو ۽ هوءَ شرم ۾ ٻڏيو وڃي.

”رابيل جي شگُنڌ، اڇي منهنجي تيل مان،
ڏيراڻي ۽ ڏير، ڪجهہ تہ چون پيا سويل ڪان،
”دلڙي ڪنوار تي رکي، تيل ۽ ڦليل سان“
لڄ ۾ ٿيان ٿي لال، ۽ چڙهہ دل وسامي ٿي، خوشبوءِ اُڏامي ٿي،
منهنجي چُني اُڏامي وڃي پئي،
شايد وڃي اُڏامي ها، پر روڪجي وئي،
مون سان تو سهري اڳيان گستاخي ڪئن ڪئي؟
وڏڙن اڳيان تہ آهي ڪرڻ واجبي حيا، اي بي حيا هوا!“[1]

دلگير ڪنوار جي معصوم ادائن جو نهايت تز ۽ منن لفظن ۾
ڀهڙو - سوکيم اظهار، سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ بي جوڙ مثال آهي.
ڀڙهندي ۽ ٻڏندي ريشمي وسترن اوڍيل نئين نويلي ڪنوار جو چٽ ، چٽ
تي ڇائنجيو وڃي. پاڻ کي سينگارڻ، تاهہ نوهہ ڪرڻ جو شوق، ڪپڙي لٽي
پهرڻ جي تميز ۽ هميشهہ جوان لڳڻ جي تمنا، هر اِستريءَ ۾ آهي. اِن
ڪري آئينو هميشه هر استريءَ جو دلپسند سنگي رهيو آهي.

”هوءَ صبح سويرو اُٿندي آ،
آئيني ۾ منهن ڏسندي آ،
ڪِٿ رنگ جهڪيرو ٿيو آهي،
ڪِٿ رنگ پڪيرو ٿيو آهي،
ڪِٿ نڪتو وار سفيد نئون،
هوءَ رنگ ٻڻائيندي آهي، هوءَ گهنڊ لڪائيندي آهي،

---

1. مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير - ص. ١١۴

بند فؤلادي ٻڻي، جڪڙي ٿي مونکي پيار ۾،
آ محبت ۾ منديو، منھنجو ھي جيون پيڻ تو.“[1]

سھاڳڻ:

سھاڳڻ بڻجي، سھاڳ جو سُک ماڻڻ جي ڪامنا ھر نؤجوان نينگريءَ جي من ۾ لڪل ھوندي آھي. لائون لھڻ بعد سھاڳڻ لاءِ سُھاڳ رات جي وڏي اھميت آھي. اِھائي رات آھي جنھن ۾ گھوٽ ڪُنئار جا سپنا ميلاپ جو اننت آنند ماڻي، ساڀيا جو روپ وٺن ٿا. دلگير سھاڳڻ جي سھاڳ رات جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

”گھونگھٽ ۾ مون پاڻ ڇپايو،
ليڪن تو اُن کي سرڪايو،
گھوٽ بڻئين تون، آءٌ ڪُنئار،
منھنجي سُکہ جو انت نہ پار.“[2]

نئين نويلي ڪنوار جي جذبات جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

”ڌيءُ پنھنجي آ، امانت تہ مگر ڌاري آ،
ساھرا پيار ڪندس ھيانءُ کي ھاري نہ وھي،
ٿي ويو وقت آ بارات اَچڻ واري آ،
ڪنوار سينگار ڪري پاڻ سجائي تہ وھي.
ٿي ويو وقت آ بارات اَچڻ واري آ،
ڪنوار سينگار ڪري پاڻ سجائي تہ وھي،
جيئن ھرڪوئي چوي، ڇا تہ وني پياري آ،
ٿي ويو وقت آ بارات اَچڻ واري آ.“[3]

نئين نويلي ڪنوار جڏھن گھر ۾ ڦرڦرِ ڪرڻ لڳي ٿي، تڏھن

---

١. ماڪ ڦڙا - ھري دلگير، ص. ١٧
٢. مؤج ڪئي مھراڻ - ھري دلگير - ص. ٥٥
٣. صبح جو سھاڳ - ھري دلگير، ص. ٥٦

ءِ ٻڌاپي ۾ ڪرين ٿي بخش، خدمت جو گوهر،
زندگي بي لطف تو بن، جڳ سڄو بي جس ٻٽي،
تنهنجي هستيءَ کان حياتيءَ جو سفر بيحد وٽي.''[1]

يڪن دلگير ڪي دک اِن ڳالهه جو آهي ته اڄ وگيان جي يگ ۾ جڏهن نر ناري جي سمانتا جو نعرو بلند ڪيو پيو وڃي، اُتي ڀارت جي ناري گهٽي قدر بي زبان بڻجي پوي ٿي. اِن ڪري ذلت ڀري زندگي جيئڻ لاءِ مجبور ٿئي ٿي. ائين ڇو؟ ڇا اڃا سماج پرش پرڌان آهي؟ جيئن آد جڳاد کان رهيو آهي. اُن جو ڪارڻ دلگير جي ويچار موجب استري جاتيءَ جي بي‌علمي ءِ ناسمجهي، نراشا ءِ ساهس هيڻتا آهي. جيڪا ڳالهه استريءَ لاءِ مصيبت پئدا ڪري ٿي.

اِن ڪري دلگير اِن ڳالهه ڪي شدت سان محسوس ڪيو آهي ته جي استري وديا حاصل ڪري ته هوءِ هڪ هوشيار هادي يعنيٖ ڪامل گرو به ٿي سگهي ٿي.

اِنڪري دلگير ناريءَ کي وديا حاصل ڪرڻ ، سڄاڳ ٿيڻ ءِ قهر جو قلعو ٽوڙڻ جي صلاح ڏئي ٿو. پنهنجا حق ماڻڻ لاءِ ناريءَ کي بيدار ڪرڻ ۾ شاعر ڪا ڪسر ڪين ڇڏي آهي.

''جاڳ به هاڻي ڪٺي ءِ ڀاڳ پنهنجو ناهه تون،
همسري ڪري مرد جي، سيني کي پنهنجي ساهه تون،
آهه جو قلعو قهر جو، تنهن تي ڪڙڪي ڪاهه تون،
قيد خانو ڍاهي تون، زنجير پنهنجو لاهه تون،
پنهنجي قسمت پنهنجي عزت جي ڏياٽي آنهه تون،
راڄ ڪر راڻي بڻي نت، راڄ-راڻي آنهه تون.''[2]

دلگير ''جهنگلي گل'' نثري نظمن جي مجموعي ۾ ''اِستري'' ڪوتا ۾ اِستريءَ کان ڪي سوال پڇيا آهن. اِن خيال کان ته جيئن هوءِ

---

۱. مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير - ص.۱۲۷
۲. مؤج ڪئي مهراڻ - هري دلگير - ص. ۱۲۸

هوءَ وار سفيد ڪندي ڪارو، آئينو ڄاڻي ڳجهه سارو،
سڀ دل جو دل ۾ رکندو آ،
عورت جو ساٿي آئينو، آئينو بلڪل ديرينو.'' [۱]

ماءُ : ماءُ ٻڄڻ سان، استري نه فقط پتيءَ جي هردي ۾ پر سس ۽ سهري جي دلين ۾ سمائجي، ڪٽنب جو اٽوٽ حصو بڻجي ٿي پوي. ماءُ جي پد ۾ ئي استريءَ جي پورڻتا آهي. ٻالڪ ماءُ جي من جي ڪنهن اڄاتيءَ ڪنڊ ۾ لڪل آهي، جيڪو سندس سالن جي پتي پڳتيءَ جو مٺو ميوو ٿي سندس خالي جهوليءَ کي ڀري ٿو.

''پاڻ ڇپايو ڪٿي تو منهنجي من جي ڪڙڪيءَ ۾؟
چور! لڪل هئين ڪهڙي منهنجي ڳجهڙيءَ ڀڳتيءَ ۾؟
مشڪي مشڪي ڪٿي نه ڀريو تو منهنجو خالي جهول،
هٿ ۽ پير هٽين تو ڇا ليءِ، خواب ٿي جڪڙيو مون،
پيار جي سوني ڄاريءَ ۾ آ توکي پڪڙيو مون،
تنهنجي ڄار ۾ مان ڀي ڦاٿس، مليو ممت جو تول.'' [۲]

همسفر: ڌيءُ، ڀيڻ، پتني، ننهن ۽ ماءُ، اُنهن سيني روپن ۾ اِستري زندگيءَ کي خوشگوار ڪري ٿي. اِستريءَ جي آمد سان قدرت ۾ رنگيني ۽ ڪائنات ۾ خوبصورتي اچي وڃي ٿي. هوءَ زندگيءَ جي چنڊ جي چانڊاڻ ۽ سونهن جي گلزار جي سرهاڻ آهي. سندس سچي سونهن حياءُ ۽ مرم ۾ آهي. ڪلا جي دنيا ۾ استريءَ جو استان اوچو آهي. هوءَ نقاش جي نقش، سنگتراش جي مورتيءَ ۽ شاعر جي ڪلپنا کي ساڪار ڪري ٿي. ٻالپڻ کان ٻڍاپي تائين هوءَ زندگيءَ جي سفر جي ساٿڻ آهي.

''ٻالڪپڻ کان تون ٻڍاپي تائين آهين همسفر،
تون هندوري کي هلائين، تنهنجي لولي پر اثر،
نوجوانيءَ ۾ تون آهين، پنهنجي اُلفت جو ثمر،

---

۱. پل پل جو پرلاءُ - هري دلگير، ص. ۳۷
۲. ماڪ ڦڙا - هري دلگير، ص.۷۳

پنهنجي ماتا ۽ نانيءَ ۽ ڏاڏيءَ جيان،
چو نہ سڀ ڪجهہ سهان؟ چرن - رج کي چمان!
اي پتي ديوتا!''[1]

دلگير ڪهڻيءَ ۽ رهڻيءَ ۾ هڪ جهڙو ئي رهيو جو هُن پنهنجي پتنيءَ کي سمان جو درجو ڏنو. دلگير پنهنجي ڌرمپتنيءَ ڏانهن مخاطب ٿي گهڻيون ئي ڪوتائون لکيون آهن. جي سندس دل جي جذبات جو آئينو آهن. جڏهن دلگير جي طبعيت ٺيڪ نہ هئي تہ سندس اڙدانگنيءَ سندس دل و جان سان شيوا ڪئي. دلگير هن سان ڳالهائيندي لکيو آهي:

بيماريءَ جي بستري تان

''پرڀہ جي هير بڻي روز سويرو ٿي اچين،
صبح جو روز اچين سونهن جي سرهاڻ کڻي،
روح جي تازگي، دنيا جي خوشي ساڻ کڻي،
پيار جا پشپ کڻي روز سويرو ٿي اچين.''[2]

''منهنجي لاءِ عرش تارا بہ چني آڻين ٿي،
چا ڏنو مون ۾ اتي، تون ئي رڳو ڄاڻين ٿي.''[3]

دلگير ڪرشن راڌا جي راس کي ڌيان ۾ رکي هڪ رباعي ۾ پنهنجي پتنيءَ کي مخاطب ٿيندي چوي ٿو:

''تون ياڳہ سندم، ياڳہ پري آهين تون،
خود سونهن جي سونهن، اي پري آهين تون،
ڪر شرم نہ، هي گڻ نتو تنهنجا ڳايان،
مان نانڪي آهيان ۽ هري آهين تون.''[4]

---

۱. ماڪ ڦڙا - هري دلگير، ص. ۵۰-۵۱
۲. ۳. جيءَ جيءَ ڙي جيءَ -هري دلگير - ص. ۸۵
۴. اڪيلو چنڊ -هري دلگير - ص. ۴۱

پنهنجي هستيءَ ۽ شڪتيءَ کي سڃاڻي سگهي.

دلگير جو پڇاڙيءَ جو چوڻ اِهوئي آهي ته اڪيچار روپن واري ناري ! منهنجون ڪوتائون ته تنهنجي جئه منائين ٿيون، پر تون پنهنجي به ته جئه منائي نه؟

دلگير وئشيا کي پنهنجي پاڳ تي روئندو نٿو ڇڏي. هو وڌوا کي سڀ بي انصافيون صبر سان سهڻ جي صلاح نٿو ڏئي. هو پتنيءَ کي پتيءَ جي ٻڌي ٻانهي ٿي رهڻ جو پرٻوڌ ڏيڻ به واجب نٿو سمجهي ۽ نه ڪيس جهونين رسمن ۽ رواجن ۾ جڪڙي رهڻ جي هدايت ٿو ڪري. دلگير جي‌تکي طنز مرد جي بي انصافيءَ جو پردو چاڪ ڪري ٿي ۽ استريءَ جي باغي من ۾ لڪل شعلن جي گرمائش جو سيڪ محسوس ڪرائي ٿي، جيڪو اڄ‌تي هلي، استري ۽ مرد جي هڪ جهڙن حقن جو اُهڃاڻ ڏئي ٿو.

”اِستريءَ ليءِ پتيورت ڌرم آ ضرور،
ڇا مجال آه جو ٻئي ڏي اک به کڻي !
بي حيا ڪئن بڻي؟
صرف شيوا پتيءَ جي سندس ڌرم آهه،
جو پتي استريءَ لاءِ آ ايشور،
پل ته لولو هجي، پل ته لنگڙو هجي،
پل ته بيمار، بدمعاش بڇڙو هجي،
استريءَ کي مگر ناهي حق جو ڪڇي،
هوءَ ته بي جان آهه.
هوءَ ته رنگين را ديکو آ مرد ليءِ،
هوءَ ٻارن ڄڻڻ لاءِ هڪ مشين،
آهه ڪيڏو حسين!
مان به هڪ استري،

باب ستون

هري دلگير جي ڪوتا ۾ پيار

ڪرشن راڌا آهي ۽ راڌا خود ڪرشن آهي. نانڪي هري آهي ۽ هري نانڪي آهي. اهڙي طرح محبت جي مٿڻ چوٽي تي چڙهي وڃي ٿي. دلگير ناري کي هر روپ ۾ پيار ڪيو آهي:

”ناري ناري موهڻ واري،
هرڪا پيار ڪرڻ جي لائق،
بالڪڙي، پرڻيل يا ڪُنواري،
ناري ناري موهڻ واري،
ڀيڻ، ڌيءُ يا پريتما پياري،
مان ته مِڙن جو آهيان شائق،
ناري ناري موهڻ واري،
هرڪا پيار ڪرڻ جي لائق.“[1]

”جي وات تي ڏسانس ته ڏاڍو سٺو لڳي،
اڪثر ملي ته راه ۾ ڪا ڇوڪري نندي،
نالو به جي پڇانس ته ڏاڍو سٺو لڳي،
جي وات تي ڏسانس ته ڏاڍو سٺو لڳي،
ڪجهه پيار جي ڪريانس ته ڏاڍو سٺو لڳو،
سالن اٺن نون جي ٿي آ ڇوڪري نندي،
جي وات تي ڏسانس ته ڏاڍو سٺو لڳي،
اَڪثر ملي ٿي راه ۾ ڪا ڇوڪري نندي.“[2]

اَهڙيءَ طرح دلگير ماتا کي مانُ، ڀيڻ کي پيار، پتني (محبوبا) کيُ پنهنجي آتما جو ڪجهه حصو ڏنو آهي. بازاري استري کي به ڀيڻ ڪوني آدر ڏنو آهي. دلگير وٽ پرشن جي رچيل انهن شاسترن لاءِ ڪوئي آدر ناهي. جنهن ۾ عورت کي مرد جي برابر نٿو مڃيو وڃي.

◆◆

---

1. گاه ڪليا گس گس- هري دلگير، ص٧٠
2. گاه ڪليا گس گس -هري دلگير - ص١٠

ٻارن جي ڪتاب ۾ مکيہ ڇا ڇا هجي. اِن لاءِ گجراتيءَ جي مشهور ٻال ساهتيہ اڀياسي موهن ڀائي پٽيل ٽن ڳالهين تي زور ڏنو آهي هڪ تہ ڪتاب ۾ ٻار لاءِ ”ملڪيت“ هئڻ گهرجي. ٻار کي ڪتاب پڙهڻ وقت لڳي تہ هن کي ڄڻ خزانو مليو آهي. ڪتاب ۾ نئين نئين ڄاڻ هجي. نوان ويچار هجن، تازگي ڀريل ڪلپنائن سان اِهي ڀريل هجن، نئون نئون ڪم ڪرڻ جي اُن ۾ پريرڻا هجي. ڪتاب پڙهڻ وقت ٻارن کي ائين نہ لڳي تہ سندس وقت ضايع ٿي رهيو آهي. هوُ اُن ۾ کوهجي وڃڻ گهرجي. ٻي چيز ڪپي ”سياويڪپڻو“ ليکڪ کي جيڪي ڪجهہ چوڻو آهي سو سياويڪ ۽ قدرتي طرح ٻار کي ملڻ گهرجي، جيئن ٻار اُن ۾ سمائجي وڃي. ڪا بہ ڳالهہ هن کي بوجو جهڙي نہ لڳڻ کپي. ٻار هڪ چيتن وستو آهي، جڙ نہ آهي. جيڪڏهن اِها ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ بنا ليکڪ ڪا رچنا لکندو تہ اِها ٻار کي لاڀ پهچائڻ بجاءِ هاڃي پهچائيندي. ٽين ڳالهہ جا ٻال ساهتيڪار لاءِ گهربل آهي سا آهي ”سچائي“، ”ڪرائي“ ليکڪ جيڪي لکي ، سو حقيقي دنيا ۾ عام طرح ٿيندو هجي.[1] اُن جي مٿان ڪوڙ يا بناوت جو تهہ چڙهيل نہ هجي.

ٻال ساهتيہ جي ڪسوٽي ٻار ئي آهن اُهي طئہ ڪندا آهن ڪهڙو ساهتيہ ٻال ساهتيہ آهي ڪهڙو نہ. ٻارن جا مائٽ، اُستاد، اُپديشڪ، ايتري قدر جو خود ليکڪ بہ اِهو فيصلو نٿا ڪري سگهن.

مٿين راين جي آڌار تي ڏسبو تہ دنيا ڀر ۾ مشهور ڪيتريون رچنائون اصل ۾ ٻارن لاءِ نہ لکيون ويون هيون. جوناٿن سوفٽ جو ”گليورس ٽراويلس“ ڊئنيال دفو جو ”رابنسن ڪروسو“ وغيره رچنائون، جيڪي هن وقت ٻال ساهتيہ ۾ اهم درجو والارين ٿيون، سي اُنهن جي ليکڪن، ٻارن لاءِ نہ لکيون هيون. رامائڻ ۽ مهاڀارت جون انيڪ ڪهاڻيون چاهي ”ڪٿا سرت ساگر“ يا ”جاتڪ“ وغيره جون ڪهاڻيون بہ ٻارن لاءِ نہ لکيون ويون هيون. تڏهن بہ اِهي ڪهاڻيون ٻارن کي پسند آهن. اِنهن گرنٿن مان چونڊي چونڊي ڪيترن ساهتيڪارن آکاڻين جا انيڪ ڪتاب

---

1 - سنڌي ٻال ساهتيہ - ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي، ص.١٨

دلگير جي ڪوتا ۾ ٻار

سنڌي ڪوتا ۾ هڪ مخصوص جڳهه رکندڙ هري دلگير ٻارن لاءِ 'نيڪ گيت لکيا آهن. اِهي ٻال گيت انداز جي خيال کان ايترا آهن جو اُنهن مان ڍاڪو مجموعا ٺهي سگهن. بيوس جي ''مؤجي گيت'' ۾ لگير جون چار ڪوتائون آهن. جي هن صاحب اُن عرصي ۾ لکيون، ڏهن بيوس جي رهبريءَ هيٺ ٻارن جي دنيا کي هڪ نئون اُمنگ ۽ نئين دشا ملي رهي هئي. دلگير صاحب ۱۹۳۰ع کان وٺي ٻال ڪوتائون لکڻ شروع ڪيون جي، اُنهن ڏينهن ۾ ٻالڪن جي ٻاريءَ جي ''گلستان'' رسالي ۾ شايع ٿينديون هيون. ڪيترن سالن تائين هوُ اُن رسالي جي ڪوتا وڀاڳ جو انچارج ٿي رهيو، جنهن ڪري سپاويڪ ''ٻال گيت'' رچنا جو ڪيس وڌيڪ اَنيؤ مليو.

دلگير جي ٻال ڪوتائن جي اوک ڊوک ڪرڻ کان اول اسين اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪنداسين تہ ٻال ساهتيہ ڇا آهي؟ ۽ ٻارن جي دنيا ڇا آهي؟

ٻال ساهتيہ جي وياکيا:

' ٻال ساهتيہ'' لفظ ''ٻال ۽ ساهتيہ'' اِنهن لفظن مان ٺهيو آهي. ٻال ساهتيہ کي سمجھڻ کان اڳ انهن ٻن لفظن کي جدا جدا ڪري سمجھڻ جي ڪوشش ڪريون. اينسائڪلوپيڊيا برٽينيڪا موجب، ٻال ساهتيہ ۾ ''ٻار'' ۱۴ يا ۱۵ سالن جي عمر وارو هڪ پاٺڪ آهي جيڪو ڪا آکاڻي يا تصويري ڪتاب پڙهي ٿو. ان موجب ''ٻال'' لفظ ننڍي عمر جي لکڻ-پڙهڻ ڄاڻندڙ ماڻهوءَ ڏانهن اشارو ڪري ٿو.[1]

۱-سنڌي ٻال ساهتيہ - ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي، ص.۱۵

روحاني قوتون وڌائڻ وڏن جو فرض ناهي؟ ٻار جي دل ڪوري سليٽ مثل آهي. اُن تي جھڙا چتر چٽجندا ويندا اھڙائي سڀاوَ ۽ وهنوار جا روپ جهڙجندا ويندا. پنهنجي ديش ۽ قوم جو ڀوشيہ روشن ڪرڻ لاءِ اِهو ضروري آهي تہ نئين پيڙهيءَ ۾ اهڙا سنسڪار وڌا وڃن، جو هو اڳتي هلي ديش جا سٺا ناگرڪ بڻجن. چوڻي آهي تہ:

"Set the child right and the world will come out right."[1]

ٻارن جي جسماني، دماغي ۽ روحاني واڌاري لاءِ، هنن کي لفظي اُپديش ڏيڻ کان بهتر آهي تہ هنن لاءِ، اهڙا وسيلا ميسر ڪجن، جيئن ٻار اُنهن مان سٺا ۽ نيڪ سنسڪار پاڻ جهٽن. اهڙن وسيلن مان ساهت بہ هڪ اُتم وسيلو آهي. اِنسان ذات جي سڀيتا جو واڌارو ساهت دوران ئي ٿئي ٿو. ٻارن اڳيان سٺو ۽ صحتمند ساهت رکڻ سان هو اُنهن مان اَملھ گڻ جهٽي پنهنجي آئينده سان گڏو گڏ، ديش ۽ قوم جو آئينده بہ ٺاهيندا. ڪچڙي عمر ۾ سٺن ڪتابن جو اثر دائمي ٿيو پوي. ٻارن جي وڪاس لاءِ جيئن گهر ۽ اسڪول اهم رول ادا ڪن ٿا تيئن ٻارن کي ٺاهڻ لاءِ ساهت بہ هڪ اهميت ڀريو رول ادا ڪري ٿو. ٻارن جي شاريرڪ وڪاس سان گڏو گڏ ، سندن مانسڪ وڪاس بہ ٿئي؛ اِن لاءِ ضروري آهي تہ ٻارن ۾ ننڍي هوندي ئي ساهت لاءِ چاهہ پئدا ڪجي. ٻارن کي سٺو ساهتيہ ميسر ڪري ڏيڻ اسان جو اخلاقي فرض آهي.[2]

ٻار سماج جو هڪ اهميت ڀريو حصو آهن. جيڪو ساهتيہ ٻارن جي من ۽ رُچين کي پرکي ڪري لکجي ٿو. تنهن کي ٻال ساهتيہ چئجي ٿو. ٻال منو وگيان ، ٻارن جي احساسن ۽ ٻارن جي ڪلپنائن جو اڀياس ڪرڻ بنا سٺو ٻال ساهتيہ نٿو لکي سگهجي. ٻارن جو سنسار وڏن جي سنسار کان بنھہ نرالو آهي ۽ وڏن جي ڀيٽ ۾ ٻارن جي ڪلپنا شڪتي وڌيڪ هوندي آهي. وڏا ماڻهو پنهنجي ترڪ دليل ذريعي پنهنجي

١. وياڪيان - دادا جشن واسواڻي، ص.۴٧
٢. شاهہ لطيف ۽ صوفي مت -جڳديش لڇاڻي - ص.٥٢

ظاهر ڪيا آهن، جيڪي ٻارن کي پسند پيا آهن. اِنهن رچناڪارن خواب ۾ به نه سوچيو هوندو ته ٻار اُنهن کي اِن طرح اپنائيندا.

اِن جي اُبتڙ ''اِهو ضروري ناهي ته ٻارن لاءِ لکيل سڀ ڪتاب ٻال ساهتيه ئي هجن ۽ نه اِهو ضروري آهي ته وڏا ماڻهو جنهن کي ٻال ساهتيه مڃن ٿا، سي ٻارن جي ڪسوٽيءَ تي ڪرا اُترن.''[1]

ڪٿي ڪٿي ٻال ساهتيه کي اِسڪولي ساهتيه جي حوالي ۾ ڏٺو وڃي ٿو. حقيقت ۾ ٻال ساهتيه جو اِسڪولي ساهتيه سان ڪوبه سنبنڌ ڪونهي. اِسڪولي ڪتابن ۾ جتي سپاٽ بياني، بوجهلتا ۽ سکيائون وڏيڪ آهن اُتي ٻال ساهتيه ۾ ٻار جي لاءِ آنند ميسر ٿيل آهي.

اسڪول ۾ ابياس ڪرم جا ڪتاب پڙهي پڙهي ٻار ٿڪجي ٿو. تڏهن پاڻ کي اهڙي واتاورڻ کان مڪت رکڻ لاءِ ٻال ساهتيه جو سهارو وٺي ٿو. ٻال ساهتيه هن جي ڪلپنا جي اوچاين کي ڇُهي ٿو ۽ کيس سندس ئي دنيا ۾ وٺي وڃي ٿو. ٻال ساهتيه اسڪولي ڪتابن جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ سرل ۽ وندرائيندڙ آهي. ٻار پاڻ اڪيلو ويهي اِهو پڙهي سگهي ٿو. ٻئي طرف اِسڪولي ڪتابن کي سمجهڻ لاءِ اُستاد يا مائٽ جي ضرورت پوي ٿي.

ڊاڪٽر هر ڪرشن ديوسري موجب: ''اِسڪولي ساهتيه جتي ٻارن کي هڪ هڪ ڏاڪو چڙهڻ سيکاري ٿو، اُنهن جي آڱر پڪڙي کين اڳتي وٺي هلي ٿو، اُتي ٻال ساهتيه گيان جي اسيم ڀنڊار کي ٻارن اڳيان پيش ڪري ٿو ۽ ٻار پنهنجي اڇا انوسار جڳياسائن ۽ گيان جي سنتوش لاءِ گرهڻ ڪن ٿا. ٻال ساهتيه ٻارن کي اهڙو ساهتيه ميسر ڪري ڏيندو آهي جنهن ۾ هنن جي ڪلپنا جو وڪاس ٿئي ٿو ۽ مستقبل جي انيڪ ٻال - سلڀ سپنن کي ساڪار ڪري ٿو.''[2]

ٻال ساهتيه جي اهميت: ٻال ساهتيه جي پنهنجي اهميت آهي. جيڪڏهن ٻار آئينده جا ابا آهن ته ڇا هنن جون جسماني، دماغي ۽

١-سنڌي ٻال ساهتيه - ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي، ص.١٨

٢. هندي ٻال ساهتيه-ايڪ اڌيين - ڊاڪٽر هرڪرشڻ ديوسري، ص.٣١

ڪيو آهي. اُنهن ۾ پلگرمس پروگريس (The Pilgrim's Progress) گليور ٽرئولز (Gulliver's Travels) ۽ رابنس ڪروسو (Robinson Crusoe) خاص طور ذڪر قابل آهن. ڏرمي لحاظ ڪان لکيل ڪهاڻين ۾ ''پلگرمس پروگريس'' هڪ اهڙي رچنا آهي جيڪا زندگيءَ جي بنيادي سچ سبب انيڪ ملڪن جي ٻارن ۾ لوڪپريہ آهي. ڏرمي ڪتابن مان ورتل نيتي - ڪٿائون اسان وٽ بہ بيحد لوڪپريہ آهن. ڪيترائي دفعا اُنهن آکاڻين ۾ پسون- پکي پاتر بڻجي، اِنسانن جيان ڳالهائيندي اسان جي اڳيان اچن ٿا. جن ڪهاڻين کي پاڻ وڌيڪ روچڪ ۽ دلچسپ بڻايو آهي. علي بابا ۽ چاليهہ چور(Alibaba and Forty Thieves) علاوالدين جو چراغ (Alladin and the Magic Lamp) ٻارن جون تمام دلچسپ ڪٿائون آهن.

ٻال ساهت جي لحاظ کان اِٽليءَ جي ڪالودي پناڪيون، فرانس جي سروانتي ڊان ڪوڪزاٽ، اِنگلنڊ جي لئي ڪئرال ايلس ان ونڊرلئنڊ، ڪپلنگ جي جنگل اسٽوريز، آمريڪا جي مارڪ ٽوين ٽامس ساير، روس جي مهاتما ٽالسٽاءِ اِنساني سنويدنا جون ڪهاڻيون، ٽئگور جو نئون چنڊ (Crescent Moon) ۽ ڪابيلوالا ۽ اهڙيءَ طرح بين انيڪ ليکڪن ٻارن جي ساهت جو نرماڻ ڪري وشو جي جدا جدا ديشن ۾ سدپاونا پئدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

اڄ جي يگ ۾ ٻارن جي اهميت وڌي رهي آهي چو تہ ٻار ئي ڪنهن جاتيءَ يا قوم جو وڏو خزانو آهي، دولت آهي. ٻار کي Father of man ڪوٺيو ويو آهي. Wordsworth پنهنجي امر ڪوتا ۾ about us in our infancy Heaven lies يعني آتمڪ آنند ۽ ايشوري انيو جو احساس معصوم ٻاراڻي وهيءَ ۾ ٿئي ٿو - چئي ٻالڪ اوستا جي ساراہ ڪئي آهي. اُنهيءَ ڪري ٻار جي شخصيت ۽ سپاويڪ واڌاري لاءِ انيڪ اُپاو ورتا وڃن ٿا. اڄ وڏا وڏا ساهتيڪار بہ ٻال - ساهت سرجن لاءِ چنتن ڪرڻ لڳا آهن. اِهو چنتن وڌيڪ اِنڪري بہ ٿيڻ لڳو جو اڳي ماءُ پيءُ، ڏاڏو - ڏاڏي ٻارن لاءِ وقت

---

١. شاهہ لطيف ۽ صوفي مت -جگديش لڇاڻي، ص.٥٦

ڪلپنا کي شانت ڪري سگھندا آهن. پر ٻارن ۾ پنهنجي ڪلپنا کي شانت ڪرڻ جي ترڪ شڪتي نہ هوندي آهي. تنهن ڪري هو اُن کي شانت ڪرڻ لاءِ ڪلپنائن جي آڪاش تي اُڏامندا آهن. ٻار پنهنجي آس پاس جيڪي ڏسندو آهي، ماءُ، پيءُ، استاد کان جيڪي ٻڌندو آهي، آکاڻين ذريعي جيڪي پڙهندو آهي اُن جي آڌار تي ڪلپنائون ڪري وٺندو آهي. گھوڙي جي سواري نہ ڪري سگھڻ جي ڪري هو لڪڙي کي پنهنجو گھوڙو بڻائيندو آهي ۽ ”چل ميري گھوڙي ٽڪ ٽڪ“ چوڻ لڳندو آهي. پنهنجي ماءُ، وڏي ڀيڻ يا ڪنهن استريءَ کي سندر ڪپڙن ۾ ڏسي هوُ پريءَ جي ڪلپنا ڪرڻ لڳندو آهي. ڊاڪٽر بڻجي گُڏيءَ جي نبض ڏسندو آهي تہ پاپا بڻجي اکين تي چشمو لڳائي اخبار پڙهندو آهي. آڪاش ۾ بادل ڏسي هو اُن کي هاٿي گھوڙي ۽ ماڻهن جو روپ ڏيندو آهي. آکاڻين ۾ پرين، راڪاس وغيره جون چمتڪاري ڳالهيون ٻڌي يا پڙهي اُنهن جي ڪردارن جي جڳھ تي پاڻ کي ڏسندو آهي. ڪلپنا ئي ڪلپنا ۾ هو پکيءَ وانگر اُڏامڻ لڳندو آهي، جادوئي غاليچي تي چڙهي، سير ڪرڻ لڳندو آهي. جادوگر بڻجي هو سيني کي ڦوڪ سان اُڏائي سگھندو آهي. علاؤالدين جيان جادو ئي چراغ هٿ ڪري سيني جي پلائي ڪندو آهي. ماچيس جي ريل گاڏيءَ ۾ ويهي هڪ شهر کان ٻئي شهر وڃي سگھندو آهي. اهڙين ڪلپنائن دواران ٻار کي پنهنجي سمرتي جو انيو ٿيندو آهي.

زباني ٻال ساهت:

زباني ٻال ساهت جي ياترا اُنهيءَ وقت کان شروع ٿي هوندي، جڏهن اِنسان ڪاڏي وغيره جي تلاش ۾ هڪ هنڌان ٻئي هنڌ وڃڻ شروع ڪيو هوندو. ڀارت ۾ لکيل ساهت ۾ سڀ کان لنبي ياترا ڪندڙ پنچتنتر جون آکاڻيون آهن. ڇوٿين صديءَ ۾ فارسي ۽ عربيءَ مان ٿيندي اِهي ڪٿائون عيسائي يڪشن جي ڪوشش سان انگريزيءَ ۾ آيون ۽ هينئر تہ سڄي دنيا ۾ ڦهلجي ويون آهن. پنچتنتر ۽ ايسپ جي آکاڻين کي ڇڏي جن ڪهاڻين جاگرافيڪل ۽ راجنيٽڪ حدن کي ٽوڙي مانوَ مانوَ کي جوڙڻ لاءِ پل جو ڪم

هاياري لڙائيءَ بعد امريڪا ۾ ٻال ساهت جي خيال کان تڪڙيون
ڪون وڌايون آهن. Samuel Goodrich جي سڪيادائڪ Peter Pareley Series
(۱۸۲۷) ٻال ساهت جي کيتر ۾ ڪافي مشهور ٿي. Sara Joseph Hale
جي مشهور رچنا Mary had a little lamb به ساڳئي سال ظاهر ٿي
۲۰ صديءَ جي شروعات The Wonderful Wizard of Oz نالي
ڪ شاندار امريڪن پري ڪٿا سان ٿي. ڪامڪ ڪوتائن ۽ ٻال چترن جي
لحاظ کان ڊاڪٽر Seuss جو نالو نوٽ ڪرڻ لائق آهي. Madox Roborts
Elizabeth جي ڪويتائن جو سنگره (۱۹۲۲)
Under the tree ٻال گيتن ۾ هڪ املهه خزانو آهي. امريڪي جديد ٻال
ساهت ۾ James Thurber ۽ Meindertde Jong جا نالا قابل ذڪر آهن.
جرمن ٻوليءَ ۾ به ٻال ساهت جو ڪافي ذخيرو موجود آهي Grimm
ڀائرن جرمنيءَ ۾ لوڪ ڪهاڻين ۽ پري ڪهاڻين کي وڏيڪ ڦهلايو. سنه
۱۷٦۵ ۾ ڪرشچن فيلڪس ويسيءَ ٻارن لاءِ گيت شايع ڪ
سويڊن به ٻال ساهت جي خيال کان پٺتي پيل ڪونهي.
منو وگيانڪ ناول، جنهن ٻارن جي من جي کوج ڪئي، پڻ سويڊن ۾
جنميو Denmark اسان کي The Tin Soldier ۽ Hans Christian Anderson
نالي اڻ-وسرندڙ آکاڻيون ڏنيون.
فرانس ۾ ٻارن لاءِ وندر ميسر ڪرڻ جو اِهو سلسلو لکيل روپ ۾
سنه ۱٦۹۷ع ۾ چارلس پيرالٽ جي پرين جي آکاڻين جي هڪ سنگره
سان سڀ کان اڳ شروع ٿي چڪو هو.
Persia اسان کي Arabian Nights نالي هڪ امر رچنا ڏني آهي.
جا انگريزي ۽ فرينچ ترجمن سبب دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهلجي ويئي.
علي بابا ۽ چاليهه چور ۽ علاوالدين جو چراغ Arabian Nights ماں، ئي، ڪنيل
آکاڻيون آهن.[1]
ڀارت ۾ اها لهر هڪ صدي پوءِ آئي، اُن جو مکيه سبب آهي
ڀارت ۾ تعليم جي وستار ۽ ڇپائيءَ جي هنر جو دير سان شروع ٿيڻ،

۱. شاه لطيف ۽ صوفي مت - جڳديش لڇاڻي، ص.٦۴.

ٻچائيندا هئا ۽ اُنهن کي سمهڻ وقت لوليون يا آکاڻيون ٻڌائي وندرائيندا هئا، ننڊ ڪرائيندا هئا پر هينئر اُنهن کي وقت ڪونهي. نتيجو اِهو نڪتو آهي جو ٻارن کي پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻي پوي ٿي، يعنيٰ ڪتابن ۽ رسالن مان آکاڻيون ۽ ڪوتائون گيت وغيره ڳولهي پڙهڻيون پون ٿيون يا ريڊيو - ٽيليويزن کي ڏاڏي - ڏاڏيءَ جي جڳهه ڏيڻي پوي ٿي.

اڄ ڪالهه ٻارن کي وقت بہ گهٽ آهي. پڙهائيءَ جو بوجهه هڪ طرف اٿن ۽ جيڪي وقت بچين ٿو، سو سئنيما، ٽيليويزن وغيره ۾ هليو وڃي ٿو. اِنڪري پاڻ اڄ ٻارن لاءِ صحتمند ساهت جي ضرورت اڳي کان ڪافي وڌيڪ محسوس ڪئي وڃي ٿي. اهڙو ساهت جيڪو نہ صرف ٻارن جو منورنجن ڪري پر سندس گيان ۾ بہ اضافو آڻي ۽ سندن جڳياسا بہ ترپت ڪري. اِها ڳالهه وديش ۾ زور شور سان محسوس ڪئي وڃي ٿي، تنهن ڪري اُتي ٻال ساهت جو سرجن ڪافي انداز ۾ ٿيڻ لڳو آهي. چتر ٻال ساهت جو اڻ-ٽر حصو آهن. خاص ڪري ڇهن سالن اندر ٻارن لاءِ لکيل ساهت جي pictorial illustration ساهت بنا ڪلپنا بہ نٿي ٿي سگهي.

اَڄ دنيا ۾ هر هڪ ٻولي اندر ٻارن جي ڏانو جا ڪيترائي ڪتاب شايع ٿين ٿا. ٻارن جي لاءِ لکيل اُهو ساهتيہ يعنيٰ ٻال ساهتيہ اڄ جي زماني ۾ گهڻي اهميت رکي ٿو.

پشچمي ملڪ ۽ ٻال ساهت:

پشچمي ملڪ ٻال ساهت جي خيال کان ڪافي اڳتي آهن. انگريزيءَ ۾ ٻال ساهت جي شروعات ١٨ صديءَ جي وچ ڌاري ٿي هن کان اڳ انگريزي ۾ صرف ايسپ جون آکاڻيون ئي ملن ٿيون لڳ ڀڳ ١٥ صديءَ ڌاري، پر اُهي بہ سڀ نصيحت آميز آهن. Charles Kingsley ١٨٦٣ ۾ Waterbabies نالي ڪتاب شايع ڪيو. جنهن پرين بابت آکاڻيون لکي نصيحت - آميز آکاڻين جي پرمپرا کي ٽوڙيو. Lewis Caroll ٻن سالن بعد Charles Kingsley لکي Alice in Wonder Land جي پرمپرا کي اڳتي وڌايو. انگريزي ڀاشا ۾ هر قسم جو ٻال ساهتيہ موجود آهي. ٻين

هجي پر هن ۾ اُهي سڀ شڪتيون مؤجود هونديون آهن جيڪي هڪ پورڻ وڪاس ٿيل منش ۾ ٿي سگهن ٿيون. ماتا پتا جو اِهو ايمان ته هن کيس بڻايو آهي، اِهو هڪ ڀرم آهي، جنهن کان وڏو ٻيو ڪو ڀرم نٿو ٿي سگهي. ھي ته هن جي نرماڻ ۾ اُن سمپورڻ سرشتيءَ دواران ماڌيم جي روپ ۾ پريوگ ڪيا وڃن ٿا. جنهن جو هڪ انگ هوندي به هوُ پنهنجو پاڻ ۾ پورو هوندو آهي.[1]

ٽن سالن جي عمر تائين ٻار ۾ جذباتي سڄاڳي ۽ واڌارو ٿيندو آهي ۽ اُن حد کان شروع ٿئي ٿي ٻارن جي الڳ ۽ انوکي دنيا، جنهن ۾ اُڻ تڻ آهي، اُتساهه آهي، جاچ پڙتال آهي ۽ ڪلپنا آهي.

ڪنهن به ٻوليءَ جي ساهتيه جي وڪاس لاءِ ٻال ساهتيه جي ايتري ضرورت آهي جيتري ڪنهن به اڏاوتي ڪم ۾ بنياد جي. مضبوط بنياد تي مضبوط عمارت نهي سگهي ٿي. جنهن به ٻوليءَ ۾ ٻال ساهتيه طرف چڱو خاصو ڌيان ڏنو ويندو آهي اُن ٻوليءَ جي ساهتيه کي ڪو لهر لڏو ناهي!

هري دلگير ٻارن جو مکيه ڪوي آهي ۽ ٻارن لاءِ گيت لکندي هن خبرداري کان ڪم ورتو آهي. سندس ويچار موجب، جي ٻارن لاءِ سٺو ساهتيه، خاص ڪري سٺيون ڪوتائون جي پنهنجي ماتر ڀاشا ۾ هونديون ته ٻار اُن ۾ دلچسپي وٺندا ۽ ٻارن جي دلچسپي وڌي ته ٻوليءَ جو آئيندو پڪ ئي پڪ روشن آهي.

گيت گلابي ڪتاب جي مهاڳ ۾ دلگير لکي ٿو:

”سنڌيءَ ۾ ٻال ڪوتائن جو باني ڪوي ڪشنچند ”بيوس“ ئي هو، هن وٽان مونکي ڪوتائن لکڻ جو اُتساهه مليو. بيوس کان سواءِ مونکي وڌيڪ شوق ڏياريو فتحچند واسواڻيءَ جو سنڌي ساهتيه جو هڪ لکل لال هو. هو مونکي هندي ۽ انگريزي رسالن ۾ ڇپيل ٻال گيتن جو رس وٺائيندو هو ۽ چتر آڻي ڏيندو هو، جن تي مان ڪوتائون لکندو هوس.“

دلگير جي ويچار موجب: ”هر ڪنهن ٻوليءَ ۾ ٻال ساهتيه، اُن

---

۱ - سنڌي ٻال ساهتيه - ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي، ص.۲۲

ٽئگور ، شرت، ستيہ جيت ري، ايشور چندر وديا ساگر، سي راجگوپال آچاريہ، هري ڪرشن ديو سري، ڪرشن چندر ۽ جئہ پرڪاش پارتيہ ٻال ساهتيہ جي کيتر ۾ ذڪر لائق نالا آهن.

مٿين وصفن جي آڌار تي ڏسبو تہ ٻال ساهتيہ جي لاءِ وندر سکيا، تصويرون، سرلتا، محدود شبد ڀنڊار جهڙين چيزن کي ضروري ٺهرايو ويو آهي. انهن جا وشيہ بہ ٻارن جي پسندگيءَ جا هجڻ گهرجن. تنهن کان سواءِ ان جو معياري ۽ ڪلاتمڪ هئڻ بہ لازمي آهي.جن رچنائن ۾ اِهي عناصر هجن سي ٻال ساهتيہ ۾ شامل ڪري سگهجن ٿيون. ٻار جيڪي رچنائون ۽ ڪتاب چاهہ سان پڙهندا هجن سي ٻال ساهتيہ آهن وڏن لاءِ لکيل رچنايون بہ جيڪڏهن ٻار پڙهندا هجن تہ اُهي ٻال ساهتيہ ۾ شامل ٿين ٿيون.

سنڌيءَ ۾ ٻال ساهتيہ جي کوٽ آهي. اسانجي ٻوليءَ ۾ ٻارن جي ڏانو جا ڪتاب ٻاڻ ٻٽيا مس آهن ۽ ٻال ساهت جي خيال کان اسان وٽ ڪوئي الڳہ ليکڪ ورگہ ڪونهي. اڄ ڏاڏيون - نانيون بہ ڪهاڻين ٻڌائڻ لاءِ رهيون ڪونهن. اِن حالت ۾ باقي اُميد وڃي رهي ٿي اخبارن، رسالن ۽ ٻارن لاءِ لکيل ساهت ۾.

ٻال منو وگيان:

ٻال منو وگيان ذريعي ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي جنم کان وٺي جيستائين هو جوان ٿئجي تيستائين جي وڪاس جو وگيانڪ اڀياس ڪجي ٿو. ٻالڪ جنم وٺي ٿو. تڏهن کان وٺي هن جو اڀياس نٿو ٿئي پر هوُ جڏهن ماتا جي گرڀ ۾ آهي تڏهن اندرئين واتاورڻ جو هن تي ڪهڙو اثر ٿئي ٿو ان جو اڀياس بہ ٻال منو وگيان ڪري ٿو.

نرنڪار ديو سيوڪ جو چوڻ آهي. ”ٻار چا ٿيندو آهي اِهو سمجهڻ بنا ، هن جي سڀاءُ کي ٺيڪ طرح نٿو سمجهي سگهجي. هر هڪ ٻار پنهنجي جنم کان ئي پنهنجو پاڻ ۾ هڪ سمپورڻ ، هڪ سوتنتر منش هوندو آهي.“ ڏسڻ ۾ هو کيترو بہ نربل، بي سهاري ۽ شڪتي هيڻ

ٻارن کي ننڍيون ننڍيون ڪوتائون بيحد پسند هونديون آهن. ڇاڪاڻ تہ اُهي ڪوتائون ٻارن کي مزو ڏينديون آهن. ٻارن کي خوشي ڪپي، من کي راحت ڪپي، گيان جون ڳوڙهيون ڳالهيون هنن جي سمجهہ کان ٻاهر هونديون آهن. تنهن ڪري هو ڪوتائون پڙهي پنهنجي ئي ڪلپنالوڪ ۾ گم ٿي ويندا آهن. اُهي ڪوتائون جيڪڏهن مٺڙي سنگيت سان سنوارجي سندن ڪنن ۾ گونجن تہ اُنهن جو آنند هيڪاري وڌي ٿو وڃي. اُنهن ڪهاڻين جا وشيہ پرارٿنا، لوليون، ٻارن جو منپسند شيون، ٻارن جا من موهيندڙ پسون پکي بہ ٿي سگهن ٿا، تہ وري رانديون، رندون، ڪٿائون ۽ سندن پنهنجا ڪي مسئلا پڻ ٿي سگهن ٿا. اهڙي طرح قوميت جو جذبو جاڳائيندڙ چيزون بہ ٿي سگهن ٿيون.

گجراتي جي نامڪنئي ساهتيڪار، چندرڪانت شيٺ ٻال ڪوتا جي رچنا بابت چوي ٿو: ”ٻارن لاءِ لکيل گيت مان جيڪڏهن ٻار موڄ نہ ماڻي سگهن تہ اُن کي ٻال گيت ڪيئن چئبو؟“[1]

خود دلگير ڀڳوان نردوش جي ٻال گيتن جي مجموعي ”رم جهم رم جهم“ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو: ”ٻال گيت اُهي سٺا جن ۾ ٻاراڻي ٻولي هجي ۽ ٻارن جي اُمنگن ۽ اُڏمن جو اظهار سچائيءَ ۽ سرلتا سان اهڙيءَ طرح ٿيل هجي، جو هو پڙهي، سمجهي، ماڻي ۽ ڳائي سگهي. ڳائيندي ڳائيندي هو نينگہ ٽپا ڏئي ۽ پنهنجي مزي جو اظهار ٻين سان بہ ڪري سگهي ۽ حاصل ٿيل آنند ونڊي ورهائي سگهي. ٻار تڏهن ڳائي سگهندو جڏهن ڪوتا ۾ رواني ۽ رس جهرڻي جي جهر جهر هوندي. ڪٿي بہ اٽڪ ٿيندي تہ ٻار ڳائي نہ سگهندو. ماڻي تڏهن سگهندو جڏهن ڪوتا ۾ ڪتب آندل اُپمائون، اُمنگہ سندس ننڍڙو دماغ جهٽي سگهندو يا جڏهن ڪوتا پڙهندي ڳائيندي ڪي شبد - چتر سندس اکين آڏو اُڀري ايندا جي کيس ڪنهن نئين سنسار جو سير ڪرائيندا. ڪوتا پڙهندي جڏهن اُن جي اکرن مان ڪي پيدا ٿيل آواز، پکين، جيتن يا ڏيڏرن جا، سندس من ۾ گد گد ڪن ٿا، تڏهن هو ڪوتا جو آنند سگهن- سرتن ۾ يہ ونڊي

١. هندي ٻال ساهتيہ ايڪ اڌيين - ڊاڪٽر هري ڪرشڻ ديوسري، ص.٣٢.

جي ادب جو بنيادي پٿر آهي. جي ٻار جي ننڍي هوندي کان ساهتيه ۾ رُچي هوندي تہ اُهي وڏي هوندي خود بہ ساهتيڪار ٿي سگهندا.“ وري ڪوتائون تہ ڳائي بہ سگهجن ٿيون ۽ اُنهن جا نرتيہ بہ تيار ڪرائي سگهجن ٿا. دلگير جي ڪن ڪوتائن تي ڪراچيءَ ۾ ٻالڪن جي ٻاريءَ پاران نرتيہ تيار ڪرائي اِسٽيج تي بہ پيش ڪيا ويا هئا.

دلگير جي ڪوتا ۾ سکيا کان وڌيڪ موج ۽ مستي آهي. چاڪاڻ تہ صرف سکيادائڪ ڪوتائن جو واسطو ساهتيہ سان گهٽ، چرتر سان وڌيڪ ٿيندو آهي. اِنڪري دلگير صاحب ٻارن لاءِ گيت لکندي، ٻارن جي آسپاس واري دنيا کان خبردار آهي ۽ ماحول سان نهڪندڙ وشيہ چونڊيا آهن.

ڇئن پنجن سالن جي عمر ۾ ٻار کي بنا مطلب واريون ڪوتائون جنهن ۾ سنگيت ۽ لئہ سان ڀرپور ڪڙڪٽا لفظ آهن. خوب وڻن ٿيون. اِهو ويچار دل ۾ رکي دلگير بہ ٻارن جي ڏانو جون ڪيتريون ئي بي مطلب ڪڙڪٽون ڪوتائون لکيون آهن. صرف ٻارن جي وندر لاءِ جيئن تہ مثال ا:

”ڪار اچي ٿي ڀم ڀم ڀم،
دهل وڄي ٿو ڊم ڊم ڊم،
ڇير وڄي ٿي ڇم ڇم ڇم،
ننڍڙي راجا لاءِ.“

مثال ٢:

”ٽاپ ٽاپ سان گهوڙو آيو،
ٻوڙي آئي ٻوڙو آيو،
ڏاڏو سندر جوڙو آيو،
ٽاپ ٽاپ سان گهوڙو آيو،
نوڙهي آئي نوڙهو آيو،
ڏاڏو سندر جوڙو آيو،
ٽاپ ٽاپ سان گهوڙو آيو.“[1]

ا. مؤجي گيت - هري دلگير، ص. ١٧

گهڙي ڪن ڏي موڪل ته ٻاهر وڃان،
پريان ئي لڙائي ڏسي مان اچان،
ڪِڪا هي ته بادل ٿا اُپ گجن،
سمهي پؤ لڙايون نه ٿا ڪي لڙن.''[1]

ٻال ساهتيه جي ڪسوٽيءَ تي اُهي ئي ڪتاب ڪرا اُترن ٿا جن کي ٻار وري وري پڙهڻ چاهيندا هجن. تنهن ڪري ٻال ساهتيه جي ڪتابن ۾ وندر ۽ آنند هئڻ هڪ اهم ۽ لازمي جزو آهي. دنيا جي ٻولين ۾ اڄ ڪيتريون رچنائون ٻارن کي فقط وندر ڏيڻ جي مقصد سان لکيون وڃن ٿيون. اُنهن ۾ ڪوبه سڌو يا اڻ سڌو اُپديش نه هئڻ گهرجي. ٻار اُهي پڙهن ته آنند جي دنيا ۾ کوهجي وڃن.[2]

ٽن سالن جي عمر تائين ٻار ۾ جذباتي، سجاڳي ۽ واڌارو ٿيندو آهي ۽ اُن حد کان شروع ٿئي ٿي. ٻارن جي الڳ ۽ انوکي دنيا جنهن ۾ اُڻ تڻ آهي، اُتساهه آهي، جاچ پڙتال آهي ۽ ڪلپنا آهي.

مٿيئن ڪوتا جي ٻنهي انترن ۾ جگياسا ذريعي ٻار جي ڪلپنا شڪتيءَ کي اُڀارڻ ۾ دلگير بخوبي ڪامياب ويو آهي. ٻارن کي گهؤ گهؤ گهؤ گهؤ- سؤ سؤ سؤ سؤ جا آواز ائين ٿا لڳن ڄڻ ڪو پريان سُرسان ساز وڄائي رهيو آهي. اِن ڪري ماءُ کان موڪل گهري ته ٻاهر وڃي هو اُهو انوکو جادوگر سازيندڙ اکين سان ڏسي. تڏهن ماءُ سمجهائيس ٿي ته اِهو هوا جو آواز آهي ۽ نه ڪنهن سازيندڙ جي ساز جو آواز آهي تنهن ڪري سمهي پؤ.

ٻار جو من چنچل آهي. سندس سوچ ڪنهن سائنسدان يا فلاسافر کان گهٽ ناهي. اِنڪري پنهنجي ماءُ پيءُ يا اُستادن کان عجيب و غريب سوال پڇندو آهي. مٿين ڪوتا جي ٻئين انتري ۾ ''گهنن گهنن گهرڙ گهرڙ'' جا آواز ٻڌي ٻار کي لڳي ٿو ته ٻاهر شايد ديوتائن ۾ دئيت لڙي رهيا آهن ۽ اُپ جو گجڻ ڪيس گهوڙن جي ٽاپ ٽاپ جا گيت ٿا ڀاسڻ

١. گيت گلابي - هري دلگير، ص.٤٢
٢. سنڌي ٻال ساهتيه - ڊاڪٽر هوندراج بلواڻي، ص.٢٨

ورهائي سگهي ٿو.''

اُن مهاڳ جي آڌار تي اِهو چوڻ غلط نہ ٿيندو تہ برک شاعر هري دلگير ٻارن لاءِ هڪ پيارو ڪوي آهي. سندس ٻال ڪوتائن جا گلدستا نہ صرف تعداد جي خيال کان گهڻا آهن. پر ٻارن جي ڏانو جا ۽ معياري بہ آهن. جنهن ڪري ٻال ساهتيہ مالا مال ٿيو آهي. سندس ٻال گيت پڙهندي اُنهن مان سچ پچ ڪيترا سهڻا شبد- چتر اُڀري بيهن ٿا. جن کي ٻار پنهنجين اکين اڳيان جڻ ٽي.وي. پردي تي هوبهو ڦرندو گهرندو ڏسندو هجي. سندس اهڙين ڪوتائن کي پڙهي John Keats (جان ڪيٽس) جي ڪويتا Poetry on Earth يعني ڌرتيءَ جي ڪوتا ياد اچڻ سڀاويڪ آهي. جنهن ۾ شاعر اهڙن آوازن کي زمين جي شاعري ڪري ٿو ڪوٺي. اِهو سريلو سنگيت هميشہ جاري آهي ۽ اُن کي ٻارڙائي وڏيڪ ٻڌي سگهندا آهن. دلگير جي ڪوتا ۾ اهڙا ٻار اڪثر ملن ٿا. جن جي ڏانو جون، اُنهن جي من اسٿتيءَ کي خيال ۾ رکي وشين جي چونڊ ڪيل آهي. دلگير جي ٻال ڪوتائن مان ڪي مثال پيش آهن. جنهن ۾ ٻار پنهنجي من جي جگياسا کيئن ٿو ظاهر ڪري.

''گهوُ گهوُ گهوُ گهوُ - سوُ سوُ سوُ سوُ،
امي ڪو پريان گيت ڳائي پيو،
عجب ساز سر سان وڄائي پيو،
گهڙي ڪن ڏي موڪل تہ ٻاهر وڃان،
اهو ڪير آهي ڏسي مان اچان،
ڪِڪا هي هوا جو ئي آواز آ،
سمهي پؤ نہ هي گيت يا ساز آ...''[1]

''گهنن گهنن گهرڙ، گهنن گهرڙ،
امي ٻڌ تہ گهوڙن جي ٽپ ٽاپ جا گيت
ٿا شايد لڙن ديوتائون - دئيت،

1- گيت گلابي - هري دلگير، ص.۴۲

ٻي خوبي ٻارائن گيتن جي اِها آهي ٻار اُهي سولائيءَ سان ياد
كري سگهن، كين اُچارڻ ۾ ڏكيائي نه ٿئي تنهن لاءِ اِهو ضروري آهي ته
يت ننڍڙي وزن وارا هجن ۽ اُنهن منجهه سولا قافيه كتب آڻجن. اُن
سان ٻار انوكو آنند ماڻيندو.

”مس مس آئين آرتوار،
هيئن كٽي تون منهنجا يار،
مونكي تو سان ڏاڍو پيار،
تون به لهين پر منهنجي سار،
تو بن دل تي ٿئي ٿو بار.“[1]

ٻارن كي كهڙيون ڳالهيون پسند آهن، كهڙيون ناپسند آهن .
تنهنجو ورنن نهايت اثرائتي نموني ملندو.

”هاڻ اڳي جيان ننڍڙو ناهيان، آهيان بانكو شير،
بابا كان پڻ آءٌ بهادر، مون كان كتندو كير،
سون پري آزاد كريان،
ديون كي مان ترت پڇايان،
دشمن ٿيندو دور... جيجل روك نه مونكي مور.“[2]

جنهن ٻار كي پيءُ ناهي، تنهنجو ڳڏيءَ كي پيءُ سمجهڻ ۽ اُن
جي گم ٿيڻ تي روئڻ واري ڳالهه، سنڌي ٻال گيتن ۾ نواڻ جي خوشبوءِ
كٺي آئي آهي:

”پينڙي منهنجي ڍڏڙي ڍڏڙي،
ٻاتي ٻولي جنهن جي منڙي،
چالي جنهن جي ڏنگڙي ڦڏڙي،
ٺهه ٺهه كلندڙ سڀ كان سنڙي،

---

١. مزيدار گيت - هري دلگير، ص. ٢۴

٢. مزيدار گيت - هري دلگير، ص. ٢٣

۾ اچن.ماءُ کي چوي ٿو : ”هيئڙي قسم جي لڙائي مان پريان ئي ڏسي ايندس. مونکي ٻاهر وڃڻ جي موڪل ڏي، پر ماءُ کيس سمجھائي ٿي ته آسمان ۾ بادل گجي رهيا آهن. ڪوبہ لڙائي نہ لڙي رهيو آهي.اِنڪري هاڻي تون سمهي پو.“ اِنهيءَ ڪويتا جي ٽئين انتري ۾ ”ٺڪ ٺڪ ٺڪ نا“ جا آوازتا اچن ۽ ٻار کي ائين محسوس ڪرائين ٿا تہ شايد ڀرِي دري کڙڪائي رهي آهي، جا آسمان تان لهي مونکي وٺڻ آئي آهي.

هيءَ منووگيانڪ ڪوتا آهي، جنهن ۾ ٻارن کي ڀن ڀن پرڪارن جي آوازن جو احساس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪيل آهي ۽ ٻار من جي جگياسا پڻ ظاهر ڪئي ويئي آهي. ٻار جنهن جگياسا ڀري نظر سان دنيا کي ڏسندا آهن، سا نظر وڏن وٽ نہ هوندي آهي.

مزيدار گيت :- دلگير جو ڀارت ۾ شايع ٿيل پهريون مجموعو آهي. هيءُ رنگين نهڪندڙ چترن وارو ڪتاب گلستان پبليڪشن احمدآباد وارن ڇپائي پڌرو ڪيو آهي.دلگير کي هن ڪتاب تي NCERT طرفان اِنعام حاصل ٿيو آهي.

”مزيدار گيت“ ننڍڪي ۾ ٻارن جي ڏانءَ جا گوناگون موضوعن وارا گيت درج ٿيل آهي. ڪيترائي نوان موضوع آئينو، آرتوار، لڪ ڇپ راند، ننيڙي نيلا، ڀينڙي ڪٿي؟ طوطارام، رانديڪا، ڪانويلي، مؤجي ملڪ، مزيدار ڀاڇو، گهڙيال کي عرض وغيره. شاعر ٻاراڻيءَ ٻوليءَ ۾ ڏنا آهن. ٻال گيتن جي خاص خوبي اِها آهي تہ اُهي سؤلا ۽ ڳائڻ جوڳا هئڻ گهرجن. شري هري دلگير اِنهن خوبين کي ڌيان ۾ رکي سچ پچ ٻارن لاءِ مٺڙ گيت ويهي رچيا آهن. جيڪي ٻار سولائيءَ سان سمجھي سگهن ٿا ۽گنگنائي بہ سگهن ٿا.

”سڌي صبح جو پيار منجهان،
لولي مونکي ڏني امان،
مان ڪانوان تون تڪيس مٿان،
ڪر ڪانويلي ڪان ڪان.“[1]

---

1. مزيدار گيت - هري دلگير، ص. ١٩

سمجهي سگهي، پر اُن مان ڪيس رس پڻ اچي ۽ هو ڳائي سگهي يا سر ۾ پڙهي سگهي جي ٻالڪ جي ننڍڙي دماغ ۾ گهڙي سگهن ۽ سندس ڪلپنا شڪتي وڌائي سگهن . ٻار اُن جو لطف ماڻي موڄ ۾ اچي وڃي. هري دلگير اُنهن خوبين کي ڌيان ۾ رکي ٻارن لاءِ مذر گيت ويهي رچيا آهن. اُهي گيت ٻار سؤلائيءَ سان سمجهي سگهن ٿا ۽ گنگنائي به سگهن ٿا. مثال:

”آندر تون ڙي آهين ڪير؟
ٻاهر ڇو لڪ ڪڍين ٿو پير؟
تون به بهادر ، مان پڻ شير،
لڙون لڙائي، ڪريون صفائي،
ٻاهر آءُ او مون جهڙا،
آئينا ڙي آئينا
جي تون آهه بهادر ڇؤ،
ٻاهر اٿئي کهڙو ڀؤ؟
مون کان ڇو ٿو ڪائين ڪؤ؟
هٿاںءَ جي ڏندو،
ٿي پوين مندو،
ويچارينم نه او ٻچڙا،
آئينا او آئينا.“[1]

ٿين خوبي ٻال گيتن جي اِها آهي ته شاعر جي ڪلپنا جي اُڏام ٻارن جي ساڌارڻ ٻڌيءَ جي پهچ کان مٿي نه هجي. شاعر هنن ڪوتائن ۾ ٻاراڻي من سان ڪلپنا ڪئي آهي. ڪوتائن جا وشيه ٻارن جي ماحول سان نهڪندڙ آهن. دلگير ٻال گيت لکڻ وقت انهن سڀني ضروري خوبين جو بخوبي خيال رکيو آهي. سندس ڪوتائن ۾ رس ۽ رواني آهي. تنهن ڪري اوچ ڪوٽيءَ جي شاعر سان گڏ دلگير هڪ ڪامياب گيتڪار پڻ ثابت ٿيو آهي.

---

1. مزيدار گيت - هري دلگير، ص. ١٩

موجي ڳُڏن ڳُڏڙين واري،
ڪٿ آمنهنجي پينڙي پياري؟"[1]

تنهن کان سواءِ طوطي بابت ٻار جو پاڪ ۽ پوتر ويچار پيش ڪرڻ جو ڍنگ نرالو آهي.

"ٻوليون منڙيون تو ٻولي،
ناچ نچي ڪنيڙا ڪولي،
ٻول مٺا تون پنهنجو نام،
چوُن چوُن چوُن چوُن طوطارام"[2]

"ننڍڙي نيلا"، گلن ۽ پونئرن ۽ پوپٽن جي باري ۾ ڇا تي چوي ڪيس اِهي سڀ ڪيئن ۽ ڇو ٿا موهين، اِهي ڪيس ڪنهن وانگر ٿا لڳن وغيره. معصوميت ڀريا بيان دل کي ڇهندڙ آهي.

"ننڍڙي نيلا جاڳي تي،
ها ها، خوب پڇاڳي تي،
جاڳي ٻولي گلشن جي،
ننڍڙن ننڍڙن ڦولن جي."
نيلا ٻولي : هي گل ننڍڙا،
آهن سُرڳ پرين جا ٻچڙا،
ماڪ مٺائن موتي گهوري،
هير سندن تي جهولو جهولي،
موج وٺن ٿا جيون جي،
نيلا جاڳي تي - ٻولي ننڍڙن ڦولن جي."[3]

هڪ سني ٻال گيت جو مکيه انگ اِهو آهي ته ٻار ڪوتا نه رڳو

1. مزيدار گيت - هري دلگير، ص. ٣٩
2. مزيدار گيت - هري دلگير، ص. ٣٨
3. مزيدار گيت - هري دلگير، ص. ٣٦

”ڪونہ اوهان مان جائو هو ڪو، جائو هوس نہ آءُ،
دنيا هئي هڪ ملڪ مزي جو، موجي منهنجو نانءُ،
تڏهن پولڙن سوٽ تي پاتو،
گهوڙن گڏهن بوٽ تي پاتو.“[1]

ٻارن جي ڪلپنا جي اُڏام جي ڪا حد نہ هوندي آهي. ڪڏهن هو پکي بڻجي آڪاس جو سئر ڪرڻ چاهيندو آهي. ڪڏهن پوپٽ بڻجي هڪ گل کان ٻئي گل تي اُڏامڻ چاهيندو آهي. ٻار پنهنجي چاهنا جو اظهار ماءُ سان ڪندي چوي ٿو:

”جيجل منڙي اُڏري ويندس،
دور نظر کان نڪري ويندس،
رنگ برنگي پوپٽ ٿيندس،
گل گل تي مان ڦيرا ڏيندس.“[2]

گيت گلابي: ڪتاب ۾ الڳ الڳ قسمن جون ڪُل ٽيويھ ننڍن ٻارن لاءِ لکيل ڪوتائون آهن. ڪي جانورن ۽ پکين تي ڪي قدرت جي نظارن تي، ڪي سکيا ڏيندڙ تہ ڪي نئين زماني جي سائنس يگ ۾ ٽيليفون ۽ ٽي.وي. تي.

چنڊ ستارن جي دنيا ٻارن لاءِ ڪشش جو باعث رهي ٿي: ”چنڊ ستارا ناچ نچن ٿا“ ڪوتا ۾ سهڻي ڪلپنا ۽ تشبيهن جو اُپيوگ ڪري شاعر اُن جو ورنن ڪيو آهي.

”چنڊ مٿان ٿو چم چم چمڪي،
ڪرشن ڪنيئي وانگر مشڪي،
تنهنجون گوپيون نولکہ تارا،
راس رچائن، راند رمن ٿا.
چنڊ ستارا ناچ نچن ٿا.“[3]

١-مزيدار گيت - هري دلگير، ص.٣٠
٢- مزيدار گيت - هري دلگير، ص.٣٥
٣. گيت گلابي - هري دلگير، ص. ٣٣

ٻارن کي پکي وڏيڪ وڻندا آهن. اُنهن ۾ بہ خاص طوطو، ڪانو، ڪانويلي، جن تي دلگير تمام سٺيون ڪويتائون رچيون آهن جهڙوڪ:

”رنگہ روپ ۾ تون ڪاري
چهنب اٿيئي موچاري
آهہ ڳچيءَ تي اڇو نشان،
ڪر ڪر ڪانويلي ڪان ڪان.“[1]

ٻليءَ جا پونگڙا، ٻارن کي ڏاڍا لِيائيندا آهن. تنهن ڪان سواءِ ڪان جي گهوڙي سان ٻار دل وندرائڻ جا قائل آهن. اِها ڳالهہ دلگير نہ وساري آهي.

”اَڙي پونگڙا پڙه، اڙي پونگڙا!
ميائو ميائو تون ايڏي نہ ڪر،
سبق پڙهڻ ۾ ڪجھ ڌيان ڌر،
متان توکي ڏيئي وجهان مار ڪا،
اَڙي پونگڙا، پڙه، اڙي پونگڙا
اَڙي، تون تہ ٻاهر پيئي تو وڃين،
متان ڪنهن سزا، مار کان تون ڀڄين،
اَچي راند ڪر مونسان، منهنجا سڪا،
اَڙي پونگڙا، ٻڌ، اڙي پونگڙا.“[2]

ٻار پنهنجي ارد گرد جيڪي ڏسندو آهي، اُن جو نقل ڪرڻ چاهيندو آهي، پکيءَ پسن کي ڏسي ٻار پنهنجي ٻُڌيءَ موجب عجيب و غريب دنيا جون ڪلپنائون ڪندو آهي. دلگير اها ڳالهہ شدت سان محسوس ڪئي آهي. تڏهن مؤجي ملڪ بابت ٻڌائيندي ٻاراڻي ڪلپنا کان ڪم وٺي گيت ۾ هن ريت چوي ٿو:

---

١. مزيدار گيت - هري دلگير، ص. ١٩

٢- مزيدار گيت - هري دلگير، ص. ٣۴

دلگير اِهو ثابت ڪيو آهي تہ اسان جا درويش دل ٻار پنهنجي لاءِ ئي نہ پر ٻين لاءِ پڻ خير ئي خير گهرندا آهن. ڪڏهن ڪنهن سان برو نہ ھلڻ چاهيندا آهن. ٻار سٺا ۽ سپيہ نگرواسي بڻجن، اهڙي ڪوشش دلگير لڳہ ڀڳہ سيني ڪوتائن ۾ ڪئي آهي. چو جو ڪيس خبر آهي تہ ”ٻار آئينده جا ابا آهن.“

مثال:

”آهہ نہ منهنجو ڪنهن سان وير،
پريان پريم جو سڀ سان پير،
گهران خلق لاءِ خير ئي خير،
منهنجو نانءُ متيرو شير.“[1]

ٻار جي ڪلپنا شڪتيءَ جو مثال ٻار جي آس ڪوتا جي هيٺيئن بند مان ملي ٿو:

”ٻاڙهو سائو ۽ سونهري، سنهڙو ڪاغذ آڻيندس،
چٽڪمرو ۽ رنگبرنگي، تنهن مان مور بڻائيندس،
جيجل تنهن تي سوار بڻي مان، اُپ ۾ پاڻ اُڏائيندس،
ڪڪڙن طوطن ڪانون سان مان شاهي، شرط پچائيندس.“[2]

ٻارن کي اونهاري ۾ ڪلفيون ۽ ڳنڊا ٻين شين کان وڌيڪ وڻندا آهن. اِنڪري ڪلفيءَ واري جو ڪلفيءَ جي ساراهہ ڪري ٻارن کي لياڻڻ جو لحظو بہ وڻندڙ لڳي ٿو.

مثال:

”ڪائي ڏسو کهڙي نہ مزيدار آهي ڪلفي،
سوغات صحت لاءِ نئيي نار آ ڪلفي،
سائي آ، سفيد آهہ ۽ گلنار آ ڪلفي،

۱- گيت گلابي - هري دلگير، ص.۱۴
۲- گيت گلابي - هري دلير، ص.۳۲

نہ سستي ڪري سو اڌورو ڪجي،
نہ هيڪر ٿئي ڪم، تہ بيهر ڪجي،
نہ بيهر ٿئي سو تہ ٽيهر ڪجي،
نہ جي تہ بہ ٿئي، ڪونہ هٺجي ڏري،
وري ۽ وري ڪر، وري ۽ وري."[1]

ڏاهو ٻار اُن کي ٿو چئجي جنهن ۾ هينيان گڻ ۾ هجن:

"ماءُ پيءُ کي مان ڏئي جو،
گهر پنهنجي جو شان ٿئي جو،
لکڻ پڙهڻ ۾ ڌيان ڌري جو،
جهڳڙو ڪنهن سان ڪونہ ڪري جو،
ڪري اُنهيءَ کي هرڪو پيار،
آهي اُهو ئي ڏاهو ٻار."[2]

صبح جو سويل اُٿڻ مان ڪيترا فائدا آهن. اِن ڳالهہ جو مهتو هينئن طرح سمجهايو آهي.

"اُٿي جو سويرو، نہ بيمار ٿئي،
سدا خوش، سدا ڦڙت هوشيار ٿئي،
اُٿي پنهنجي جيڏن کان اڳ، آڳہ ڏي،
قدم ترت پنهنجو تون ڪڻ ياڳہ ڏي،
سويرو اُٿڻ نيم آهي عجب،
ڪندو زندگي تنهنجي ٿاهي عجب."[3]

ڀارت سامپرادايڪ ديش آهي. انيڪ جاتين ڌرمن ۽ ٻولين جا ماڻهو رهن ٿا . اِنڪري ڪنهن سان وير نہ رکڻ، هڪ ٻئي سان پريم سان هلڻ، ڀارت ديش جي پرمپرا آهي. اهڙي ڳالهہ ٻار جي واتان چورائي

۱- گيت گلابي - هري دلگير، ص.۴٦

۲-۳ گيت گلابي - هري دلگير، ص. ۹ ۽ ۱۰

ڪنهن منڙي پياري ڇوڪري جي پاند ۾ ڪري ڪيس خوشي بخشڻ چاهي ٿو. اهڙيون ڪوتائون رچي ڪوي ٻارن کي صحيح ۽ شيءِ سوچڻ جي ترڪيب ٻڌائي ٿو. سٺي سان سٺو ورتاءُ ۽ خراب سان خراب ورتاءُ ٿيندو آهي. اهڙي دنيا جي دستور جو پڻ ذڪر ڪري ڇڏيو آهي.

''نوريئڙو'' ڪويتا ۾ ٻار ننڍڙي پتڪڙي نوريئڙي کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿئي ٿو. هن سان دوستي ٻڌڻ لاءِ ڪيس ٻاڙها ٻاڙها ٻير آڇي ٿو. ''نوريئڙو'' ڪوتا ۾ ٻار جي من ۾ اينڌڙ احساس جو حقيقي چٽر آهي. ساڳئي وقت ڊڄڻي نوريئڙي جي ٻه سهڻي صورت پيش ڪئي ويئي آهي. مثال:

''چٽڪمرا نوريئڙا آءُ،
ٻير اچي مون سان گڏ کاءُ،
ٻاڙها ٻاڙها ٻير ڏيانءِ،
چونڊي چونڊي ڪارايانءِ،
وڻ تي مونکي وٺندو آنهه،
پڇ مزي سان ڪٽندو آنهه،
تڪڙو تڪڙو ڪائين ٿو،
پر اصل نه ڳالهائين ٿو،
هتي هتي واجهائين ٿو،
خوب اکيون ڦيرائين ٿو،
مون مان توکي کهڙو پئو،
پئو ٻه اٿيئي ڇا جو ڇئو،
آءُ ته آهيان ننڍڙو ٻار،
مان ته ڪريان ٿو توکي پيار.''[1]

دلگير جون ڪويتائون بحر وزن ۽ قافين رديف جي اوڻاين کان دور آهن. ڪيس ڪوتا جي اُنهن سڌانتن جي پوري پروڙ آهي. ٻال گيتن جي رچنا ۾ به ڪوتا جي اُنهن سڌانتن جو هن گهڻو خيال رکيو آهي. ٻوليءَ تي

1 - گيت گلابي - هري دلگير، ص.١٣

گرميءَ ۾ اٿو چيز نہ ھن جھڙي ڪا جائي،
ڪلفي آ ملائي، منھنجي ڪلفي آ ملائي.“[1]

ھن وگيان جي يگ ۾ ٻار ڇا ڇا سوچي ٿو، ڪھڙا اِرادا رکي ٿو، سندس ڪھڙي تمنا آھي، تنھنجو بيان ڪيترن ئي ڪوتائن ۾ ڪيل آھي. اُن مان ثابت ٿئي ٿو تہ جئن سنڌو سپيتا وارا ماڻھو ٻار جي من جا ڄاڻو ھئا ٻارن جي وندر ورونھن لاءِ، اھڙي طرح دلگير پڻ ٻار جي من جو پارکو آھي. ٻارن جي سرشٽي سرجڻ ۾ ماھر آھي ۽ اُن جي من جا اُدما اظھارڻ ۾ ھن جي ڪوشش قابل-اي-داد آھي. ٻار جي من جي خواھش کھڙيءَ نہ سُندر طريقي ظاھر ڪئي ويئي آھي.

”مان جي ھڪ ناريل ھجان ھا،
مٿي مٿي وڻ ۾ لٽڪان ھا،
ھوا لڳڻ تي ڪري پوان ھا،
ڪنھن رولو پينو ڇوڪر جي،
پڪ ئي پڪ مان نوڙھہ پڄان ھا.
مان ھڪڙو انب ھجان ھا،
وڻ تي نخري سان لٽڪا ھا،
ھوا لڳڻ تي ڪري پوان ھا،
ڪنھن منڙي پياري ڇوڪر جو،
پڪ ئي پڪ مان پاند پريان ھا.“[2]

اڄ جو ٻار ٻُري ڀلي کي سمجھي ۽ سڃاڻي سگھي ٿو. ڪيس خبر آھي تہ رولو ۽ پينو ڇوڪرا ڪنھن کي بہ نہ وڻندا آھن. اِنڪري ھو ناريل ٻڻجي وڻ ۾ لٽڪڻ چاھي ٿو ۽ اُن مان ڪري پوڻ تي رولو پينو ڇوڪري جي نوڙھہ پڄي ڪيس چتائڻ ٿو چاھي تہ ايترو رلڻ پنڻ واجب ناھي، نہ صرف ايترو پر انب ٻڻجي وڻ ۾ لٽڪڻ چاھي ٿو ۽ اُن مان ڪري پوڻ تي

١- گيت گلابي - ھري دلگير، ص.٢٩
٢- گيت گلابي - ھري دلگير، ص.١١

ٻروليون وندر سان گڏ ٻار کي دماغي ڪسرت پڻ ڪرائين ٿيون.

ٻارن لاءِ هر ٻوليءَ ۾ ٻرولين جي اهميت اڄ به قائم آهي. پر نئين زماني ۾ نيون چيزون ايجاد ٿيون آهن. اسان جي ٻارن کي هندي، انگريزي ۾ ٻروليون ته ايندبون آهن، پر سنڌي ٻرولين کان هو گهڻي قدر غير واقف آهن. پنهنجي ڪتاب ۾ دلگير لکي ٿو: ”ٻارن ۾ نئين شوق کي جاڳائڻ لاءِ مون هيءَ ڪوشش ڪئي آهي.“[1] اڳتي لکي ٿو:

”ڪي ٻروليون انگريزي ڪتابن تان ، ڪي سنڌي اخبار تان ڪنيون اٿم. ڪي ٻروليون وري پنهنجن ٻارن جي ٻارڙن کان هنديءَ ۽ انگريزيءَ ۾ ٻڌم. ڪي وري پنهنجون به ٺاهي، مڙني کي سنڌي ڪوٺا ۾ آندو اٿم. جيئن سر سان ڳائي سگهجن.

هن ڪتاب ۾ جدا جدا قسمن جون ٻروليون ڏنل آهن. ڪي ماڊرن چيزن تي (ٽيليفون، ٽيپ رڪارڊ) ڪي عام ساهوارا (مڇر، مڪر). تنهن کان سواءِ واقف شيون جيئن ته: عينڪ، گهڙيال، بصر، پيندبون، انب وغيره ڪي قدرتي عناصرن تي (سج، چنڊ، تارا، آڪاش، جابلو نهرون وغيره) اِهي اٿن ، ڏهن سالن جي عمر وارن ٻار لاءِ آهن. هن مجموعي ۾ ڪي ٻروليون وڏن ٻارن لاءِ به آهن (جيئن ته غصو، سرگم جا سر، مٽيون مائٽيون وغيره) هن ڪتاب جون ڪي ٻروليون درسي ڪتاب ۾ پڻ اچي چڪيون آهن.

هي ٻروليون ٻارن کي وندرائڻ کان سواءِ سندن سمجهه کي به تقويت بخشينديون ۽ سندن من ۾ سنڌي ساهتيه ۽ ڀاشا لاءِ پيار به وڌائينديون. ڪتاب مان ڪجهه ٻروليون مثال طور هيٺ پيش ڪجن ٿيون.“

دلگير چنڊ جي ڪلائن جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي:

”ٿالهه ۾ پتاشو،
ڪڏهن تولو ڪڏهن ماشو.“[1]

1- ٻروليون - هري دلگير، ص.14.

قبضو، لفظن جي چونڊ، رواني ۽ وارو وزن - سندن ٻال گيتن کي اُڀارڻ ۾ مدد ڳار بڻيا آهن. دلگير جا گيت اڪثر ڪري ٻارن کي وندر ۽ آنند ڏيارين ٿا. ڪٿي ڪٿي وندر ذريعي اڻ سڌيءَ طرح سکيا ڏيڻ جو ڪم به ڪري ٿو.

مثال طور: روزانو نيم سان هلڻ جي ڳالهه (طوطارام) گدلائيءَ کان دور رهڻ ۽ صفائيءَ رکڻ جي ڳالهه (ڪانويلي) وقت جي جدول جي ڄاڻ (آرتوار) بهادريءَ جو گڻ (شير بهادر) ۽ پڙهڻ سان دل لڳائڻ جي ڳالهه (پڙه پونگڙا)

دلگير هر وشيه کي ٻار جي نظر سان ڏسي ٿو. ڪوتا ۾ ٻار جي اُڌمن جو اظهار ڪرڻ وقت هوُ خود به ٻار بڻجي پوي ٿو. ٻار جي من ۾ اُٿندڙ سوالن کي ٻار بڻجي پيش ڪري ٿو. ٻال گيتڪار لاءِ اِهائي سڀ کان مکيه ڳالهه آهي. وڏن لاءِ ڪوتائون رچڻ سان گڏوگڏ هن ٻارن کي به نه وساريو آهي. جنهن لاءِ هو داد جي قابل آهي.

پروليون:-

دلگير جو ”پروليون“ مجموعو (باتصوير). جنهن کي هوندراج بلواڻي ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. ”پروليون ڪوتا“ ۾ دلگير جي ٻال ساهت ۾ هڪ نئين دين يوگدان طور ليکي ويندي.

جيئن ته ٻارن ۾ اڪثر ڪري پُڇ- پُڇ ڪرڻ جي عادت ٿيندي آهي. اِنڪري اُنهن جي دماغي ۽ ذهني ميدان کي چست ۽ قرت رکڻ لاءِ قلم به هڪ ذريعو بڻجي سگهي ٿو. ٻار هوشيار ڪيئن ٿين ۽ اُنهن جي سمجهه ڪيئن وڌي؟ سوالن پڇڻ لاءِ: هيءَ ڳالهه ڪيئن ٿي؟ چونه ٻيءَ طرح ٿي؟ ڪڏهن ٿي؟ اِهي ۽ اهڙا ٻيا سوال پڇڻ سان ٻار جي سمجهه وڌي ٿي. سچ جي پرورڻ پوي ٿي. جيڪڏهن اِهي سوال نه پڇيا وڃن ته سائنس جي کوجنا هوند ٿي نه سگهي ها. ٻال ساهتيه جي سرجڻ ۾ دلگير جو ڇوٽون مجموعو ”پروليون“ آهي. جا سنڌي ٻال ساهتيه ۾ هڪ نئين چيز آهي. ڪتاب ۾ پرولين جي رچنا به ڪوتا ۾ پيش ٿيل آهي. هي

ٻار ٻچي هينئين سطح تائين لهي اچڻ ئي ڪافي ناهي، بلڪ پنهنجيءَ دل ۾ ٻارن لاءِ بيحد خلوص محبت جو جذبو پيدا ڪرڻ ضروري آهي. رسڪن (Ruskin) جو هيءُ جُملو:

"No Noble or right art was yet founded but of sincere heart."

رڳو وڏن لاءِ ئي نه بلڪ ٻارن جي ادب لاءِ به آهي. ٻارن جي ننڍڙين دلين ۾ پاڻ سموئڻ لاءِ ساڻن بي انت محبت هئڻ ضروري آهي. اهو شعر جو پر خلوص جذبن جي اونهاين مان لکيو ويندو، ننڍڙي ٻار کي هميشه متاثر ڪندو. ۽ اهڙي رچنا هو ڪڏهن به وساري نه سگهندو.

دلگير ٻارن جي شاعريءَ جي اُنهيءَ عناصرن کان بخوبي واقف آهي. سندس دل ۾ ٻارن لاءِ اٿاهه پيار آهي. دلگير کي ٻارن جي خوشيءَ سندن تفريح سان گڏ سندن تعليم ۽ تهذيب جو به ڏاڍو اونو آهي. ڇو جو هو سندن شاندار مستقبل جو خواهشمند آهي. ڪيس ساڻن اٿاهه پيار آهي. پر ساڳئي وقت سندن اخلاق ۽ اعمال تي به ڌيان ڏنو اٿس ۽ ديس جو نانءُ روشن ڪرڻ لاءِ دڳ به ڏسيو اٿس.

دلگير "گند منهنجي گوڏ ۾" جي پيج نمبر ١٠٩ تي لکي ٿو:

"ٻارن کي ڏسي مان ٻار ٻڻجي، اُنهن سان ٻاتي ٻولي ڳالهائيندو آهيان اُنهن سان نچندو ٽپندو آهيان. مون لاءِ هو ڀڳوان جو روپ آهن."

وڌيڪ لکي ٿو: "مون ڪٿي پڙهيو هو ته هڪ وڏو دارشنڪ (تتو گياني) هربرٽ سپينسر پنهنجي لکيل گرنٿ جا اَرڙهان واليوم حسرت ڀري نگاهه سان ڏسي رهيو هو. اِهي ڪتاب هن کي ڀاري ٻار وانگر ٻاسڻ لڳا. سوچڻ لڳو ته هي بيجان ۽ غيرجذباتي بوجو ڪهڙي ڪم جو؟ ڪهڙو نه سٺو ٿئي ها جي هن بي جان بوجي بدران منهنجي گود ۾ هڪ ننڍو پيارو راند ڪندڙ ٻار هجي ها. مونکي به ڪتاب جي صحبت کان وڌيڪ ٻارن جي سنگت وڻندي آهي."

سنڌ ۾ جيستائين "ڪوڏ" شايع نه ٿيو هو، تيستائين دلگير ٻارن جي ڪويءَ طور سڃاتو ويندو هو. هو ٿوري ئي نوجوان شاعر هو جنهن ٻال ساهتيه ۾ پنهنجو ڀرپور يوگدان ڏنو. ٻالڪن جي ٻاريءَ جي

بصر جا هڪ ٻئي مٿان چڙهيل تهہ ڄڻ ته گويا سندس ڦريل ڪپڙا آهن.

”هڪڙو ننڍڙو راجڪمار،
ڪُڙتا ڪڙتن مٿان هزار،
ڪُڙتن ڪان رهہ دور جناب،
اکڙين ۾ آڻيندءِ آب.“[1]

سنگيت جي محفل ۾ طبلن جو جوڙو ڄڻ ٻن دوستن جو ساٿ آهي.

”ٻن يارن جو سهڻو سنگ،
هر سنگت سيا جو رنگ،
مار ملي تن کي جئن جئن،
رنگ مچي ويتر تئن تئن.“[2]

دلگير جون سپيئي پروليون ڄڻ وڏن خواه ننڍن لاءِ هڪ قسم جي دماغي ورزش آهي. وري برف تي هن ريت پرولي آهي:

”پاڻيءَ بن مان ڪجهہ پيو ناهيان،
تہ بہ پاڻيءَ تي ترندي آهيان.“[3]

ڪوتا ۾ ٻارن جي اُڌمن جو اِظهار ڪندي دلگير صاحب خود بہ ٻار بڻجي وڃي ٿو. ٻارن جي من ۾ اُٿندڙ سوالن کي ٻاراڻيءَ ٻوليءَ ۾ بلڪل سليس ۽ سهڻي زبان ۾ پيش ڪري ٿو. دلگيرٺيٺ سنڌي لفظ، ترڪيبين، محاورن، اصطلاحن ۽ پهاڪن جو خوب استعمال ڪيو آهي. ٻال گيتڪار لاءِ اِها سڀ کان مکيہ ڳالهہ آهي. اِنهي ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ٻارن جو ادب تخليق ڪرڻ هڪ وڏي جاکوڙ جو ڪم آهي. هڪ فنڪار ذهني طرح جيستائين ٻار نہ بڻبو يعنيٰ ٻارن جي سطح تائين لهي نہ ايندو. تيستائين هو ٻارن جي دلچسپيءَ جو ادب تخليق ڪري نہ سگهندو. رڳو

١- پروليون - هري دلگير، ص.٢١-٢٢

٢- پروليون - هري دلگير، ص.٢٣

٣- پروليون - هري دلگير، ص.١١

”گهر ۾ ڀڄ ڀڄ آهہ،
لاتيون لنوندڙ ٻارڙو،
چوُن چوُن چهہ چهہ آهہ.
ڀڙو ننڍڙو شير،
ساري گهر ۾ تو گهمي،
ڦڏي ڦڏي هن جو پير.
هي طوطلا ٻول،
گيان پريا گفتا اهي،
ٻول مذر انمول.
ٻار بہ آ اُستاد،
سڏکي سڏکي تو ڪٿي،
سارو واد وواد.
ڪپلو ڳائي گيت،
ڪجهہ نہ اچي تو سمجهہ ۾،
شاستري سنگيت.“[1]

(ڪپلو شاعر جو پوٽو، عمر ڇهہ مهنا، لهرن لڪہ لباس.)

هتي هڪ ڳالهہ واضع ڪرڻ ضروري ٿي سمجهان تہ دلگير جي ادبي وارث شري صاحب بجاڻي هڪ ملاقات جي دؤران ٻڌايو تہ: دلگير جون انڪل ١٢٠٠-١٠٠٠ ٻال ڪويتائون اڻ ڇپيل آهن. جن مان ڪي دلگير پنهنجن ٻارن جي ٻارڙن تي جيئن تہ پوٽن، پوٽين ۽ ڏوهٽن ، ڏوهٽين تي لکيون آهن. جن کي جيڪڏهن ڪتابي صورت ۾ آڻجي تہ ١٠-١٢ ٻال ڪوتا سنگره ٿي سگهن ٿا.

◆◆

١. لهرن لڪہ لباس - هري دلگير، ص.٧٥.

”گلستان“ ماهوار جي ڪوتا وڀاڳ جي اِنچارج جي حيثيت ۾ دلگير نہ فقط دلچسپ وشين تي وندرائيندڙ مزيدار ڪوتائون لکيون پر اُسرندڙ نئين شاعرن کي اُتساهت بہ ڪيو. سندس ڪوتائن جو ٻار بيصبريءَ سان انتظار ڪندا هئا. سندس لکڻ جي طرز، لفظن جي چونڊ ۽ اظهار جي سادگي پڙهندڙ ٻارن جو من موهي ڇڏيندي هئي ڪانئس اُتساهہ حاصل ڪري ڪيترن نئين پتڪڙن قلم آزمايو. اڳتي هلي سنڌي ساهت جي شيوا ڪئي اچا ڪندا پيا اچن.

”هري دلگير - هڪ اڀياس“ ڪتاب جي مهاڳ ۾ ڊاڪٽر لکميچند پريم لکي ٿو:

”سچ پڇ تہ ”دلگير“ صاحب سان جڏهن بہ مڪاميلو ٿيندو اٿم تہ مونکي ٻارن ڪان بہ ٻار لڳندو آهي. سندس بزرگيءَ اندران سندس ٻاراڻيون جهاتيون ۽ جهلڪيون پسندو آهيان. منجهس ڪوبہ هٺ، وڏائي، آڪڙ ۽ اهم نظر ڪين ايندو اٿم. پنهنجي بزرگيءَ جي بنہ اُبتڙ لڳندو آهي. تڏهن ئي تہ سندس قلم جهجهيون ئي ٻاراڻيون ٻوليون آهن. دلگير ٻارسلپ من ڏاريندڙ آهي. سندس جو ٻارن سان ڪيڏو پيار آهي، اُن جو ڪجهہ اَنداز ”لهرن لکہ لباس“ جي هنن هائڪو مان ظاهر ٿو ٿئي.

”موهہ تہ آهي ڏوهہ،
پر نرموهي ٻار ۾،
پئجي ويو ٿم موهہ.

گهرج ڀين جي ڪانہ،
گهر ۾ هڪڙو ٻارڙو،
آهي ڏهن سمان.

پنڪو ڪپي نہ هاڻ،
ڦر ڦر ٻار ڪري پيو،
هير مٺي پيو ماڻ.“[1]

---

۱. لهرن لکہ لباس - هري دلگير، ص.۷۴

اختصار

ڪنهن به ٻوليءَ جي ادب جو جيڪڏهن پراچين اِتهاس جاچبو ته جيڪي به پراچين ڪتاب آهن، اُهي ”نثر“ ۾ نه پر ”نظم“ يعني ڪويتا جي روپ ۾ لکيا ويندا هئا. هر ملڪ جي عظيم شاعر کي اڄ به ”پيغمبر“ ڪري ٿا مڃين.

سنڌي ڀاشا جي عظيم شاعر شاهه عبداللطيف جو ئي مثال وٺو. اُن کي اسين ”رهبر“ ڪري ٿا مڃيون. هندستان جو مها ڪوي ڪاليداس، انگلنڊ جو شيڪسپيئر ، آمريڪا جو والٽ وٽمن، پرشيا جو فردوسي، صوفين جو سردار جلالدين رومي، مها ڪوي ملٽن، ويد وياس، موزز ۽ محمد، يونان جو مها ڪوي هومر وغيره.

شاعر کي ڪائنات جي ڪڻ ڪڻ ۾ سونهن نظر اچي ٿي. هن لاءِ اُها صرف گلن جي پنکڙين ۾ ئي سمايل ناهي، اِها ڪئڪٽس جي ڪنڊن ۾ به مؤجود آهي. اُنهن جي بيترتبيءَ ۾ به سنڌس اکيون هڪ اديت ترتيب پسن ٿيون ۽ اسان کي به اُن جو چٽو اَحساس ڪرائين ٿيون. ائين شاعر پاٺڪ کي پنهنجي ذاتي انڀو ۾ شامل ڪري، پاڻ جهڙو شعوري، حساس دل بڻائڻ ۾ ۽ ذهني طور سمائجڻ ۾ مدد ڪري ٿو. شاعريءَ سميت هر ڪلا جو اِهوئي هڪ واحد ڪارج آهي.

ڪلاڪار ئي اِنسان جي رهنمائي ڪري ٿو. ڪلاڪار پنهنجي ڪلا جي سادنا ، نالو ۽ ناڻو ڪمائڻ، دنيوي سک، سهنج سهوليتون حاصل ڪرڻ لاءِ نٿو ڪري، نه ئي پنهنجي آجيوڪا جي لاءِ اُن کي پنهنجو ٿو بڻائي. ڪلاڪار جي لاءِ ڪلا هن جي عبادت آهي، تپسيا آهي، ڪلاڪار تخليقار آهي ۽ اُن کي ٽيون نيتر به ٿيندو آهي. اعليٰ ساهتيڪار رابيندر

باب اٺون

اختصار

هينئر پي ايڇ. ڊي جي مقالي ۾ اُن تي هڪ وشال نظر وجهڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويئي آهي. جيئن شاعر جي شعر جي روح تائين پهچي سگهجي.

”هري دلگير جي شعر ۾ درشن.“ اِن مقالي کي آٺن بابن ۾ ورهايو ويو آهي.

باب پهرئين ۾:

”سنڌي شعر و شاعريءَ جو شروعاتي دؤر“ جنهن ۾ سنڌو ماتريءَ جي عظيم تهذيب جو ذڪر ڪندي ”ڪاويه“، ”ڪويءَ“ جي وصف ڏيندي قديم سنڌي شاعري جو جائزو ورتو ويو آهي. جنهن لاءِ ڪيترن ئي تواريخن جا حوالا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي.

وقت انوسار ودوانن شعر کي سمجهڻ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ شعر جون وصفون ڏنيون آهن. جيئن ته: آچاريه ڀٽيءَ ڪاويه ۾ النڪارن جي اهميت تي زور ڏنو آهي، جنهن جملي ۾ شبد النڪار ۽ ارٿ النڪار جو استعمال ٿئي ٿو، سو شعر آهي. مطلب ته ڪوتا جي باري ۾ ڀارتيه ودوانن مان ڪِن، رس کي، ته ڪِن لفظن جي بيهڪ کي، ڪن ڌُونيءَ کي ته ڪِن ارٿ کي ۽ ڪِن النڪارن کي اهميت ڏني آهي.

وديشي ودوانن جيئن ته مئٿيو آرنالڊ، جانسن، شيلي، مئڪالي وردس ورٿ وغيره ودوانن شعر کي ڪلپنا ڀاو، احساسن جو اظهار، زندگيءَ جي تنقيد مڃيو آهي.

ٿوري ۾ ائين چئجي شعر زندگيءَ جي تصوير آهي. شعر شاعر جي دبيل ڀاونائن جو چٽڻ آهي. شعر ۾ ستيم شوم ۽ سندرم جا ٽيئي گڻ هجڻ گهرجن.

قديم سنڌي شعر جو جائزو وٺندي اِن ڳالهه کي واضع ڪيو ويو آهي ته سنڌو نديءَ جي بدلجندڙ وهڪري ۽ ڌارين حڪومت جي وقت به وقت ڪاهن سبب سنڌ جو آڳاٽو ادب عدم مؤجود آهي. اِن کي اسين ٽن دؤرن ۾ ورهائي سؤلائي سان سمجهي سگهون ٿا.

اوائلي دؤر- ائين صديءَ کان ١٥٠٠ تائين مڃيو ويو آهي.

ناٿ ٽئگور چوندو هو. ”ڪلا آهي ڪلاڪار جي آتما جو آواز“

ڪلاڪار تخليق ڪندي نہ فقط سرير، پر حواس، من ۽ آتما کي ڪم آڻيندي اِنهيءَ نتيجي تي پهچي ٿو تہ ”....... اسين اِنسان سڀ هڪ آهيون.“ ڪلا روپي ديوتا کي هڪ سمجهندي هو ”پيغمبر“جي پد تي پهچندو آهي. اُردوءَ جي عظيم شاعر اقبال جي خيال موجب: ”شاعر پيغمبر جي گهراڻي مان آهي.“

مٿيئن ڪسوٽيءَ جي مدنظر جڏهن سنڌي ادب جي حساسي شاعريءَ ڏانهن نظر ڊوڙائجي ٿي تہ قاضي قادن کان شاہ ڪريم، شاہ لطيف، سچل سرمست ۽ سامي تائين ڪيترائي شاعر پنهنجي ڪلام ۽ عمل سبب پليءَ پيٽ اُيري بيهن ٿا. مونکي شروع کان وٺي اُنهن سيني شاعرن لاءِ هڪ خاص دلچسپي رهي آهي. سنڌي شاعريءَ جي جديد دؤر جو باني ڪوي ڪشنچند ”بيوس“ کي تسليم ڪيو وڃي ٿو. ”بيوس“جي سڄي شاعريءَ پويان هڪ چٽو مقصد هو. ٻولي جيڪا بگڙجي چڪي هئي.”بيوس“ اُن کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي. اُن جي برٿوابيءَ لاءِ هن پنهنجي اصلاحي پيغام شاعراڻي ٻوليءَ ۾ قوم اڳيان رکيو. سنڌي ترقي- پسند شاعريءَ جي وجود ۾ اچڻ سان، بيوس کان پوءِ هڪ نئين اهم دؤر جي شروعات ٿي. ڊي.جي.سنڌ ڪاليج جي سنڌي سرڪل ۾ ورهاڱي کان ٿورو اڳ نارائڻ شيام، شيخ اياز، شيخ راز ۽ هري دلگير سنڌي شاعريءَ جي مئدان ۾ نوان تجربا ڪيا. ڪجھ سال اڳ ايم.فل. جي دؤران مون هري دلگير تي مقالو لکيو. جيئن جيئن مون هري دلگير صاحب تي گهرائيءَ سان اڀياس ڪيو، تيئن تيئن مان سندس رچنائن کان متاثر ٿيندي ويس. ايم.فل جي دؤران منهنجو ساڻس خط و ڪتابت جو رشتو ٿيو ۽ ٻہ دفعا شخصي ملاقات بہ ٿي. دلگير صاحب پنهنجين رچنائن ذريعي تہ پهرين بہ مونسان گڏ هو، هاڻ تهائين منهنجي دل جي ويجهو ۽ قريب ڀاسڻ لڳو. سوچيم، اڳتي هلي پي ايڇ. ڊي ڪرڻ جو موقعو مليو تہ هري دلگير جي مقالي تي هڪ وشال درشٽي وجهڻ جي ڪوشش ڪنديس. جنهن سلسلي کي اڳتي وڌائيندي

پارسي راڄ ڪاروبار جي ڀاشا هئي. اِنڪري گهڻا سنڌي اِنهيءَ ٻوليءَ جو ابياس ڪندا هئا. پر پوءِ ۱۸۵۳ع ۾ انگريز سرڪار عربي سنڌي لپيءَ جو سرشتو مقرر ڪري سنڌيءَ کي سرڪاري لکپڙهہ لاءِ منظور ڪيو. اِن ريت پارسي عالمن پارسيءَ جو موهہ تياڳيو. پر پارسي علم عروض کان پاڻ ڇڏائي نہ سگهيا. اِنڪري اُنهن پارسي روايتن کي سنڌي شعر ۾ پيش ڪيو.

سنڌي شاعري گل بلبل، شمع پروانو، ساقي ميخاني جي ذڪر ۾ اُلجهي رهي. اَهڙيءَ طرح هن دؤر ۾ پارسي علم عروض تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ سان وشيہ جو مهتو گهٽجڻ لڳو ۽ پارسي شعر جي نقل جي لهر سنڌي شاعريءَ ۾ زور ورتو.

هن دؤر جا مکيہ شاعر هئا. خليفو گل محمد گل، فقير قادر بخش بيدل، محمد محسن بيڪس، آخوند محمد قاسم، مير عبدل حسن خان سانگي، مرزا قليچ بيگ، شمس الدين بلبل وغيره.

۱۹۱۴-۱۹۴۷ - نئين دؤر جي شروع ٿيڻ سان سنڌي شاعريءَ ۾ روحاني آواز جهڪو ٿي ويو. نئين دؤر جو شاعر ، نئين يگہ ۾ اچي گيان فيلسوفيءَ جي ويچار جو تياڳہ ڪري، نون خيالن جو حاميءَ نين راهن جو راهي بڻيو.

ڪوي بيوس جي آمد هن ئي وقت تي ٿئي ٿي. ويهين صديءَ جي جنم سان ، بيوس (۱۸۸۵ - ۱۹۴۷) جي ڪوتا جو بہ جنم ٿيو، جا ڪوتا جديد سنڌي شاعريءَ جو هڪ اهم پٿر ليکجڻ ۾ آئي. شاعر پنهنجي يگہ جو عيوضي بڻجي، وقت جي تقاضا پوري ڪندو آهي. وقت جي تقاضا اِها هئي تہ سنڌي ڪوتا رئيسن جي محفلن ۽ اوطاقن کي ڇڏي عام گهرن ۾ گهڙي اچي، وڏو ننڍو وندري ۽ سڌري ۽ ڪوتا راڻي پنهنجي سنگهاسن تي ويهي هر هڪ سنڌي فرد تي ڪا نہ ڪا عنايت ڪري. سنڌي شاعري جيڪا اُردوءَ ۽ پارسيءَ جي گولي بڻجي پئي هئي، اُن کي بيوس ئي سندر راجڪماري بڻايو. بيوس کي ويهين صديءَ جي سڀ کان ممتاز سنڌي هستي ليکيو وڃي ٿو ۽ هاڻوڪي سنڌي شاعريءَ جو

هن دؤر ۾ وشيہ جي لحاظ کان جيڪي ويچار ڌارائون ملن ٿيون سي هن ريت آهن:
(۱) پريم گاٿائون (۲) وير گاٿائون (۳) اِسلامي مت جي پيرن واٽي (۴) ڌرمي ڏند ڪٿائون (۵) سنڌو نديءَ جي وهڪري بدلجڻ بابت ڏند ڪٿائون (٦) ماموئي فقيرن جي اڳڪٿيءَ وارا بيت.
هن دؤر جي شعر کي سرجڻ ۾ چارڻن، ڀٽن جي خاص ڀومڪا رهي آهي. ڪن اِسلامي درويشن بہ پاڻ ملهايو آهي.

وچون دؤر - ۱۵۰۰ کان ۱۸۵۳ تائين وچين دؤر ۾ سنڌ ۾ ڪيترائي صوفي سنت درويش ٿيا. اِنڪري هن زماني ۾ جيڪو بہ سنڌي شعر چيو ويو، اُن ۾ سنتن جي ڀڳتي ڀاونا سان پورڻ واٽي مکيہ جاءِ والاري ٿي. اِنڪري وچين دؤر کي ڀڳتي شاعريءَ جو دؤر ڪوٺجي ٿو. ڀڳتي شاعريءَ جون ٽي شاخائون نظر اچن ٿيون.
(۱) صوفي ڪاويہ ڌارا (۲) گيان مارگي ڪاويہ ڌارا (۳) اِسلامي ڪاويہ ڌار
اِنهن ٽنهي ڌارائن ۾ صوفي شاعري جو زور وڌيڪ رهيو. هن دور ۾ سنڌي شعر ۾ ٻيون بہ ڪيتريون ننڍيون ڌارائون ملن ٿيون جيئن تہ-
(۱) قصا ڪاويہ (۲) نيتي ڪاويہ (۳) مناظرا
هن دؤر ۾ سنڌي شعر جي اوسر جاچڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ شروع کان پڇاڙيءَ تائين سنڌي شعر لکيل روپ ۾ مليل آهي ۽ سنڌي شعر جي شروعات دوهن، سورٺن ۽ اُنهن جي آڌار تي ٺهيل سنڌي بيتن سان ٿي آهي. ڀاونا ويچار ٻولي توڙي شاعراڻي فن جي لحاظ کان سنڌي ڪاويہ جو گهڻو وڪاس ٿي چڪو آهي. اِنهيءَ زماني کي سنڌي شاعريءَ جو سونهري يگ سڏجي ٿو. شاهہ جو رسالو، سچل جون ڪافيون ۽ ڪلام ۽ ساميءَ جا سلوڪ سنڌي ادب جا اُهي انمول هيرا ۽ جواهر آهن، جن جو ملهہ ڪٿڻ کان پري آهي.
نئين دؤر ۾ سنڌي شاعريءَ جو وڪاس (۱۸۵۳ - ۱۹۱۴ تائين) ڪلهوڙن ۽ ميرن جي زماني ۾ فارسي ٻولي جو زور هو.

لاءِ تيار نہ هو جنهنجو چوڻ هو تہ: ”منهنجو سنڌڙيءَ ۾ ساھ آهيءَ مرشد سڳوڙا هتي ئي آهن) ماءُ - پيءُ جي ديهانت کان پوءِ دلگير سنڌ کي الوداع ڪري هندستان ۾ آديپور گانڌيدام ۾ اچي رهيو جتي ڪاڪي پريداس تولاڻيءَ دلگير تي ڪاليجن کولڻ جو ڪم رکيو. دلگير آديپور ۾ پاليٽيڪنڪ ڪاليج جو پرنسيپال ٿي رهيو. آديپور گانڌيدام کي وسائڻ ۾ دلگير جو چڱو يوگدان رهيو. اُن کانپوءِ درشن جي معنيٰ سمجهائيندي ساهتيہ ۽ درشن جو پاڻ ۾ ڪهڙو لاڳاپو آهي جي اوکہ ڏوکہ ڪئي وئي آهي. اَمر ستيہ ڇا آهي؟ انادي ڪال کان وٺي سڀ شاعر ۽ اولياءَ پنهنجي پنهنجي تهذيب ۽ سنسڪارن انوسار اُن سچ کي سلجهائڻ جو يتن ڪندا رهيا آهن.

دلگير جي آتمڪٿا ”چولو منهنجو چڪ ۾“ ۽ ”گند منهنجي گوڏ ۾“ پڙهڻ سان اِها ڳالھ چٽيءَ طرح ظاهر ٿئي ٿي تہ سندس زندگي تي روحاني رنگ چڙهيل هو. ”مان ڪير آهيان؟“ ?who am I اِهو ئي آتم گيان آهي، جنهن جي اوٽ تي دلگير پنهنجي آتمڪٿا جي شروعات ڪئي آهي. ”خودشناسي“ ۽ ”خدا شناسي“جي تفتيش شروع ڪئي آهي. چوي ٿو: ”سچ تہ اِهو آهي تہ مونکي خبر ئي ناهي تہ مان الائي ڇا آهيان. الائي ناهيان. مان ڇا ٿو چاهيان، ڪجھ چاهيان ٿو يا چاهيان ئي نٿو، اِها ڄاڻ ڪانہ اٿم پر عمر جي باوجود مان اجا ٿڪو ناهيان.“ اِنڪري دلگير لکيو:

”اجا تہ ديپڪ ٻرندو رهندو،
ڪافي هن ۾ تيل پيريل آ،
جڳ مڳ جڳ مڳ جرندو رهندو،
اجا تہ ديپڪ ٻرندو رهندو،
اونده سان هي لڙندو رهندو،
وٽ جو سِرُ اوُچو پيريل آ،
اجا تہ ديپڪ ٻرندو رهندو،
ڪافي هن ۾ تيل پيريل آ.“

اَبو ڪري مڃيو ويو هو. جو بيوس سنڌي شاعريءَ کي نئون موڙ ڏنو.

بيوس سنڌ ۾ هڪ نئون وايو منڊل پيدا ڪيو. ڪيترا شاعر نڪري نروار ٿيا جن لتاڙيل سڙڪ ڇڏي بيوس واري نئين وات ورتي. شعر ۾ ڄڻ ته بيوس جي طرز وارو اِسڪول بڻجي پيو. سنڌس شعر گهڻن لاءِ اُتساهه جو سرچشمو ثابت ٿيو. ڪن ڪهڙا اثر جهٽيا ته ڪن ڪهڙا - بيوس جي ڍاڪو ڪن سنڌي اديبن مان دلگير ئي بيوس جو پيروڪار شاعر آهي.

هري دلگير بيوس جي نظم جو نوع ورتو ۽ ٻوليءَ جي رواني جهٽي. هري دلگير جي جدت پسندي ۽ خيال جي گوناگوني سنڌي شعر جو املهه سرمايو آهي. شروعات ۾ ئي سائين ''بيوس'' پنڊيءَ پڪو ميوو ڇني ڪيس پنهنجي دل جي سنگهاسن تي وهاريو آهي. ازنسواءِ ٻين برڪ پارکن به پنهنجي پرک جي ڪسوٽيءَ تي پرکي ڪيس اعليٰ مقام عطا ڪيو آهي.

باب پهريون:

پهرين باب ''هري دلگير جو جيون ۽ شخصيت''جي ڄاڻ ڏيندي سنڌس جنم ۽ تعليم جي باري ۾ پڻ مفصل بيان ڏيڻ ٻڌايو ويو آهي ته دلگير کي شاعريءَ جو شونق ڪيئن پيدا ٿيو ۽ اڻ ڏٺل بيوس جو هو ڪيئن شائق ٿي پيو ۽ سنڌس اُستاد نواز علي ''نياز'' ڪيس ۽ شاعر پريو وفا کي ٽن ڏينهن جي اندر ئي شاعريءَ جي فن ۾ پاڙهي پربيڻ ڪري ڇڏيو. ازنسواءِ دلگير جي خوشحال گرهست جيون جو ذڪر ڪندي اِن ڳالهه کي به واضع ڪيو ويو آهي ته دلگير کي پنهنجي پتنيءَ (نانڪيءَ) جو پرپور ساٿ هو. جنهن ڪري هو نشچنت ٿي شعر و شاعري جو شونق پورو ڪري سگهيو. دل کولي سٺي مهمان نوازي ڪرڻ جو جس ماڻيائين. دلگير آزاديءَ جي هلچل ۾ کُلي طرح ڀهرو نه وٺي سگهيو ڇو جو سنڌس پتا فرسٽ ڪلاس ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ هو. دلگير کي هدايت ڪيائين ته دُڪايل جي سنگت کان باز رهي. اُن کان پوءِ به دلگير ڪيترائي آزادي آندولن تي گيت لکيا. ورهاڱي کان پوءِ (١٩٤٧ کان پوءِ) به دلگير سنڌ ۾ ماڻ - پيءُ جي ڪري يارهان سال رهي پيو (ڇو جو سنڌس پتا سنڌ ڇڏڻ

عرش اُڏري ڏيکار،
پکيئڙا قيدن ۾ نہ قرار.“

هري دلگير جي شاعريءَ ۾ پکيئڙو، پڃرو (قيد)، پرواز (اُڏام)، عرش (آڪاس) جا پرتيڪ، موتف (motif) بڻجي ور - ور پيا دهرائجن. شاعر پاڻ کان پڇي ٿو: ”اِنسان هن جهان ۾ اول آيو ئي ڇو؟“ اِن جو جواب بہ پاڻ ئي ٿو ڏئي:

”آڪاس مان آيس مان هتي سير ڪرڻ لاءِ،
سنسار جي ساگر ۾ ڪنول مثل ترڻ لاءِ،
سک، سونهن ۽ سکہ ساڻ سرشٽيءَ کي ڀرڻ لاءِ،
آيس جتان اوڏانهن خوشيءَ ساڻ ورڻ لاءِ.“

هري ”دلگير“ پنهنجي شاعريءَ ۾ اِنسان جي زندگيءَ جو اِهو مفهوم مڃي، پاڻ لاءِ هن سنسار ساگر ۾ ”ڪنول گل“ بڻجي رهڻ جو ”فلسفہ حيات“ اپنايو آهي. آزاديءَ جي اِها علامت ”ڪنول گل“ سندس سموري شاعريءَ سوچ فِڪر جو تت آهي:

”ميڙ محفل ۾ ٻيي اڪيلو آءٌ،
دل ڪنول، جڳہ تلاءُ آءٌ ڇڻ.“

ڪنول جي تمثيل جو ارٿ بي طرفداري يا غير واسطيداري ناهي، رڳو نرليپتا آهي. گوتم ۽ وويڪانند واري نرليپتا، هو رڳو پنهنجي موڪش ۽ نرواڻ لاءِ، ڪنهن غفا ۾ پاڻ کي پوري ڪونہ ويٺا، مگر عام ماڻهوءَ جي ڪلياڻ لاءِ پاڻ کي پتوڙيندا رهيا. شاعر ڪنول جون وصفون ٻڌائي ٿو:

”جل ۾ جائين، جل ۾ آهين، جل ۾ تہ بہ تون ناهين،
جڳہ وارن کي جڳہ ۾ جالڻ جي تو راهہ بتائي.“

اِنسان ذات کي حياتيءَ جو اِهو راز سلڻ لاءِ ئي اِيشور ڪنول گل کي خلقيو آهي:

وري چوي ٿو:

”ٻذايان ڪئن، مان آهيان ڪير؟
اڳي پيٺ، هاڻ ٻہ، پوءِ بہ آءٌ
نہ منهنجو روپ، نہ منهنجو نانءُ،
گگن ۾ سر ، ڌرتي تي پير،
ٻذايان ڪئن، مان آهيان ڪير؟“

ڀاو يا جذبا شاعريءَ جو اٽوٽ انگ ٿين ٿا. دلگير جي شعر ۾ شعور، چيتنا، انڀو، انڀوتي ۽ ڏسڻ پرکڻ جي درشٽي بہ زبردست آهي. شاعر کي جو خيال اچي ٿو تہ هو پنهنجي احساسداريءَ سان جذباتي ڪري پنهنجي تخليقي صلاحيت(creative capability) سان شاعراڻي ڀاو ۾ اِظهاري ٿو. ڀاو يا جذبو هر شاعر جي شاعريءَ ۾ ٿيندو آهي پر جڏهن اُهو ڀرپور نموني ۾ اظهار جي اُيري بيهندو آهي تڏهن ئي دل من موهي سگهندو آهي. دلگير جي شاعريءَ ۾ اهڙا ڪيترائي ڀاو اظهاريل آهن جيڪي دل َمن موهي اُن تي ڇڻ اُڪري ٿا وڃن.

دلگير پنهنجي آتم ڪٿا ”ڇولو منهنجو ڇڪ ۾“ ۽ ”گند منهنجي گوڏ ۾“ ڪيترن ئي هنڌن تي زندگيءَ بابت پنهنجي نظرئي جو اِظهار ڪيو آهي. جدا جدا وشين تي سندس عقيدن، وشواسن ۽ ويچارن جي بہ ڄاڻ سندس رچنائن مان چاهي حياتيءَ بابت ڪتابن مان ملي ٿي. جن جون جهلڪيون پيش ڪيون ويون آهن.

مثال:

”قيدن ۾ نہ قرار،
پڪئيڙا قيدن ۾ نہ قرار،
ڪنپ پکيڙي، پڄري سان گڏ اُڏري وڃ آڪاس،
يا تہ بدن ڪر ڍيرڍيوتيءَ جو، نڪري ڀل ساس،
جيوت جت آزار،
ڪين گهڙي اُت گهار،

”سائي جل تي ٻجري ۾ مان، ڪاشي گنگا - گهاٽ،
هِتِ ههِتِ لڏندڙ لمندڙ ڏيئڙا، جل تي ڏيمي لاٽ،
ترندڙ لاش، ٻجهون ڪنني تي، ڪاشي گنگا گهاٽ،
آيو هوس ٽبيءَ جي لاءِ مان، سمجهي سورڳ واٽ،
وشوُ ناٿ جو پوتر مندر، گلن ڦلن جي ڇاٽ،
پيتي پنڊا، پينو پنڊت، گند، پيڙ، ٻوساٽ،
ڪاشيءَ ۾ ڪن ڪي ڪل ناهي، ڪٿ هو داس ڪبير،
هن جي گهر لاءِ پٽڪي پٽڪي، ٽڪجي پيو دلگير.“
”ڇا جا وندن، ڇاجا ٻندن، روڳي رسم رواج،
پاڪنڊ پُٽلو، لولو لنگڙو، سٽ سان ساڙ سماج
ڪوڙي”سچ“ جي ڪوٺيءَ اندر، قيدي جيان نہ گذار،
ٻاهر اچ، رسمي ڏرمن جي، ٽوڙي ڇڏ ديوار.“

دلگير جي فلسفہ حيات تي روشني وجهندي شاعر جي جيون ۽ ڪويتا بابت سموري ڄاڻ دلگير جي ڪويتائن مان ئي چوند مثالن سان سمجهائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويئي آهي. هري دلگير کي جن اِنعامن سان نوازيو ويو اُن جو ذڪر آهي.

باب ٽيون:

”دلگير جي شاعريءَ ۾ آشاوادي نظريو“ ۾ دلگير جي پڪي آشاوادي نظريئي جي اوڪ ڊوڪ ڪيل آهي ۽ اِهو ورثو دلگير کي بيوس وٽان حاصل ٿيو. شاهہ، شعلي، ٽئگور، خليل جبران کي بہ دلگير خوب مطالع ڪيو آهي جنهن ڪري سندس ڪوتا ۾ سک درسي نظريو ڪوٽان ڪوٽ ڀريل آهي. پر هيءَ فراريت (escapism) نہ آهي. زندگيءَ جي حقيقت کان ڪنارو نہ ڪرڻو آهي. دلگير ويدن ۽ اُپنشدن جو اڀياسي آهي ۽ هن اُپنشدن جو سک درسي نظريو جيءَ ۾ جذب ڪري ڇڏيو آهي. سک درسي نظريئي جي ڪري سندس ۾ آتمڪ ٻل بہ ڀرپور آهي. دلگير هڪ سني شاعر سان گڏ هڪ بُردبار ۽ بهادر شخص بہ هو. جو ڪيس” اڪيلو ڪاهڻ ۽ سويلو ڪاهڻ“ تي آياري ٿو. دلگير ۾ ڪندن کي

”سندرتا، چنچلتا، ڪوملتا، پوترتا واري،
سائينءَ هيءُ سوغات، سرشٽيءَ لاءِ سک ساڻ بڻائي.“

”پچري ۾ بند پکئيڙي“ کان ”تلاءَ ۾ ترندڙ گل“ تائين جو سفر جهاڳيو آهي. ”ڪنول گل“ جي نرليپتا حاصل ٿيڻ بعد، زندگي کي، شاعر اُن جي صحيح عڪس ۾ پسي ٿو:

”سونهن، سک، سنگيت ۽ آنند واري زندگي،
هر جڳهه، هر پل ۾، پسجي ٿي پياري زندگي،
بلبلين ۾ گيت ڳائي، چيچ وڻ وڻ ۾ هڻي،
ناچڻي بڻجي نچائي، تاري تاري زندگي.“

دلگير شاه جو شيدائي هو. دلگير جو پنهنجي جنم يومي سنڌ سان بيحد پيار هو. سندس ڪوتائن ۾ گهڻن ئي هنڌ ساڻيهه جي سڪ اوتون ڏيئي پئي نڪري:
سنڌ، سنڌي، سنڌو.

”اَڄ سنڌڙي جي سار،
دل جي وارياسي مٿان،
برسيا ميگهه ملهار.“
”اَڄ سنڌڙي جي ياد،
سيکن پويان سورما،
شال گذران شاد.“

دلگير صدين جي ڏرمي مچتائن ۽ اُنهن جي سايع ۾ پلجندڙ ڍونگ ۽ ٺڳيءَ کان نفرت ڪري ٿو. عام هندو ڪاشي، متِرا، بندرابن ۽ هردوار ويندا آهن پنهنجا پاپ بخشائڻ، آرتيون ڪرڻ، مندر پيٽڻ ۽ اِشنان ڪرڻ . پر دلگير اِهي تيرت آستان ڏسي لڄائمان ٿو ٿئي، ڇو جو پنڊِن ۽ پنڊتن کي ماڻهن جي صدق جو اجوڳو فائدو وٺندو ٿو ڏسي.
چوي ٿو:

پيدائش آهي. مثال ڏيئي اِن ڳالهہ تي روشني وڌي ويئي آهي تہ:''درشيہ جڳت هن جي دل ۾ اگيات ۽ ادرشيہ جي تحقيق لاءِ تڙپ ضرور پيدا ڪري ٿو پر اِهو ڪائنس ڪٿي بہ اگيات جي انڌ وشواس ۾ري يا هلڪي تعريف نٿو ڪرائي. اِستول ڪان جنهن سوکيم ڏانهن وڌيو آهي اُهو اِنساني آتما جي جهيٽڻ تهن ۾ سمايل آهي. رهسيہ لاءِ شاعر ڪي اڻ لڪا اِشارا ڏنا آهن. اُن لاءِ پڻ مثال ڏنا ويا آهن تہ دلگير جو شعر جماليات سان ڀرپور آهي گڏوگڏ ٻين سنڌي شاعرن جيڪو حسن پرستيءَ جو ذڪر ڪيوآهي اُن جو بہ ورنن ڪيل آهي.

باب پنجون:

پنجين باب ''دلگير قدرت جو قائل '' ۾سرشٽيءَ جي شروعات ۾ اکيون کوليندي اِنسان خود کي قدرت جي گود ۾ ڏٺو. قدرت لاءِ اِنسان جي دل ۾ ڪشش سڀاويڪ آهي. ننڍڙو ٻار بہ چنڊ ڏانهن پنهنجا پتڪڙا هٿ ڦهلائي ڪيس ڀاڪر ۾ ڀرڻ چاهيندو آهي. هنديءَ ۾ قدرت کي ''پرڪرتي'' چئبو آهي. جنهن جو ڏاتو مطلب پڻ سمجهايل آهي. ساڻ ساڻ ڀارتيہ عالمن موُجب قدرت ڇا آهي. مغربي عالمن قدرت لاءِ ڪهڙا رايا پيش ڪيا آهن. سنڌي عالمن جا قدرت جي باري ۾ رايا ڪهڙا آهن. ٻڌائڻ ڪان پوءِ دلگير اصل ڪان قدرت جو شاعر آهي. پرڪرتي هن جي پريہ متر ۽ پريميڪا بہ آهي تہ ماتا ۽ پوڄا يوڳيہ گرو بہ آهي. هو قدرت سان دل جون ڳجهڙيون ڳالهيون ڪري ٿو، ڪيس دل کولي پيار ڪري ٿو. هن جي گود ۾ ليٽي هو من جي موڄ ۽ تن جي تراوت وٺي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن هن وٽان قيمتي نصيحتون، آدرش ۽ اعليٰ اصول حاصل ڪري ٿو. انگلنڊ جي مشهور شاعر ورڊ سورٿ کي قدرت جو مها ڪوي ڪري مڃيو وڃي ٿو. دلگير سنڌيءَ جو ورڊس ورٿ شاعر آهي. اُن سان گڏ هن وٽ شاعر شيليءَ جو سک درسي نظريو ۽ ڪوي برائوننگ جا فيلسوفاڻا نڪتا بہ آهن. پر دلگير مکيہ طور قدرت جو شاعر آهي پر گهڻو ڪري وڻ-ٽڻ، جانور، پکي، نديون، سمنڊ، آڪاش، عناصر ئي اُن ۾ پرڌان آهن، جن ڪان متاثر ٿي اِنسان سرجن شڪتي حاصل ڪري ٿو. قدرت جي اهميت هر ڪنهن

پيرن هينان لتاڙي هلڻ جي همت هئي. هن ۾ راهه روڪيندڙ پربتن کي چيڙي ڦاڙي هلڻ جي همت هئي. کيس اهڙا گيت رچڻا آهن جي زندگيءَ جي راهن تي نور ڦهلائين. پنهنجي آشاوادي شعرن ذريعي دلگير سنسار کي سک نگري بڻائڻ چاهي ٿو. دلگير جي شاعريءَ جو آدرش آهي جيون کي هڪ نيئن جوت بخشڻ. دلگير جي سک-درسي شاعري ”موج ڪئي مهراڻ ۾“ پرپور انداز ۾ ملي ٿي. جنهن ۾ شاعر جي آسروندي هئڻ جي اِنتها آهي. برپٽن ۾ نوان گلزار بڻائڻ جو يقين، چيٽ جا ڇهڇٽا، پربت جا پيچ، نوان پيار، نوان يار ۽ نوان اِقرار هر شيءِ نئين ٿي پوندي. نور جا نوان چشما ڦٽندا. بس، رڳو ”چشم روشن“ کپي. اِسرار نوان ٿي پوندا ۽ دلگير پنهنجي روشن چشم سان اُهي سڀ نوان اِسرار نه رڳو ڏنا پر ڏيکاريا به. مٿين سموري اوک دوک سلسليوار طرح سان ڪئي ويئي آهي. دلگير جي الڳ الڳ ڪتابن مان مثال ڏيئي سمجهايو ويو آهي. جيڪي دلگير کي هڪ پيارو ۽ آشاوادي شاعر ثابت ڪن ٿيون.“

باب چوٿون:

چوٿين باب ”دلگير جي شعر ۾ ”جماليات“ چا آهي سمجهائيندي اِن ڳالهه کي واضع ڪيو ويو آهي ته جيون ۾ جماليات صرف محسوس ڪرڻ جي چيز آهي. اُن کي اظهارڻ هرويرو ضروري ناهي، پر ادب ۾ اُن جو پنهنجو خاص مقام آهي. اِهو ضروري ناهي ته جماليات پرني صورت حال صرف خوبصورت هجي. اُن ۾ ٻيا رس اچڻ جائز آهن. ڪجهه ڪروڌا، ڪجهه درد، ڪجهه ويدنا، گُهٽن، مجبوري يا خوف جهڙن جذبن سان به جماليات حاصل ڪري سگهجي ٿي. اڪثر وروڌ اياس يا تضاد جماليات جو جذبو اُڀارڻ ۾ مدد ڪري ٿو. مٿين ڳالهين کي ثابت ڪرڻ لاءِ مثال پڻ ڏنا ويا آهن.

جماليات کي سمجهڻ لاءِ انگريزي رومانوي شاعري جن ٻن تتون کان وڌ ۾ وڌ متاثر رهي آهي، اُهي ٻئي تتو دلگير جي شاعريءَ ۾ پڻ تاڪيدي جزن جي روپ ۾ موجود آهن. اُهي آهن سندرتا جو چاهه (beauty) ۽ جگياسا جو ڀاو. دلگير جي حسن پرستي جمالياتي ...

”سائي جل تي بجري ۾ مان، ڪاشي گنگا - گهاٽ،
هِت هُت لڏندڙ لمندڙ ڏيئڙا، جل تي ڏيمي لاٽ،
ترندڙ لاش، ٻُجهون ڪنني تي، ڪاشي گنگا گهاٽ،
آيو هوس نبيءَ جي لاءِ مان، سمجهي سورڳ واٽ،
وشوُ ناٿ جو پوتر مندر، گلن ڦلن جي ڇاٽ،
پيٽي پنڊا، پينو پنڊت، گند، پيڙ، پوسات،
ڪاشيءَ ۾ ڪن ڪي ڪل ناهي، ڪٿ هو داس ڪبير،
ڦن جي گهر لاءِ پٽڪي پٽڪي، ٿڪجي پيو دلگير.“
”ڇا جا وندن، ڇاجا ٻنڌن، روڳي رسم رواج،
ڀاڪنڊ پُتلو، لولو لنگڙو، سٽ سان ساڙ سماج
ڪوڙي”سچ“ جي ڪوٺيءَ اندر،قيدي جيان نہ گذار،
ٻاهر اچ، رسمي ڏرمن جي، ٽوڙي ڇڏ ديوار.“

دلگير جي فلسفہ حيات تي روشني وجهندي شاعر جي جيون ۽ ڪويتا بابت سموري ڄاڻ دلگير جي ڪويتائن مان ئي چونڊ مثالن سان سمجهائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويئي آهي. هري دلگير کي جن اِنعامن سان نوازيو ويو اُن جو ذڪر آهي.

باب ٽيون:

”دلگير جي شاعريءَ ۾ آشاوادي نظريو“ ۾ دلگير جي پڪي آشاوادي نظريئي جي اوڪ ڊوڪ ڪيل آهي ۽ اِهو ورثو دلگير کي بيوس وٽان حاصل ٿيو. شاه، شعلي، ٽئگور، خليل جبران کي بہ دلگير خوب مطالع ڪيو آهي جنهن ڪري سندس ڪوتا ۾ سک درسي نظريو ڪوٺان ڪوٽ پريل آهي. پر هيءَ فراريت (escapism) نہ آهي. زندگيءَ جي حقيقت کان ڪنارو نہ ڪرٽو آهي. دلگير ويدن ۽ اُپنشدن جو اپياسي آهي ۽ هن اُپنشدن جو سک درسي نظريو جيءَ ۾ جذب ڪري ڇڏيو آهي. سک درسي نظريئي جي ڪري سندس ۾ آتمڪ ٻل بہ پرپور آهي. دلگير هڪ سني شاعر سان گڏ هڪ بُردبار ۽ بهادر شخص بہ هو . جو ڪيس” اڪيلو ڪاهڻ ۽ سويلو ڪاهڻ“تي آياري ٿو. دلگير ۾ ڪندن کي

شاعر لاءِ الڳ الڳ آهي. اِهو شاعر جي نظريي تي منحصر آهي تہ هو پنهنجي لوچ کي ڪهڙو لباس ٿو پهرائي. اُن جي وياکيا ڪرڻ ڪان پوءِ الڳ الڳ حالتن هيٺ دلگير من جي استٿيءَ مؤجب جذبات جو ذڪر ڪيو آهي. سندس رچنائون پاٺڪ جي دل تي گهرو اثر ڇڏين ٿيون. دلگير جي ڪوتا ۾ قدرت جا مختلف نظارا پسڻ لاءِ سندس قدرت سان وابستہ شعرن کي سهوليت موجب سلسليوار ورهايو ويو آهي. جيئن تہ آڪاشي عناصر، مندن ڪان متاثر رچنائون، ونسپتي يعنيٰ نباتاتي عناصرن بنسبت دلگير جون ڪوتائون، باغ بغيچا، دلگير جي ڪوتا ۾ پسون، پکي، نديون ۽ سمنڊ گڏيل عناصر ٻڌائڻ ڪان پوءِ قدرت ڪوين کي اڏيت پريرڻا ڏيئي اُنهن جي اندرئين شاعر کي سجاڳ ۽ سچاڻ رکي، کين شعر گوئي ڪرڻ لاءِ آماده پئي ڪيو آهي. دلگير جي ڪوتا ۾ دلگير جا مختلف نظارا ڏسڻ لاءِ سندس قدرت سان وابستہ رچنائن مان مثال ڏيئي سمجهايل آهي تہ دلگير جي جذبات کي پڙڪائڻ ۾ قدرت جو وڏو هٿ آهي.

باب ڇهون:

ڇهين باب ”دلگير جي شعر ۾ عورت“ ۾ ١٩ صديءَ جي موڙ ۽ ويهين صديءَ جي شروع ۾ بيوس ڪان ڳچ سمو اڳ سندس همعصر شاعر مسلمان چاهي هندو، ايراني شاعرن جي هوبهو تقليد ڪندا هئا.پنهنجا شعر فارسي آميز بوليءَ ۾ لکندا هئا. اُهي ئي فارسي واريون ترڪيبون ۽ بندشون، اُهيئي ايراني زمين مان پئدا ٿيل محاورا، اصطلاح، تشبيهون ۽ استعارا اُهي ئي ايران جا عاشقي داستان يوسف زليخا، شيرين، فرهاد ۽ عربستان جي لئلا - مجنوءَ جا قصا پيا ڳُتيندا هئا.پراڻيون پاروٽيون ۽ پٽيون ڳالهيون جيڪي شاعرن رڳو ٻڌيون هيون، پر ڏٺيون نہ هيون، سي پيا پنهنجن شعرن ۾ دهرائيندا هئا. سندن شعر ۾ لکنوءَ جي رقص گهرن يا ايران جي ميخانن جا ذڪر پريل هوندا هئا. سندن شعر و شاعري جو انداز لڳ ڀڳ هن ريت هو:

”يار جي لال لب تي خال آهي،

پيدائش آهي. مثال ڏيئي اِن ڳالهہ تي روشني وڌي ويئي آهي تہ:”درشيہ جڳت هن جي دل ۾ اڳيات ۽ ادرشيہ جي تحقيق لاءِ تڙپ ضرور پيدا ڪري ٿو پر اِهو ڪائنس ڪٿي بہ اڳيات جي انڌ وشواس پيري يا هلڪي تعريف نٿو ڪرائي. اِسڪول ڪان جنهن سوڪيہ ڏانهن وڌيو آهي اُهو اِنساني آتما جي جهيٽن تهن ۾ سمايل آهي. رهسيہ لاءِ شاعر ڪي اڻ لڪا اِشارا ڏنا آهن. اُن لاءِ پڻ مثال ڏنا ويا آهن تہ دلگير جو شعر جماليات سان پرپور آهي گڏوگڏ ٻين سنڌي شاعرن جيڪو حسن پرستيءَ جو ذڪر ڪيو آهي اُن جو بہ ورنن ڪيل آهي.

باب پنجون:

پنجين باب ”دلگير قدرت جو قائل “ ۾ سرشٽيءَ جي شروعات ۾ اڪيون ڪوليندي اِنسان خود کي قدرت جي گود ۾ ڏٺو. قدرت لاءِ اِنسان جي دل ۾ ڪشش سياويڪ آهي. ننڍڙو ٻار بہ چنڊ ڏانهن پنهنجا پتڪڙا هٿ ڦهلائي ڪيس پاڪر ۾ پرڻ چاهيندو آهي. هنديءَ ۾ قدرت کي ”پرڪرتي“ چئبو آهي. جنهن جو ڌاتو مطلب پڻ سمجهايل آهي. ساڻ ساڻ پارتيہ عالمن موُجب قدرت ڇا آهي. مغربي عالمن قدرت لاءِ ڪهڙا رايا پيش ڪيا آهن. سنڌي عالمن جا قدرت جي باري ۾ رايا ڪهڙا آهن. ٻڌائڻ ڪان پوءِ دلگير اصل ڪان قدرت جو شاعر آهي. پرڪرتي هن جي پريہ متر ۽ پريميڪا بہ آهي تہ ماتا ۽ پوڄا يوگيہ گرو بہ آهي. هو قدرت سان دل جون ڳجهڙيون ڳالهيون ڪري ٿو، ڪيس دل کولي پيار ڪري ٿو. هن جي گود ۾ ليٽي هو من جي مؤج ۽ تن جي تراوت وٺي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن هن وٽان قيمتي نصيحتون، آدرش ۽ اعليٰ اصول حاصل ڪري ٿو. انگلنڊ جي مشهور شاعر ورڊ سورٿ کي قدرت جو مها ڪوي ڪري مڃيو وڃي ٿو. دلگير سنڌيءَ جو ورڊس ورٿ شاعر آهي. اُن سان گڏ هن وٽ شاعر شيليءَ جو سک درسي نظريو ۽ ڪوي براڻوننگ جا فيلسوفاڻا نڪتا بہ آهن. پر دلگير مکيہ طور قدرت جو شاعر آهي پر گهڻو ڪري وڻ-ٽڻ، جانور، پکي، نديون، سمنڊ، آڪاش، عناصر ٿي اُن ۾ پرڌان آهن، جن ڪان متاثر ٿي اِنسان سرجن شڪتي حاصل ڪري ٿو. قدرت جي اهميت هر ڪنهن

پيرن هينان لتاڙي هلڻ جي همت هئي. هن ۾ راهه روڪيندڙ پربتن کي ڇيڙي ڦاڙي هلڻ جي همت هئي. ڪيس اهڙا گيت رچڻا آهن جي زندگيءَ جي راهن تي نُورُ ڦهلائين. پنهنجي آشاوادي شعرن ذريعي دلگير سنسار کي سک نگري بڻائڻ چاهي ٿو. دلگير جي شاعريءَ جو آدرش آهي جيون کي هڪ نيئن جوت بخشڻ. دلگير جي سک-درسي شاعري ''موُج ڪئي مهراڻ ۾'' پرپور انداز ۾ ملي ٿي. جنهن ۾ شاعر جي آسروندي هئڻ جي اِنتها آهي. برپٽن ۾ نوان گلزار بڻائڻ جو يقين، چيٽ جا ڇهڇٽا، پربت جا پيچ، نوان پيار، نوان يار ۽ نوان اِقرار هر شيءِ نئين ٿي پوندي. نوُر جا نوان چشما ڦٽندا. بس، رڳو ''چشمِ روشن'' کپي. اِسرار نوان ٿي پوندا ۽ دلگير پنهنجي روشن چشمِ سان اُهي سڀ نوان اِسرار نه رڳو ڏٺا پر ڏيکاريا به. مٿين سموري اوک ڊوک سلسليوار طرح سان ڪئي ويئي آهي. دلگير جي الڳ الڳ ڪتابن مان مثال ڏيئي سمجهايو ويو آهي. جيڪي دلگير کي هڪ پيارو ۽ آشاوادي شاعر ثابت ڪن ٿيون.''

باب چوٿون:

چوٿين باب ''دلگير جي شعر ۾ ''جماليات''' جا آهي سمجهائيندي اِن ڳالهه کي واضع ڪيو ويو آهي ته جيون ۾ جماليات صرف محسوس ڪرڻ جي چيز آهي. اُن کي اظهارڻ هرويرو ضروري ناهي، پر ادب ۾ اُن جو پنهنجو خاص مقام آهي. اِهو ضروري ناهي ته جماليات پرڻي صورت حال صرف خوبصورت هجي. اُن ۾ پيا رس اچڻ جائز آهن. ڪجهه ڪروڻا، ڪجهه درد، ڪجهه ويدنا، گُهٽن، مجبوري يا خوف جهڙن جذبن سان به جماليات حاصل ڪري سگهجي ٿي. اڪثر وروڌ اياس يا تضاد جماليات جو جذبو اُڀارڻ ۾ مدد ڪري ٿو. مٿين ڳالهين کي ثابت ڪرڻ لاءِ مثال پڻ ڏنا ويا آهن.

جماليات کي سمجهڻ لاءِ انگريزي رومانوي شاعري جن ٻن تتون کان وڌ ۾ وڌ متاثر رهي آهي، اُهي ٻئي تتو دلگير جي شاعريءَ ۾ پڻ تاڪيدي جزن جي روپ ۾ موجود آهن. اُهي آهن سندرتا جو چاهه (beauty) ۽ جگياسا جو ڀاو. دلگير جي حسن پرستي جمالياتي حظ جي

حوض ڪوثر تي ڇڄ ڳلال آهي.''

لڳ ڀڳ صديءَ جي ٽئين ڏهاڪي تائين، يعنيٰ بيوس جي دؤر تائين محبوب کي اُن ساڳئي روپ ۾ پيش ڪيو ويو. متيئن ڳالهين جو ذڪر ڪندي اِن ڳالهہ تي روشني وڌي ويئي آهي تہ بيوس نديءَ جي وهڪري کي ڦيرائي ، عورت کي شرم ۽ مرم جو مجسم ۽ پوڄا يوڳيہ بڻائي ڇڏيو. پر دلگير اَڃا بہ ڪي قدم اڳتي وڌي ناريءَ کي پيار ڀري پريتما، ماتا، ڀيڻ ۽ هڪ شيرنيءَ جو روپ ۾ اُڀاريو آهي. دلگير اڳتي هلي سماج جي ڏاڍائيءَ ۽ بي انصافيءَ خلاف استريءَ جي بغاوت جو آواز ٻڌ سندس شاعريءَ ۾ شانائتي نموني ۾ نرم لهجي ۾ ٻڌڻ لاءِ ملي ٿو. بيوس جي سنگ ۾ رهي دلگير بہ اُهو ئي شاعريءَ جو سنڌي لهجو ۽ آشاوادي نظريو پرايو ۽ سندس شاعريءَ جو لهجو بيوس ڪان‌وڌيڪ نکريل، سليس ۽ منو بڻجي پيو. دلگير جي شاعريءَ مان مثال ڏيئي اِن ڳالهہ کي سڌ ڪيو ويو آهي تہ دلگير استري جاتيءَ ۾ سجاڳي آڻڻ لاءِ پنهنجي شعر و شاعريءَ ذريعي هر ممڪن ڪوشش ڪئي ۽ عورت جي هر طرح سان همت افزائي ڪئي آهي.

باب ستون:

ستين باب ''دلگير جي شعر ۾ ٻار'' ٻال ساهتيہ جي وياکيا سمجھائيندي، ٻال ساهتيہ جي اهميت، زباني ٻال ساهتيہ، پشچمي ملڪ ۽ ٻال ساهتيہ ، ٻال منووگيان جي اوک ڊوک ڪندي دلگير جي ٻال ڪوتائن مان مثال ڏيئي اِن ڳالهہ کي واضع ڪيو ويو آهي تہ ٻارن جي اُڌمن جو اظهار ڪندي دلگير خود بہ ٻار بڻجي وڃي ٿو. ٻارن جي من ۾ اُٿندڙ سوالن کي ٻاراڻيءَ ٻوليءَ ۾ بلڪل سليس ۽ سهڻي زبان ۾ پيش ڪرڻ، نيٺ سنڌي لفظ، ترڪيبن محاورن، اصطلاحن ۽ پهاڪن جو خوب استعمال ڪري ٿو. دلگير هڪ فنڪار وانگر ذهني سطح تي بہ ٻارن جو ساهتيہ خلقڻ وقت ٻار بڻجي پوي ٿو، ايتروئي نہ بلڪ پنهنجي دل ۾ ٻارن لاءِ بيحد محبت ڌاري ٿو. هو ٻارن جي شاندار مستقبل جو خواهشمند آهي ۽ سندن اخلاق ۽ اعمال تي بہ ڌيان ڏنو اٿس ۽ ديس جو

شاعر لاءِ الڳ الڳ آهي. اِهو شاعر جي نظريي تي منحصر آهي ته هو پنهنجي لوچ کي ڪهڙو لباس ٿو پهرائي. اُن جي وياڪيا ڪرڻ کان پوءِ الڳ الڳ حالتن هيٺ دلگير من جي استٿيءَ موُجب جذبات جو ذڪر ڪيو آهي. سندس رچنائون پاٺڪ جي دل تي گهرو اثر ڇڏين ٿيون. دلگير جي ڪوتا ۾ قدرت جا مختلف نظارا پسڻ لاءِ سندس قدرت سان وابسته شعرن کي سهوليت موجب سلسليوار ورهايو ويو آهي. جيئن ته آڪاشي عناصر، مندن کان متاثر رچنائون، ونسپتي يعنيٰ نباتاتي عناصرن بنسبت دلگير جون ڪوتائون، باغ بغيچا، دلگير جي ڪوتا ۾ پسون، پکي، نديون ۽ سمنڊ گڏيل عناصر ٻڌائڻ کان پوءِ قدرت ڪوين کي اڏيت پريرنا ڏيئي اُنهن جي اندرئين شاعر کي سجاڳ ۽ سچاڻ رکي، کين شعر گوئي ڪرڻ لاءِ آماده پئي ڪيو آهي. دلگير جي ڪوتا ۾ دلگير جا مختلف نظارا ڏسڻ لاءِ سندس قدرت سان وابسته رچنائن مان مثال ڏيئي سمجهايل آهي ته دلگير جي جذبات کي پڙڪائڻ ۾ قدرت جو وڏو هٿ آهي.

باب ڇهون:

ڇهين باب ”دلگير جي شعر ۾ عورت“ ۾ ١٩ صديءَ جي موڙ ۽ ويهين صديءَ جي شروع ۾ ٻيوس کان ٻچ سمو اڳ سندس همعصر شاعر مسلمان چاهي هندو، ايراني شاعرن جي هوبهو تقليد ڪندا هئا.پنهنجا شعر فارسي آميز ٻوليءَ ۾ لکندا هئا. اُهي ئي فارسي واريون ترڪيبون ۽ بندشون، اُهيئي ايراني زمين مان پئدا ٿيل محاورا، اصطلاح، تشبيهون ۽ استعارا اُهي ئي ايران جا عاشقي داستان يوسف زليخا، شيرين، فرهاد ۽ عربستان جي لئلا - مجنوءَ جا قصا پيا ڪُتيندا هئا.پراٿيون پاروٿيون ۽ ڦٽيون ڳالهيون جيڪي شاعرن رڳو ٻڌيون هيون، پر ڏٺيون نه هيون، سي پيا پنهنجن شعرن ۾ دهرائيندا هئا. سندن شعر ۾ لکنوءَ جي رقص گهرن يا ايران جي ميخانن جا ذڪر پيريل هوندا هئا. سندن شعر و شاعري جو انداز لڳ ڀڳ هن ريت هو:

”يار جي لال لب تي خال آهي،

BIBLIOGRAPHY

ببليوگرافي

نانءُ روشن ڪرڻ جو ڏڳ ڏسيو اٿس. ٻارن کي ڏسي هو ٻار ٻڻجي نچي ٽپي ٿو. ٻار هن لاءِ ڀڳوان آهن. دلگير جي ادبي وارث شري صاحب ٻجاڻي هڪ ملاقات جي دؤران ذڪر ڪيو ته دلگير جون اٽڪل ۱۲۰۰-۱۰۰۰ ٻال ڪوتائون اڻ ڇپيل آهن جيڪي هن پنهنجي ٻارن جي ٻارڙن جيئن ته پوٽين، پوٽن، ڏوهٽن ۽ ڏوهٽين تي لکيون آهن. جن کي جيڪڏهن ڪتابي صورت ۾ آڻجي ته ۱۲-۱۰ ٻال ڪوتا سنگره ٺهي سگهندا. سنڌ ۾ ”ڪوڏ“ شايع ٿيڻ کان اول هري دلگير ٻارن جي ڪوي طور سڃاتو ويندو هو. هري دلگير پهريون ئي نؤجوان شاعر هو جنهن ٻال ساهتيه ۾ پنهنجو ڀرپور يوگدان ڏنو. ٻالڪن جي ٻاريءَ جي ’گلستان‘ ماهوار جي ڪوتا وڀاڳ جي اِنچارج جي حيثيت ۾ نه فقط دلچسپ وشين تي وندرائيندڙ مزيدار ڪوتائون لکيون پر اُسرندڙ ننڍڙن شاعرن کي به اُتساهت ڪيو. سندس ڪويتائن جو ٻار بيصبريءَ سان انتظار ڪندا هئا. سندس اظهار ڪرڻ جو طريقو ٻارن جي من کي موهي ڇڏيندو هو. دلگير کي NCERT هند سرڪار جو اِنعام ٻال ڪويتائن تي ۱۹۸۴ ۾ ”مزيدار گيت“ تي مليو.

دلگير جي تصنيفات ۾ نظم ۽ نثر ٻئي شامل آهن. نظم جا مجموعا نثر جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهن. دلگير وٽ سنڌي شبدن ۽ قافين جو اٿاهه ذخيرو آهي. جن جو اپيوگ هو نهايت ئي سوجهه ٻوجهه ۽ ڪاميابيءَ سان ڪري ٿو. سندس وڏي ۾ وڏي خوبي اِها آهي ته هو ڪٿي به اٽڪي نٿو بيهي. دلگير جي ٻوليءَ ۾ نه علميت جو فضول مظاهرو آهي ۽ نه وري عوامي ٻولي جي نالي ۾ اِظهار جو هلڪو انداز پيش ڪيل آهي. دلگير جي شعر جي خاص خوبي آهي سليس ۽ سرل ٻولي ، ٺيٺ ۽ نج سنڌي محاوري واري جنهن ۾ ڪو به دقيق فارسي يا هندي لفظ ڪٿ آندل ڪونهي. اِن سرلتا ۾ مِٺاج ڀريل آهي، جو ماڪيءَ وانگر مٺو آهي.

◆◆

(٢٠) ليکراج رچنداڻي	سنڌي نظم جي تاريخ	گجرات سنڌي اڪادمي، گانڌينگر، ١٩٨٨
(٢١) جڳديش لڇاڻي	ساهتيہ جي پرک	ويٽا پبليڪيشن، الهاسنگر، ١٩٩٨
(٢٢) پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي	چرن چٽڪن چت ۾	ڪونج پبليڪيشن، ممبئي، ١٩٧٠
(٢٣) منوهر نهالاڻي	سنڌي ساهت جا ستارا	گجرات سنڌي اڪادمي، احمدآباد، ١٩٨٤
(٢٤) موهن گيهاڻي	جا چتايم چت ۾	بيسٽ سنڌي سڀا، ممبئي، ١٩٩٩
(٢٥) ريٽا شهاڻي	تبصرو	سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، الهاسنگر، ١٩٩٤
(٢٦) منوهرداس ڪوڙومل	ساهت جو سينگارُ	سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، الهاسنگر، ١٩٩٤
(٢٧) واسديو موهي	ڳالھ شاعريءَ جي	سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، الهاسنگر، ٢٠٠٨
(٢٨) ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي	سنڌي شعر ۾ قدرت جو چٽ	راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد، بڙودا، ٢٠٠١
(٢٩) موتيرام ايس. راماڻي (سمپادن)	ٻلديو ڳاجرا ۽ سندس چونڊ رچنائون	شاردا پرڪاشن، ممبئي، ١٩٩٠
(٣٠) هري دلگير	هريشچندر جيون ڪوتا	گل ڦل آفيس، ڪراچي، ١٩٤١
(٣١) هري دلگير	ڪوڏ	سندر ساهتيہ آفيس، ڪراچي، ١٩٤٢
(٣٢) هري دلگير (نارائڻ شيام سان گڏ)	ماڪ ڦڙا	سندر پريس، اجمير، ١٩٥٣
(٣٣) هري دلگير	موڃ ڪئي مهراڻ	سنڌي ساهتيہ سنگت، آديپور (ڪڇ)، ١٩٤٤
(٣٤) هري دلگير	پل پل جو پرلاءُ	سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، الهاسنگر، ١٩٧٧
(٣٥) هري دلگير	رولو آواز	سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، الهاسنگر، ١٩٨٤
(٣٦) هري دلگير	جهنگلي گل	سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، الهاسنگر، ١٩٨٨
(٣٧) هري دلگير	لهرن لڌو لباس	سنڌي ساهتيہ سنگت، آديپور (ڪڇ)، ١٩٩٣
(٣٨) هري دلگير	اڪيلو چنڊ	بيسٽ سنڌي سڀا، ممبئي، ١٩٩٨
(٣٩) هري دلگير	صبح جو سهاڳ	سنڌي ساهتيہ اڪادمي، گجرات، ٢٠٠١
(٤٠) هري دلگير	جيءَ جيءَ ڙي جيءَ	انڊس انڊ فائونڊيشن، ممبئي، ٢٠٠١
(٤١) هري دلگير	ڳاهه ڪليا ڳس ڳس	سنڌي ساهتيہ سنگت، آديپور (ڪڇ)، ٢٠٠٢
(٤٢) هري دلگير	وڻ وڻ ۾ وايون	رام درياڻي، لڇمڻ درياڻي، آديپور (ڪڇ)، ٢٠٠٥

BIBLIOGRAPHY

ببليوگرافي

(الف) سنڌي ڪتاب -

(١)	منگهارام ملڪاڻي	ڀارت ۾ سنڌي ساهت جو مختصر جائزو	اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا، بمبئي، ١٩٨٠
(٢)	پروفيسر رام پنجواڻي (سمپادن)	سنڌي شعر جو انتخاب (١٩٤٧ تائين)	ساهتيه اڪادمي نئين دهلي، ١٩٧٦
(٣)	ڪلياڻ آڏواڻي	شاهه جو رسالو	هندستان ڪتاب گهر، بمبئي، ١٩٥٨
(٤)	ليکراج ڪشنچند عزيز	ادبي آئينو	ليکراج ڪشنچند عزيز، بمبئي، ١٩٦٦
(٥)	لکمي کلاڻي	رچنا ياترا- ١	اَسان جو ادب، آديپور (ڪڇ)، ٢٠٠١
(٦)	لکمي کلاڻي	رچنا ياترا- ٢	اَسان جو اَدب، آديپور (ڪڇ)، ٢٠٠٢
(٧)	لکمي کلاڻي	رچنا ياترا- ٣	اَسان جو اَدب، آديپور (ڪڇ)، ٢٠٠٣
(٨)	جڳديش لڇاڻي	شاهه لطيف ۽ صوفي مت	ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر، ١٩٨٤
(٩)	ايڇ. آءِ. سدارنگاڻي (سمپادن)	ورهاڱي کان پوءِ سنڌي شعر جي چونڊ	ساهتيه اڪادمي، نئين دهلي، ١٩٨٧
(١٠)	ڪلياڻ بي. آڏواڻي (سمپادن)	سچل سرمست جو چونڊ ڪلام	ساهتيه اڪادمي، نئين دهلي، ١٩٧٩
(١١)	ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد	لطيفي لاٽ ۽ سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو ڳڏيل اُڀياس	مهراڻ اَڪيڊمي، سنڌ، ١٩٩١.
(١٢)	ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي	سنڌي ساهتيه جو اِتهاس	سنڌو سماج، نئين دهلي، ١٩٧٣
(١٣)	ڊاڪٽر ديال آشا	سنڌي شعر جي تواريخ	اَنجلي پرڪاشن، اُلهاسنگر، ١٩٨٤
(١٤)	ڊاڪٽر منوهر مٽلاڻي (سمپادن)	شاهه عبداللطيف ڀٽائي	ڊپارٽمينٽ آف سنڌي يونيورسٽي ممبئي، ٢٠٠١
(١٥)	هري دلگير	ادبي لکيه	سنڌي ساهتيه سنگت، آديپور (ڪڇ)، ٢٠٠٤
(١٦)	پروفيسر مينا گوپ روپچنداڻي	جديد سنڌي شعر جو باني "بيوس"	سينٽرل هندي ڊائريڪٽوريٽ (سنڌي سيل)، نئين دهلي، ١٩٩٢
(١٧)	جڳديش لڇاڻي	ادبي رهاڻ	ويڻا پبليڪيشن، اُلهاسنگر ٢٠٠٩
(١٨)	پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي	ڏاهي ۾ ڦيان	هرگوبند فائونڊيشن، ممبئي، ٢٠٠١
(١٩)	ڊاڪٽر موتي پرڪاش	سنڌي شعر ۾ اِستريءَ جو چٽُ	شريڪانت، ممبئي، ١٩٨٨

(٦٦)	موتيلال جوتواڻي (سمپادڪ)	سچل سرمست جو چونڊ ڪلام	سنڌي اَڪادمي، دهلي، ١٩٩٢
(٦٧)	واسديو موهي	ورهاڱي کانپوءِ سنڌي غزل جو هئنڊ بوڪ	سنڌي ساهتيه اَڪادمي، گانڌينگر، ٢٠٠٨
(٦٨)	ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي	سچل جون واديون	ٻلديو مٽلاڻي، اُلهاسنگر، ١٩٩١
(٦٩)	ڊاڪٽر منوهر مٽلاڻي	شاهه جا سرمور	منوهر مٽلاڻي، اُلهاسنگر، ١٩٩١
(٧٠)	عبدل جبار جُڻيجو	سنڌي اَدب جي تاريخ (ٽن ڀاڱن ۾)	سنڌي لئنگويج اَٿارٽي، حيدرآباد سنڌ، ڀاڱو پهريون - ٢٠٠٤، ڀاڱو ٻيون - ٢٠٠٥، ڀاڱو ٽيون - ٢٠٠٦
(٧١)	منوهر نهالاڻي	سنڌي ٻال ساهتيه هڪ نظر	گجرات سنڌي اَڪادمي، اَحمدآباد، ١٩٩٢
(٧٢)	ديال آشا	سنڌي سنت ڪاويه وويچن	اَنجلي پرڪاشن، اُلهاسنگر، ١٩٩٧
(٧٣)	نارائڻ ڀارتي	سنڌي ٻولي	سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، اُلهاسنگر، ١٩٧٤
(٧٤)	لالسنگهه اَجواڻي	سنڌي اَدب جي تاريخ	ساهتيه اَڪادمي، نئين دهلي، ١٩٩١
(٧٥)	محمد ابراهيم جويو	شاهه-سچل-سامي هڪ مطالعو	روشني پبليڪيشن، ڪانڊيارو، ١٩٩٠
(٧٦)	نبي بخش خان بلوچ	سنڌي ٻولي ۽ اَدب جي تاريخ (قديم دؤر کان ١٨٦٠ تائين)	پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ١٩٩٠
(٧٧)	جينت ريلواڻي	ڪنياس ڀنيور ۾	جينت ريلواڻي، راجڪوٽ، ٢٠٠٤
(٧٨)	پرسرام ضيا	آلاپ ضيا	ضيا ساهتيه مالها، اُلهاسنگر، ١٩٥٨
(٧٩)	نارائڻ شيام	روشن ڇانورو	ڪهاڻي پبليڪيشن، ممبئي، ١٩٦١
(٨٠)	ارجن شاد	ٻيوس ۽ نئون دؤر	ارجن شاد، ممبئي، ١٩٧٤
(٨١)	هوندراج دکايل	سنگيت اَنجلي	لوڪ ساهتيه، آديپور، ١٩٦٣
(٨٢)	واسديو نرمل	منهنجا سر ۽ تنهنجا گيت	سنگم پبليڪيشن، ممبئي، ١٩٧٠
(٨٣)	پريو وفا	جهنڪار	سنڌو ڪلا ڪيندر، دهلي، ١٩٥٨
(٨٤)	اي. جي. اُتم	ساهت ۽ ساهتيڪار	نئين دنيا پبلشر، ممبئي، ١٩٧٤
(٨٥)	ڊاڪٽر موتيلال جوتواڻي	سنڌيت	سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، اُلهاسنگر، ٢٠٠٧
(٨٦)	اي. جي. اُتم	منگهارام ملڪاڻي	ساهتيه اَڪادمي، نئين دهلي، ١٩٨٥
(٨٧)	آنند کيماڻي	ڪٿن جي سُگنڌ (تنقيدي مضمون)	اِنڊس اِنڊ فائونڊيشن، ممبئي، ٢٠٠٤
(٨٨)	ڊاڪٽر اَرجن سڪايل	تاثرات	پرڪاشڪ: شريمتي درگا ڊي. دوداڻي، ممبئي، ١٩٩١
(٨٩)	رينا شهاڻي	اڪٿ ڪهاڻي ڪبير	ايم.بي.ايس. پبلشرز، پُني، ٢٠٠٨
(٩٠)	اي. جي. اُتم	ليکراج عزيز	ساهتيه اَڪادمي، نئين دهلي، ١٩٨٦

(۴۳)	هري دلگير (ٻيوس سان گڏ)	موڃي گيت	ٻيوس واڻي مندر، آديپور (ڪڇ)، ۱۹۴۲
(۴۴)	هري دلگير	مزيدار گيت	گلستان پبليڪيشن، احمدآباد، ۱۹۸۲
(۴۵)	هري دلگير	گيت گلابي	ٻاراڻو اَدب، اَحمدآباد، ۱۹۸۷
(۴۶)	هري دلگير	پروليون (ڪوتا ۾)	ٻاراڻو اَدب، اَحمدآباد، ۱۹۹۱
(۴۷)	هري دلگير	اَمر گيت (شريمد ڀڳود گيتا)	سنڌي ساهت سنگت، آديپور (ڪڇ)، ۱۹۸۱
(۴۸)	هري دلگير	جپ صاحب	سنڌي ساهت سنگت، آديپور (ڪڇ)، ۱۹۸۹
(۴۹)	هري دلگير	سدا هجن هوت حيات (دلگير جي فن ۽ شخصيت تي)	سنگيتا پبليڪيشن، بڙودا، ۱۹۸٦
(۵۰)	هري دلگير	چولو منهنجو چڪ ۾	سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، اُلهاسنگر، ۱۹۸۷
(۵۱)	هري دلگير	گند منهنجي گوڏ ۾	سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، اُلهاسنگر، ۲۰۰۲
(۵۲)	هري دلگير	ڪهاڻي ڪرم يوگيءَ جي	ٻيوس واڻي مندر، آديپور (ڪڇ)، ۱۹۷۵
(۵۳)	هري دلگير (سمپادڪ)	آزاديءَ جا گيت	ساهتيه اَڪادمي، نئين دهلي، ۱۹۹۴
(۵۴)	هري دلگير (سمپادڪ)	ٻيوس جو چونڊ ڪلام معنيٰ سان	ساهتيه اَڪادمي، نئين دهلي، ۱۹۸۸
(۵۵)	هري دلگير (سمپادڪ)	ٻيوس جي ڪوتا جو جائزو	اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، آديپور (ڪڇ)، ۱۹۹۳
(۵٦)	ڀڳوان نردوش	هري دلگير - هڪ اَڀياس	ڀڳوان نردوش، اَحمدآباد، ۱۹۹۳
(۵۷)	لالسنگھ اَجواڻي	اُڇل	لالسنگھ اَجواڻي، ممبئي، ۱۹۷۵
(۵۸)	هيرو شيوڪاڻي	لوڪ لهوارو وهي، ٽون اوچو وهه اوڀار	ڪنور فائونڊيشن، اَحمدآباد، ۲۰۰۲
(۵۹)	پوپٽي هيرانند اڻي	سنڌي ساهتيه جي جهلڪ	پوپٽي هيرانند اڻي، ممبئي، ۱۹۷۰
(٦۰)	ديال آشا (سمپادڪ)	ٻيوس درشن	سنڌي اِسڪول، ناسڪ، ۱۹۸٦
(٦۱)	هيرو شيوڪاڻي	جائزو	سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، اُلهاسنگر، ۱۹۸۱
(٦۲)	هيرو ٺڪر	قاضي قادن جو ڪلام	پوجا پبليڪيشن، دهلي، ۱۹۷۸
(٦۳)	بي. ايڇ. ناگراڻي	ساميءَ جا سلوڪ	سنڌي اَڪادمي، دهلي، ۱۹۹۷
(٦۴)	هوندراج بلواڻي	سنڌي ٻال ساهتيه	راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد، بڙودا، ۲۰۰۵
(٦۵)	ڀيرومل مهرچند آڏواڻي	قديم سنڌ	بضم پبليڪيشن، ڪراچي، ۱۹۸۰

(ب) هندي ڪتاب

१) आचार्य रामचन्द्र शुक्ल	रस मीमांसा	नागरी प्रचारिणी सभा, काशी, १९६३
२) डॉ. दयाल आशा	सिंधी कवियों की हिन्दी-साधना (१९ शताब्दी तक)	अंजली प्रकाशन, उल्हासनगर, १९७७
३) श्री सुमित्रानंदन पंत	आधुनिक कवि	हिन्दी साहित्य सम्मेलन, प्रयाग, १९६४
४) श्री कृष्णकुमार सिन्हा	आधुनिक कवि-पंत	नॉवेल्टी एण्ड कम्पनी, पटना-४, १९५६
५) डॉ. राजकुमारी सैनी	सुमित्रानंदन पंत की सौन्दर्य-चेतना का विकास	जीवन ज्योति प्रकाशन, दिल्ली-६, १९८८
६) एल. एच्. अजवानी	सिंधी साहित्य का इतिहास	साहित्य अकादमी, नई दिल्ली, १९७८
७) डॉ. मुरलीधर जैटली	सिंधी साहित्य के विविध आयाम	दिल्ली, २००२
८) डॉ. नन्द किशोर देवराज	भारतीय दर्शन	विनोद चन्द्र पाण्डेय, लखनऊ, १९७७
९) डॉ. गोवर्धन भट्ट, श्रीमती मंजु गुप्त, श्री सुखवीर चौधरी	भारतीय दर्शन की रूपरेखा	राजकमल, दिल्ली - पटना, १९६५
१०) गजानन शर्मा	प्राचीन भारतीय साहित्य, में नारी	रचना, इलाहाबाद, १९७१
११) तिवारी वल्लभदास	हिन्दी काव्य में नारी	जवाहर, मथुरा, १९७४
१२) डॉ. श्री प्रसाद	हिन्दी बाल साहित्य की रूपरेखा	लोकभारती, इलाहाबाद, १९८५
१३) डॉ. हासो दादलाणी	सिंधी हिंदी लोकोक्तियों का सांस्कृति अध्ययन	शोध प्रबन्ध, अजमेर, १९९८
१४) डॉ. कमला गोकलाणी	सिंधी काव्य में साम्प्रदायिक सद्भावना	सिंधी अकादमी, दिल्ली, १९९८
१५) शिंवकुमार शर्मा - कमल	आक्सफोर्ड हिन्दी शब्दकोष	वर्मा बुक डिपो, नई दिल्ली, १९८६

(٩١) هريش واسواڻي (سمپادڪ) — شاعر شيام — سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، اُلهاسنگر، ١٩٩١

(٩٢) ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي — نظر ثاني (پاڱو ٻيون) — پرڪاشڪ : ستير ڪشن پبليڪشين، اَجمير، ١٩٩٥

(٩٣) ڊاڪٽر اَرجن سڪايل — ماروئڙا ملير جا — پبلشر : سنڌي ڪتاب گهر، اَنڌيري ويسٽ، ٢٠٠٦

(٩٤) پروفيسر پوپٽي هيراننداڻي — شاه لطيف جو شعر ۽ سنڌس سورما ۽ سورميون — ديپشڪا پبليڪيشن، ممبئي، ٢٠٠٠

(٩٥) ليلو رچنداڻي — سنڌو درشن (سنڌ جي قديم اِتهاس تي سرسري نظر) — پرڪاشڪ : ليلو رچنداڻي، ١٩٧٢

(٩٦) مرزا قليچ بيگ — لغات لطيفي — حيدرآباد سنڌ، پاڪستان، ١٩٩٦

(٩٧) نبي بخش خان بلوچ — جامع سنڌ لغات — سنڌي اَدبي بورڊ، ڄام شورو، پاڪستان، ١٩٨١

(٩٨) ڪنعيالعل ليکواڻي — بنيادي سنڌي-اَنگريزي-هندي ڊڪشنري — پرڪاش پبليڪيشن، پوني، ١٩٩٦

(٩٩) عبدالڪريم سنديلو — تحقيق لغات سنڌي — سنڌي اَدبي بورڊ، حيدرآباد سنڌ، پاڪستان، ١٩٨٠

(١٠٠) پرمانند ميوارام — سنڌي-اِنگلش ڊڪشنري — جوت آفيس، حيدرآباد سنڌ، ١٩١٠

(١٠١) پرمانند ميوارام — اِنگلش-سنڌي ڊڪشنري — ساهتيه اَڪادمي، دهلي، ١٩٨١

رسالا ۽ مخزنون

(١) رچنا (ٽماهي) — اِنڊين اِنسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، آديپور (ڪڇ) — جنوري-مارچ، ١٩٨٧؛ جولاءِ-سيپٽمبر، ١٩٩٢؛ آڪٽوبر-ڊسمبر ١٩٩٤

(٢) ڪونج (ماهوار) (تنهن ڪانسواءِ ڪونج جا ٻيا ٻه ڪيترائي پرچا) — ڪونج پبليڪيشن، ممبئي — نارائڻ شيام پرچو، آڪٽوبر، ١٩٦٦

(٣) سنڌو جوت (ٽماهي) — سنڌي اَڪادمي، دهلي — هري دلگير خاص اَنڪ، ٢٠٠٥

(٤) سنڌو مشعال (ساليانو) — مدير پرديش سنڌي ساهتيه اَڪادمي، — ٢٠٠٢-٢٠٠١، ڀوپال

(٥) سنڌي گلشن (ٽماهي) — سنڌو سماج لکنؤ — جولاءِ-سيپٽمبر، ١٩٨٦

(٦) سپون (ٽماهي) — پروفيسر رام پنجواڻي لٽريري ۽ ڪلچرل سينٽر، ممبئي — خاص پرچو : دڪايل، دلگير، وفا، ١٩٩٣

(٧) رهاڻ (ساليانو رسالو) — راجستان سنڌي اَڪادمي، جئپور — ١٩٨٢، ١٩٩٤

(٨) نئين ندگي (ماهوار) — پاڪستان پبليڪيشن، ڪراچي — ڊسمبر ١٩٥٩

(٩) مهراڻ (ٽماهي) — سنڌي اَدبي بورڊ، حيدرآباد — سيارو، ١٩٦٦

(١٠) نذرانو (ٽماهي) — بي.ايڇ. آڏواڻي (سمپادڪ)، اَحمدآباد — جنوري-مارچ، ١٩٩٤ (گولڊن جبلي اَنڪ)

اڄ مونکي هن ڪتاب جي ڇپجڻ تي خوشيءَ سان گڏ افسوس پڻ ٿي رهيو آهي
جو جسماني طرح سان نہ منهنجو دادا منگهارام مون سان گڏ آهي ۽ نہ دادا دلگير.
پوءِ بہ مان دلگير نہ آهيان جو محسوس ڪريان ٿي تہ دير سوير سندن سپنو ساڪار ٿيو.



کابي کان آشا رنگواڻيءَ جو پتا منگهارام رنگواڻي، ڀاڄائي وينا وجيہ رنگواڻي،
ڀاءُ وجيہ رنگواڻي، دادا دلگير، آشا رنگواڻي، ڀاڀي نانکي ۽ ڀيڻ راڻي رميش دولتاڻي



کابي کان آشا رنگواڻيءَ جو پتا منگهارام رنگواڻي، ڀاڄائي وينا وجيہ رنگواڻي،
دادا دلگير،آشا رنگواڻي، ڀاڀي نانکي، وڏي ڀيڻ راڻي ۽ ڀيڻوئيو رميش دولتاڻي



آشا جو پتا منگهارام رنگواڻي ۽
دادا دلگير



آشا رنگواڻي ممبئيءَ ۾ دادا دلگير سان پي.ايچ.ڊي.
وشيہ تي ويچارن جي ڏي وٺ ڪندي،
پاسي ۾ ڀاڀي نانکي دلگير (سال ١٩٩٧)

(ث) انگريزي ڪتاب

1)	Rabindarnath Tagore	Gitanjali	Visva Bharti University, Kolkata, 1913
2)	Prof. L.H. Ajwani	History of Sindhi Literature	Sahitya Akademi, New Delhi, 1970
3)	Dr. Ghulam Ali Allana	An Introduction to Sindhi Literature	Institute of Sindhology, Jamshoro, Sindh, 1991
4)	Dr. Ghulam Ali Allana	Papers on Sindhi Language and Literature	Institute of Sindhology, Jamshoro, Sindh, 2001
5)	Dr. Parso Gidwani	Glimpses of Sindhi Language	Prem Advani, Friends Circle, Pune, 2001
6)	Jethmal Parsram Gulrajani	Sind and its Sufis	Indian Institute of Sindhology, Adipur, 2000
7)	Prof. Popati Hiranandani	History of Sindhi Literature (Post Independence – 1947 to 1978)	Prof. Popati Hiranandani, Mumbai, 1984
8)	Dr. Baldev Matlani	Sindhi Medieval Literature	University of Mumbai, 1998
9)	Edward Fitzgerald	Rubaiyat of Umar Khayyam	Jaico Publication, Mumbai, 1963
10)	L.M. Khubchandani	Sindhi Heritage : The Dynamic of Dispersal.	Sindhi Academy, Delhi, 1997

◆◆

HARI DILGIR JE SHAIR MEIN DARSHAN

(PHILOSOPHICAL THOUGHTS IN HARI DILGIR'S POETRY)



Dr. Asha Mangharam Rangwani
Associate Prof. in R. K. Talreja College
Ulhasnagar-3. **M.: 9921068074**